پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ ادب سلسلي جو ٻارهون ڪتاب

پروليون، ڏِٺون، معمائون ۽ ٻول

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ
١٩٨٣ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پهريون	آگسٽ ١٩٦٥ع	تعداد ١٠٠٠
ڇاپو ٻيون	آگسٽ ١٩٨٣ع	تعداد ٢٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا حق ۽ واسطا قائم]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

[redacted]

Rs 45X.-00

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ.)

هن ڪتاب جو ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٢ تائين مقدمو ۽ ص نمبر ١ کان ص نمبر ١٣٢ تائين مواد عارف برقي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ باقي سمورو مواد سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ٽلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسفزئي ڇپيو، ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سن ١٩٥٥ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي ويئي، جا ١٩٥٦ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ ان جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، جنوري ١٩٥٧ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته ذيل هدايتن موجب، پهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾، 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ 'لوڪ ادب' جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورجي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، ڇاپڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، ١٩٥٧ع ۽ ١٩٥٨ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا. انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، گوٺن مان کوڙ ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي ڇاپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد آتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڪي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي جو ان جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر پاڪي بابت، نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال ١٩٥٩ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهريون ته هن تجويز موجب، جملي سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ جي عوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن، مثلاً: مداحون، مولود، ڏيهه اڪريون، ڪافيون وغيره. مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين ڀهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه 'فوڪ لور' (Folklore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگي اجا ايتري وسعت يا خاص نوعيت اختيار نه ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بڻجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' ۽ 'معياري ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ نه ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سچو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هرجنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اميد ته آئينده ڪوشش لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن هن تجويز کي سن ١٩٥٦ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇپائڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساڻن ڪچهريون ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هي ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو ٻارهون ڪتاب آهي. ان جو بنيادي مواد جولاءِ ١٩٥٨ع تائين گڏ ٿيو، سڄي مواد کي ڇڪاسي، مختلف روايتن کي ڀيٽي، ترتيب ڏيئي، نومبر ١٩٦١ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ ڊسمبر ١٩٦٤ع ۾ مسوده جي آخرين تصحيح ڪري پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني ويئي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اتاري يڪجاءِ ڪرڻ، پيٽن ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو. ڪتاب جي آخري سٽاءَ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ بنده خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد
١٠- آگسٽ ١٩٦٥ع

خادم العلم
نبي بخش

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابن جي فهرست

باب پهريون: ساديون پروليون	...	٣
باب ٻيون : ساديون منظوم پروليون	...	١٨
باب ٽيون : ڳوڙهيون پروليون	...	٣١
باب چوٿون: ٻول - پروليون	...	٥٦
باب پنجون: دستاب	...	٨١
باب ڇهون : هيماريون ۽ ڳوڙها	...	٨٩
باب ستون : ڏٺ پروليون	...	١٢٦
باب اٺون : روايتي ڏٺون	...	١٣٨
باب نائون : معمائون	...	١٥٥
باب ڏهون : ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون	...	١٨١
باب يارهون: گرو چيلو	...	٢١١
باب ٻارهون: سگهڙ پائي جا ٻول	...	٢٤١
باب تيرهون: عاقلاڻا قول	...	٢٧٠

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أم للانسان ما تمنيٰ ۰ فلله الآخرة والاوليٰ

مقدمه

’ٻروليءَ‘ جي فن کي سنڌ وارن پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان آتي وچي چاڙهيو آهي، جتي ٻئي ڪنهن ملڪ وارن جي پهچ جي جاءِ ڪانهي. پاڻهنجي تو ته ڪنهن آڳاٽي سمي کان سنڌ ۾ ٻروليءَ جي پهه پچار شروع ٿي ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن نون انوکن خيالن ۽ نڪتن جي اضافي سان ٻروليءَ جي بنيادي قالب مان نت نوان قسم نمودار ٿيا، جن کي موجوده اصطلاحن ۾ ٻروليون، ڏٺون، معمائون، ڳجهارتون وغيره سڏيو وڃي ٿو. انهن مڙني قسمن مان ’ڳجهارت‘، فني لحاظ سان، نهايت ڳوڙهي ۽ معياري آهي؛ انهيءَ ڪري ’ڳجهارتن‘ کي هڪ جدا جلد ۾ مرتب ڪيو ويو آهي، جو هن سلسلي ۾ ٻيو ڪتاب آهي. هن پهرين جلد ۾ سنڌي ٻروليءَ جي باقي قسمن کي مرتب ڪيو ويو آهي، ۽ آساني خاطر هن جلد جو عنوان ’ٻروليون، ڏٺون، معمائون ۽ ٻول‘ قائم ڪيو ويو آهي، حالانڪ ان ۾ ٻروليءَ جا ٻيا قسم، مثلاً ڏستاڳ، هيماريون، ڳوڙها، گرو چيلي جا سوال جواب، سگهڙپائي جا ٻول ۽ عاقلاڻا گفتا پڻ شامل آهن. معنوي لحاظ سان انهن مڙني قسمن جو مول ’ٻرولي‘ آهي.

ٻروليءَ جا تاريخي قدامت

ٻروليون قديم زماني کان وٺي دنيا جي اڪثر قومن ۽ قبيلن ۾ سندن ٻولين ۾ رائج رهيون آهن. آڳاٽن هندواسين ۽ چينين، رومين ۽ يونانين، عربن ۽ ايرانين توڙي ٻوه جي مشرق خواه مغرب جي متمدن قومن توڙي پسمانده گروهن ۾، پهاڪا ۽ چوڻيون، گيت ۽ ٻروليون سندن ذهني ارتقا ۽

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سنڌ طبعي ظرافت جي ساک پرين ٿيون. مجموعي طور سان پروليون خصوصاً انسان ذات جي ذهانت ۽ ذڪاوت، ظرافت ۽ فڪاهت جا آڳاٽا آثار ۽ نمايان نشان آهن. البته هر گروه پنهنجي ملڪ ۽ ماحول، پنهنجي طبعي معاشرتي لاڙن ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت مطابق ’پروليءَ‘ جي لفظي ساخت ۽ معنوي نزاڪت جي آبياري ڪئي. يونانين جي آڳاٽي دور توڙي هندستان جي ويدن واري دور جون پروليون اڪثر پرتڪلف آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي اڪثر ڪن ذهين شخصن عمداً ۽ ارادتاً جوڙيون. فارسيءَ جي ’لغز‘ ۽ ’چيستان‘ ۾ ساڳئي طرح تڪلف ۽ تصنع نمايان آهي. سنڌ جي علمي طبقن ۾ پڻ ڪنهن وقت فارسي جي ’چيستانن‘ جو ڪافي چرچو رهيو ۽ انهن ۾ سنڌ وارن جا طبع آزمائي ڪئي سا قابل تعريف آهي، مثلاً سنڌ جي ڪنهن فارسي دان سگهڙ جا ’پاپڙ‘ ۽ پاڻيءَ جي ’ڪُم‘ تي چيل هيٺيان ’چيستان‘ فني لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن:

پاپڙ: رنگش چون رنگِ زعفران بريان چون جانِ عاشقان
پا دارد و پر هم بدان جانانِ من گو چيست آن؟

ڪُم*: صاحبِ من بگو چه چيز است آن-
مادرش در شکم پسرش بدڪان

بهرحال آڳاٽي وقت کان سنڌ جي علمي طبقن ۾ پارسيءَ جي چيستانن جو چرچو ايترو وڌيو جو انهن جو پڙلاءُ عوام جي ڪنن تي پڻ پيو، ۽ هو فقط ايترو سمجهي سگهيا ته اهي پارسيءَ

---

* ڍنڍين ۽ تلائن ۾ اسرندڙ ڪوٽي جي ول (ٻيو قسم: ’مٺال‘ توڙي ”ڪڙال“) جي شاخن ۾ ٻج وارا گول گوڙها. ”ڪُم“ جي پيٽ ۾ ٻج جنهن مان ڪوٽي ۽ ڪم پيدا ٿيا، پر گل مان جو ’پابوڙو‘ ٿيو سو دڪان تي وڪامي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پروليون آهن. انهيءَ مفهوم مطابق، عوام پروليءَ کي ’پارسي‘ يا ’پاريسي‘ پڻ سڏڻ لڳا، جنهن جي تصديق ’شاهہ جي رسالي‘ توڙي موجوده وقت جي هڪ عوامي شاعر جي شعر مان ٿئي ٿي تہ:

”برو بگيرد بي، ڏين پارسيون پاڻ ۾“
(رسالو)

”مون پتو ورتو آهي پاريسيءَ مان، نہ ڏي تَرين جئن ٿيڙها“
(حاصل فقير وسائي پوٽو)

’پارسي‘ يا ’پاريسي‘ جي انوکي نالي کان سواءِ ٻيو نالو ’هيماري‘ آهي جو لاڙ ۽ ٿر طرف رائج آهي*، مگر سڄي سنڌ ۾ عام مشهور ۽ مروج نالو ’ٻُرولي‘ آهي، جنهن کي ٻهراڙيءَ ۾ ڪن ماڻهن ني ’ٻيرولي‘ يا ’ٻيرهوڙي‘ بہ ڪري اُچارين. ’پرولي‘ غالباً ’پروڙڻ‘ مان نڪتل آهي يعني اها انوکي سٽاءَ جا پروڙڻ خاطر سٽيل هجي يا پروڙجي. هندي يا اردو ۾ ان جو مترادف ’پَهيلي‘ آهي، يعني اها انوکي سٽاءَ جا ٻهڻ پروڙڻ خاطر سٽيل هجي. ’پرولي‘ جو نالو پارسي ۾ ’لُغز‘ ۽ ’چيستان‘، ۽ انگريزي ۾ ’ربل‘ آهي. انهن هم-معنيٰ نالن مان ظاهر آهي تہ ’پرولي‘ اڪثر سڀني ديسن ۽ ٻولين ۾ عام آهي. مگر پروليءَ جي بنيادي تخيل مان جيڪي انهيءَ فن جا ٻيا نمونا نروار ٿيا، سي جدا جدا ديسن جي ماڻهن جي ذهانت ۽ ظرافت ۽ سندن ٻولين جي نفسياتي ڪيفيت ۽ منجهن بيان جي صلاحيت مطابق ڪن وٽ ٿورا تہ ڪن وٽ گهڻا رائج ٿيا. مثلاً اردو ۾ ’پَهيلين‘ کان سواءِ ٻيو نمونو فقط ’ڪَهہ-مُڪرنيون‘ آهن، ۽ انگريزي ٻولي-جنهن يورپ جي ٻين زبانن مان پڻ پنهنجي سرمايي ۾ اضافو ڪيو آهي، ان ۾ بہ فقط چار يا پنج قسم آهن. اهو

---

* مقامي طور عموماً، عام ”پرولي“ توڙي ”ڏٺ“ کي ’هيماري‘ چون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ وارن جي ذهانت ۽ ظرافت جو ڪمال ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بياني وسعت جو معجزو آهي، جو سنڌي ۾ خود 'پرولي' جي گوناگون نمونن کان سواءِ، ان ۾ هن فن جا ٻيا قسم، مثلاً دستاڳ، ڏٺ، معما، ڳجهارت ۽ ڳُڍن وارا سوال جواب ۽ قسمين قسمين عاقلاڻا ٻول ۽ گفتا موجود آهن. سنڌ جي ايراضي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آدمشماري جي لحاظ سان، هن فن جو مجموعي سرمايو جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، اوترو دنيا جي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته 'پرولي' هن فن جي مڙني قسمن جو مول آهي، يعني ته پهريون ڏاڪو يا بنيادي باب آهي. پروليءَ جي هيئت ۽ قالب ۾ مختلف جزا سمايل آهن: فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت، ۽ نڪتن ۽ حوالن جي پروڙ پرولي جي پس منظر جا اهم اسباب آهن. تشبيهه ۽ استعارو پرولي جي جان آهن؛ ذهن جي تيزي، ظرافت جي چاشني ۽ بيان جي لطافت ان جي معنوي اثر جا صيقل آهن.

ونڊر ورونهه ۽ ريجهه رهاڻ خاطر پروليون عام طرح استعمال ٿين ٿيون، مگر ماضيءَ جي روايتن ۽ داستانن جي اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو ته عام توڙي خاص طبقي ۾ پروليون مختلف مرحلن تي مختلف مقصدن خاطر استعمال ڪيون ويون. سنڌ ۾ ڳجهن پيغامن موڪلڻ جو هڪ ذريعو جو غالباً گهڻو آڳاٽي وقت کان استعمال ٿيو، سو اهوئي هو جنهن کي نسبتاً پوئين دور ۾ 'ڳنڍ' يا 'موڙي' سڏيو ويو: يعني ته هڪ طرفان ڪي شيون ڳنڍ ٻڌي موڪليندا هئا، جن کي آڏو ٻيءَ ڌر وارا ڀڃي پروڙي ان موجب عمل ڪندا هئا. سنڌ جي حاڪم مرزا محمد باقي، اڪبر بادشاهه ڏي 'ٻڌ' ٻڌي ڏياري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلي هئي ته سنڌ ۾ ڌن دولت ڪانهي، ماڻهن جو گذر ’ٻڌ‘ تي آهي؛ ۽ انهيءَ ڪري بادشاهه کي سنڌ فتح ڪرڻ مان ڇا ورندو. اسان سان مرحوم الله ڏني فقير (ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو) خبر ڪئي ته: ٽيهه - چاليهه سال اڳ ڳنڍ ذريعي مجازي پيغامن موڪلڻ جو عام رواج هو. ڪي ’ڳوڙهيون ڳنڍيون‘ هونديون هيون ته ڇاڻو شخص ڪان وچي ’ڳنڍ پڇائيندا هئا‘ يعني ته ان جو مطلب معلوم ڪندا هئا. الله ڏني فقير چيو ته، آءٌ پاڻ ڳنڍ پڇندو هوس. هڪ ڳنڍ ۾ ’اگر جو ذرو، ڦودني جي ٽڪي‘ ٻڌل هئا، جنهن جو مطلب ته ’تنهنجي محبت ۾ منهنجي دل جلي اگر ٿي ويئي آهي، ان جي ٽڪي يا علاج تنهنجي وس آهي.‘ هڪ ”موڙي“ ۾ وار ٻڌجي آيا، يعني ته ”منهنجون ڇڳون توسان ٻڌل آهن.“

اهڙيءَ طرح شين جي اهڃاڻن مان مطلب پروڙڻ آڳاٽي وقت، ڪان وٺي ويندي هن وقت تائين رائج آهي. ’عمر - مارئي‘ جي قصي جو هڪ اهڃاڻ آهي ته مارئي جڏهن موٽي وطن وئي تڏهن سنڌس مڱيندي کيت، هنداڻي جو ڳر ڪيڏي خالي ڪوپو موڪلوس، جنهن مان مراد هئي ته تنهنجو ست سيٻر ختم ٿي ويو ۽ خالي جسم آهين. مارئي اها مام پروڙي ائي جو اٽي ڌم ڏنو. اهڃاڻن خاطر شين جو استعمال آسان به آهي، پر شين جي مطلب کي هڪ ته وهڃاڻڻ مشڪل آهي ۽ ٻيو ته ’شين‘ ذريعي سڀ مفهوم ادا ٿي نٿا سگهن؛ انهيءَ ڪري لفظن جي سناء سان ٻروليون ۽ معمائون انسان جي معاشري ۾ وڌيڪ آسانيءَ سان رائج ٿيون. بعضي زندگي ۾ ڪاميابي توڙي موت جو مدار ٻرولين پڇڻ تي هو. قديم ڪهاڻين ۾ اهڙا اهڃاڻ ملن ٿا ته بادشاهه وزير کي چيو ته جيڪڏهن هي ٻرولي نه ٻڌڻي ته توکي مارائي ڇڏيندس، يا شهزاديءَ چيو ته جيڪو هي ٻرولي پروڙيندو تنهن سان آءٌ شادي ڪنديس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاکي ڦلاڻي بابت مشهور آهي ته ڇيو هٿائين ته ڪنهن بدبخت جيڪڏهن مونکي منهنجي پيءُ جي مرڻ جي خبر ڏني ته سندس زبان وڍائيندس. پوءِ هڪ سياڻي چارڻ پروليءَ طور وچي لاکي اڳيان ڇيو ته:

هڪڙا ڦل پسجن واڙئين، بيا جي ٻئين ڏاج،
لاکا آءُ مهراڻ، تو ري ءَ سڃو ڪاڇڙو.

يعني ته هاڻي (گل) هڪڙا وڃي ولين ۾ رهيا آهن ۽ بيا (ڦلا) ٻئين ۾ (۽ پيو ڦل ڪونه بچيو آهي). لاکي اهو ٻڌي ڇيو ته: تڏهن منهنجو پيءُ ڦل گذاري ويو! چارڻ ورندي ڏني ته: سائين، اهو تو ڇيو، مون نه ڇيو. ان تي لاکي ميڻ جي زبان ڏهرائي پنهنجي زبان تي رکي اها وڍي، انهيءَ لاءِ ته وچن پورو ٿئي. 'مومل - راڻي جي داستان' ۾ مشهور آهي ته بادشاهه همير سومري، راڻي مينڌري کي ڇيو ته: ”ڪنهن پر چنيءَ آيو چير، چنيءَ آيو چير؟“ جيڪڏهن اها پرولي نه سلڇندين ته توکي سڄي حياتي قيد ۾ ڪاٽڻي پوندي. راڻي پوءِ اها پرولي پنهنجي پيڻ جي مدد سان، جا همير سومري جي گهر ۾ هئي، ڀڳي ته:

'راجا سڪي رس کي، پالڪ منگي کير،
متان ان پر چنيءَ آيو چير....'

'ليلان - چنيسر' جي داستان ۾، 'چنيسر ليلان سان ڪيئن رٺو؟' اهو اهڃاڻ بذات خود پوين لاءِ هڪ پرولي بڻجي ويو (۱).

اهڙن مشڪل مرحلن کان سواءِ عام واريون پروليون، سلوڪ ۽ رهاڻ خاطر پڻ دانائن، درويشن ۽ سگهڙن جي وچ

---

(۱) ڏسو لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب نمبر ۳۱، جنهن ۾ 'ليلان چنيسر' جي داستان جي هڪ روايت جو بنياد اهڙيءَ پروليءَ تي رکيل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هليون. مثلاً ميين عبدالرحيم گرهوڙي ڏي ڪنهن چوائي موڪليو تہ: ”جو مڙني موچارو، سو آهي ڪچاڙو؟“ گرهوڙي صاحب جواب ڏنو تہ: ”هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرين جو پاڙو“. پرولين جو هڪ قسم ’حساب‘ آهي، جنهن جو ٻهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ ڪجهہ وقت اڳ ڪافي چرچو هو. اهي چڱ زباني حساب آهن جن جي پيچڻ ۾ ڪافي ذهن ۽ ذڪاوت جي ضرورت پوي ٿي. هن وقت سنڌ جي سگهڙن ۾ جيڪي ’حساب‘ ڏيڻ ۽ پيچڻ ٿا، تن ۾ سگهڙ مير محمد لغاري (عمر ۹۵ سال) ويٺل ’پانڌي واهي‘، تعلقو جوهي، وڏو ڄاڻو آهي. سنڌس پنهنجا ناهيل ’حساب‘ بڏي حيرت ٿئي ٿي تہ ڪيئن هڪ اڻ پڙهيل سگهڙ اهڙا ڳوڙها حساب جوڙي سگهي ٿو. بس پڙهيلن کي شهہ آهي.

مختلف صنفن بابت مختصر اشارا

پرولي بابت مٿين مختصر ۽ اصولي بحث بعد، هن ڪتاب ۾ ڏنل پرولين ۽ پرولي جي ٻين ارتقائي قسمن بابت ڪي خاص ڳالهيون ۽ آهجاڻ هيٺ ڏجن ٿا. هرهڪ ’صنف‘ بابت مختصر ۽ مفيد سمجهاڻي هر باب جي شروع ۾ ڏني ويئي آهي.

پروليون. پهريان چار باب (ص ص ۱—۸۰) پرولين تي مشتمل آهن، جن ۾ لفظي ۽ معنوي ستاءَ جي لحاظ سان ’ساديون پروليون‘، ساديون منظوم پروليون‘، ’ڳوڙهيون پروليون‘ ۽ ’ٻول پروليون‘ ورڇيون ويون آهن. ٽئين باب هيٺ ڏنل ’ڳوڙهين پرولين‘ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سالڪن ۽ سگهڙن ڪيئن ڪن عام شين کي بيان ڪري معنيٰ جي پيچيده پردن ۾ پوشيده ڪيو آهي. انهن مان ڪي پروليون چڱ ’معمائن‘ سان مشابهت رکن ٿيون، جن مان انداز لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيئن ’پرولي‘ پنهنجي مخصوص منظوم ۽ معنوي ستاءَ سان ’معما‘ جو روپ اختيار ڪري ٿي.

دُستاگ. سنڌ جي ڏکڻ- الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ خاص قسم جون منظوم پروليون 'دستاگ' جي نالي سان رائج آهن: انهن پرولين جي سٽاءُ جو مدار استعاري ۽ تشبيهه تي آهي. 'ڏيڇي' جي لحاظ سان هن صنف واريون پروليون ڪافي دلچسپ آهن، "اهڃاڻ ۽ انڪار" واري مسلسل سٽاءَ ۾ سموهيل آهن. پيٽ مان معلوم ٿيندو ته 'ڪٿهه مُڪرنيون' 'سنڌي دستاگ' جي پيٽ ۾ بالڪل ابتدائي مرحلي واري حيثيت رکن ٿيون.

هيماريون ۽ ڳوڙها. هي ٿرپارڪر واري اراضي جون مخصوص پروليون آهن، ۽ اڪثر ٿري ۽ ڍاٽڪي محاوري ۾ رچيل آهن. 'ڳوڙها' (اصل تلفظ 'گوڙها') غالباً راجستاني ٻولين ذريعي ٿر ۾ رائج ٿيا، مگر 'هيماريون' خاص سنڌ جي پيداوار آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ لاڙ (حيدرآباد جي ڏاکڻي ڀاڱي)، مهراڻي (عمرڪوٽ ۽ سامارو) ڏوڙي ٿرپارڪر ۾ رائج آهن.

ڏنون يا ڏٺ پروليون. ڪا وٿ، ڪا سٽاءَ، يا ڪو واقعو ڏسي هنرمنديءَ سان نظم ۾ ان جا اهڃاڻ ڏيئي 'پرولي' راس ڪجي ته اهڙي پرولي کي 'ڏِٺ' يا 'ڏٺ پرولي' چئبو. جيڪڏهن شيءِ هڪ آهي ۽ ان جي اهڃاڻن کي رمز سان بيان ڪيو ويو آهي، ته اها نسبتاً عام فهم 'ڏٺ' يا 'ڏٺ پرولي' چئبي. اهڙيون عام فهم 'ڏنون' يا 'ڏٺ پروليون' 'باب ستين' هيٺ ڏنيون ويون آهن. پر اندازاً سؤ ٻه سؤ سال کن يا اڳ، سنڌ جي سگهڙن 'ڏنن' جي ڏي وٺ کي پنهنجي رهاڻ ذريعي ڪافي فروغ ڏنو ۽ اکين سان ڏٺل شين يا واقعن ڪان وک وڌائي، خيالي واقعا تصور ۾ رکي ڏنون جوڙيائون، جي پوين سگهڙن جي صدري روايتن ذريعي محفوظ رهيون ۽ اڃان تائين رائج آهن. انهن کي 'روايتي ڏنون' جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنوان سان 'باب اٺين' هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي.

معمائون. 'معما' معنيٰ مخفي راز يا رمز. سنڌ ۾ اهو لفظ، 'مام' جي عام اچار سان، ڳجهي اشاري يا ڳجهارت جي معنيٰ ۾ آڳاٽي وقت کان رائج آهي. ٻارهين صدي هجري جي آخر ۾ شيخ لطف الله قادري جي چيل هڪ بيت جي سٽ آهي ته:

"پرين پاڻهي ڏني پانهجي، ڪا لوڪان ڳجهي مام".

'معما' يا 'مام' ڳوڙهي پروليءَ جو اعليٰ نمونو آهي. سٽاءَ جي لحاظ سان 'ڏٺ پرولي' ۽ معما ۾ هيءُ فرق آهي جو 'ڏٺ پرولي' اڪثر ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي بابت هوندي آهي، پر 'معما' ڏٺل کان سواءِ ڪنهن به اڻڏٺل شيءِ يا سٽل ٻڌل ڳالهه يا مذڪور بابت به ٿي سگهي ٿي. ڏٺ پرولي ۾ اڪثر هڪ شيءِ جو بيان هوندو آهي ۽ جيڪڏهن هڪ کان زياده شيون هونديون ته به بيان جي سٽاءَ سادي ۽ سولي هوندي. ان جي برعڪس 'معما' ڪنهن هڪ شيءِ بابت به زياده تفصيل ۽ وڌيڪ مبهم اشارن سان سٽيل هوندي. انهيءَ لحاظ سان سولي 'معما' ڏٺ جهڙي، ته 'ڳوڙهي ڏٺ'، معما جهڙي لڳندي. ان جا مثال 'چَڪيءَ' تي چيل سگهڙ پٺاڻي جي ڏٺ (ص ١٢٨) ۽ ساڳي 'چڪيءَ' تي چيل سگهڙ لاڙڪ جي معما (ص ١٦١)، يا رڇي تي چيل چتري سوُنپار جي ڏٺ (ص ١٣٠) ۽ رڇي تي چيل سگهڙ طاهر جي 'معما' (ص ١٦٧) مان ظاهر آهن. 'ڏٺ' ۽ 'معما' ۾ ٻيو خاص فرق هي آهي ته 'ڏٺ' ۾ اڪثر ڪنهن هڪ شيءِ جي ٿورن آهڃاڻن جو بيان هوندو، پر معما ۾ يا ته هڪ شيءِ جي گهڻن اهڃاڻن جو تفصيلي بيان هوندو يا اڪثر هڪ کان وڌيڪ شين جو مذڪور هوندو. ڪي 'معمائون' پنهنجي انوکيءَ سٽاءَ سان چڙ 'ڏور' واري حيثيت رکن ٿيون، مثلاً:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مومل نڏهن ميلي، جڏهن راڻو ڏسن راڄ
جڏهن ڏسن سونهن سوڍي جي، تڏهن ڪامل ڪن ڪاڄ
پوءِ خوشيون ڪن ڪاڄ، مهل انهيءَ مهار چئي.
(مومل = عيد؛ راڻو، سوڍو = چنڊ)

عرشؤن آئيون الله جون، لٿيون پنج ويهون ڏهه چار
پڻ سيئي ڪي مهارون، آهي هڪڙي سي مهار
ساڪ ڪر سار، ته ويئي ڪهڙي وڳ سان؟

(قرآن شريف جون ۱۱۴ سورتون، جن مان ۱۱۳
بسم الله سان شروع ٿين، پر هڪ 'سوره توبه' آڏو
'بسم الله' نہ آهي.)

هن جلد ۾ عام معمائون 'باب نائين' هيٺ ڏنيون ويون آهن، ۽ خاص ٻولن واريون معمائون 'باب ڏهين' هيٺ مرتب ڪيون ويون آهن جن بابت صفحي ۱۸۱ تي مختصر طور روشني وڌي وئي آهي.

'گرو چيلو' يا 'گرو چيلي جا سوال جواب'. "هٺ يوگي" يا "جوڳي پنٿ" طبقي جا فقير آڳاٽي وقت کان (اندازاً چوڏهين يا پندرهين صدي عيسوي) سنڌ ۾ آيا ۽ لسٻيلي ۾ هنگلاج کي پنهنجو تڪيو ۽ تيرٿ بنايائون. جوڳي پنٿ جو باني مباني بابا مڇندرناٿ چيو وڃي ٿو جو آسام جو رهاڪو هو، پر بابا مڇندرناٿ جي چيلي گورکناٿ 'جوڳي پنٿ'' کي وڏيڪ فروغ ڏنو. سنڌ ۾ 'گرو ۽ چيلي'' جو تخيل 'جوڳي پنٿ'' جي فقيرن جي آمد و رفت سان رائج ٿيو. چيلو، گرو جي صحبت ۾ رهي تعليم حاصل ڪندو هو، ۽ گرو سوالن ذريعي چڻ چيلي جو امتحان وٺندو هو: انهيءَ تخيل مطابق جوڳي پنٿ جي فقيرن جي روايتن ذريعي گروءَ جا چيلي کان پڇيل ڪي سوال سنڌ جي درويشن جي صحبتن ۾ رائج ٿيا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کان متاثر ٿي سنڌ جي سگهڙن پنهنجي رس رهاڻ خاطر گرو چيلي جا سوال جواب جوڙيا. گرو چيلي جي سوالن جوابن جو اصل موضوع غالباً 'جوڳ گيان' هو، پر سنڌ جي سگهڙن پنهنجي طرفان انهيءَ نوع تي جوڙيل سوالن جوابن کي ذهانت ۽ ظرافت خاطر استعمال ڪيو، ۽ انهيءَ رس رهاڻ کي 'گرو چيلو' سڏياڻون. اها ڪچهري سگهڙن وٽ اڃا تائين هلندڙ آهي ۽ رمضان وادي، چاڪر خان ۽ لطف خان لغاري (جو هن وقت زنده آهي) جا انهيءَ نهج ۽ نموني تي چيل بند (ص ص ۲۲۹ – ۲۴۰) ان تي شاهد آهن.

سگهڙپائي جا ٻول ۽ عاقلاڻا قول. 'سنڌي ٻوليءَ' ۾ سهڻن ٻولن ۽ قولن جو ڪاٿو ئي ڪونهي، پر هن جلد جي موضوع جو تعلق اهڙن ٻولن ۽ قولن سان آهي جن ۾ پرولي واري رمز سمايل هجي. اهڙيءَ رمز وارا ٻول ۽ قول به انيڪ آهن، پر هن جلد جي لحاظ سان خصوصاً اهي چونڊيا ويا آهن جي سگهڙن جي رس رهاڻ ۾ عام مروج آهن ۽ انهيءَ ڪري لوڪ ادب جي دائري ۾ شامل آهن. 'باب ٻارهين' هيٺ سگهڙپائي جا اهي ٻول ڏنا ويا آهن جي سوال جواب واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن. ماڻهن جا اڳڻ ۽ اوگڻ يا ڳڻ ۽ اوگڻ ۽ خاميون انهن ٻولن جو خاص موضوع آهن، جن ۾ سنڌي معاشري ۽ تهذيب جي معيار جا ڌاڳا ۽ اهڃاڻ نمايان طور نظر اچن ٿا.

'باب تيرهين' هيٺ 'عاقلاڻا قول' ڏنا ويا آهن جن ۾ سالڪن ۽ سگهڙن پنهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ مطابق نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي ۽ ٿوري ظرافت سمايل آهي. هن جلد جي موضوع جي لحاظ سان خاص اهڙا قول چونڊيا ويا آهن جن ۾ 'پرولي' واري سٽاءَ سمايل آهي. مثلاً، ڀيلن جا ڀار ڪهڙا؟ ڇا ٿي ڀروسو نه ڪجي؟ ڪهڙو ڪهڙي ڳڻ سان سونهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مواد ۽ ان جي ترتيب

سواءِ ’ڪڇهارت‘ جي، پروليءَ جون ٻيون مڙيئي مکيه صنفون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون آهن، ۽ انهن جي انفرادي خصوصيت ۽ موضوع جي لحاظ سان انهن کي تيرهن بابن هيٺ سلسليوار مرتب ڪيو ويو آهي. هرهڪ باب جي آڏو مهاڳ طور هر صنف بابت مختصر سمجهاڻي ڏني وئي آهي، انهيءَ لاءِ ته پڙهندڙ کي ان صنف جي ماهيت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

هن جلد جو مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪافي ڪشالي سان گڏ ڪيو ويو ۽ مختلف صنفن جون اندازاً ڇهه هزار کن روايتون مليون، جن کي ٻيڻي زياده عام مقبول ۽ معياري روايتون هن جلد ۾ شامل ڪيون ويون، جن جو عدد ١٣٠٥ آهي. پروليءَ جي مختلف قسمن جي ايڏي ذخيري کي سهڻي نموني سان سموهي سلسليوار مرتب ڪرڻ هڪ مشڪل مسئلو هو جنهن کي ڪافي محنت سان موجوده ترتيب ذريعي قدري حل ڪيو ويو آهي. ضخامت ۾ نسبتاً هن ننڍي جلد کي مرتب ڪرڻ ۾ لوڪ ادب سلسلي جي ٻين گهڻن ڪتابن کان وڌيڪ وقت لڳو، پر هيءَ محنت اميد ته آئينده تحقيق لاءِ راهه روشن ڪري سجائي ثابت ٿيندي.

ن. ب.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

ساديون پروليون

[هن باب هيٺ اهي ساديون ٻارڙيون پروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيٺي' اڪثر ننڍن جملن يا ننڍن موزون فقرن تي مبني آهي ۽ 'پڇڻي' ۾ اهي شيون آهن، جي گهرو ماحول يا روز مره جي زندگي سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن جي ٻارڙن کي گهڻو ڪري پوري پروڙ آهي.]

آر (جيبت)

١. هيڏڙي ننڍڙي جيڏڙي، وڻن ۾ ٿي واڪا ڪري.[1]

آسمان ۽ تارا

٢. باغ ٿوڙو پيو آهي، ٻر ميڙڙي ڪونه.

آڱريون

٣. ويهن جو سر لٿو، نڪي مئا، نڪي رت وهيو.

آڱيلو

٤. اوندو نه هڪ، سنئون نه ٻه.

٥. هو منهنجي هٿ ۾، آءٌ آن جي پيٽ ۾.

٦. تون ڏس مون ڏي، نه مان ڏسان توڏي.

آٽ جو پيڙ

٧. بر پيٽ ۾ لولو پيو آهي.

اخبار

٨. گهر ويٺي گهوٽ، خبرون ڏئي پرديس جون.

---

[1] ٻي روايت: هيڏڙي پيٽي ۽ جيڏڙي، جهنگل ۾ ٿي ريهون ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرٺي

٩. سڪو ٻڍگهر آنا لاهي.

اڪ

١٠. پڙهي پاڻي، ڏئي ڪير.

آڪ جا ڦڻ

١١. رڻ پٽ ۾ ڊگهڙ ڊوڙ.

اڳڻ

١٢. سوڙهي گهٽيءَ ۾ نانگ.
١٣. ٻڻ ٻيرن ۾ هڪڙو نانگ.

انب

١٤. هيڏڙو ٻڻان، جنهن کي پيٽ ۾ ڏاڙهي.
١٥. پيلو وڍس، ڪاري ٽوپي، تنهن کي تو چکڻ!

ٻاهڻ

١٦. گهرگهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار.
١٧. ڳاڙهي ڳاڙهي ڳڻون، ڳات واريو ٿي ڪاٺ چري.

ٻاهڻ ۽ دونهون

١٨. ڳاڙهي ماءُ، ڪارو پٽ.
١٩. ماءُ کان پٽ وڏو.
٢٠. ماءُ ڄائي ناهي، پٽ ڪوٺا ٿو ٽپي.

ٻصر

٢١. مٿ جيڏو مڙس، گوڏي جيڏي ڏاڙهي.
٢٢. هيڏڙو ٻڻان، سڄي گهر کي روئاڙي.
٢٣. وڍين ته پاڻ، روئين ته پاڻ.

بندوق

٢٤. ڪاري ڪتي، ڏورانهون ڏاڙهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوق ۽ ڇيرو

۲۵. ڏِڪائي ڳئون، پڇي ڳابو.
۲٦. رنگي آٽِ ماري گونرو.

بيضو، آنو

۲۷. اڇو اڇو کير جهڙو، جنهن کي دري نه دروازو.
۲۸. آڇو ڦٽو پيهر جو، جنهن کي دري نه دروازو.
۲۹. اڇو ڪوٽ عمر جو، جنهن کي دري نه دروازو.
۳۰. هڪ رنگي شيشي، ٻه رنگو پاڻي.
۳۱. ٻاهران سڪو، اندران آلو.

ٻهارو

۳۲. گهر گهر ۾ لڏڙو ليٽئي.
۳۳. گهر گهر ۾ اڇي وڇي.
۳۴. در در تي ڏنبو ليٽي.
۳۵. مٽ جيڏو مڙس، ڇڄ جيڏي ڏاڙهي.

ٻير (وڻ)

۳٦. چٽي ٻه ماهُ، مارجي ٻه ماهُ.
۳۷. ٻچن ساماڻي، ماءُ مار ڪاڍي.
۳۸. ماءُ ڪُٽجي، پُٽ بازار ڳيهر.

ٻير ۽ ڪنڊو

۳۹. هٿ لايان لال کي ته ڏِنگو پيو ڏِنگ ماري.

ٻيڙي يا ناڏنگ

۴۰. هلي هلي، پير نه ليهي.

ٻيڙي

۴۱. جيڏن چڪ، تيڏن چوٽي.

---

۳۱. ٻي روايت: منجهه سائو، ٻاهر سُڪو.
۳۹. ٻي روايت: هٿ لايان لال کي ته ڏِٻو پيو ڏنگ هڻي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنيوري

٤٢. ڇوڪري، ڦرموڙي، پر نه لڪيس پيٽ ماں.

ٽماٽا

٤٣. ٽُڙ ٽُڪون جهلي، پڻ پئسا ڪري.

ٽڻو

٤٤. ڪارو گڏهه، اڇا آتر لاهي.

ٽرڪڻيو

٤٥. ڏوئرو ڏڪو ڏوڙ ۾، متي ٽنپارو.

ٽوڏي

٤٦. ڏوڙ ڏٻا ستيتهڙ ۾ ڪن.

ٽيڻهر

٤٧. ننڍ ڦتل نينگري، رڻ ۾ رات رهي.

ٽڦڻي

٤٨. گهرگهر ۾ ٻولي ساڻي.

ٽوپي

٤٩. اونڌي وٽي انگهه ۾.

٥٠. سنڌين ته سڪٽي، اونڌي ته پريل.

ٽوهه جي ول

٥١. رڻ پٽ ۾ روجهه وياڻي.

ڏهڪڻ (ذار جي)

٥٢. چور نه مونکي، نه ڪٽيان نه توکي.

٥٣. هڪ ٽنگو همراه، چوڏهن ڪي چماتون هڻي.

---

٤٤. ٽر جو ڪنب (جو ڪنيءَ ڏن وڏو ٿئي).

٤٦. يعني ڏوڙ ۾ ڏبيل آهي ۽ سهي وانگر ٻه ڪن اٿس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڇو

٥٤. سيڪنهن ساٿ.
٥٥. هٿ هٿ نه ويجي ڏي نه.
٥٦. نه ڀُورجي، نه ويجي.
٥٧. ڪٽان نه ڪجي نه، توريان نه تولو ڏي نه تئي.
٥٨. ڏينهن چڙهي نه نميو، ڏينهن لهي نه وڏو.
٥٩. هل نه هلي، ٻيهه نه ٻيهي رهي.
٦٠. ڳُهمي هڪ، لڳن ٻه.

پٽن جي ٽاس

٦١. هڪ محلي ۾ چار گهر، گهر گهر ۾ تيرهن ڀاتي.

پڪو

٦٢. گهر گهر ۾ آنڊن ويڙهي.

پڇ

٦٣. ڀاڙ مٿي، سنگ هيٺ.

پکال، ساڏارو

٦٤. مٺو جانور پٽن پويان.

پرٺ

٦٥. ڪاڏي ٻه، ڏڪي ٻه، ڪيڏي ٻه.

پڪو (ڪرڙ جو)

٦٦. رتو ڏبو رنگ پيريو، ٻيٺو لوڏا ڪاڏي.
٦٧. ڳڙ ڪاڏيي، ڳوڙي ڦٽي ڪر.

پيٽ

٦٨. گرانٺ جيڏو گُنڊڙو، خرار ڪپاڏي.

---

٦١. ٻي روايت: چار رنگ، هر رنگ ۾ ١٣ پتا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيرون

٦٩. ماس ميٺو، ڀر هڏي ڪوڙي.

ڀڻڪهو، ڀڻڪهو

٧٠. ڌرڪو ڏيان ته وري **وري** اچي.

٧١. مان ڌرڪ ڌرڪ، تون ورَ ورَ.

جُتي

٧٢. انڌي ڪُتي لوڙها لتاڙي.

٧٣. هلي ته ڏُڪي، وهي ته ڦٽڪي.

جنڊ

٧٤. گهر گهر ۾ رڍ رڙي.

٧٥. گهر گهر ۾ گهُر ڪٺو.

٧٦. اوڳاري ٻه، ڏُڪي ٻه.

٧٧. ڪائي وات ڪان، اوڳاري ڇيهه ڪان.

٧٨. هڪ سڱي ٻڪري، اوڳاري واڙ پري.

٧٩. ٻڏري ٻڪري بادشاهه جي، اوڳاري پاڻو پري.

جيون

٨٠. هيڏڙي، تير حيڏڙي، وڻ جا پتڪا لاهي.

چاڏور

٨١. گهر گهر ۾ لوڙها نچن.

چاڏڻ

٨٢. گهر گهر اڳيان مٺو مُردو.

چلم يا حقو

٨٣. هيٺان ڏنگ درياءَ، مٿان پوک سڙي.

٨١: ٻي روايت: در ڏي ته لوڙها نچن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨٤. درياءَ ۾ ڍُهل وڄن، ماڙيءَ ۾ مڇ ٻري.

٨٥. باهه لڳي مٽي کي، دونهون کن ٻير.

چلهه ۽ مارنگ

٨٦. گهر گهر ٽيـ ٽڪي

چنڊ ۽ تارا

٨٧. اڌ مانيءَ جو پيا سپ ڏونرا.

٨٨. ڪڻ مانيءَ جو، پات ڳتڙن جي.

چوپڙ

٨٩. هڪ وڻ ۾ چار ٽاريون، ٽاري ٽاري ۾ چار ميوا.

چانهين، هنڌاڻو

٩٠. وڻ پٽ ۾ مِٺو ستُ.

٩١. سائي پات، ڳاڙهو پتُ.

دروازو

٩٢. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهه جو لغام.

٩٣. هڪ جوان، ٻه پٽر.

درياءُ

٩٤. هنڌ وڇايو پيو آهي، سمهڻ وارو ڪونهي.

دونهون

٩٥. هٿ نڪو پير، متمن ماڙيءَ چڙهيو.

ڏاڏو

٩٦. گهر گهر ۾ ڪُبڙو (ڍُونڊو) چور.

٩٧. گهر گهر ۾ ڏنگو ڪايو.

ڏاڙهون

٩٨. هڪڙي مٺ ۾ هزار داڻا.

---

٨٤. ٻي روايت: هيٺان ڍهل وڄن، مٿان ماڙي سڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنڊ

٩٩. آچا چيز آڏ ۾ هاريل.

١٠٠. اڇا گهيتا تنبد ۾ ٻڌا پيا آهن.

١٠١. اڇن به سُورن سان، وڇن به سُورن سان.

ڏند ۽ زبان

١٠٢. ٻٽيهن ماڻڪن تي بلبل نچي.

ڏندن ۾ڦل وات

١٠٣. ٽوئيون ٽمپ نڪري ويا، ٽنهن سلامت رهجي ويو.

ڏوئي

١٠٤. ڪائي بوڙ ٻلاءِ، پر سدائين ڏيري.

ڏيڏري

١٠٥. ڏيل وياڻي ڊوريءَ ۾، جنهن کي ٻاهٺ ٻچا.

ڏيو

١٠٦. ڏڙ مٽيءَ جو، سڀئي ڪپهه جي.

١٠٧. ڏنڊي سڪي، ٽيٺو مٺو.

رات

١٠٨. شام جو اچي، صبح سان غائب.

رات، ڏينهن ۽ تارا

١٠٩. ماءُ ميڙي گڏ ڪري، پيءُ اچي ته هڪ نه بچي.

رڍيو

١١٠. اڇو اڇو، ڏنڊن تي نچي.

١١١. اڇو اڇو ريوڙو، ديسئون ديس گهمي.

١١٢. اڇو اڇو ڪير جان، پوچانس پير جان، ٻڌانس چورجان.

---

١٠٠. گدا= گهيتا.

رنڌو يا ڏوئي

١١٣. ڪائي ڪاٺي پر نه ڏاڍي.

ريل گاڏي

١١٤. هڪڙي ماءُ، سوين ٻار، ڪچ تي ڪنيو ٿي وڃي.

١١٥. ڪالي ڪالي، ٻچان والي، ڪوڪان ڪندي وتي.

١١٦. ڪاري ٻلا ڪيٽ جهڙي، جيڪا ڏٺي نه ڪٺي.

١١٧. ڪاري مينهن قنڌار جي نه ڏهڻ جي نه ڪهڻ جي.

زبان

١١٨. واڙي ۾ ٽي پؤر ڪُڏي.

١١٩. وچ درياء ۾ وهڙي ڪُڏي.

١٢٠. ڪچ ڪوڏين جي مسيت ۾، ٻلبل ٻيٺي نچي.

سال

١٢١. ٻَڪر هڪڙو، ڪُرَ ٻارهن.

ساهمي

١٢٢. هڪ ڪاٺ، ٻه لوهه، ٽَوَ نوڙيون.

سج ۽ تارا

١٢٣. ڏڻ آهي ته ڏنار ڪونهي—ڏنار آهي ته ڏڻ ڪونهي.

١٢٤. هٿا هزارين هزار، پر هڪڙي آئي هٽچي ويا.

١٢٥. ٻون پيءُ ڏنو ته سڀ مري ويا.

سج ۽ چنڊ

١٢٦. هليا آهن ته بيٺا نه آهن.

سُرمه داڏي

١٢٧. ٽيپڻ ۾ ٽنگ، چيلهه ۾ چار ٽنگون.

١٢٨. چار پير زمين تي، هڪڙي اک آسمان ۾.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنوڙ
١٢٩. گهر گهر ۾ ساميءَ ميڙ.

سوڙ يا واڙ
١٣٠. رات جو ڍڪي، ڏينهن جو ڦٽندي.

سنوڌو
١٣١. هڏڙو پاڻ، جنهن کي پٺ ۾ لغام.

سئي ۽ ڌاڳو
١٣٢. پاڻ ٿي آگر، پڇ ٿي پُرهه.
١٣٣. پاڻ ننڍڙي پڇ ڊگهو.

قطب تارو
١٣٤. آيريو آهي ته لٿو ڪونهي.
١٣٥. ٿيو آهي ته ڇُريو ناهي.

ڪٽر جي مشين
١٣٦. پويان ڪاٽي، اڳيان ڪاڍي.

ڪڇهن پڇڻ
١٣٧. نر نڪري ويو، ماديءَ ٿي پٺي سار.

ڪرڙ جي پُسي
١٣٨. رڻ پٽ ۾ ريٽو تنگيو پيو آهي.

ڪڙو
١٣٩. در در تي ڊينگ نچي.

ڪکڙ
١٤٠. اول ڪنڌي پاسا، پوءِ ڪري برڙات.

---

١٣٠. سوڙ (هنڌ جي) ۽ واڙ (مال جي).
١٤٠. ٻي روايت: اڳ ۾ ڪري ٿقڙات، پوءِ ڪري برڙات.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪڙ ۽ بيضو

١٤١. ماءُ ڦندي، پُٽ ڏڪو.

ڪلف

١٤٢. گهر گهر ۾ ننڍڙو سپاهي.

ڪلف ۽ ڪنجي

١٤٣. مڙس ننگيو پيو آهي، زال پئي گهمي.

١٤٤. پُٽ ننگيو پيو آهي، ماءُ وئي شهر گهمڻ.

ڪنجي

١٤٥. مڙس ڦاسائي، پاڻ هلي.

ڪوڏر

١٤٦. زمين تي وهڙي نچي.

ڪوُنرو

١٤٧. گهر گهر ۾ ڪالُو ڪُبو.

ڪهاڙي

١٤٨. هيڏڙي، هٿ جيڏڙي، وڻن ۾ واڪا ڪري.

ڪٺ

١٤٩. جيئن ڪليئس، تيئن وڌي.

ڪڙ ڪبيڙو

١٥٠. هيڏڙو پناڻ، جنهن جي پنيان باهه.

ڪدر

١٥١. سُتي تہ ڪُتي، جاڳي تہ جيئ.

ڪنڀي

١٥٢. بربٽ ۾ آچو ڦبو.

١٥٣. جوان تہ متو اڇو، ڪُراڙي تہ متو ڪارو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوھہ ۾ رسو

١٥٤. ٻُچ مڙس جي وات ۾ تاڻ وارو ٽُونڊ.

کينھون

١٥٥. هٺان هيٺ، وچي مٿي.

گاھہ

١٥٦. رڻ پٽ ۾ سائي چادر.

گيندري

١٥٧. ڳھر ڳھر ۾ مٺڙي مائي.

گوگڙو

١٥٨. ڳاڙهي گيدري، سائي ٽوپي.

گھوڙي (سيڙيوين ڏاھڻ جي)

١٥٩. هڪ ٽڳي ٻڪري، اوڳاري تڏا پري.

١٦٠. هيڏانھن ڪئي، هوڏانھن ڪئي.

لٺ

١٦١. ٻاڻ انڌي، ٻين کي وات ڏيکاري.

لوڏيون (ڏار يا هرلي ۾)

١٦٢. اچن ڪلنديون، وڃن رئنديون.

١٦٣. هڪ جيڏيون هڪ سرتيون، ڳھن هڪ بازار.

ماڇيس جي ٽيلي

١٦٤. هڪڙو مگ ڏريان، سارو ڳھر پريان.

ماڪوڙيون

١٦٥. رڻ پٽ ۾ رڙيون هار لل.

---

١٥٧. ٿلھي مائي.

١٥٨. گدي = گدلي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڪي
١٦٦. رتي ٻڪري رڻ ۾ وياڻي.
١٦٧. جبل ۾ جتري، موتين سان مڙهي.
١٦٨. گهيتي، ٻه ٻيتي، جتي ويٺي اتي وياڻي.
١٦٩. سال ڀِهري ويو، واڙ ڀِٽي ڏُٺي.
١٧٠. ڪاري ڳئون ڪاٺ ڪٽيي، اڄ اهڙي جا اهڙي.
ماڻي پچڻ
١٧١. گهر گهر ۾ نانڙيون وڃن.
ماءُ جا ڏنڊ
١٧٢. ڪپڙ حلال، ماٺهه مُردار.
مڻو
١٧٣. اڇي زمين، ڪاري ٻوڪ.
مرچ
١٧٤. ڳاڙهي گُندي: ڦِڪو ان.
١٧٥. هيڏو هيڏو پاڻ، جهڪو راڻا تو رُنڙي.
١٧٦. نجمل جي ڳوڙي، ماءُ ماءُ جو ٻچ.
مڪائي جو سنگ
١٧٧. ٻروچ کي ٻنيءَ ۾، منهن تي موهڙا.
مک
١٧٨. هيڏڙي نر جيڏڙي، ميرن سان ٿي ماڻي ڪائي.
مکڻ
١٧٩. اڇو ٻڪي ڏيندي جو، جنهن کي هڏ نه ڳنڍ.
منڊي، ماڏائي
١٨٠. گهر گهر ۾ ناچُو نچي.

---

١٦٠. سال پهري ويو، وٿاڻ پيو وهي.
١٧٦. ٻي روايت: شيشم جي دٻلي هائُو هائُو جا ٻچ.

مهن ركي

١٨١. تہ ٽنگي ہڪري، ننڍڙا ٻار ڏڪي.

مڙ

١٨٢. بانڪو هلي بازار ۾، جنهن کي چاليهہ چيلا سانُ.

موت

١٨٣. پيا مرن، ٻاڻ نہ مري.

مور

١٨٤. ٻن ٽوڻين تي باغ ٻترسيل.

مورتون

١٨٥. جاء ۾ ويٺل حاڪمزادا، نڪي ڪاڻين نڪي پيڻن.

موري

١٨٦. پيٽ ۾ ماڻي پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

ميڻهن وساڙو

١٨٧. رڻ پٽ ۾ رت ڦڙو.

ميڻ بتي

١٨٨. روئي تہ ڏسي، ماٺ ڪري تہ انڌي.

وات

١٨٩. هيڏي هيڏي دبلي، جنهن ۾ ٻٽيهہ ٻاوا.

١٩٠. مٿتهن هڪڙو، ٽوڻيون ٻٽيهہ.

١٩١. هڪ ڪوٺي، لپ ڪوڏين جي.

١٩٢. دري ڪوڏين پري، اندر نانگڻ نچي.

١٩٣. هڏڙن جي مسجد، جنهن ۾ دلدل پيمي نچي.

وات، پيچرو

١٩٤. رڻ پٽ ۾ رسو وڇايل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻو

١٩٥. ڌڪ هڻ ته ڌاڙهن ڪري- هٿ لاءِ ته ماٽ ڪري.

وڙ

١٩٦. پاڻي ڏي ته پي وڃي- ماني ڏي ته رکي ڇڏي.

وهاڻو

١٩٧. جنهن کي هڏ نه گوڏ- سڀهي به سڃڻهن سان.

هفتي جا ڏينهن

١٩٨. خلقيل خاوند جا- پنج نر ٻه ماديون.

باب ٻيو

ساديون منظوم ورتيون

[هن باب هيٺ ساديون منظوم پروليون شامل آهن، جن جي 'ڏيٺي' ننڍن موزون يا منظوم فقرن تي مبني آهي. هي پروليون اڪثر ٻن يا ٽن ننڍين هم قافيه مصراعن تي مشتمل آهن. پيچيدگيءَ جي لحاظ سان هي پروليون پهرئين باب ۾ ڏنل پرولين کان البت ڏکيريون آهن، مگر پيچيدگيءَ ۾ اهي ڪي ايتريون اچي ٿيون، جي گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان تعلق رکن ٿيون ۽ جن کان ٻارڙا گهڻو ڪري پوريءَ طرح واقف آهن.]

آسمان ۽ تارا

١٩٩. سائي ول، اڇا پيتا - اکين ڏٺا، وات نہ چکيا.

٢٠٠. نيري اڳڙي چانور ٻڌم - ڏينهن جو وڃايم رات جو لڌم.

اُکيون

٢٠١. چار نر، سورهن ناريون - سڀن لئي سپ سينگاريون.

اڏوڙ

٢٠٢. جنهن کي ساهہ نڪا سيسي - سا مون ڪاٽ ڇيندي ڏٺي.

٢٠٣. هيڏانهن ڏوڙي، هوڏانهن ڏوڙي -
جيڪو نہ ٻجي، ان جي ڏاڏي ڏوڙي.

آرڙي

٢٠٤. ڪاري ڪڪڙ دنبدار - آنا لاهي لک هزار.

٢٠٥. هيٺيون پڙ ڪاٺ جو، مٿيون پڙ لوهہ جو -
جيڪو نہ ٻجي، سو پٽ گوهہ جو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪ

٢٠٦. ڏَنڊَڪ ڏَنڊِي، لِڱ ڪَنڌِي – اٿم ڏني، نہ اٿم چکي.

اڪر

٢٠٧. اڇي ول، ڪارا ڦَٽا – اکين ڏٺا، وات نہ چکيا.

اڪيون

٢٠٨. شيشگل، شيشگل، توڙي ڏين هزار گل –
تہ بہ نہ ڏيان هڪڙو ڳُل.

اوٻرو (ڪوريءَ ڪم جو اوزار)

٢٠٩. هيڏو هيڏو چوڪرو – ٻڌي ٻيٺو پوتڙو.

ايٽ

٢١٠. ڳاڙهو مٿيو رنگا رنگ – ٻارهن مٿا تيرهون سنگ.

ٻاهہ

٢١١. ناناٺا لڏي ويا – ڳاڙهي ڪنوار ڇڏي ويا.
٢١٢. اوڙي وڃان ڀاڙي وڃان – گهر ۾ شيشو ڀوري وڃان.

ٻصر

٢١٣. اڇو پلو، سائو پُڇ – توکي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.
٢١٤. هيٺرو هيٺرو ڀڻاڻ – جيڪو اچين مُڇين ساڻ.

بندوق

٢١٥. ڪاري ڪُتي، ڏَر ۾ سُتي – جِتي رَڙ ڪئي آتي ڌَمڪي.
٢١٦. ڪاري ڪڪڙ ڏنڊار – جاتي پڄي، تاتي مار.
٢١٧. ڪاٺ جو گهوڙو، لوهہ جو لغام –
پيچ ڙي گهوڙا سنئون ميدان.

٢١٠. رڱيل ايٽ جي چڪر جون ٻارهن ڇهنبڙيون يا ڏيونئا ۽ تيرهون هيو.

٢١٧. ٻي روايت: هل ڙي گهوڙا، اچڙو ميدان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢١٨. اڌ ڪاني، اڌ لوھہ – ساھي آھيس سچو ڪوھہ.

٢١٩. ڪاري ڳئون، ڳاڙھو ڳابو – رنگي ڳئون، ماري ڳابو.

ڀيضو، آنو

٢٢٠. اڇي اڇي ماڙي – جنھن کي در نہ تاڪي.

٢٢١. گول گول ڦڏو – جنھن جي پيٽ ۾ آ دُڌو.

٢٢٢. ٻنان در جي ھڪ مڪان – آن ۾ حلوائي جو دڪان.

ٻَٻُر

٢٢٣. مٿان سائو، ھيٺان گرو – جيڪو نہ ٻجي ان کي چڙھي ٻرو.

ٻهارو

٢٢٤. ڪاري ٻلي، جھانئرو پُڇ – تو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.

ٻيت جو ڪنڊو

٢٢٥. خان چڙھيو سڄي ڪيڙ ڳھيو سڄي – خان لٿو سڄي ميڙ ڳھو سڄي.

ٻنڀوري

٢٢٦. ڳاڙھي ڳاڙھي ڪنوار – جيڪو نہ ٻجي آن کي مار.

ٻرُو

٢٢٧. سائي چاڻنگ، ٻاھتر ٻيڙا – ھڪ ھڪ ۾ سؤ سؤ ڪيڙا.

ٽڙ

٢٢٨. آٺ آنيگر، سورھن سيگر – چار چٽيگر، ٻہ ٻُونگر.

٢٢٩. آٺ آنيلا، سورھن سيلا – چار چگيلا، ٻہ البيلا.

ٿوم، ھوري

٢٣٠. اڇي جھرڪي ساٿو پڇ – تو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پُڇ.

---

٢٢٧. ٻي روايت: سٺيون ڪاسون، سنوان ٻيڙا.

٢٢٨ ۽ ٢٢٩. آٺ ٽڙ ڪتيءَ جا، سورھن ٽڙ ٻُوندڻ (سادي سوئر) جا، چار ٽڙ ڳئون، مينھن وغيرہ جا ۽ ٻہ ٽڙ ٻڪريءَ جا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاندبو

۲۳۱. گهر گهر ۾ ڳاڙهو گهوٽ – وٺي زور نه چڙهي چوٽ.

ڀاڇو

۲۳۲. آس ڏسيو آسريو وڃي – چانو ڏسيو ڇڇيو وڃي.

ڀڙڻ

۲۳۳. هيڏو هيڏو ڀاڻ – جنهن کي سؤ سوراخن ساڻ.

پست جي ڏوڏي

۲۳۴. هڪ پکي جهنڊولي دار – جنهن کي ٻچا نئون هزار.

پڳهر

۲۳۵. آس ڏسيو آسريو وڃي، چانو ڏسيو ڇڇيو وڃي –
واءُ کان پيو وڃي.

ٻير

۲۳۶. ٻه ڀائر حصيدار – سڀهن گڏ هلن ڏار.

ٻيهسل

۲۳۷. هلندي هلندي بيهي رهي – سر ڪپڻ سان وري هلي.

ٻيهنگهو

۲۳۸. ڀاڻ هلي، مونکي هلائي - ان جو هلڻ مونکي سيباڻي.

۲۳۹. آٺ آنيلي، ٻارهن ٻيلي – چار ڪبوتر، پنجين چيلي.

جذب

۲۴۰. ور وڪڙ ڏئي نانگ جان – گهمي ٻلي ڏاند جان.

جاهو

۲۴۱. هيڏو هيڏو ڀاڻ – جنهن کي سؤ سئين جو ماڻ.

۲۳۹. اٺ پاوا (چارسنجي جا، چار گهوڙين جا)، ٻارهن سٽل، چار بونڻ، پنجين واڻيل منجي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڏي، ماڏائي ۽ نيڙو

٢٤٢. هيٺئون ڪنياري، مٿان ٻ ڪياڻي - چڪ ته چڪيون موچاڻي.

چيڙ ۽ ول

٢٤٣. ٻٽيمنگن رن، ٻٽيمنگن چورا - مري وڃي رن، رُلي ويا چورا.

چاچڙ

٢٤٤. آٺ ٽنگون ناڻيـن ڪوڙي -
جيڪو نه ٻجي تنهن جي آڪهه ٽوڙهي.

چتڙهي يا ڪوسُ

٢٤٥. ڪاري ڪتي، ٻل ۾ ستي - سٺو ڄڻون ڏسي ڪٽڪي آئي.

٢٤٦. ڪاري ڪتي ڪنهر - ٻه متا ڏهه پهر.

٢٤٧. ايندي روڻي، ويندي روڻي - ٻاڻي ڏسي مُنهن ڌوڻي.

چنڊ ۽ تارا

٢٤٨. ٻڪريون لک هزار - جن جو هڪ ڏنار.

چؤنڙ

٢٤٩. هڪڙي رَن، چار ڪن - سورهن سهيليون، ست چيليون.

چيونڊي (هر جي)

٢٥٠. هيڏي رني، ٻونءِ ۾ ڳتيي - سون چاڪي رُٺي رنـي.

چانهيس، هنڌاڙو

٢٥١. سائي سيڪ ميٺو پٽ - ڪاڻوڙي جيڏيون هٿو هٿ.

٢٥٢. سائي ٻيتي، خانا گلابي - تن ۾ ويٺا ڪارا شيدي.

حقو يا چلم

٢٥٣. هيٺان ڍنڍ، مٿان ڪورو - جيڏانهن چڪ تيڏانهن پورو.

٢٥٤. هيٺان واهه، مٿان باهه - ميان جي! پُڇ وٺي پيو ڏاهه.

---

٢٤٥. چم جو رَڇُ جنهن سان ڪوهه مان پاڻي ڪڍجي.
٢٤٦. ٻه ڪيڙانا (ڪانيون) ۽ ڏهه آڪا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٥٥. مٿي ٻاهه، هيٺ واهه - ڏڙ ڏڙڪي، وچ ڪڙڪي.
٢٥٦. هيٺ ٺڏي وير، مٿي ڪوسي ٻاهه - ڪاڪو ٻائٽيي ڪي ڏاءِ.

خط

٢٥٧. اڇو پيٽ ڪارا پير - ساري دنيا جو ڪري سير.
٢٥٨. اڇي چُنِي، اڇو پيٽ - هلي چُني، ننگر نيٺ.
٢٥٩. اڇو پاڻ، ڪارو ويس - گهمي وڃي ديس پرديس.
٢٦٠. در وڃي، دربار وڃي - پاڻي ڏيک مر وڃي.

ڏاڻو يا رنبو

٢٦١. اڌ ڪاٺ جو، اڌ لوهه جو - جيڪو نيچي سو پُٽ ٻوهه جو.

ڏاڙهون

٢٦٢. هيٺرو هيٺرو پاڻ - جنهن ڪي سؤ موتين جو ساڻ.

ڏندڻ

٢٦٣. غريب لڏي ويو - جهنبولو پُٽ ڇڏي ويو.

ڏونگهو

٢٦٤. هيڏڙو هيڏڙو پناڻ - ٽن ٽُنگن ساڻ.

ڏيڏري يا ڦولهڙي

٢٦٥. ٻجهارت ٻجهڙي - جنهن کي ڪَنَ ناهي ٻُجهڙي.

ڏينهو

٢٦٦. ٻاڙهو ڪُڪڙ، ڳمي گوهي - ٻِچ سار ٻچ ڳيهو هئي.

ڏيو

٢٦٧. ماءُ مٽيءَ جو - ساهه سرنهن جو -
لڳيس واءُ - وڃيس ساهه.

---

٢٦٤. ناريل جو کوپو جنهن ۾ ٽي اکين وارا ٽنگ.
٢٦٦. ٻي روايت: امن گوهي، چمن گوهي، چاٽ مريندا نڪل گوهي.
٢٦٧. ٻي روايت: (١) ساس سرنهن جو، ماس مٽيءَ جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.
(٢) ڪنڌ کپهه جو، ساس سرنهن جو
لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٦٨. مڙس مٿيءَ جو، ڪنڌ ڪپهه جو - لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.
٢٦٩. دڙي تي ڏڙو، جنهن تي لعل ڪڙو - لڳيس واءُ، وڃيس ساهه.

رات، تارا ۽ سج

٢٧٠. ڪالي ماءُ، آڇي ٻچڙي - آوَ پيءُ ته هڪ نه بچي.

رمضان جو روزو

٢٧١. رات جو ڪونهي، ڏينهن جو آهي - ٻارهين مهيني اچي ڪاهي.

رنڊو

٢٧٢. هيڪ چيمائي هڏو منگي - هيٺان کائي، مٿان هنگي.

ريل گاڏي

٢٧٣. هيٺ باهه، مٿي پاڻي - ڪري جهٽ وڃي ڪاٺي.
٢٧٤. ڊِگهه ڊِگهوڙي، پاسن سوڙهي -
اِئين وڃي جيئن تاجل گهوڙي.

سارِڪي (ڏُهه چڙهيل چانور)

٢٧٥. هيڏڙي ننڍهن جيڏڙي - پُٽ پيٽ ۾ اچا اُميدڙي.

سال، ورهيه

٢٧٦. هڪ صندوق، ٻارهن خانا - خاني خاني ۾ ٽيهه داڻا.

ساهمي

٢٧٧. اٺ ٽنگون، ٻه پير - پُڇ پٺيءَ تي آهي ڪير؟
٢٧٨. اٺ نوڙيون، نائين ڪام - نه اچڻي ته ڪر سلام.

سِڱ، سلوار

٢٧٩. ٻه چنگهان، چار ناسان - ٻارهين مهيني ول آسان.
٢٨٠. ڏون تنگان، چار جهرڪيان -
جيڪو نه پڇيسي، آنهي ڪئون ڪاسان.

---

٢٧٤. ٻي روايت: هرڪو چوي سنهنجي گهوڙي.
٢٧٩. يعني ٻارهين مهيني وري ٿئين ولبي.
٢٨٠. ٻه پانچا، چار چٿيون آنڊائي جون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سج ۽ چنڊ

٢٨١. ٻه ڀيڻيون پکي، گهمن ساري پٽ ۾ -
نه موٽ مارين، نه ڪانئي کڻهن.

سئي

٢٨٢. ننڍڙو غلام- جنهن جي مٿي ۾ لغام.
٢٨٣. اڇي ٻلي، اڇو پڇ - توکي نه اچي ته ٻئي کان پڇ.
٢٨٤. هيڏڙي هيڏڙي پاڻ - پڇ آسمان ساڻ.

سيڻاهه

٢٨٥. ڪاري ڪڪڙ ڏنبدار - هڻ هٿ هڻ پار.

شرناء

٢٨٦. ڪجهه پائي ته ڪوٺ کي ڀڏائي - ڪجهه لاهي ته گونگي آهي.

ڦڻي (گوگڙي مان نڪتل)

٢٨٧. اچي اچي پيٺي- مٿو پنهنجو ڦاڙي ويٺي.

قرآن شريف

٢٨٨. هڪ ٽڙ، ٽيهه ڏار - پن ته جنهن جا لک هزار.

قرآن شريف (رحل تي)

٢٨٩. ٽئان درياءُ هيٺان موري - جيتر نه ڏسان، جيءُ ۾ جهوري.
٢٩٠. هيٺان ٻيڙي، مٿان درياهه - ڪاهي وارو هڪ ملاح.
٢٩١. ڪاٺ جو گهوڙو، ٽيهه سوار - جيڪو پهچي سو برخوردار.

ڪانڌيرو

٢٩٢. گل گلاب جو، پن ميندي جو -
جيڪو نه پڇي، پٽ مگيندي جو.

---

٢٨٦. شرناء وڄائڻ جو ڪنڪ.
٢٩٠. ٻي روايت: هيٺان ڪاٺ، مٿان درياء، هلائڻ وارو هڪڙو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇُون يا ڪُمي

٢٩٣. هيٺان ٿالهي، مٿان ٿالهي – وچ ۾ ميٺر مُوالي.

ڪريلو

٢٩٤. هيڏڙو هيڏڙو پَٽاڻ – سؤ ڏُنڍين ساڻ.

ڪکر يا ڪرڙ

٢٩٥. ڦٽي، چِيٽَ وَٽي – پِٽن ناهي، چانئو گهٽي.

ڪلف

٢٩٦. لڏيندڙ لڏي ويا – ڪارو ڪُتو ڇڏي ويا.
٢٩٧. ننڍڙو ننڍڙو چوڪيدار – رهي در تي خبردار.
٢٩٨. اوڙي وڃان پاڙي وڃان – ننڍڙو سپاهي ويهاري وڃان.
٢٩٩. اوڙي وڃان، پاڙي وڃان – چِلڪ سوپاري چاڙهي وڃان.

ڪلف ۽ ڪنجي

٣٠٠. ٽيچڙڪ ٽيچڙڪ ٽي لڙائي – ناني آئي، ٽنهن ڇڏائي.

ڪنجري جو پرت

٣٠١. ڳاڙهه وَٽي، چِيٽَ گهٽي – ماهه ڪونهي سُونهن گهٽي.

ڪنُو

٣٠٢. ٽيچڪ ٽيچڪ ٽن ٽنگن تي – ڪاٺ ڪلهي تي، ٽوپ مٿي تي.
٣٠٣. ٽي گهوڙا، هڪڙو سوار –
ڪاٺ ڪلهي تي، هُنڙ هُنڙ جي ڪار.

ڪوريئڙو

٣٠٤. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ – ڌاڳن جو خزانو ساڻ.

ڪونرو

٣٠٥. ٻه ٽُنگ ٽيهو ڪَڙو – جهڪو نه ٻجي، تمهنجي آڪُم دڙو.

ڪنُو

٣٠٦. لڏيندڙ لڏي ويا – ٻه ڏندو ڏاند ڇڏي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوڏي يا ٻُوڏي

٣٠٧. نيري ندي، چيل چيل پاڻي - خوب تري ٿي سُندر راڻي.

ڪيلو

٣٠٨. اندران ماڻو، ٻاهران ساڻو، ڪنڊو ڙي ڪاڻو.

ڪت

٣٠٩. اڻ ڪاڻ ناڻين نوڙي - جيڪو نہ پڇي تنهن جي آڪهہ ڏوڙهي.

٣١٠. اڻ ڪاڻ ناڻين چاڙي - جيڪو نہ سلي تنهن جي ناني پچاري.

ڪنهيي

٣١١. آڏي، ڏوڙ ۾ گڏي - ڏوڙ پراڻي، آڻي هاڻي.

کوهہ

٣١٢. ٻاهران گول، وچ ۾ پاڻي -
جيڪو نہ پڇي تنهن جي آڪهہ ڪاڻي.

٣١٣. لڏيندڙ لڏي ويا - پريل گندي چڏي ويا.

گنجي (پکيءَ جي)

٣١٤. ڏس قادر جي ڪيل - ٻاهران گوشت اندران کل.

گندي

٣١٥. لڏيندڙ لڏي ويا - ڏنبي ڪني چڏي ويا.

گوگڙو

٣١٦. هيڏو هيڏو پاڻ - جنهن کي ڳاڙهي گدي ساڻ.

٣١٧. ڳاڙهو ڪنڌو، ساڻو پڇ - تو کي نہ اچي تہ ٻئي کان پڇ.

گهگهي

٣١٨. بيٺ ٿلهو، منهن سنهون - پاڻي پئي ٿي گهٽو گهٽو.

---

٣٠٧. ڪوڏيءَ جي ول ۾ گل، جي پاڻيءَ جي سطح تي ترن.
٣١٥. ٻي روايت: لڏيندڙ لڏي ويا، ٻيٺ وڏيون چڏي ويا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغز

٣١٩. ڪاغذ جو ڪڪڙ، ڏاڍي جو لغام-
چڱ ڏاڍو نہ ڪري سلام.

٣٢٠. جيستائين وَل، تيستائين راند- ٽُٽي ول تہ پوري ٿي راند.

لوڙهہ

٣٢١. ڪارو ڪارو جُو جرن وارو-
جنڪو نہ سلهي تنهنجو پيءُ پڄ رو.

لونگ

٣٢٢. هڪ جنگهہ، چار ڪن- جنهن کي سياڻا ڪي سمجهن.

٣٢٣. چار سڱ، رنگ ڪارو- هڻ چڪ تہ لڳي ڪارو.

لوڻ

٣٢٤. آڇي آڇي ٻار- جتي جهرڪي ناهي جهار.

ماچيس

٣٢٥. هيڏو هيڏو پاڻ- جنهن کي سؤ لئين جو ساڻ.

مارنگ

٣٢٦. لڏيندڙ لڏي ويا- ٿي ڪبوتر چڙي ويا.

ماڪ

٣٢٧. رات سمي ۾ موتي آيا- ڏوپ جي آئي، واپس جاياه.

ماکي

٣٢٨. هيڏو هيڏو ڏڙهو، موتين مڙهيو-
ڏونگر جو پاڻي پيي مٿي چڙهيو.

٣٢٩. جهنگ جي ڏاچي، جهنگ ۾ وياڻي-
نوڏو چڏي وڙهڻ آئي.

---

٣٢١. پاڻيءَ ۾ مينال جي ول جو ٿڙ.
٣٢٤. جنهن تي سک ڪانہ وهي.
٣٢٩. ٻيون روايتون:
(١) انڌي ڏاچي ٻر ۾ وياڻي- پڇهي جي هٺي جا تو وراڻي.
(٢) ٻري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي- گونرو چڏي وڙهڻ آئي
(٣) ڪاري ڏاچي ٻر ۾ وياڻي- توڏو چڏي وڙهڻ آئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٣٠. ڪاري ڪپني هڏ هلائي - هندو مسلمان هرڪو کائي.

ماڻڪاڏي

٣٣١. جيان نہ جتر پيان - صبح سان سڀئي ٿيان.

٣٣٢. مواڙ رن، چار ڪن - چيلهہ ۾ نوڙي، پاڻي ڦيري.

ماءُ پيءُ

٣٣٣. ڳالن جي ڪاري - ڪنهن کي اڌ ڪنهن کي ساري.

ماڇر

٣٣٤. مڙس زُرو - لنگهي ڪوٽ مان هٿي چُرو.

مرچ

٣٣٥. ڳاڙهو ڳاڙهو پڻاڻ - ساڌي ٽوپيءَ ساڻ.

٣٣٦. ساڌي ٽوپي ڳاڙهو رنگ - پلي آيو پرديسي سنگ.

مڪائي جو سنگ

٣٣٧. پٽ پٽيو پڻاڻ - ستن ولين ساڻ.

٣٣٨. هٿ جيڏو پڻاڻ - جنهن کي ست ڪپڙا ساڻ.

٣٣٩. هيڏڙو هيڏڙو پڻاڻ - جنهن کي سؤ رلين جو ساڻ.

مکڻ

٣٤٠. هيڏو هيڏو هر - جنهن کي هڏو ناهي چمر.

موري

٣٤١. آڇي ڪُڪڙ، سائو پڇ - توکي نہ اچي تہ مٺي کان پڇ.

٣٤٢. اڇي پلي سائو پڇ - توکي نہ اچي تہ مٺي کان پڇ.

ڪنگريون (نار يا هرلي جون)

٣٤٣. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون -
هڪ گهاڙوءَ گهڙيون - سي ڪيئن آڙيون.

ناريل

٣٤٤. ڪتوري ۾ ڪتورو - پٽ پيءُ کان گورو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٽ، ويندڙ

٣٤٥. ڏنگ به ڏنگي تارڙي ـ موتين جڙيل سارڙي.

نماز

٣٤٦. ڇٽن پهرن ۾ پنج پيرا پريڊ ـ پوبان پلتڻ اڳيان هيڊ.

نماز ۽ روزا

٣٤٧. پنج پتا، ٽيهه گنا ـ دل نه چوي هڪڙو پيچان.

ڏينگهه (چانورن چڙڻ جي)

٣٤٨. لڏيندڙ لڏي ويا ـ ڪنڊيو وتو چڏي ويا.

وات

٣٤٩. هڪڙي دري موتين جڙي ـ سپ سوناراڇون اسان نه گهڙي.

واڱڻ

٣٥٠. پارڻون آيو ڀڙس ملنگ ـ سائي ٽوپي ڪارو رنگ.

٣٥١. پهريائين سائو، پوءِ ڪارو ـ
جيڪو نه ٻجي تنهن جو عقل آڏارو.

وڄ، ڪنوڻ

٣٥٢. هٿل ڪري، هيٺ ڪري ـ ڪنهن سان نٿي هيري مري.

وڇون ڀنئون

٣٥٣. هيڏڙو هيڏڙو پاڻ ـ جنهن کي ٽيڪي تلوار ساڻ.

٣٥٤. مين تيل جيڏا، تون ٽنب جيڏا ـ
مين ڪيل ڏنا، تنين رو ڏنا.

هر

٣٥٥. آڏو لتڪڙ لگ پڳ ـ ٽي چٺا ڏهه پڳ.

٣٥٦. هاٿڙ هٿوهڙ هڻي ـ ڏهه چنگهون، ٽنڊبون ٽي.

هوائي جهاز

٣٥٧. پکي آڏي پيٽ ـ جنهن کي ڪنب ناهي پيٽ.

٣٥٥. لتڪڙ= هر. ٽي چٺا= ڏڪ ماري ۽ به ڏڳا، ۽ انهن جا پير ڏهه.

باب ٽيون

ڳُوڙهيون پروليون

[هن باب ۾ ڏنل پروليون ڏيڻي ۽ پڇڻي جي لحاظ سان البت ڳُوڙهيون آهن، مگر پهرين ٻن بابن ۾ ڏنل پروليون وانگر ٻارائي ماحول ۾ مقبول آهن. ڏيڻيءَ جي لحاظ سان هن باب واريون پروليون ٽن قسمن جون آهن: هڪ آهي جي ننڍين جملن يا موزون فقرن ۾ سمايل آهن. جيئن ته:

”ٻه مايون، گڏ سامايون، پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو“ (سِپ)

ٻيون آهي جي ٻن هم قافيه مصراعن تي مبني آهن. مثلاً:

”جر ۾ ڄائي، جر ۾ نپني، جر ۾ ڪيائين وهانءُ،
جنهن کر هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو ٿئي مانهه“ (جونءِ)

ٽئي قسم جون پروليون وري ٻن مصراعن واري سٽاءَ ۾ سمايل آهن، جيئن ته:

”ڏڙ جن جو ڏوڙ ۾، ٻادر جيڏا ڪن
اهڙا کهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾“. (ٽوڻي)

جيتوڻيڪ هنن پرولين ۾ پڇڻيءَ واريون شيون يا وٿون روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ آهن، مگر ڏيڻيءَ ۾ شامل اهڃاڻ اهڙيءَ ته رمز سان رکيل آهن جو آسانيءَ سان انهن شين ڏانهن ڌيان نه ويندو ۽ انهن کي پروڙڻ لاءِ قدري غور فڪر جي ضرورت پوندي.]

آڏيري (ول)

۳۵۸. سائي سائي رن، جنهن جا ڪنڊن وارا ڪن -
ٻر پٽ ۾ پڙو پکيڙيو ويٺي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڱريون ۽ آڱوٺا

٣٥٩. سورهن آهن سلڇڻيون، چار آهن چريا-
ٻه ته آهن ٻاوَن جهڙا، ٻه ته آهن ڪريا-
جي ڏيکار ٻين کي، ته پريان ڏي وريا.

آنڌ، واهي

٣٦٠. ديگهه ڊگهي، وچي سڌي - موتي جي واٽي نه ڪري.

آرٽي

٣٦١. اڌ پاسياري پهرڙي، فر فر لڳي واءُ-
آهيرُ ويٺو ستو ڪٽي، پٺتِ چڙي ماءُ.

اِسرافيل

٣٦٢. بيٺو آهي ته ويٺو ناهي.

آڪ

٣٦٣. جان وڃان وات ونيو ته گل بڪاولي بيٺو آ-
آسي ٻار جٽيا اٿس، اجا ماريو ڏکو آ.

آڪري مُهري ۽ آنڊ

٣٦٤. هيٺان نڪر، مٿان ڪاٺ - وچ ۾ مڙو مار ڪاٽي.

اکيون

٣٦٥. ٻه پينرون وچ ۾ پٽ- چون ڪڏهن ملنديون نسين؟
٣٦٦. ٻه ڪبوتر ٻن ڪنڌڙين ۾ - ذري آسمان تي، ذري زمين تي.
٣٦٧. ٻه دريون ٻه دروازا، جن ۾ ويٺل صاحبزادا-
نڪي ڪائين نڪي پيئن، ته به تازي جا تازا.

اڳٺ وجهڻي

٣٦٨. نٽ مٿي ۾ نار کي، پٺ اڳي مُنهن پوءِ-
ڳڀي هٿي تي سڪ ۾، پاڻي هوءِ نه هوءِ.

---

٣٦٦. يعني اکين جا تارا هيٺ مٿي ٿين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن اچي تي ڪئلي ڪي، مڙس هجي ڇا جوء،
”لاڙڪ“ بيت سنڌوء، سالڪ لهندا سوچ سان.

اذب

٣٦٩. اندران ڦڪو، ٻاهران ڦڪو، ير ميڻي ذات پاڻ جو سالار.

٣٧٠. حان وجان بازار ۾ عجب ڏٺم يار،
ماس ڪاڏو ماڻهن، بچيا هڏي مٿي وار.

داهم

٣٧١. ٻري ٻڪري بادشاهه جي، ڪک پن چري ته جيئي،
پاڻي پيئي ته مري وڃي.

ٻرش

٣٧٢. ٻئي اٿس ڪان جي، پيٽ تري وار،
ڪم ڪري صفائي جو، نالو ٻڌايو يار!

ٻُسري

٣٧٣. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٻارهين مهيني جو پيٽ،
ڇٽن پهرن جو ڇوڪرو، آئي تنهن جي هيٺ.

ٻصر

٣٧٤. ڏڙ جنهن جو ڏوڙ ۾، لامون جنهن جون اُس،
اها پرولي ٻڌي ميرا پڇندا مس.

ٻيصو، آنو

٣٧٥. آن ويائي، گونرو جائو،
نه آن ڪي اوهه، نه گونري ڪي پائو.

٣٧٦. ماءُ وڃائي ڪيڏائين پُٽ پڪو،
اِها خبر نه هئس ته پٽ به آهي ڏُکو.

---

٣٦٩. يعني ميون ۾ مُک.

٣٧٣. ڇهين مهيني جي چاول = ڪٽڪ. ٻارهين مهيني جو چاول = ڪمند مان نهيل ڳُڙ. ۽ ڇٽن پهرن جو چاول ڇوڪرو = مکڻ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣٧٧. ڳنون ويـائي، ڏنـائين ڳابو ڏڪو،
ڳابو اندران آلو ته ٻاهران سڪو.

ٻار (ڏنون چانور)

٣٧٨. گهر آيو مهمان، ڪنوسين حلوان،
نه مهمان کي ڏند، نه حلوان ۾ هڏ.

ٻاڏهن

٣٧٩. ڪـچ مان پڄي سـنڌ ۾ آئي، پنج ٻار ڄمائين.

پيڙي

٣٨٠. لَٽِم ته لٽما لٽما، لٽم ته لٽما لٽما،
هيٺون آبا، مٿون اما،
آما چاڙي پال ٻچڙي، آبڙي چاڙي آما.

ڏاڄيءَ جون ڏندون

٣٨١. سوين هزار هرڻيون، ويهو وَڳ چرن،
تنگ پڇي هڪڙيءَ جي ته ٻيهو سڀ رهن.

٣٨٢. هڪ جيڏيون، هڪ سرتيون، هڪڙي چال چلن،
چڱهه پڇي هڪ جي ته ٻيئيون ٻيون ڪيلن.

ڏرار

٣٨٣. ساري لک هزار، ڏڙ ڪري ٿي ڏار،
سدائين جيئري، ڳاڙهو پاڻي پيئي.

٣٨٤. اچي آهي، ڪاري ٻير ۾ رهي،
وڄ جو پاڻي پيئي، مردن مان جهتا هٿي.

ڏنڊڄڻ

٣٨٥. پير پڏا، فقير پڏا، پڏا الله جا اولياء،
وڃي پڇو قاضيءَ کان، اسين پاڻ پڏا.

---

٣٧٨. مهمان = ٻارڙو. = حلوان = ناڙو.

٣٧٩. يعني: ڪـچ = جسم جو حصو. سنڌ > سنڌ پنج. ٻار = پنج آڱريون

٣٨١. يعني ڏاڄيءَ جي ڏندن مان هڪڙي نه ڏکيي ته ان جي ٿلهوڻ ڏاڻين اُٿت نه ڏئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنڊ (ڪپڙي اُڻاوت جي)

٣٨٦. ذات جـو ڪير، چئي : ٽنڊ ونئي،
ڪم ڪهڙو ڪرين؟ چئي: اڄوڄ جو.

ٽڱو، ٻاهه ۽ ماڻهون

٣٧٧. ڪارو گهوڙو، ڳاڙهو لغام، هڪ لهي ٻيو چڙهي.

ٿڻ (مينهن يا ٻڪريءَ جا)

٣٨٨. چار گهڙا قدرت ڀريا، ريءَ ڍڪڻي اونڌا ته به نه هارجن.

٣٨٩. چار نارَ، وهن ڌار، آڏ مڙني جي هڪڙي.

ٿوڻي

٣٩٠. ٽڙ جنهن جو ٿوڙ ۾، پادر جيڏا ڪن،
اها ڪهڙي رن، جا گهڙيو اچي گهر ۾؟

ڏوهه

٣٩١. شڪل جـو سـهڻو، انـدر جـو ڪـارو.
وجهه ذرو پيٽ ۾، ته ڏ ڪائهي ڏينهن سارو.

ٽيليفون

٣٩٢. هڪڙوهٿ ڪن تي، ٻيوهٿ وات تي، سڏ ڪيم ولايت تي.

ڀاڄو

٣٩٣. وڏيان ته وڏجي نه، ڏوريان ته ڏري نه، چيـان ته چجي نه.

٣٩٤. وڏيان ته وڏجي نه، ڪٽان ته ڪٽجي نه.
اڇلايان ته اڇلجي نه، جهليان ته جهلجي نه.

٣٩٥. الله جي آس ڪري، آيربو ساٿيهه مٿان سج،
ٻـارهن هٿ گـدرو، تيرهن هٿ ٻج.

پنگال، سانڌاري

٣٩٦. ٽنگون چار، سيسي وڏيل، سهڪندي وڃي.

٣٩٧. سيسي وڏيل، ٽنگون وڏيل، ڪاري ڪاري صورت،
جيئري مٿي مُردو چڙهيو، ڏس ملڪ جي مورت.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليتي، هڏو، قبر ۽ ڪوڙ

٣٩٨. ناهي پاڻي ۾، ناهي زبان ۾، ناهي آسمان ۾، ناهي قرآن ۾.

پٺو ۽ پڙهندڙ

٣٩٩. اڇي زمين، ڪارو ٻج، چپن سان پيا چونڊين.

پور (ڪپڙي چرڻ جو)

٤٠٠. ٻيڏي ٽيهه ورهيه، سڪي ٽيهه سال،
ڏس پلي جا پال، جو آڻ ڦٽي ٿو ڦر ڪري.

٤٠١. چاپڪ چوپڪ چا ڪري، اپڪ ٽپڪ ٽينگ چلي،
ٻپر جنهن ڪسي پيٽ ۾، متئون مڪ جهلي.

ٻيرون

٤٠٢. رڻ پٽ ۾ روهه وياڻي، جنهن ٻاهتر ٻچن جي جاڻي،
ڪي ڪارا، ڪي ڳاڙها ته ڪي آڇا.

پيالگهو

٤٠٣. آهي گهوڙي، چم نه چوڙي.
هيٺان سوار، مٿان گهوڙي.

جٻرن ۽

٤٠٤. ڪارو پکي، ڪاري وڻ تي وهي، ڳڙهو پاڻي پيئي.

٤٠٥. ڪاري آهي، ڪمري آهي، ڪاري وڻ ۾ ويٺي آهي،
لال پاڻي پيئندي آهي.

٤٠٦. ڪالي ڪالي شيءِ، ڪاڻي وڻ وچ ڦهندي،
ليندي ڏاڪڙي نال، مردي نٿهن نال.

---

٣٩٨. يعني پاڻيءَ ۾ پليتي ناهي، زبان ۾ هڏو ناهي، آسمان ۾ قبر ناهي ۽ قرآن ۾ ڪوڙ ناهي.

٤٠٠. ٻي روايت: ويڏي ٿيا ورهيه، سڪي ٿيا سال،
اڃان ڏسان ڪالهه ته ڪانيءَ پئي ڳل جهليا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴۰۷. ڪاري آهي ڪمري، نُــور خان ڏني،
چِپَتُ خان جهنلي، نهري خان ماري.

۴۰۸. ڪاري آهي ڪمري، ديدي خان ڏنـي،
چِپتي خـان ورتـي، نهي خان ڪٽي.

۴۰۹. جهنگل پور ۾ شينهن ساماڻو، اکڙپور ۾ ڏنو،
چپٽ پور ۾ چات ڪياڻون، ناهرپور ۾ ڪٽو.

۴۱۰. جَر ۾ چائي، جَر ۾ نپني، جَر ۾ ڪيائين وهاڻهُ،
جنهن کي هڏ نه پاسري، تنهن جو ڪين ملو تئي ماڻهو.

چاهو

۴۱۱. وڃيو وڃان واٽڙي تہ ڏٺم ڪمدن جو ڍير،
هٿ لايان تہ هٿ ڦٽجي، پير لايان تہ ڦٽجي پير.

چيڙ

۴۱۲. ڪارڙا ڪپڙا، تيندي پڌا تيترڙا، پاڙ مڙني جي هڪڙي.

چيڙ ۽ ول

۴۱۳. ماءُ مري ويئي، پيءُ پرديسي، پُٽ پينگهي ۾ لڏي.

۴۱۴. جان وڃان واٽ وڃيو تہ گلبدن ويئي آهي،
آسي پُٽ چٽياڻين، اچا ڍولـڻ ڍُڪـي آهي.

۴۱۵. ماءُ چاڙهيو هو پُٽ کي ناهي ۽ ڦاهي،
مٿي مـاءُ مـان پُٽ اوسيڙو نـہ لاهي.

چِنغل (چلم جي توبيءَ ۾ پوي)

۴۱۶. شهر سڄو ٽُنگ ٽُنگ، چوري ٽنگ نہ ڪو،
تنهن جا ڪم ڏسو، جو تيهو پئي ٿو ٽنگ ۾.

---

۴۰۷. يعني اکين ڏني، چپنيءَ سان جهنلي ڏندن سان مٽي.
۴۱۵. يعني مـاءُ= ول. پُٽ= چيڙ. ڦاهي =ول وٽ نـي چڙهي.
مٿي ماءُ= سڪل ول.
۴۱۶: چلم ۽ ان جي سيني عضون ۾ سوراخ ٿين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙڪ (ڪنڀار جو)

۴۱۷. هٿ جيڏي ڪاني، ڦيڙهي جيڏو ڳُل،
سؤ پيتا ڇٽي، هر ڪنهن پنهنجو مُلهه.

چلم

۴۱۸. هيٺان دُم درياءَ جي، مٿان ٻري باهه،
اهڙي رَن آڇانري، ادي! ڪا اِتي آهه؟

۴۱۹. درياهه ۾ ٻڙ ٻڙ، ماڙيءَ لڳي باهه،
ننڍيءَ کي چڏي، وبهي وڏي چڪي ڌاءِ.

۴۲۰. هڪ ڪوٺ ۾ باهه لڳي، ٻئي ڪوٺ ۾ دُونهون،
ٽئين ڪوٺ ۾ شور ٿئي، چوٿين ڪوٺ ۾ ڪيُو مون.

۴۲۱. در تي ٿا دهل وڄن، بنگلي مٿان باهه ٻري،
اهڙي رن طلاق، جا پوک ٻئي چري.

۴۲۲. هيٺان دولي، مٿان درياءَ،
درياءَ ۾ درخت، درخت تي جامڪي،
جامڪي جٽيتي، من جي آسا پلتي.

چڪي

۴۲۳. چٽي نه سڱ جوان نه ٿوڙهو.

۴۲۴. ري مٽيءَ جاڻو، ري پاڻيءَ پيدا ٿيو،
لامن ۾ ”الڏو“ چٽي، ڏس قدرتي ڪاڻو.

۴۲۵. سڱن ساڻ جاڻو، وهيءَ منجهه وڻاس،
پيريءَ ۾ پيدا ٿيا، ساڳيا سڱ سنداس.

چوٻڙ

۴۲۶. ڏي پٽ، سورهن ڏيون، ٻاءُ، پيٺون ڏري ماريز ڌري جهيرون.

۴۲۷. ڪالهه ويس اوطاق ۾، ڏٺم توبهه زاري،
سورهن پٽ، ٽي ڏيون، پاڻ اڃا ڪنواري.

چيچڙو

۴۲۸. ميان سندي ملڪ ۾، مون مٺي مٺندي ڏٺي،
نه ساهه نه سير، مون گاهه چرندي ڏٺي.

چانڊوڻي

٤٢٩. ننڍڙي ننڍڙي گهڙي، ٻنان درياهه جي پاڻيءَ ڀري.
٤٣٠. ڪوري ڪوري دلي – نه چٽڪ چڙهي، نه ڪنيار گهڙي.
ڀٽي آهي ڀٽ تي، پاڻيءَ سان ڀري.

حضرت عيسيٰ

٤٣١. ڄاڻو آهي، پر ٻُڌو ڪونهي.

حُقو

٤٣٢. حوض هيٺ، حوض مٿي، حوض هوائي.
٤٣٣. گهر مٿي گهر ڏري – ڀت ڀڄي، نار ٻري.
٤٣٤. سانوڻ سلطان آيو، ڪاريگر ڪاٺ سلي،
ٻاهه ڏنائينس ٻره جي، ڇپن سان پيو چلي.
٤٣٥. آيو ڏورو ڏينهن ڀر، ٽينگ نچي ٽنگ ڀر،
ادا ڙي ٽٽينگ! ڪو ٽينگ ڏئي ٽنگ ڀر.

خط

٤٣٦. اچو اچو ٻڪلو، ڪاري مٿس رنڊ،
پير نه اٿس پکڙو، گهمي گهڻو ڏيهه.

دهل

٤٣٧. هيٺ ڪنهانس آڳ، هُٽ ڪڍيس ابو،
پروليي پير ڏمڻ جي، سڄي ٿئي ڌبو.

ڏُڪڙ طبلو

٤٣٨. نه ماريوس ته مري وڃي، ماريوس ته ڳالهائي،
عجب انهي ڳالهه، جو نه مُردو ٿو آتو ڪائي.

ڏڏي تعاليٰ

٤٣٩. هرهنڌ حاضر، ڏسڻان ڏور.

---

٤٣٥ ٻي روايت: سچ ڙي ٽٽينگ! تو ڪو ٽينگ ڏنو ٽنگ ڀر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏَڏڻ

۴۴۰. پنجن ڪنهس پاڻ سان، ڇهون ٿي سوار،
واڙن سان واپار، جن وينديءَ ڇڏيس وات تي.

وٿي

۴۴۱. ايڇ خاتون، ميڇ خاتون، جهنگل سندي جوءِ،
تول ڪائي، مال ڪائي، سا ڪيئن ڏٻري هوءِ.

ڏيڏر

۴۴۲. هيڏڙو هيڏڙو مڇو، جيڪو نچي ٽپي لڇو،
ٽڪر ٽينگ ڏهندو اچي.

۴۴۳. آٽ جيهي جهوڪ، هرڻ جيها چال،
اهو مرون ڏيکار، جنهن ڪُون پُڇ نه وال.

ڏيئو

۴۴۴. اڳيون ٻه ٿلها، پڇيون ٻه ٿلها، وچ سڳي جيها،
هلي اڳيون، ڪاوڙي پڇون، هي تماشا ڪيها.

۴۴۵. ڪاٺ ڪهڙو شهر اونڌو، تنهن ۾ هٽ نڪو بازار،
جنهن کي ڪڍن مار، تنهن جو منهن ڏهو ٿئي.

۴۴۶. پکين پوکي پوک، پکي پاڻ ٿي پير،
لڳي اتر هير، پکي پٽين پوک کي.

ڏيو

۴۴۷. ٿلاءُ ۾ پاڻي، پاڻيءَ ۾ ناڳ، ناڳ تي مور،
ٿلاءُ سڪي ويو، ناڳ مري ويو، مور اڏامي ويو.

---

۴۴۰. ٻي روايت: اهڙو ڪيائين واپار، جو وائڙي ڇڏيس وات تي.

۴۴۳. ٻي روايت: پينا ته آٽ پينا، هلي ته هرڻ واري چال.

۴۴۶. ٻي روايت: پکين پوک پوکي، پوک مان ٿيا پير،
ڪا جا لڳي هير، جو ويا پٽيندا پوک کي.
يعني اتر جو واءُ لڳندو ته ڏيئو سانارا ڇڏيندا.

ڊاڪ

۴۴۸. پـرولي پير ڏمڻ جي، وچي لڳي نار،
گل ڪندي هڪڙو، ڇڳا ڪندي چار.

ڊيپ، ڪيپ

۴۴۹. پاڙون جنهن جون پاتال ۾، لامون جنهن جون لس،
اهـا پـرولي پـڌري، جـا ميـر ٻـ، ٻـجـنـدا مـس.

ڊٻو

۴۵۰. ٻه پٽ، اٺ پيٽون، سورهن پائي سچا،
هلن چلن بـازار ۾، ٿئيهه آن جا ٻچا.

ريل گاڏي

۴۵۱. صاحبلوڪ لاٿس روڪ، چوري چمڪندي وڃي.

زال ۽ مڙس

۴۵۲. اڳي هئياسين ٻه ڄڻا، هاڻي وڌي ٿياسين گهڻا،
سچو ڳـڏيا سڄڻ سان، اسين آهيون ٻـ ڄڻا.

ساري (ٻُهه چڙهيل چانور)

۴۵۳. ڇهين مهيني جي ڇوڪري، ٽيڪيل ته ضائفان، اگهاڙو ته مرده.

سال

۴۵۴. هڪ ٻڪري، ٻارهن ٻچڙا، ٽي سؤ سٺ سڱ،
سـڱـ سـڱـ تـه ٻـي ٻـنـج ڏونـــر.

۴۵۵. ايڪ حويلي، ٻارهن ٿنڀي، تنهن جا اٺيتاليهه طاق،
انهيءَ جي اوطاق، ٽي سؤ سٺ ڪڙڪيون.

۴۴۸. ٻي روايت: پرولي پير ڏمن جي وچي لڳي آنگاس،
گل ڪياڻين هڪڙو، ڇڳا ڪياتين چار.

۴۵۱. ريل گاڏيءَ جي اوائلي زماني ۾ ڊرائيور انگريز هوندا هئا.

۴۵۴. يعني سال جا ٻارهن مهينا، ٽي سئو سٺ ڏينهن، ۽ ڏينهن ۾ ٻنج وقت نماز جا.

۴۵۵. 'براد' شاعر جي ڏاهيل پرولي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ۽ صدي

۴۵۶. ٻارهن ڏيلا، هڪ ٿنڀن – سؤ سُهرا، هڪ ٿنڀن.

سانڀو يا ڪٻاڇُوڙو (ڪبوتون)

۴۵۷. آءٌ سڀ آهيان تنهنجي ڪاڻ، تون نه مر منهنجي ڪاڻ،
جو يار بيٺا آهن تنهنجي ڪاڻ.

سانگُر يا سهنور

۴۵۸. ٻه جڻا ٻيڙي چڙهيا، ڇڪڻ وارا چار.

ساهه

۴۵۹. پنهل ته پيارو آهه، پر پرديسي ٿي پيو.
۴۶۰. گهر ۾ ويٺو ته خوش، ٻاهر نڪتو وري نه موٽيو.

سپ

۴۶۱. ٻه مايون، گڏ سامايون پر ٻار ڄڻيائون هڪڙو.
۴۶۲. ٻـه پينرون ٻـاڻ ۾، ٻنهي وڏا ٻڪ.
هڪڙيءَ ڄايو هڪڙو، ٻيءَ ڄايو لک.

سج ۽ چنڊ

۴۶۳. ٻه ٻگا ڏاند، وهن ڏارو ڏار، پر پيڙ ٻنهي جو هڪڙو.
۴۶۴. ٻـــه ڀـــائـــر واٽ هـــڪـــڙي،
هڪڙو هلي ڏينهن جو ته ٻيو هلي رات جو.
۴۶۵. ٻه شهزادا، مٽن ٻه روز، ڇمن ٻه روز.
۴۶۶. ٻاهرئون آيا ٻـه ڄڻا، ٻاهه ۾ ٻائيوار،
آڏ ٻنهي جي هڪڙي، وهن ڏارو ڏار.

سُرمهدائي

۴۶۷. ڇؤ ڄنگهي ڇوغان ۾، آئـي لاٿـائـون،
نر هنس پيٽ ۾، مٿان مـادي وڏائـون.

۴۵۶. سچي مارڻ جي ڪنديءَ ۾ ٻڌل سانپو، سچيءَ کي خبردار ٿو ڪري

٤٦٧. جار ٻير چوغان ۾، ڦري ٿي ميدان ۾،
پُٽ اٿس پيٽ ۾، ڏيءَ ٻيٺي گهُري.

٤٦٩. چار ٿنگون چيلهه ۾، مٿي ۾ کُهي،
اهڙي سگهر جوءِ، سيڪنهن جي گهر هئي.

سِڱگهڙ

٤٧٠. ڏِڪ ڏِڪ دِلوڙي، ٻَچ ٻَچ ٻاڏي،
پنج جڻا ٻوڙي آيا، ٻين جهلي ٿاڏي.

سواري (گهوڙي کي ڪم جو اوزار)

٤٧١. سٿو ڪاٺ جو، چيلهه چم جي، ٻير ڪڪن جا.

سڱوڙ

٤٧٢. هڪڙي رَن، چار ڪَن، ٻچڙا ٻار لڪائي.
٤٧٣. هڪ رن، چار ڪن، جيڙا ماڻهو ڏسي.

سيڪاهم

٤٧٤. جيڙي هُئي جوءِ، مُئي ڪيائين مڙس،
اها ڳالهه درس، ٻئي ٻوءِ ٻار ۾.

٤٧٥. ننڍي ننڍي نينگري، دلي جيڏو پيٽ،
وڃي ٻٽي پردي ۾، سواريءَ سميت.

شيشو

٤٧٦. ٽيڻ ۾ ڏُنگ ڳچيءَ ۾ رسو، هلي ٿو بازار ۾ ڏسو ڙي ڏسو.

طاق (دروازي جا)

٤٧٧. ٻه ڀائر، ڏينهن جو جدا ٿين، رات جو گڏجن.

عزرائيل

٤٧٨. آيو آهي نه خالي نه ويو آهي.

٤٧٩. چوري آءٌ نه ڪريان، شيءِ ڪنهن جي نه ڇڏيان،
مات آئن جا ستڻدا نيان.

عورت

۴۸۰. آڻ لڳيي اوهه، لاهي، لڳي ته ويـاء،
ماس جنهن جو مکروه، کير سڀڪوئي کاءِ.

ڦار، هر جو

۴۸۱. هو جو مٽڪي ڦر سان، گهاري نٿو گهر سان،
پاڻ ته کريو پر پيا به کاري.

ڦڻي

۴۸۲. جان وڃان ته ٻيڻو ڏي، ڏئي تو سو ڪو نه ڏينديءَ
نه ڏئي ها ته ڏئي ها.

قبر

۴۸۳. جيڪي ناهين ٿا انهن کي ڪم نٿي اچي،
جن لاءِ ناهين ٿا، آهي ڏسن به نٿا.

قرآن شريف

۴۸۴. ڏڙ ڏلهو، ڏار گهڻا، هڪڙا واسيا وڃن، ٻيا واسجن پياءِ

قرآن شريف، رحل ۽ پڙهڻ وارو

۴۸۵. سمنڊ ڪاٺ تي، ويٺي وارو هيٺ.

قرآن شريف، اسرافيل، حضرت عيسيٰ ۽ بهشت

۴۸۶. آيو آهي ته ويو ناهي، ٻيٺو آهي ته ويٺو ناهي،
جائو آهي ته مئو ناهي، پاڪ جاءِ تي نماز ناهي.

ققنس پکي

۴۸۷. نڪي پڪو نڪي ڪچو، نڪي ڪوري ۾ ڪاڻيو،
جڏهن ساڻيو، تڏهن ڪار ڪري پيو پيءُ جي.

ڪاغذ، مس قلم

۴۸۸. اڇي ٻني، ڪارو ٻج، ڪاني جو هَرُ وهي.

۴۸۷. يعني ته ققنس پکي ٽانڊا پيو چڳي.

ڪانئپ

٤٨٩. استري کي اوڏي نہ وڃي، نر کي سُونهي نار،
خاص پرولي "ڪتي" چئي، تون نيڪيءَ ويٺ نهار.

ڪانڊيرا

٤٩٠. گهٽا ۽ گهاٽا، وڻ جنهن جي وات ۾،
گل ڏني چاٽا، کهڻي ورن "ڪتي" چوي.

ڪاوڙ

٤٩١. آهي حرام، پر ڪاهُ تہ حلال.

٤٩٢. آيري تہ اوندهہ، لهي تہ سوجهرو.

ڪتي (نکٽ)

٤٩٣. آمر سانڻ آئي ٽي، آها ناز پري نينگر،
گهمي ٽي گهٽن سان، آها ناز پري نينگر،
واليءَ ڪيس ور، انهيءَ جاءِ "جمعو" چوي.

ڪوٽ

٤٩٤، چار ڪاٺ چڙهڪ، پنجون پڌرو لوهہ،
پير اٿس پوشيدا، ستر کي سڃو،
سالڪ اوهين سمجهو، ڳوليو انهي ڳالهہ کي.

ڪرڙ

٤٩٥. ڦر بہ ڪري، گل بہ ڪري، ڪري ڪين ڦن.

ڪڙهي (مڇي مارڻ جي)

٤٩٦. ڇهہ جنگهون ڇهل باز ڪي، مٿي ۾ ڪُهڙي،
ڪالهہ ڏٺيسين مڙس ڪي ڪلهي تي هئي.

٤٩٧. آٽي تہ ڇم ڇم، وڃي تہ ڪم پاٽار،
ماري لک هزار، پر ڪاٺي ڪجهہ بہ نہ.

٤٩٧، ٻي روايت: هلي تہ ڇم ڇم، ٻيهي تہ سؤ خون ڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪفن

۴۹۸. جنهن کي گهرج هئي، تنهن ورتو ڪون،
جنهن ورتو، تنهن پاتو ڪو نه،
جنهن پاتو، تنهن ڏٺو ڪو نه.

ڪڪڙ جو مور (چوٽي)

۴۹۹. نڪي ڪوريءَ اُڻيو، نڪي ڪتيءَ رڱيو،
اچي ڏسو ماڻهئا! هيءُ ڪهڙو رنگ رتو.

ڪکڙو ۽ ڦلي

۵۰۰. ٻوڪيم نر ته ڄائي مادي،
ماديءَ جو مٿو ڪوڙ ته ساڳيو نر.

ڪلف ۽ ڪڻڇي

۵۰۱. پاڻي ۾ پاتو، تنهن ۾ وري پاتو،
ماڻس وٺي نڪري، پٺس اچي ڦاٽو.

ڪم

۵۰۲. سڀ ۾ پوي.

ڪنڊو

۵۰۳. پيٽو پيٽو، گهر ڪري ويٺو، هٿ لاءِ ته هاءِ.

ڪنڍي (مڇي مارڻ جي)

۵۰۴. آءُ آهيان ڏنگي، تون ٿي ڪرين خوشي،
جي ڪائين ٿي مون ته مرين ٿي تون.

ڪينگڙ (مالهه ۾ ٻڏل)

۵۰۵. منهن ڦاٽل موالي، چڪر ٿي چڙهيا،
دانهون ڪري درد جون وڃي ڪڍ ڪريا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِنگري (ماٺِ ۾ پڌل)

٥٠٦. اڇي ٻه سرتين سان، وڃي ٻه سرتين سان،
تنهنجو منهنجو سڌ آجايو.

ڪنو

٥٠٧. ٽن تي چڙهيو ٽِنج ڳلو، توپ پائي ٽِنج ڳلو،
پڇ تورو ٽِنج ڳلو.

ڪڪڙي پڌي ۽ ڪڪڙي ٿان٢٤

٥٠٨. هڪڙي ساهه سرير ۾، ٻئي کي ساهه نه ماهه،
پر نالو ٻنهي جو هڪڙو.

ڄوڙڪي (ڇڪين ڦاسائڻ جي)

٥٠٩. آءٌ آيس تو لاءِ، تون آئين مون لاءِ،
جي ڪائيندين مونکي ته ڪٽيندا توکي.

٥١٠. ڏِنگڙي جوانڙي، جنهن کي مٿي تي مانڙي،
چور ڪري چوري ته ڪري وٽ پڪڙ.

ڪاري هيٺان ڪُڪڙ جا ٻچا

٥١١. ڏس ڪاريگر جا ڪم، ڪائين ۾ تو ڪيچ واڙا.

ڪانياڏي

٥١٢. نر چڙهيو نر تي، نر جي هٿ ۾ نار،
گهوٽ ويونڪري، دانهن ڪئي ڪنوار.

ڪنولو

٥١٣. چار چٽا چوڳان ۾، آٺ پڻ اوءِ،
هڪڙا نيڙ پيا اٿن نيڻن جا، ٻيون پينڊ پڇاڙيون پوءِ،
آهن گهر هرڪنهين، توڙي هندو مسلمان هوءِ،
سو ڪو سگهڙ هوءِ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

---

٥١٢. پيهي تي چڙهيل هاري جي هٿ ۾ ڪانياٺي، ۽ ان ڳوڙهو.

کاڄي (وڻ)

٥١۴. ايڏي ايڏي لنبي اي، ماڙي ڪنون وڏي اي،
شمڪي جيڏا وال اي، سونـي تو پي نال اي.

٥١٥. هڪ مائي، سدا سائي، پٽ چٽيندي رپهان ڪيهان،
الله جي مهر پيئي، ته مرڳو ڌريانَ ڏي ڌريانَ.

ڪُنڀي

٥١٦. ٻج ٻه الله جو، زمين ٻه الله جي،
تو جا پٽـيِ، سا ڪنهن نه پوکـي.

٥١٧. پهرئـين ڏينهن صغير، ٻئي ڏينهن ڪبير،
ٽئين ڏينهن ڪُراڙي، چوٿين ڏينهن ڪنهن نه قبولي.

ڪير ڌهڙ

٥١٨. چـَمَ وَرَ، چيچ وَڏُ، هيٺان گهـَگهـُه جو گهـَر،
مٿان گهـُو گهـُو.

ڪيـنهون

٥١٩. مٿي وڃي، هيٺ وڃي، هڏ گسائي پيرُ نه ڪٽي،
هيـڏانـهن ڏڪيو، هـوڏانـهـن ڏڪــي.

گـِرَاهه

٥٢٠. پنجن چٽن پنوڙو ڪنيو، ڏي ڏڙنـگ منجهه،
مٿان هيٺان رينگ رينگان، ڏي ڳڙنگ منجهه.

گراهه چٻڻ

٥٢١. پنج چٽا پٽـڻ تي، ٻـَڌو ٻـٽيهن ڳـاهه،
حليما مـائـي هڪڙي، پـٺي ڪري پـاهه،
سالڪ سنجهه صُباح، ڳـُوڙها ڳولج ڳالهه ڪي.

ڳِرو اهه ڪاڌڻ

٥٢٢. پنج وٽڻ وتيا اچـن، ٽيهه ڪـُتـو ڪـُتيا اچن،
زُهرا گـنجي نچندي اچي، خير متو وڃندو اچي.

٥١۴. ڪجيءَ جا ڏگها پن ۽ پيلا ٻُهارا.

گوگڙو (ڪپهہ جو)

٥٢٣. لڏي لڏي لڏڻ ڄائو، تنهن سان ڄائي مائُس،
مائُس مٿو ڪوڙايو تہ پيدا ٿيو پٽُس.

٥٢۴. ڀيرين ڄائو ڇورو، پوء ڄائي مائُس،
مائُس منڍيا چوڙيا، پوء ڄائو پٽُس.

٥٢٥. اوڙ ڳيا، ڏوڙ ڳيا، متا تنهن دا ڦاڙ ڳيا،
مال خزانا کس ڳيا، نلهي نڪر چوڙ ڳيا.

ڳيڙو

٥٢٦. اڇو موتي جهرڪٽو، هٽ نہ بازار، ڪٿان آئيان؟

ڳڱون يا ميڱهن

٥٢٧. چار مڪڙيون، ٻہ سيڪڙيون، هڪ نوريٽڙو.

٥٢٨. چار هيٺ، چار ٻيٺ، چار ڇاڙهيڪي چڙهيا،
عجب آهي الله جو، جنهن اهڙا گهاٽ گهڙيا.

٥٢٩. چار چنيسر هلن چلن، چار چنيسر مٿي ماڪي،
ٻہ چنيسر لڏن ڪڏن، ٻہ چنيسر مڪي ڪاني.

گهاڏو

٥٣٠. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رڙيون ڪن ٻيا، رت ڏين ٽيا.

٥٣١. ٻاڻي مٿي ٻون، ٻچ ٻيٺي جي وات ۾، تائين ويلو تون.

گهڙا منجهي، ٻاڻي ۽ ٻڪ

٥٣٢. نار مٿان جا نار ڏنيسون، تنهن جي مٿان نر،
ڪامل ڪنيو ڪر، ڪري عرض الله کي.

---

٥٢٥ ٻي روايت: اوڙ ڳيا، ڏوڙ ڳيا، متا تنهن دا ڦاڙ ڳيا، خزانا تيڏا کس ڳيا.

٥٢٧. يعني چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ هڪ پڇ.

٥٢٨. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ سڱ ۽ ٻہ ڪن.

٥٢٩. يعني چار ٽنگون، چار ٿڻ، ٻہ ڪن ۽ ٻہ سڱ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙيال

۵۳۳. اندر ۾ اوزار، ٻارهن اٿس ٻار، سارو ڏينهن ٿو سير ڪائي.

گهونگو (جيت)

۵۳۴. جهوڪ آٿ جي، پيرانگ شينهن جي،
ٽپڪي ڏيڏر جي، سڱ هرڻ جا.

ٽڏو ڏارو ۽ ٽنڏڙو جانور

۵۳۵. ٻهگڻ ٻڌم ٻي چـڱـا، پيـچ ٻـڌيءَ وات،
هيڪ جو جالڻ جر سان، ٻئي جو ڏوڻ رات،
آهن ٻئي ٿنون واڻي ذات، پر ذاتءَ ٻنهي جو هڪڙو.

لٽڙ

۵۳۶. نه ڪائي، نه پيئي، نه پي چـڙهي وڃي آنگاس،
ڏنوسين رنگ راس، ته پير پکيءَ جو هڪڙو.

اوٺ

۵۳۷. جـتـرَ ۾ جـالارو، ٻـر ۾ بيشمار،
جڏهن پئي طعام ۾، تڏهن ٿئي تيار.

۵۳۸. سيرجي سـڏو نه ٿئي، پوکئي ڪري نه پن،
ٿـنهين سـنـڌو انَ، وڪامـي وچ بـازار ۾.

۵۳۹. نڪو هـيو ٻج ٻنيءَ ۾، نڪو هـاري آڙهو هر،
نڪي ٽئيس لاهيارو، نڪي هـاري ڪترٻس هلر،
انهيءَ ٻـوڪـ سنڌو ڦر، وڪامـي وچ بازار ۾.

ماڪ

۵۴۰. آٿ وهنجي نـڪتا، گهڙا ڪين ٻڌن،
پـرديسي ٻـڪـيڻڙا، ويـنـا آڄ مـتـرن.

---

۵۳۶. ٻي روايت: نـه ڪائي نـه پئي، نه ورهي پاڻي پاس،
ڏنوسين رنگ راس ته چڙهي ويو آنگاس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهه (هرلي ۽ نار جي)

٥٤١. سئو ڏيءَ سسئي جي، پنجاهي پٽن،
کريو آس الله جي، ڀهريو ڀون ڀٽن.

مانارو (ڏينهن جو)

٥٤٢. ساڻي جيڏي ماڳ ۾، ڪڏن جا هزار،
ڪي دربارن در تي، ڪي چڙن چوڪيدار،
اهڙي نامدار سرڪار، ڪٽي ڏٺيسون ڪانه ڪا.

مانڌاڻي، منڌي

٥٤٣. ٻوڙهي رَن چار ڪَن، چيلهه ٻَڌيو ٻٽي نچي.

٥٤٤. انڌي رن، چار ڪَن، چيلهه ٻڌيو ٻٽي چڪر هٽي.

ماءُ جو ٻُٻو

٥٤٥. هيڙو هيڙو، ليڙ ٻه ليڙو،
هٿ سان ڪري، پيٽ ۾ ڀرو،
پيٽ ۾ پريو، اندر ٻه ٺريو.

ماءُ پيءُ

٥٤٦. هو جي آيا ٻه چٽا، ماڪيءَ ڪان مٺا،
تو ڏٺا، مون ڏٺا، خدا ڪين ڏٺا.

٥٤٧. رهبر وبٺو راهه، آيا ٻه چٽا،
سيڪنهن ڏٺا، الله سائينءَ نه ڏٺا.

ماڪيئر

٥٤٨. سج لهي سانجهي ٿي، آيو هرجائين،
هرڪو منهن مٺو پڇي؛ ڏور ڏکي تائين.

٥٤٩. منهن جنهن جو مرونءَ جهڙو، ٽنگون جنهن جون سڱا،
ڪايو ڏور ڏکيا، لکيو وچي لٽين ۾.

---

٥٤١. سؤ ڏيون = اِرڙيون. پنجاهه پٽ = لوٽا، ڪنگر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٥٠. مُنهن مروڙءِ جهڙو، پـر پکيءِ جهڙا،
هـڏ نـہ هڏ وئـي نـہ لـيـي.

٥٥١. نکي ڇهنب ٽرار جيئن، ڇنگهون جنهن کـي چار،
ڏڪِهي ڪنهن ڪان ڪينڪي، ڪري شوق شڪار.

٥ رڇ

٥٥٢. چـپ ڪـتـر ڪـتـر، هـا پـتـر، هـاءِ هـاءِ.

٥ ڪائي (سنگهہ)

٥٥٣. آڙي آ، پڙي آ، موتين سان جڙي آ،
ليليٰ جي باغ ۾ ڇملهہ بڏيـو ڪـڙي آ.

٥٥٤. آئر ڪان آيني، ٽاٽي چڱي نار،
پاڻ ويلي گيد ۾، ڇڇون ٽيس پهار.

٥٥٥. پالڪيءَ ۾ ڏيکي سائي چوليءَ،
پيريءَ ۾ پائي موتين جو هار.

مڪڙ

٥٥٦. ڇريو چانجوسي نہ ڏي، ڪُر ٽرنيءَ ٽي نہ ڏي،
مٿئون پيو ڇري ڦري.

٥٥٧. ڇهہ ڇنگهون ڇتهلباز ڪي، نئو ورڌو ن ٽمڻهتن،
ڪاچ جنهن جو ڪڙڪڻو، پـاڻي مُور نہ پيـن،
دعا ڪـريـو ڙي جيڏيون، ڇپر شال وڃـن.

٥ مکڙ

٥٥٨. ٺـڪرين دا مين ڪوٽ بڻايا، لاڪڙ پدم ڳاهہ،
حاضري ميوا پـڪ ڪـڙا، ٽلي رهہ ڳيا درياهہ.

٥ مڱڻ (پوڙو)

٥٥٩. پـٽـن تـہ جنهن جـا پـيـر جهڏا، پيلي ۾ پهڪن،
وڃي پڇ ڏيهہ دارن ڪان، تہ آن ڪهڙو ڪرن؟

مرڪ

٥٦٠. جان وڃان بازار ۾، ته ناڻڪو ڏئم نر،
چاليهه چيلا چيلهه سان، سؤسٺ نو ڪر.

٥-٧ (جنهن اندر گهڻا ٻج هجن)

٥٦١. ڳنڍيءَ ۾ داڻا، پاڻي ۾ پرڪار ٿيا،
نڪرن جي نڪونجهه مان، ته سڀلا ساماڻا،
محب نه ڪر ماڻا، سمجهه ته پوءِ سرهو ٿئين.

ڏار يا ڏهرلو

٥٦٢. ڪاٺ مٿان ڪاٺ گهڙيو، تنهن تي گل بيگ چڙهيو،
واهه ڙي واڌا وهه، تو ڪيئن ڪاٺ گهڙيو.

٥٦٣. ڪاٺ چڙهيو ڪاٺ تي، ڪاٺ ڪري ريهان،
چئي: دوزخ مان نڪري، بهشت ۾ بيهان.

٥٦٤. هڪ ڏڪ جيئرن کي، ته مٺا پيا دانهون ڪن،
اونهي ڏيهه الله جي ۾، اڻ متيا پيا متن.

٥٦٥. ڏڪ لڳا جيئرن کي، دانهون ڪن مئا،
سي ويچارا روئندي بهشت ۾ ويا.

٥٦٦. ڏڪ لڳن هڪڙن کي، رانيٺ ڪن ٻيا،
آڌيا جي ٿيا، سي لُڙڪ هاريندا ويا.

ناريل

٥٦٧. ٻرپٽ ۾ ٻڙيو ڻانگو، ريءَ ڪنيار گهڙيو ڀانڊو،
ريءَ سڀائيءَ کير جٽڙيو.

٥٦٨. ٻه ڪوٽ قابو آهن، جن کي دري نڪو در،
نڪو پيو پڌرو پاڻي، نڪو وٺو مڇهس ڪڪر،
جوان تنهن ۾ جر، ڪهو ڪامل ڪٿان آئيو.

٥٦١. مولوي احمد سيمڻ جي ناهيل پرولي.
٥٦٤. جيئرا= ڏاند. مٺا= ڏر جو ڪاٺ. اڻ ميا= ڪينگر.
٥٦٥. ٻي روايت: پاڻي پرن اهي، جيڪي دوزخ ۾ هئا.

نماز

۵۶۹. هڪڙي ٻوٽي ۾ پنج گُل، تي چانو ۾، ٻه آس ٪

نڪ

۵۷۰ آئي سميلا، وئي سميلا، سميلا ڪنهن نه ڏٺي.

نير (ڀوڪ)

۵۷۱. ڀوڪين ڀوڪ پريت سان، سا سڪي ٿئي سوڪ،
ماڻهو مرون ڪائنس ڪون، ته ٻه پئسا ڪري روڪ.

وات

۵۷۲. ڏکهي ڏکهي چادر، هنڌائجي نه نئين، پيئي آهي ته پراڻي.

واچوڙو

۵۷۳. ڀرولي پير ڌمن جي، وجي لڳي آپ،
ڪو نه ڀڄي، تنهن جا ٽوڙها ٿيندا سپ.

واڱڻ ۽ ٻصر

۵۷۴. ٿنگيو چوي ٻوريل کي ڪڏهن ملنداسين.

وڄڻو

۵۸۵. سياري ۾ لڪي رجي، اونهاري ۾ جام،
اهڙا حڪيم عام، وڪجن پيا بازار ۾.

وڇون، ڀڻون

۵۷۶. بندرو بروهي، هٿي بندوق، ڪري گوهي.

۵۷۷. رهي زمين تي، اُڀري آسمان ۾،
نالو ائس نعوذ بالله، ٻچ مان تو ڪاڏهي.

وڻ ويڙهي

۵۷۸. نر ڀرائي نار کي ٻيلو ياڪر پائي،
نار آگهي ڏکي، نر پيو آنا لاهي.

۵۶۶. ٻي روايت: هيٺ نه آهي، مٿي ٻه آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٨١. سڱڪي تان نہ هيروين، رڏو تان نہ ڪاھ،
ري منڊائتي مارئي تي ورڪي وڪڙ پاءِ.

هاٿي

٥٨٠. چار ٿنڀا، ٻہ ڏيا، ٻہ وڃڻا، هڪ ترار.

٥٨١. ڏوهيون پٽڪي جهلدي آون، ڏيئي مٿي ٻلدي آون،
ڪالا نانگ ليٽندا آوي، لوڪ تماشا ڏيکندا آوي.

هوائي جهاز

٥٨٣. پورو سانُ پنيور جو، اچي ٻہ رڙندو، وڃي ٻہ رڙندو.

---

٥٨١. پٽڪ= ڪتن. ڏيئا= اکيون. ڪارو نانگ= سُونڊ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

ٻول - ٻروليون

[هن باب هيٺ شامل ٻروليون ڏيڻي توڙي پيڇڻ جي لحاظ سان ڀورين ٽنهي بابن ۾ آيل ٻرولين کان مختلف آهن ۽ ٻاراڻين ٻرولين جو اهم ۽ دلچسپ مواد آهن. عام طرح ٻروليءَ جي ڏيڻيءَ ۾ ڪنهن به شيءِ يا وٿ جي بناوت، رنگ، سواد يا ٻين خصوصيتن جا اهڃاڻ، جملن، فقرن يا نظم جي صورت ۾ نروار ڪيا ويندا آهن ۽ پيڇڻيءَ ۾ شيءِ جو فقط نالو وٺڻ ڪافي آهي. پر هن باب وارين ٻرولين جي ڏيڻي سوال واري جملي ۾ سمايل آهي، يا ڪنهن شيءِ کان ڪو ڪم وٺڻ لاءِ چيو ويو آهي. مثلاً: ”سهي کان سون گهڙائي ڏيو“ يا ”ٻليءَ کي ڪنگڻ ٻارائي ڏيو“ وغيره. انهن ٻرولين جي پيڇڻي ڪن خاص ٻولن تي مبني آهي. جڏهن اهي ٻول ورجائبا، تڏهن ٻرولي پيڇندي. جيئن ته:

ستن شينهن جا متا ڦوڙي ڏيو

واري ٻروليءَ جي پيڇڻي هن طرح مقرر آهي:

ڪِرڙ ڪو ڪو، آڪ ڳهاڻا - ستن شينهن جا متا ڦاڻا

جيئن ته هنن ٻرولين جو اهم حصو اهي پيڇڻيءَ وارا ٻول ئي آهن، تنهنڪري هي مواد ”ٻول- ٻروليون“ جي عنوان سان هتي شامل ڪيو ويو آهي.

هي ٻروليون پيڇڻيءَ جي لحاظ سان چئن ڀاڱن ۾ ورهايون ويون آهن. (الف) ٻن مصراعن يا موزون فقرن واريون. (ب) ٽن ٽن ۽ چئن موزون فقرن واريون. (ج) گهڻن فقرن واريون ۽ (د) ٻن ڏگهن مصراعن واري پيڇڻيءَ تي مشتمل ٻروليون.]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الف

۵۸۳. آپ ّ راڳائي ڏيو.
هڪ ڍڪڻي ٻہ ڍوڪريون۔ آپ راڳين۔ چوڪريون.

۵۸۴. آپ مان ترڪاري ڪيڏائي ڏيو.
هي مهينو سرڪاري۔ ڪيڏان آپ مان ترڪاري.

۵۸۵. ٻڪر ڪُهائي ڏيو.
’نازو‘ ويو رُسي۔ ٻڪر ويو ڪُسي.

۵۸۶. ٻليءَ کي ٻُنڊڙا پارائي ڏيو.
اُٻيٽ ٻهيٽ گُنڊڙا۔ٻليءَ پاتا ٻُنڊڙا.

۵۸۷. ٻليءَ کي ٻُنيو پهرائي ڏيو.
چُلهہ مٿي مُنيو۔ ٻليءَ پَهريو ٻُنيو.

۵۸۸. ٻليءَ کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.
ٻلي ويٺي لنگهڻ۔ پاتي آئي ڪنگڻ.

۵۸۹. ٻليءَ کي گهنڊڙي ٻڌي ڏيو.
ڪانئو ن ڪنئي ڏنڊڙي ۔ ٻليءَ ٻڌي گهنڊڙي.

۵۹۰. ٻيڙي ٻاتَ ٻَرائي ڏيو.
ڪُرڙي هنئي چاتَ ۔ ٻيڙي ٻَري ٻاتَ.

۵۹۱. ٻولڙيءَ کان پاپڙ ٻچارائي ڏيو.
ٻاپڙي ويٺي ٻاهہ مچائي ۔ ٻولڙي ويٺي پاپڙ ٻچائي.

۵۹۲. ٻوليءَ کي برقعو پارائي ڏيو.
سر ۾ ٽيو سُرڪو ۔ ٻوليءَ پاتو برقعو.

---

۵۸۳. ٻي روايت: آپ لٽائڙي ڏيو. ڍوڪري = ڏلهي ماني.
۵۸۶. ٻي روايت: شينهن کي ٻُنڊڙا پارائي ڏيو.
۵۸۷. ٻُنيو = انگرکو.
۵۸۸. ٻي روايت: شينهن کي ڪنگڻ پارائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥٩٣. پوليءَ کي پتُ ڪارائي ڏيو.
روهيءَ مٿان رت - پوليءَ ڪاڙو پتُ.

٥٩٤. پوليءَ کي پڙي پارائي ڏيو.
ٻهرين منهنجي ڪڙي - پوليءَ پاتي پڙي.

٥٩٥. پوليءَ کي گجُ پارائي ڏيو.
حاجي سنپريا حج - پوليءَ پاتو گج.

٥٩٦. جُونءِ کي جُتي پارائي ڏيو.
ڪُور ڪُور ڪُتي - جُونءِ پاتي جُتي.

٥٩٧. چار جهڀائي ڏيو.
ڪوڏار، ڪپ ڏار - هڻ ڏڪ، جهڀي چار.

٥٩٨. چنبڙ کي چولو پارائي ڏيو.
١. دانگيءَ ۾ لولو - چنبڙ پاتو چولو.
٢. اگهڻ تي اولو - چنبڙ پاتو چولو.

٥٩٩. ڏيڏريءَ کي پوتي پاوائي ڏيو.
ڏيکڻيءَ ۾ موتي - ڏيڏريءَ پاتي پوتي.

٦٠٠. ڏيڏريءَ کي ڇير پارائي ڏيو.
سوناري پيريا پير - ڏيڏريءَ پاتي ڇير.

٦٠١. رڍ روئاڙي ڏيو.
آکريءَ ۾ ڇنو - رڍ ويئي رُنو.

٦٠٢. رڍ کي راڳ ڳارائي ڏيو.
آکريءَ ۾ ساڳ - رڍ ڳايو راڳ.

---

٥٩٣. ٻيون روايتون: ١. شينهن کي پتُ ڪارائي ڏيو.
٢. هاٿي کي پتُ ڪارائي ڏيو.
٦٠٢. ٻيون روايتون: ١. شينهن کان راڳ ڳاراڻي ڏيو.
٢. ڪيول کي راڳ ڳارائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٠٣. رڍ ميڙي ڏيو.
١. سائو سڳو سيريان – رڍ ويهي ميڙيان.
٢. ڍيري وڻ ۾ ويڙهيان – رڍ ويهي ميڙيان.

٦٠٤. سٺ شينهن جا ڪنڌيلا لهرائي ڏيو.
فتح پور جا گهوڙا ٽٽا – سٺ شينهن جا ڪنڌيلا لٿا.

٦٠٥. سٺ مان نانگ اٿاري ڏيو.
هٺ مٿان هٺ – چڙهي نانگ سٺ.

٦٠٦. سيرڻ کي پڙو پارائي ڏيو.
ڪُويهي ۾ ڪٽڙو – سرڻ پاتو پڙو.

٦٠٧. سيرڻ کي سهرا ڳارائي ڏيو.
لنگهو بيٺو دهل وڄائي – سيرڻ ويٺي سهرا ڳائي.

٦٠٨. سڻهي کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
دُهل ڪيو ڏڪو – سهي ٻڌو پٽڪو.

٦٠٩. سهي کي سٿڻ پارائي ڏيو.
١. ٻڪريءَ جا ٻه ٿڻ – سهي وڌي سٿڻ.
٢. چُپ چُپاتي – سهڙ سٿڻ پاتي.

٦١٠. سڻهي کي سنگهري پارائي ڏيو.
واڙ کي ڍنگهري – سهي پاتي سنگهري.

٦١١. سهي کي سوڙ اوڍائي ڏيو.
١. حڪيم پيٺا چوڙ – سهي اوڍي سوڙ.
٢. آنران ٽي گوڙ – سهي اوڍي سوڙ.

٦١٢. سهي کي کهاڙي ڪٽائي ڏيو.
پکيي ته آڙي – سهي ڪٽي کهاڙي.

---

٦٠٣. ٻي روايت: هرڻي ميڙي ڏيو.
٦٠٦. ٻي روايت: شينهن کي پڙو پارائي ڏيو.
٦١١. ٻي روايت: شينهن کي سنوڙ اوڍائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦١٣. شيطان جو منهن ڪارو ڪرائي ڏيو.
ڪاريءَ ڪُڪڙ ڪيو آرو - شيطان جو مُنهن ڪارو.

٦١٤. شينهن کي پاڻي پياري ڏيو.
رات آئي راڻي - شينهن پيتو پاڻي.

٦١٥. شينهن کي پٽڪو ٻڌائي ڏيو.
ٻير مٿي مٽڪو - شينهن ٻڌو پٽڪو.

٦١٦. شينهن کي جامو پارائي ڏيو.
اَکريءَ ۾ آمو - شينهن پاتو جامو.

٦١٧. شينهن کي روئڙي ڏيو.
پٽ ۾ ڏوئي - شينهن ڏنو روئي.

٦١٨. شينهن کي ڪيلائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪيلي - شينهن ڏنو ڪيلي.

٦١٩. شينهن کي ماني کارائي ڏيو.
پٽ ۾ ڪاني - شينهن کاڌي ماني.

٦٢٠. فقيرن کان ٻولڙي چڙهائي ڏيو.
فقير کي چڙهيو آڏي - ته ٻولڙي ڏئي چڙهي.

٦٢١. ڦوڙيءَ کان ڦر چڙهائي ڏيو.
١. نانگ ڪيو ڪر - ڦوڙيءَ چڙهيو ڦر.
٢. وات کاڌو ور - ڦوڙيءَ چڙهيو ڦر.

٦٢٢. ڦوسڻيءَ کي ڦيري پارائي ڏيو.
ڊ ڪڻيءَ ۾ ڊبري - ڦوسڻيءَ پاتي ڦيري.

٦٢٣. ڪانءَ جو مٿو ڪوڙائي ڏيو.
دکيءَ ۾ ڏوڙ - ڪانءَ جو مٿو ڪوڙ.

٦٢٤. ڪٻر کي ڪانچ پارائي ڏيو.
اتر لڳي وانچ - ڪٻر پاتي ڪانچ.

٦١٨. ٻي روايت: هرڻي کي ڪيلائي ڏيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٢٥. ڪڇ مان پٽ آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي رَتَ- ڪڇ مان آيو پٽ.

٦٢٦. ڪڇ مان ٿانڊو آڻائي ڏيو.
ٻيلو ٿيو ٻانڊو- ڪڇ مان آيو ٿانڊو.

٦٢٧. ڪڇ مان وَهُڙو آڻائي ڏيو.
روهيءَ تي وَهڙو- ڪڇ مان آيو وَهُڙو.

٦٢٨. ڪترو پرڻائي ڏيو.
'سڄڻ' کي آيو ٻَرو- ڪالهه پرڻيو ڪترو.

٦٢٩. ڪُڪڙ کي وِٽ لهرائي ڏيو.
گدڙ ڏني پُٽ- ڪڪڙ لاٿي وِٽ.

٦٣٠. ڪُنڀي جي ڏاڙهي ڪوڙائي ڏيو.
غريب ٻوڪي واڙي- ڪُوڙ ڪُنڀي جي ڏاڙهي.

٦٣١. ڪودو، ڪُوهه ٽپائي ڏيو.
لغڙ ڏني لُوهه- ڪودو ٽپيو ڪوهه،

٦٣٢. ڪُوهه تان ڪتُ ٽپائي ڏيو.
ٻه ٻانيڻ، ٻه پيتَ- ڪوهه تان ٽپيو ڪتُ.

٦٣٣. ڪوهه مان ڏيڏرا ڪڍائي ڏيو.
ماڙهي ڪاڏا ڦيرا- ڪوهه مان نڪتا ڏيڏرا.

٦٣٤. ڪوهه مان ڳيرو ڪڍائي ڏيو.
آنڊ آيا ڏيرا- نڪر ڪوهه مان ڳيرا!

٦٣٥. ڪُوهي رت مان پرائي ڏيو.
ڏيڳيءَ هٿئي لٿا- ڪُوهي پري رت.

٦٣٦. گدڙ ڪان مڇي مارائي ڏيو.
ماڻهي، دڙي جو ٻاٽي هاري- گدڙ ٻيٺو مڇي ماري.

٦٣٧. ڳوهه کي جٺي ٻارائي ڏيو.
ڳُنديءَ ۾ جهاني- ڳوهه جٺي ٻاٽي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٣٨. ڳوهه کي ڪتيسي ٽپايو.
لوڌي ۾ لسي- ڳوهه ٽپي ڪتيسي.

٦٣٩. ڳوهه کي ڳانو پارائي ڏيو.
١. ٻت ٽي ڪانو- ڳوهه پاتو ڳانو.
٢. آڪريءَ ۾ آنا- ڳوهه پانا ڳانا.

٦٤٠. موليهي اٽ ميڙڻ ڏيو.
ساڪرو ڏورو ميڙيان- موليهي اٽ ميڙيان.

٦٤١. وچ درياهه ۾ ماڙي آڏائي ڏيو.
ادي وچائي ڌاڙي- وچ درياهه ۾ آڏي ماڙي.

٦٤٢. هالن مان حقا آڏائي ڏيو.
هنڌيا شڪارين جهنگ ۾ ڏڪا- آيا آڏامي هالئون حقا.

ب

٦٤٣. آپ مان سونر ويڙهه لاهي ڏيو.
ٻابي جو ٻڍڻ آما جو ڏير- آپ مان لاٿم سونو ويڙهه.

٦٤٤. آپ مان سونهي ٽالهي ڪيڻ ڏيو.
آما جي پيڻ، ٻابي جي سالي-
ڪيان آپ مان سوني ٽاليهي.

٦٤٥. آپ مان سونيي سرائي لاهي ڏيو.
ماسو پنهنجو، ماسي پرائي- لاٿم آپ مان سوني سرائي.

٦٤٦. آپ مان سوني متنجي لاهي ڏيو.
ٻڪڻ منٺو، ٻڪائي ڳنجي- آپ مان لاٿم سوني متنجي.

٦٤٧. آڌ چانور مان ڇڄ ڪارائي ڏيو.
ڇوچا ميڙيان، ٽئو ڏپايان- آڌ چاور مان ڇڄ ڪارايان.

٦٤٨. آڪ هيٺان پاڏو اٿاري ڏيو.
هنيم ڳنڙ، ڇٽيا پڻ- اٿ ڙي پاڏا! پٽياءِ ڪتن.

---

٦٤٤. ٻي روايت: ڪوه مان سوني ٽالهي ڪيائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٤٩. ٻٻر تي ٻيلو چاڙهي ڏيو.

مينهن ڪيا وسڪارا، ڏيکجي ويا تارا-

رتيو ڏيکو پيلو، ٻٻر چڙهيو ٻيلو

٦٥٠. ٻلي ڏهي ڏيو.

هيڏانهن به ڪيلي - هوڏانهن به ڪيلي؛

ويٺي ڏيهي ٻلي.

٦٥١. ٻليءَ کي ميڪائي ڏيو.

ڪانب پنو ليڪي، چتون وٺو چيڪي.

متان ٻلي ويٺي ميڪي.

٦٥٢. ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

١. چتون، چهنب رتون، ڪائي ڪثوري، اوڳي پتن

ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.

٢. آٺ دريون، اٺ دروازا - جن ۾ ويهن راوت راڻا،

ڀڃي سوپاريون ڪاٽن پتن - ٻن مڙسن جا ٻارهن ڪن.

٦٥٣. ٻولڙيءَ کي تڪو هلائي ڏيو.

فقير هجي پيڙو - ماڻهن جو هجي ميڙو،

چيلهي جي ڏيکار ڪل - ٻولڙي! تون تکي هل.

٦٥٤. ٽاريءَ تان ٽنبڻ لاهي ڏيو.

ڪارو ڪتو، ڳاڙهو ڪتو - ٽاريءَ متان ٽنبڻ لٿو.

٦٥٥. ٻاتارڻون ٻاڻي چاڙهي ڏيو.

هرڻي، چار پير چرڻي، پنجو پير چڙيو،

ٻاتارڻون ٻاڻي چڙهيو.

٦٥٦. ٻاڏي ڏهي ڏيو.

آڏي نانڪان، ٻاڏي نانڪان ٻاڏي روپڪ ودي نانڪان

آڏي آچليان، ٻاڏي آچليان، ٻاڏيءَ جو پير ودي [چليان]

توهي ٻاڏي ٻيڻي ڏجهي، تــ بــ پـاڏي ٻيڻي ڏيي.

---

٦٥٢. ٻي روايت: ٻن شينهن جا ٻارهن ڪن ڪرائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٥٧. چنڊ کي لائي چاري ڏيو.
چنڊ کي لڳو منڊ - پيتئين پاڻي، ڪاڏائون لائي.
٦٥٨ چنڊ مان سونو ٿالهه ڪڍڻ ڏيو.
ٻارهن مهينا، پورو سال - چنڊ مان نڪتو سونو ٿالهه.
٦٥٩. رڍ کي رُسائي ڏيو.
آڪري پُسي، مُهري مُسي، اَنَ ڪُسي، رڍ رُسي
٦٦٠. ستن شينهن جا متا ڦاڙي ڏيو.
١. ڪيرڙ ڪو ڪو، آڪ ڳهاتا - ستن شينهن جا متا ڦاتا.
٢. نيڪراتو، وڻ ڳهاتو - ستن شينهن جو متو ڦاتو.
٦٦١. ستن شينهن جو هڪڙو ڪپاتو ڪرائي ڏيو.
١. پهڻ ڦاتو، پڪڙيو چاتو - ستن شينهن جو هڪڙو ڪپاتو.
١. جهنگ ڳهاتو، ڦڳڻ ڦاتو - ستن شينهن جو هڪڙو ڪپاتو.
٦٦٢. ستن شينهن کي ڊؤ ڪرائي ڏيو.
سنهون پيهان، سوڪ پچايان - ستن شينهن کي ڊؤ ڪرايان.
٦٦٣ سرڻ کي ويندو پارائي ڏيو.
نيڪر ۾ نينديو، ڪٿي اچ پيينديو،
ڊپ ڪان سرڻ پانو ويندو.
٦٦٤ سڱ ڏڌي ڏيو.
ڳئون ڪاڙي، ڳابو ڏڳ - آنيو سيلهي نه ڏڌي سڱ.
٦٦٥. سوپاري ڏڌي ڏيو.
١. لونگن ڏاري، نوکي چاري، ڏڏي سوپاري.
٢. عدن ڪنوري، سدن ڪنوري،
پئون ۾ ڏاري ڏيهي سوپاري.

٦٥٩. ٻي روايت: آڪريءَ ۾ پُسي رڍ ويٺي رُسي.
٦٦٥. ٻي روايت: انگل ڪنوري، سنگل ڪنوري،
ڪڻ پاري، ڏيسي سوپاري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٦٦. سونو پکي پرڻائي ڏيو.
هٿ کپڙ جو، ڏونري دکي- رات پرڻيو سونو پکي.

٦٦٧. سٿڀي کان سون گھڙائي ڏيو.
آڪ نه ٻيري، ڏيو ٻيري- سٿو ويٺو سون گھڙي.

٦٦٨. سھي کي سٿڻ پاراتي ڏيو.
ميڏهان به کاٽي، هوڏهان به کاٽي،
سھي سٿڻ پاتي.

٦٦٩. شينهن کان کنڌلا چوڙائي ڏيو.
رڙين رڙين رڪي ٻيهي وٺي ڪٽهڻ،
ميان چڙهيو گھوڙي- شينهن کنڌلا چوڙي.

٦٧٠. شينهن کي سمهارڻ.
چنگ چور، پتر پور، چمٽو پٽو، شينهن وڃي سٽو.

٦٧١. شينهن کي نماز پڙهائي ڏيو.
هيڏانهن به هٽيو، هوڏانهن به هٽيو،
شينهن نماز پڙهي آٿيو.

٦٧٢. شينهن تي ڪٽريو رکي ڏيو.
هيڏانهن ڪٽريو، هوڏانهن ڪٽريو،
شينهن مٿي رکيو ڪٽريو.

٦٧٣. طوطو تلاءَ تان آٿاري ڏيو.
لوهه جي اٽڻون، رپي جي تار-
آٿي ڙي طوطا، تلاءَ آهي تار.

٦٧٤. کانءُ پياري ڏيو.
ڪابي کيو گهه، ڳٿون کيو بان،
پيي چڙهيو کان.

٦٧٥. ڪٽو کلائي ڏيو.
ڏنڊ پيري، چوهو چٽائي- ڏونر تيلائي، ڪٽو کيلائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٧٦. ڪُپڙيءَ ۾ ڪتڪ ميڙي ڏيو.
آٽ مٺو، اوجهه تيڙيو- ڪُپڙيءَ ۾ ڪتڪ ميڙيو.

٦٧٧. ڪڪڙ کي پاڻي پياري ڏيو.
هيڏانهن ٻه چانيي، هوڏانهن ٻه چانيي،
ڪُڪڙ پيتو پاڻي.

٦٧٨. ڪلر ۾ ڪوٽ ڪڙڪائي ڏيو.
پاڻي ٻڙڪي، لڏڙو لڙڪي- ڪلر ۾ ٿو ڪوٽ ڪڙڪي.

٦٧٩. ڪوٽُ ڏُهائي ڏيو.
ڳئون ڪُراڙي، ڳاٻي ڪوٽُ-
ڪٿي آهُ ونگ ته ڏُهون ڪوٽُ.

٦٨٠. ڪيوَل کان لڏَ کڻائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه آڏ، هوڏانهن ٻه آڏ، ڪيوَل کڻي لڏَ.

٦٨١. ڪدڙو ڪٽ تا آتاري ڏيو.
روپي ڪاڻي، سوني سرائي- اٽي ڙي ڪدڙا ڪٽ ڀرائي.

٦٨٢. ڪُدڙي مان آٽ آڏائي ڏيو.
آچو ناڻو، ٻکو ناڻو- ڪُدڙي مان آٽ آڏائو.

٦٨٣. ڪکو کيلائي ڏيو.
سهاڻو ٻه ٻيو تيلي، سهاڻي ٻه ٻئي تيلي، ڪکو وڻو کيلي.

٦٨٤. کودو کوهه تپائي ڏيو.
١. هيڏانهن ٿوهر، هوڏانهن ٻوهر، کودو تپيو کوهه.
٢. هيڏانهن ڳدرو، هوڏ نهن ٿوهر، کودو تپيو کوهه.
٣. ڳابا چرن آڙي واڙي ڳئون ويــــون جُوءِ،
کودو تپيو کُوهه.
٤. آنيون چرن اوڙي ٿوڙي، مينهون چــرن جُوءِ،
کودو تپيو کوهه.

٦٨٥. کُوهي، تيل مان پرائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه ريل، هوڏانهن ٻه ريل، کُوهي پري تيل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٨٦. ڪُوهي ڪنڌ سان پراڻي ڏيو.
هيڏانهن ٻه جنڊ، هوڏانهن ٻه جنڊ، ڪُوهي پري ڪنڌ.

٦٨٧. ڪُوهي ڪير سان پراڻي ڏيو.
١. هيڏانهن ٻه هيير، هوڏانهن ٻه هيير ڪُوهي پري ڪير.
٢. واهه ۾ ٽيو ڪٽڙڪو - ٻکين ڪاڏو ٻڙڪو،
ڪُرڙي سنٺين سيير - ڪُوهي پري ڪير.

٦٨٨. ڪيڙيءَ ۾ کوهه کٽائي ڏيو.
آلـــي ڪـــانـــي، چوُ پـــڙانـــي،
پڇي نه پڇي، ڪيڙيءَ ۾ پيو کوهه ڪڇي.

٦٨٩. گانگٽ گيڏ تان اتاري ڏيو.
ستر سنڪو، پنبڻ سائي، آئي ڙبي گانگٽ، گيڏ پراڻي.

٦٩٠. گدڙ ٻيڪائي ڏيو.
ٻاڏي ڪارو، مکين جهينگاريو،
مکيون ويون ٻڪي، گدڙ ويٺو ٻيڪي.

٦٩١. گدڙ ڦاهيءَ چاڙهي ڏيو.
هيڏانهن ٻه واهي، هوڏانهن ٻه واهي، گدڙ چڙهيو ڦاهي.

٦٩٢. گدڙ کان گاهه ڪرائي ڏيو.
ڏٻا سکا، پريو واهه - گدڙ ٻيهي ڪيو گاهه.

٦٩٣. گڏهه وات تان اڏاري ڏيو.
هڪ مٺ آٽو، ٻه مٺ ٻات - اٿي ڙي گڏهه هيءَ پراڻي وات.

٦٩٤. گندڻ گنديءَ ۾ نچائيو.
واٽيو پيو اچي، ٻاهه پيمي مڇي - گندڻ گنديءَ ۾ بيٺو نچي.

٦٩٥. گُوهو هٽائي ڏيو.
ڳئون پوڙهي، گابو ڇُوهو - وڃهي نُوچڻ هٽان گتوهو.

٦٩٦. ڳوهه کي هٽس پاراڻي ڏيو.
هيٺان ٻه گٽس، هيٺان ٻه گٽس، ڳوهه پاٽو هٽس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦٩٧. گهوڙو، ڪوهه مان ڪڍائي ڏيڻ.

١. راهه آئيڙڪي، اوڙا چوڙا - چار چهڪ، نيڪر گهوڙا.

٢. آٽر ڪيڙا، پيچ ڪتيڙا - ڇتهُو چهڪ، نيڪر گهوڙا.

٣. ڇتهي ڇيڪي، وَچ ڪٽورا - آيڙ ڪِلا، نيڪر گهوڙا.

٦٩٨. لومڙيءَ کي لاٺون ڏياريو.

ڪانگ ڪيو ڪان ڪان، ٻليءَ ڪيو مياٺون،

لومڙيءَ لڌيون لاٺون.

٦٩٩. لوها لڏون گڙائي ڏيو.

چار دريون، چار دروازا - اندر ويٺا صاحبزادا،

صاحبزادا لٿا - لوها لڏون گهڙيا.

٧٠٠. ماڙي مٿان مرچ اڏائي ڏيو.

١. اکڙيون، ٽيڪڙيون، پوش پُراڻا - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻا.

٢. ايچر کهيچر پڙچ پُراڻو - ماڙيءَ مٿان مرچ اڏاڻو.

٧٠١. ماڙيءَ تي مينهن ليٽائي ڏيو.

١. آرٽ تاڙيون آٺ، نائين پهيتي - مينهن ماڙيءَ تي ليٽي.

٢. چار چور، پنجين پهيتي - مينهن ماڙيءَ تان ليٽي.

٧٠٢. مِصري مٿي چاڙهي ڏيو.

ڏک لڳو، ٽمڪو سنگو -

ڳالهه ويئي وسري، مٿي چڙهي مصري.

٧٠٣. مَٽ تي ٻوري چاڙهي ڏيو.

هيڏانهن به ڏوري، هوڏانهن به ڏوري،

مَٽ تي چڙهي ٻوري.

٧٠٤. منجو ڏهائي ڏيو.

ڳِٽئون ڪُراڙي، ڳابو ڳنجو -

ڪٿي آهه ڏينگ ته ڏهي ڏيانءِ منجو.

٦٩٩- ٻي پڙهڻي: ست دريون، ست دروازا، جنهن ۾ ويٺا خانزادا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٠٥. ميهن کي ڍڪائي ڏيو.

١. چار چار، پنجين ٽڪي - پيپر هيٺان ميهن ڍڪيي.

٢. ڍڪيو ٽنو، ميهن ونو -
دانگي ۾ ٽڪي، ميهن آئي ڍڪيي.

٧٠٦. نانگ ڏهي ڏيو.

اڌ ڪپڙو تانگهه ۾ تانگهه - ڪڻ سيلهي ته ڏيي نانگ.

٧٠٧. وچ درياهه ۾ ٻگهڙا متهائي ڏيو.

توم، بصر، لون لهٽيون، وچ درياهه ۾ ٻگهڙا مهٽيون.

٧٠٨. وچ درياهه ۾ تانيي ڪيڏائي ڏيو.

هيڏانهن به ڪاني، هوڏانهن به ڪانيي،
وچ درياهه ۾ نڪتي تاني.

٧٠٩. وچ درياهه ۾ توبو ٽلائي ڏيو.

هتر هلي، پاڻي چڙلي - وچ درياهه ۾ توبو تلي.

٧١٠. وچ درياهه ۾ دونهون دکائي ڏيو.

هيڏانهن به ڪونهون، هوڏانهن به ڪونهون،
وچ درياهه ۾ دکيو دونهون.

٧١١. وچ درياهه ۾ ساڳ پڄائي ڏيو.

وڏي واڙي، لڳي پاڳ - وچ درياهه ۾ پڄي ساڳ.

٧١٢. وچ درياهه ۾ سونيي سڙڪ ٺهرائي ڏيو.

هوڏانهن به ڪٽڪ، هوڏانهن به ڪٽڪ -
وچ درياهه ۾ ٺهي سونيي سٽڙڪ.

٧١٣. وچ درياهه ۾ نار چاڙهي ڏيو.

هيڏانهن به تار، هوڏانهن به تار - وچ درياهه ۾ چڙهيو نار.

٧١٤. وچ درياهه ۾ هٽ آڏائي ڏيو.

هيڏانهن به مٽ، هوڏانهن به مٽ،
وچ درياهه ۾ آڏيو هٽ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧١٥. وڻ مٿان واري آڏائي ڏيو.
آبو هاري، ادو ڪوڏاري- وڻ مٿان آڏائي واري.

٧١٦. ڀالن مان آرت آڏائي ڏيو.
١. ايچر گهيچر، پڙچ پراڻا- ڀالن مان آئي آرت آڏاڻا.
٢. آٽر گوندر لٽا پُراڻا- ڀالن مٿان آرت آڏاڻا.

٧١٧. هرڻيءَ تي هنو چاڙهي ڏيو؟
هيڏانهن به ٻنو، هوڏانهن به ٻنو، هرڻيءَ تي چڙهيو هنو.

٧١٨. هرڻيءَ کي سينگار ڪرايو.
چم چم باجا، چم چم هار، هرڻي ڪيا سينگار.

٧١٩. هرڻيءَ کي هار پارائي ڏيو؟
مٽن تڏو، مٽن ڪوسو، من مٿي باو، هرڻيءَ پاتو هار.

٧٢٠. هرڻيءَ کي هس پارائي ڏيو.
هيڏانهن به گس، هوڏانهن به گس، هرڻيءَ پاتو هس.

ج

٧٢١. آپ مان سوڻي لاهي ڏيو.
لڪڙ هلي، لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ٻيي چڙهيو تار،
تاري ڪٽي هير، ٻيي چڙهيا مير،
ميرن ڪيون گرڙيون، ٻيي چڙهيو ڪرڙيون،
ڪرڙين ڪٽي راڙ، ٻيي چڙهي ترار،
ترار جو مٿو، ٻيي چڙهيو ڪتو،
ڪتي جو پلاند، ٻيي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند جو ڪُر، ٻيي چڙهيو حُر،
حُر جي چوٽي، آئي آپ مان سوڻي.

---

٧١٦. ٻي روايت: ساڙيءَ مٿان ارت آڏائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٢٢. آٽ ـ کي ٻاٽي ٻياري ڏيو.

لـــڪـــڙ هـلـي، لـــڪڙ چـلـي،
لڪڙ ۾ ســانـدارو، ٻـي چڙهيو تـارو،
تـاري هنئين مـنـڊ، ٻي چڙهيو چـنڊ،
چنڊ هنيو ٻـلانـد، ٻي چڙهيو ڏٻو ڏاند،
ڏٻي ڏاند هنيو ٻـُـڇ، ٻي چـڙهـيو رڇ،
رڇ ڪـنـي راڙ، ٻي چڙهي تـرار،
تـرار هنـيـو ولـو، ٻي چڙهيو ڳـاٽو،
ڳلهي هنئين مـُـٽ، ٻي چـڙهـي آٽ.

٧٢٣. آٽ ماڙيءَ تي چاڙهي ڏيو.

ميٺهن موڪون، لـٺيـون روڪون،
ٻـريـا ٻـــاڏا، ٻـــرتـــا ٻـــاڏا،
ٻــڪـي واڙي، آٽ چڙهيو ماڙي.

٧٢٤. ٻارن کي ٻاٽي ٻياري ڏيو.

ميرن ڪيون ڳرڙيون، ٻـي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙيـن هنـيـو ٻـُـڇ، ٻـي چـڙهـيـو رڇ،
رڇ هـنـيـو مـتـو، ٻـي چـڙهـيـو ڪتـو،
ڪـتـــي ۾ ڳـــانـــا، ٻـي چـڙهـيـا آنـــا،
آنـــــــن ۾ وارَ، ٻـي چـڙهـيـا ٻـــار.

٧٢٥. ٻانهن جـُوسي ڪڍائي ڏيو.

هـڪـڙو هـو راجـا، ان جـي ســر ۾ ڏاڳـو،
تـو چڪـيـو، مـون چڪـيـو، تـي ٻـيو دروازو،
دروازي ســان ست ٻـٺون، نڪـتـي ڳـوري ڳـٺون،
ڳوري ڳـٺون لاٿي قوسي، نڪري آيو ٻانهن جـُوسي.

٧٢٦. ٻلي کي وڻ تي چاڙهي ڏيو.

ڪـٺو هو ٻـر ۾، ٻـلـي هـٺـي ٻـر ۾،

٧٢٥. جـُوسي= جوتشي.

ڪٿو نڪتو آئي لاءِ، ٻلي آئـي چتي لاءِ،
ٻلـي هـٿـي زور، ڪُتي ڪٿي ڏوڙ،
ڪُتو ويو نڪري، لڳي ٻنهي جي ڇڪري،
ڪتي ڪٿـي اڙي، ٻلي وڻ تي چـــڙهي،

٧٢٧. ڀولڙو ڀرچائي ڏيو.

ڀولـــڙو آيـو بازار ۾، نـاچ ڪري شهر ۾،
فـقيـر ڏنـو سُنهن، ڀولـڙي ڦيرايـــو منهن،
قسم توکي ساليءَ جو، ٻيو ملڪ واليءَ جو،
ســـالـــيءَ ڪيو پيار، ڀـــولـڙي ڏنـو آر،
جڏهن نڪ مان ساليءَ ورتو، تڏهن ڀولڙو ڀرتو.

٧٢٨. تارو پـرڻائي ڏيو.

ڪـرڙ ڪاٺ، لـٿـي ڦـوڙاٺ،
جهڏو گـــدام، پــر ســلام،
هيٺ ترارين، مـــٿـــي پـالا،
پـالن ڪٿي پيڙ، پـــرڻيا وير،
گولا مليا لڪ، گولي پکو ڪڪ،
ڪڪ تـــي ويـٺـي مــاکي،
ماکي ڪيو آرو، تڏهن پرڻيو تارو.

٧٢٩. ترار کي پاڻي پياري ڏيو.

١. لـڪـڙ هـلـي، لـڪـڙ چـلـي،
لڪڙ ۾ مُنارو، ٻـي چڙهيو تارو،
تـاري هنيو منڊ، ٻـي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪٿي گرڙي، ٻي چڙهي ڪُرڙي،
ڪرڙي لاٿا آنا، ٻي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪٿي هير، ٻي چـڙهيا مير،
ميرن ڏني ڀڃي، ٻـي چڙهي آنـڍي،
آنڍي ڪٿي راڙ، ٻـي چڙهي ترار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢. لاڪڙ هلي، لاڪڙ چلي،
لاڪڙ ۾ ساندارو، ٻي چڙهيو تارو،
تاري ڏني هنڌي، ٻي چڙهي گنڌي،
گنڌيءَ جو پلاند، ٻي چڙهيو ڏَ ٻوڏاند،
ڏَ ٻوي ڏاند جو ٻڇ، ٻي چڙهيو رڇ،
رڇ ڪئي راڙ، ٻي چڙهي ترار.

٧٣٠. پتلي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏ لڪڙ، اوپ لڪڙ،
لڪڙ ۾ منارو، سامهون آيو تارو،
تاري ڏني پٽ، سامهون آيو اٽ،
اٽ ڪئي گوڙ، سامهون آيو چور،
چور تي ناڙي، سامهون آئي ماڙي،
ماڙيءَ تي ڪتلو، پاڻي پيئي پتلو.

٧٣١. چنڊ پرڻائي ڏيو.
ڪندا چام، ڏي سلام،
مٿان تراڙيون، هيٺان پالا،
پالن ڪئي پيڙ، پرڻيا پيڙ،
پيڙن ڪيو منڊ، تڏهن پرڻيو چنڊ.

٧٣٢. خنجر کوهه کڻائي ڏيو.
آنب کٽو، لئب کٽو، کٽو مٺيرو،
چندن کي چاڪ ڏيئي، اڏائو گهيرو،
گهيرا ڙي گهيرا! ڪاڏي تو وڃين،
وڃان تو نبيءَ جي ديري،
بادشاه جو پٽ باغ ۾ هرڻ نچائي،
هرڻ سندا ٻچڙا، چپڻ ۾ چڱائي،
چار ڪوڏاريون ڪلهن تي، خنجر کوهه کڻائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۷۳۳. ڏر مان سيڙهه ڪيائي ڏيو.

ٻانيڻ جوسي پٽي پوتي، نڪري آئي ڪاري ڪوتي،
ڪاري ڪوتي لاٿي لڏ، نڪري آئي مائي ننڌ،
مائي نيڌ ڇٽيو ٻچو، نڪري آيو لوهار ٻچو،
لوهار ٻچي ناهي آر، نڪري آيو ڪالو ڪنڀار،
ڪالو ڪنڀار ٺاهي دانگي، نڪري آيو مراد سانگي،
مراد سانگي وٺيو واڻ، نڪري آيو جوسب ڊڪاڻ،
جوسب ڊڪاڻ ٺاهيون ڪايون، نڪري آيون ڪاريون ٻليون،
ڪارين ٻلين لاتي ويڙهه، ڏر مان نڪتي ڏاڏي سيڙهه.

۷۳۴. سچ تي مانيون پچائي ڏيو.

آڏي لاڪڙ، پاڏي لاڪڙ،
پاڏيءَ ۾ ٻاهوڙا، گهاٽو چڙهيا گهوڙا،
چڙهي آيا چور، اوناري اتور،
چٽن هنئي جاڙي، لڳي ويئي تاڙي،
تاڙيءَ ڪيو ٺا، چورن ڇيو ها،
’ها‘ سان ٿيو هل، چوري ٿي ويو ڳل،
ڳل ڏنو چنڊ، وڃي ويو گهنڊ،
گهنڊ ڪيو گهان، چورن ڪئي پان،
پان پڳا ٻيهلا، آيا آڏي ليلها،
ليلهن لاٿيون آنڙيون، سچ تي ٻه ڪيون مانڙيون.

۷۳۵. سوني ڪڪڙ کي ٻاٽي پياري ڏيو.

تج ٻيبي، تاج ٻيبي در لاهه،
ڏيو ٻار، ڪر سينگار،
سوني ڪڪڙ کي ٻاٽي پيار.

۷۳۶. سوني ڪڪڙ کي ٻاٽي پياري ڏيو.

ڪيرڙ ڪاٽ، لٺي قوڙاٽ، ڪنبو چام، پير سلام،
ٻيبي فاطمه! ڏيو ٻار، سوني ڪڪڙ کي ٻاٽي پيار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٣٧. سُئيءَ کي ڀاڪي ڀياري ڏيو.

آڏي لڪڻ، ڀاڏي لڪڻ،
ڀاڏي ۾ ساندارو، ڀڄي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ، ڀڄي چڙهيو چنڊ،
چنڊ هنئي اور، ڀڄي چڙهيو چور،
چور هنئي تاڙي، ڀڄي چڙهي ماڙي،
ماڙيءَ ڏنو ڪنڀ، ڀڄي چڙهيو انب،
انب ڏني ڀُٽ، ڀڄي چڙهي آٽ،
آٽ وڃي مُئي، ڀڄي چڙهي سُئي.

٧٣٨. صاحب جو مٿو ڦوڙائڻ ڏيو.

انتر ڪوتا، ڀنتر ڪوتا، جيڪي مين رَمين ننڍا وڏا،
[انتر ڪوتو جنتر ڪوتو، جنهن ۾ راند ڪن ننڍا وڏا]
ننڍي وڏي هنيو ڪنڪرو، ڪنڪرو لڳو ٻاوي ري ٻڪري نان،
[ننڍي وڏي هنيو پٿر، پٿر لڳو ٻائي جي ٻڪريءَ کي]
ٻاوي ري ٻڪري ۾ ڏُڏ ٽوڙو، صاحب رو مٿو ڦوڙو.
ٻائي جي ٻڪري ۾ کير ٽورو، صاحب جو مٿو ڦوڙيو.]

٧٣٩. ڪاٺيءَ جي پونگي ڪاڻائي ڏيو.

ڪُڪڙ ڪٿو، ڀَن ۾ سُتو، ڀَنَ ڀُراڻي آئي هاٺي،
پيچ ڙي ڪاٺي، پونگي ڪاٺي.

٧٤٠. ڪنگ کي ڀاڪي ڀياري ڏيو.

لڪڙ هلي لڪڙ چلي،
لڪڙ ۾ ساندارو، ڀڄي چڙهيو تارو،
تاري ڪئي هير، ڀڄي چڙهيا مير،
مير ڪيون گرڙيون، ڀڄي چڙهيون ڪرڙيون،
ڪرڙين لاٿا آنا، ڀڄي چڙهيا ڪانا،
ڪانن جهليا سنگ، ڀڄي چڙهيا ڪنگ.

---

٧٣٩. ساڙائي.

٧٤١. مِڪ پرٽائي ڏيو.
ڪرڙ ڪاٺ، لـٺي قـوڙاٺ،
ڪنڊو چـام، ڏي سـلام،
هيٺان تـراڙيون، مٿان پالا،
پالي لڳي هيـر، پـرٽيو پيـر،
پيـر پڳي اک، پرٽجي وئي مڪ.

٧٤٢. نانگن کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لـڪڻ، پـاڏي لـڪڻ،
پـاڏي ۾ ساندارو، پـيي چـڙهيو تارو.
١. تـاري ڏنـي پُٽ، پـيي چـڙهيو آٽ،
٢. آٽ هنيو دڙهو، پيي چـڙهيو مـڙهو،
مڙهي ڏنـي ٻـانگ، پيي چـڙهيو نانگ.

٧٤٣. هاٿي کي پاڻي پياري ڏيو.
آڏي لـڪڻ، پـاڏي لـڪڻ،
پـاڏيءَ ۾ سـاندارو، پيي چـڙهيو تارو،
تـاري هنيو سـنڌ، پيي چـڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي گـوڙ، پيي چـڙهيو چـور،
چور هنئي ڪاتـي، پيي چڙهيو هاٿي.

ن

٧٤٤. آپ ني آٽ چاري ڏيو.
تيلي اچئي، تيلي وڃئي، تيلي وئي آنگاس،
آٽ چـاريم اپ تـي، ابـي ڏني شاباس.

---

٧٤١. ٻي روايت: ميرن پئي اک، پرٽجي وئي مڪ.
٧٤٢. ١. تاري ڏني سنڌ، پيي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڏني ٻانگ، پيي چڙهيو نانگ.
٢. پيي چڙهيو سُرغو.

۷۴۵. اڌ پيتر مان ماڙي جوڙائي ڏيو.
تيلي ڪتچي، تيلي پڪي، تيلي وٺي آنڪاس،
آڌ پتر مان ماڙي جوڙيائون، رازن ڪي شاباس.

۷۴۶. اَٽ ڪي ڳاهه چارائي ڏيو.
ٻنهه ٻوتا ٻنيءَ ۾، ٽيئيهون لاهه،
هاري هليو هٽر تي، اَٽ چري تو ڳاهه.

۷۴۷. آڌ ڪٿي مان چچ ڪارائو.
چوچا ميڙيان، ٽئو ٽپايان، ٽئي ڏنو تاهه،
اٿي ڙي چچ، آڌ ڪٿهي مان ڪاهه.

۷۴۸. ٻهاتو پاڻي پيئاڙو. [وهندڙ پاڻي پياريو].
جوسائي سين جوسي هليو، نام اوٺي رو جيئو.
[جوسائي ڪان برهمڻ هليو، نالو جنهن جو جيئو]
سسي ري تو سانداري لايو، ٻهاتو پاڻي پيئو.
[سهي جي پخال آنڌائين، ۽ وهندڙ پاڻي پيتائين]

۷۴۹. ٻليءَ کي هار پارائي ڏيو.
هيٺ ويئا ميرمتان پين بار،
سونارا سڀ مڙي ويئا، ٻليءَ پاتا هار.

۷۵۰. ٽنڊڻيءَ کي ٽوپلو پارائي ڏيو.
ڪيٺل کي پمرن ۾ پيچ سيرو ڪتلو،
ٽنڊڻيءَ پاتو ساڙ مان ٽيهه سيرو ٽوپلو.

۷۵۱. پٽ کي گهاٽي ۾ وهائي ڏيو.
جمعي سندي جوءِ ۾ آئيون ڏڌ ۾ اَٽ،
اچان جي اوطاق تي تہ پٺي گهاٽي وهي پٽ.

۷۵۲. پپر هيئان ڪودو آٽاري ڏيو.
پپر پراڻي جو ڇٽيو پن،
آٽي ڙي ڪودا، پٺيانءَ نہ ڪن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٥٣. جونءَ کي نماز پڙھائي ڏيو.

١. ٽيٽيھَر جي تنگ پڳي، جھڻي ورني باز،
کيل ڪتنيو ڪوئرو، جونءَ پڙھي نماز.

٢. ٽيھاري ٽنگن ڏڳھي، ٽنگون چوٽيون باز،
ڪرو ٽنگي ڪرڙ ۾، جُون پڙھي نماز.

٣. ٽي ٽنگون ٽيھر کي، چوٽين پڳي باز،
ڪرو رکي ڪرڙ پنيان، جون پڙھي نماز.

٧٥٤. چار ھيٺان سھو آٿاري ڏيو.

دُنبي دُنبي چار، دُنبا دنبا پن،
آٽي ڙي سھا، ڪُٽيانءَ نہ ڪن.

٧٥٥. چار لٽيُون چوري ڏيو.

بھادر چڙھيو پيٽ تي، آغا ڏنس آر،
ڳُل چيائين ھڪڙو، لٽيُون چورايائين چار.

٧٥٦. چار وڻ چوري ڏيو.

پرڪڻ ويٺو پيٽ تي، چڪيائين نار،
ڳُل ڪريو ھڪڙو، وڻ چُريا چار.

٧٥٧. پٺاڻ پيجائي ڏيو.

ھُن پر جون موريون ڇچيون، ھن پر جا ڪڳا،
ڪلھوڙن سوپ ڪئي، پٺاڻ پٺي پڳا.

٧٥٨. دھلي ۾ ڏڻ چاوائي ڏيو.

مولي مينھن وساء، ڦٽن ساوا گاھ،
ساٺو گاھ پٽن تي آيريو، دھلي ۾ ڏڻ چَريو.

٧٥٩. ڏيڏري ڏُھائي ڏيو.

سياري جو سيءُ، اونھاري جو ستھان،
ڏاڏي ڏي ڪُپڙي تہ ڏيڏري ڏُھان.

---

٧٥٤. ٻيون روايتون: ڪير ڪير ڪنديون، ڪير ڪير پن،
چڊي چڊي چار، ٿورا ٿورا پن.

٧٦٠. ڏيڏريون ڏهي ڏيو.
آڪ ٽڙ، نم تڙ، ٽوٽڙيون وڃن،
ٽپيا ٽپيون ڪٽي اچو ته ڏيڏريون ڏين.

٧٦١. راڻيءَ ڪي روزو ڇوڙائي ڏيو.
ٻنهيون ٻه ڀيڻيون ڏاڍي ڏونگر هيٺ،
راڻيءَ روزو ڇوڙيو، جهنڊولي وڻ هيٺ.

٧٦٢. رڇ روڏاڙي ڏيو.
مرچ ترياسين ماني لاءِ، ته مٽان آئي نيچ،
سؤنٺو هنيوسين سيڪ ڪي، ته روئي ڏنو رڇ.

٧٦٣. شينهن کي توپ پارائي ڏيو.
آڏيلي جي کچٽي، آڏيلي جو پوپ،
جان وڃان بازار ۾ ته شينهن پاتو توپ.

٧٦٤. ڪڪڙ کان ڪانهن لٽائي ڏيو.
هالائيءَ ۾ هٿل، ٻيهلائيءَ ۾ دانهن،
ڪڪڙ ڏاتو پڇ ۾، لٽي ويٺو ڪانهن.

٧٦٥. گڏهه کان گوهي چڏائي ڏيو.
ڪٽي ويس لوهار ڏي رنبو ۽ روهي،
ڏنبو لڳو ڏاگهي کي ته گڏهه چڏي گوهي.

٧٦٦. لنڊيءَ کي لوڏ هڏائي ڏيو.
سپ هڏن ڇهڙا، ميٺي ڪٽن اوڏ،
اچو وڃو ماڙهئوڻا، لنڊيءَ هڏي لوڏ.

٧٦٧. ماڻيءَ مان پلو ڪيائي ڏيو.
دڙڪو ٻڌي دشمن جو، هنيم ڪتر کي ڪلو،
مٿو لڳو ماڻيءَ کي ته نڪري آيو پلو.

٧٦٨. مينهن کي منڊي پارائي ڏيو.
هيڏانهن ٻه چڪر، هوڏانهن ٻه چڪر، وچ ۾ لڳي باهه،
سڏي آءُ سوناري کي ته مينهن کي منڊي پاءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧٦٩. وچ درياهہ ۾ دونهون دکائي ڏيو.
چار ڳابا آڙي واڙي، پنجون ڳابو سونهون،
پاڻي کي جوت لڳي، آڌ درياهہ ۾ دونهون.

٧٧٠. وَهندي وات ڪرائي ڏيو.
ڏَهہ اڳرڙا، ڏهہ پڇرڙا، ڏهہ ڪارڙا ڪاٺ،
آچو وَڃو ڇوڪرڙا، وهندڙي آنئون وات.

٧٧١. هائي ٽنگائي ڏيو.
ڪيول هٿلي ساهرين مئي ميندي لائي،
آٺ ٻڌائين ڇپاهہ سان، هائي ٽي ٽنگائي.

٧٧٢. هرڻي نچائي ڏيو.
منمن پٽ ماريءَ جو، ليمان ٿو ڇيرائي،
سائو ڇهبڪ هٿ ۾، هرڻي ٿو نچائي.

٧٧٣. هنجهہ هونگاري ڏيو.
ڪرڙن سنڌيون ڪاٺيون، ويڙهين سندا ونجهہ،
اڏان لهرين وچ ۾، هونگاريا ٿئي هنجهہ.

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پنجون

ڏسٽاڪ

[هن باب هيٺ ڏنل پروليون سٽاء جي لحاظ سان ڪافي دلچسپ آهن ۽ ڏکڻ الهندين ڪوهستاني علائقي ۾ "دسٽاڪ" جي نالي سان مشهور آهن. هنن پرولين جـي ڏيڻي گهٽ ۾ گهٽ ٻن سٽن تي مشتمل آهي، ۽ هـر هڪ سٽ ۾ 'پڇڻي' واري شيء يا وٿ جو ڪونه ڪو اهڃاڻ، ٻيء ڪنهن شيء سان تشبيهه طور ڏنل آهـي. اهڙيءَ طرح ڏيڻيءَ ۾ جيترئيون سٽون، اوتـرائي اهڃاڻ، مثلاً "رپـئي" جا اهڃاڻ هن طرح نروار ڪيا ويا آهن:

آنا اٺس پکيءَ جان، پر پکي به ناهي (يعني ١٦ آنا)
چار پير مرونء جان، پر مرون به ناهي (يعني ۴ پائليون)
گهمي ٺون ولائتـون، پر جوڳي به ناهي (جتي ڪٿي هلي)

سنڌ جي مختلف حصن مـان مليل انهي قسم جـون پروليون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

آڻ

٧٧۴. نڪ سپائـي ٿو ڪنوار وانگر، ڪنوار به ناهي
جبل جهاڳي ٿو شـوق سـان، جوڳي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ايٽ (چرخو)

٧٧۵. ڪوٽ وانگر ڪنگرا، ڪوٽ به ناهي
نانگ وانگر ور ور، نانگ بـه نـاهي
ڪري ڳالهيون ڪنوار سان، گهوٽ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪ

۷۷۶. اڇي اڇي کير جهڙي، کير به ناهي
گهمي ٿي پاڻيءَ ۾، مڇي بہ ناهي
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

بندوق

۷۷۷. تاج اٿس سر تي، بادشاهہ بہ ناهي
اک اٿس هڪڙي، ڪاڻو بہ ناهي
ڪڇي اٿس ڊگهي، پر مور بہ ناهي
ڦري ماري چورن وانگر، چور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ٻوٽ

۷۷۸. ڪارو آهي ڪانوَ جهڙو، ڪانوَ بہ ناهي
ٻہ ڳل ٿا لٽوڪن، پر ٻوٽو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ٻولڙو

۷۷۹. نچي ٿو ناچو وانگر، ناچو بہ ناهي
پڙي پاڻي پار وانگر، پار بہ ناهي
لٽ ڪٽي ڪلهي تي، ميهار بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ٻوٺر

۷۸۰. ڪنب اٿس پٽاپٽي، پوپٽ بہ ناهي
رنگ جو ڪارو آهي، ڪانگ بہ ناهي
رهي ٿو ٻرن ۾، نانگ بہ ناهي
واس وٺي ٿو باغن ۾، ماڻهو بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينگهو

٧٨١. جهُولي ٿـو جِنّ وانگر، پر جِنّ بہ ناهي
رينگٽ ڪـري نار وانگر، پر نـاو بہ ناهي
ماڻهو مٿس سواري ڪري، پر وهٽ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

٧٨٢. چنگهون اٿس چار، پر جانور بہ ناهي
جهولـي ٿـو نـانگ وانگر، نانگ بہ ناهي
ماڻهو ٿا سـواري ڪنس، پـر وهٽ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چؤر

٧٨٣. چنبڙي ٿو ٻـار وانگر، ٻـار بہ ناهي
رت پئي ٿو مڇر وانگر، مڇر بہ ناهي
رهـي ٿـو پـاڻـيءَ ۾، مڇي بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چٻرو

٧٨٤. ڪن اٿس مـاڻهو وانگر، ماڻهو بہ ناهي
اکيون ڦـاڙي ڏيکاري، ڏائڻ بہ ناهي
رهـي مـقـامـن ۾، جِنّ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چـڪُ (ڪنڀار جو)

٧٨٥. ڦِري ٿـو ڀؤنر وانـگر، ڀؤنـر بہ ناهي
لٺ کڻي ٿو هڪليانس، تہ ڍور بہ ناهي
ڦر بہ ملوڪ ڇڏي، پر جـانور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چلم

٧٨٦. گوڙيون ڪري شينهن وانگر، شينهن بہ نـاهي
دونهون ڪڍي گـاڏي وانگر، گـاڏي بہ ناهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُوڪُون ڏٺي نانگ وانگر، نانگ بہ نـاهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چھڙو

۷۸۷. آڏامي تـو پڪيءَ جان، پر پـڪي بہ ناهي
ڦر ڏئي جـانور جان، پر جانور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۸. آڏامــــي آسمــان ۾، پــر پــکي بہ ناهي
چار پير چوکـا انس، پـر پـکو بہ ناهي
چارو چري رات جو، پر گهوگهيُو بہ ناهي
ڏينهن جو سُڄي جاءِ ۾، پر چور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

۷۸۹. آڏامـي ڌـــو عـرش تي، پــکي بہ ناهي
کن پــچ کـٽي جهڙا، ڪتو بہ ناهي
ڏينهن جو ويهي حجري ۾، ملــو بہ ناهي
رات ســجـي سمهي نـٿو، فقير بہ ناهي
اونـده ۾ الــرون کــري، چور بہ ناهي
ســيـج ۾ اونـــارو سندس، سامي بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چاپاڪو (پکي)

۷۹۰. ڇپي ڌـو چورن وانگر، چــور بہ ناهي
ڪم اچي ٿو مريضن جي، حڪيم بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

چنڊي

۷۹۱. هـلي چلي سـاڌو مڻان، ڪکر بہ ناهي
ڇانوَ ڪري ڇپر وانگي، ڇپر بہ نـاهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دونهون

٧٩٢. آڏري ٿو آڪاس ۾، پر پکي ڪ ناهي
رهي ٿو گهر ۾، پر ماڻهو ڪ ناهي
جهلجيس ته جهل نه ڏئي، پر جانور به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڏيڏر

٧٩٣. پاڻي ٿو پاڻيءَ ۾، مڇي به ناهي
هرڻ جيان ٽپ ڏئي، هرڻ به ناهي
لڪي وڃي ٻيرن ۾، ڪئو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

رڇيو

٧٩٤. آنا انس پکيءَ جان، پر پکي به ناهي
چار پير مرونءَ جان، پر مرون به ناهي
گهمي ٿو ولائتون، پر جوڳي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٥. ٻه پر پکيءَ وانگر، پکي به ناهي
چار پاوا کٽ وانگر، کٽ به ناهي
اٺ ڪنگرا مسجد وانگر، مسجد به ناهي
سورهن سار يون چوپڙ وانگر، چوپڙ به ناهي
ٻئيهه ڏند ماڻهو وانگر، ماڻهو به ناهي
چوهٺ چيلا پاڻ سان، پر گرو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

٧٩٦. اڇو اڇو کير جهڙو، کير به ناهي
ڇُمانس پير جهڙو، پير به ناهي
ٻڌانس چور وانگر، چور به ناهي
گهمي ٿو فقير وانگر، فقير به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائيڪل

٧٩٧. هلي پلي گهوڙي جان، گهوڙو بہ ناهي
پير پير ماڻهو جان، ماڻهو بہ ناهي
نڪي کائي نڪي پئي، مٺل بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

سؤ رپين جو نوٽ

٧٩٨. نوڪر اٿس ڏهہ، پر سيٺ بہ ناهي
گاڏا اٿس ويهہ، پر ريل بہ ناهي
هاري اٿس سؤ، پر زميندار بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڪڪر

٧٩٩. ٻوڙي ٿو جهاز وانگر، جهاز بہ ناهي
ڇانوَ ڪري وڻ وانگر، وڻ بہ ناهي
ڪاروڪارو دونهين وانگر، دونهون بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

ڪنوڻ، وڄ

٨٠٠. ڳاڙهي چٽي باهہ وانگر، باهہ بہ ناهي
ور وڪڙ نانگ وانگر، نانگ بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

لاڏون

٨٠١. ڦيري ڦري ڦيريون پائي، فقير بہ ناهي
ڇهنب اٿس وات ۾، پکي بہ ناهي
رسو ٻڌل ڇيلهہ سان، چور بہ ناهي-
ٻڌايو تہ ڇاهي؟

---

٨٠١. ٻي روايت: ڦيري ڦيريءَ دار جيئن، فقير بہ ناهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغز

٨٠٢. ڪَنَن اٿس ڇڄ وانگر، ڇڄ نه ناهي
ڏاڪو پويس سُئيءَ وانگر، سُئي نه ناهي
آڏامي جهاز وانگر، جهاز نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇا هي؟

ماڪوڙو

٨٠٣. ڪارو ڪارو ڪانوَ جيان، پر ڪانءُ نه ناهي
چيلهه اٿس سنهڙي، پر مندم نه ناهي
رَهي ستهي پرن ۾، پر نانگ نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇا هي؟

٨٠٤. ٽنگون اٿس ڏگهيون، پر اُٺ نه ناهي
متو اٿس وڏو، پر پاڏو نه ناهي
پُڇ اٿس ٿلهو، پر دنبو نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇا هي؟

٨٠٥. متو اٿس هاٿيءَ وانگر، پر هاٿي نه ناهي
ڪاروآهي ڪانگ جيان، پر ڪانگ نه ناهي
رهي ٿو ٻر ۾، پر نانگ نه ناهي
چڙهي ٿو وَڻ تي، پر نولو نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇا هي؟

مڪڙ

٨٠٦. آڏامي ٿو پکيءَ وانگر، پکي نه ناهي
رهي ٿو سنگت سان، ماڻهو نه ناهي
منهن اٿس گهوڙي جان، گهوڙو نه ناهي
اکيون اٿس ڏيڏر جهڙيون، ڏيڏر نه ناهي
سڱ اٿس هرڻ وانگر، هرڻ نه ناهي-
ٻڌايو ته ڇا هي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئو (ڏيو)

۸۰۷. ويٺو آهي آس تي، سيٽ به ناهي
چـــار اٿس پير، پر جانور به ناهي
چـاٻهہ چيلا ســـاڻ، گرو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ڏار يا هرلو

۸۰۸. رينگي ٿو چوڏيل وانگر، چوڏيل به ناهي
وسي ٿــو ميينهن وانگر، ميينهن به ناهي
ڦـــري ٿو ڦيرڙي وانگر، ڦيرڙي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ناريل

۸۰۹. گول گول ڇاهي جيان، ڇاهو به ناهي
ڏاڙهــي اٿــس مرد جيان، مرد به ناهي
گيڙو اٿــس ويس، پــر سنياسي به ناهي
پريل آهي پاڻيءَ سان، ساندارو به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

وڇون، پڻون

۸۱۰. پـالو اٿس ســـاڻ، پر سپاهي به ناهي
پُڇ اٿـــس وينڊو، پر ڪُتو به ناهي
آسڻ اٿس آسمان تي، پر ولـي به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

ويڙهه منڊي

۸۱۱. اڇـو اڇــو ڪـير جهڙو، پر ڪـير به ناهي
وَر وَر اٿس نانگ جهڙا، پر نانگ به ناهي
سمهي ٿــو ڪنوار سان، پر گهوٽ به ناهي-
ٻڌايو ته ڇاهي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

هيماريون ۽ ڳُوڙها

[هن باب هيٺ خصوصاً ٿرپارڪر واري ڀاڱي ۾ رائج خاص قسم جون پروليون شامل ڪيون ويون آهن، جن کي ٿري-ڍاٽڪي محاوري ۾ 'هيماريون' ۽ 'ڳُوڙها' سڏجي ٿو. هن باب ۾ پهريائين هيماريون ۽ ان بعد ڳوڙها ڏنا ويا آهن.

'هيماري' يعني (هيم = سون) سون واري يا سونهري: اها ڇڻ ته هڪ سوني سوڪڙي آهي، جا سيٹڻ ڏي موڪلي وڃي ٿي. هيماريون اڪثر زالون شاديءَ جي موقعي تي ڏينديون آهن: جڏهن سيٹڻ جا مرد ٻين سيٹڻ وٽ رهاڻ ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، پوءِ انهن سيٹڻ جون زالون اول مرحبائي ڳيچ ڳائي، ڪين ڳيچن ۾ هيماري ٻڌائينديون آهن. جيڪڏهن هو ان جي پيچٽي ٻڌائي نه سگهيا ته ڪين چرچن ۾ چونديون ته "ڀلا، اڄ نه ٻڌائي سگهو ته ٻئي ڀيري ٻڌائجو، پر ٿيستائين اوهان سان گڏ آيل عورتن (گهوٽ جي ماڻٺياڻين) مان ڪا پوڙهي عورت ضامن طور ڇڏي وڃو. اها رهاڻ نهايت ڏي مزيدار ٿيندي آهي. 'ڳوڙها' ڇڻ ڏکيون پروليون آهن جن ۾ لغت توڙي خيال جي ڳوڙهائي سمايل آهي.

هيمارين ۽ ڳوڙهن جو اڪثر مواد ٿري-ڍاٽڪي محاوري ۾ آهي، تنهنڪري سهولت خاطر هرهڪ هيماوي جي هيٺان ڏنگين ۾ معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي. البت ڏيپلي ۽ عمرڪوٽ تعلقن مان ڪي هيماريون صاف سنڌي ٻولي ۾ مليون آهن، جي هوبهو شامل ڪيون ويون آهن.]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) هيماريون

آرسي

٨١٢. آپ جهڙي آجري، چندرما ري گهاٽ
سِرگها نيڻيءَ خريدي ڳانڍي ري هاٽ.

(آسمان جهڙي اڇي، چنڊ جي گهاڙيٽي واري، سهڻيءَ زال سُرهيءَ جي هٽ تان خريد ڪئي.)

آفيم

٨١٣. کهڙي ڪارا ڪير ڪيچ ڪيون، تيري جات لچاپيچ ڪون
جو جتر ۾ جهول پڙي، تو ليچاپيچ ڪير ڪيچ ڪيون.

(چئو، ڪارا ڳوڙها ڳوڙها، تنهنجي ذات ڪهڙي آهي، جو پاڻي ۾ ڳريو پوين، توُن نرم نرم ڳوڙها!)

٨١٤. ڪالو واڏو ڪرڪيالو، رتو واڏو راڏو
نپهڙي هيٺين نمي وهي، جاجها گهوڙا پاڏو.

(ڪارو وڏو ڪڪرين وارو، ڳاڙهو راڏو وڏو. نم هيٺان ندي وهي، گهڻا گهوڙا گهيڙيو.)

٨١٥. ڪارو گهيٽلو سينگلو، مور متهي رنگ
راڏو ري راساڻيي، ڪوٺلهي را ڪنڪ.

(ڪارو گهيٽو سڱن وارو، ان جي چهنب پڙي ٿئي. راڏو جون رانٽيون، ڪوٺلهي جون فوجون.)

آوي

٨١٦. ڳوڏي جڏو ڪچڙيو، ڪاريءَ جيڏا ڦُل
ڪچا م چين بابيها، تنهنجا پڪا ڪندا مُلهه.

(ڳوڏي جڏو وڻ، ڪاريءَ جيڏا ڦُل. اي باغائي! ڪچا گل نه چُن، جو اهي پچي ڪان پوءِ ڏي مُلهه ڪندا.)

---

٨١٢. ڳانڍي= عطر ۽ هار سينگار جو سامان وڪڻندڙ سُرهيو.
٨١٥. جوڌپور طرف 'ڪوٺلئي' جو آفيم مشهور آهي.
٨١٦. ٻي روايت: ڪچا ڪچا چٽي گيا، پڪان رو تيو مُلهه.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪ

٨١٧. ڍِڳَ ميڳ ڏانڏي ڏالر پان، ڏسان پيٽي پڻ چڪيان نان؟
(ڏانڊي لچڪيدار، پن وڏا، ڏسان پيٽي پر چڪيان نہ).

٨١٨. ڳانء رو ڏوڌ، گلاب رو ڦول، مسور ڪي دال
جوار رو آن، اينھان سِيان رو ڳودِ ايڪ.
(ڳئون جو کير، گلاب جو گل، مُھري جي دال، جوئر جو
آنَ، انھن سڀني جي پاڙ ھڪڙي.)

٨١٩. ٻڙ جھڙا پـن، ڪمند جھڙي سوٽي
موگري جھڙا ڦل، آنب جھڙي گوٽيي.

اڪ

٨٢٠. ڪارو گھوڙو ڪنبرو، تنگري ڏِسند و وڃي
سوا لکـ ڏيـو تہ بہ تنھن جو مُلھہ نہ ٿئي.

آنب

٨٢١. ھينڌ ھينڌوڙي ھينڌيي، مُکڙي ميٺيي لار
سُرتـا ھوئيي تو سوجھہ لو، چمڙي پيتر وار.
(ننڍڙي ننڍڙي ھنڍي، جنھن جي منھن مان مٺي لار وھي.
ڏاھا ھجو تہ ڳوليو، جو آن جي کل اندران وار ٿين.)

انب ۽ گنگلي (ڪوڏلو)

٨٢٢. ٻاپ جـائيي ٻيٽيي، ٻيٽيي جـائو ٻاپ
ھيءَ پرولي پرکو تہ ٻيٽيي وڏ يا ٻاپ!
(پيءُ کي جائي ڌيءَ ۽ ڌيءَ کـي جائـو پيءُ، اِھا پرولي
پيجو تہ ڌيءَ وڏ يا پيءُ!)

آيٽ (چرخو)

٨٢٣. رتو مٽيو رِينگو رِينگ ـ ٻارھن مٿا، تيرھون سينگ.
(ڳاڙھو مٺو چيچاٽ ڪري ٿو، سندس ٻارھن مٿا ۽ تيرھون
سِڱ آھي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايٽ جي ڪوڪڙي

٨٢٤. اڌ ڀاماڙي ۾ ڪيجڙيو، ڀُر ڀُر لڳي واءُ
آهير ٻيٺو ڀينڊا ڪٽي، ڏِ ڪري جائي ماءُ.

(ڀيٺ جـي اوٽ ۾ وڻ، 'ڦر ڦر' واءُ لڳي، ٻـوڙهو ٻيٺو جو وٽون ڪٽي، ۽ پٽ جائي ماءُ.)

ٻاهم

٨٢٥. ٻيرن ٻنا ڏونگر چڙهي، ٻنان مُڪ ڪائي ڪڪ
راجا ڇڻي راڻـــيءَ ڪـي، هـيءُ گهوڙو يا ٻِرڙُ.

(ٻيرن ڪان سواءِ جبل تي چڙهي، وات ڪان سواءِ ڪائي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته اهو گهوڙو يا ڏٺو؟)

ٻنبو

٨٢٦. ٻـڏري ٻـٽ ۾، تيـل جيڏي تــرائـي
هاٿي ٻيٺين، گهوڙا ٻيٺين، ٻيٺي لوڪ لڳائي
هيڪن ٻيٺي ٻڪيلڙو، جـڪيري چُونچ ۾ چترائي.

(سنئين ميدان ۾ تـر جيڏي ترائي، جنهن مـان هاٿي ٻيٺن، گهوڙا ٻيٺن، مرد ۽ عورتون ٻيٺن، ان تـلاءُ مان رڳو ٻڪي ڪونه ٻيٺي.)

ٻصر (ساڻو)

٨٢٧. هڪ سؤ آنبا آنبلي، ٻه سؤ ٻيا جهاڙ
ڪور ٻنان پاتڙو، سُرتا ڪرو ويچار.

(هڪ سؤ انب ۽ انبڙيون، ٻــه سؤ ٻيا وڻ. تاريءَ ٻنان پن، ڏاها! ڪريو ويچار.)

ٻگي (گهوڙي گاڏي)

٨٢٨. ٻيتل ٻتهري ٻدمٽي، هينئڙي سڄيا سينگار
يا هجي شـــادي گهر، يـــا هجي دربار.

(ٻتل پاڻي عورت، دل وٽندڙ سينگار ڪري. يا هجي شادي وارن جي گهر يا راجا وٽ.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوق

٨٢٩. ڪِجلي ڳانءِ، ڪجلو ڳابو ـ ھُونڱي ڳانءِ، ماري ڳابو.
(ڪاري ڳئون، ڪارو ڳابو، ڳئون ھونگر ڪري ۽ ڳابو ماري.)

٨٣٠. ڪارا ڪارا ڪِھِجڙا، ڪارا ڪارا سِڱر
اِئي آڏي رو آرت ڪِتھو، نہ تہ تاھجو باپ نِنگر.
(ڪارا ڪارا ٿڻ، ڪارا ڪارا سِڱ، ھي پرولي پِڇو، نہ تہ توھان جو پيءُ اڻ ڄاڻ آھي.)

٨٣١. ڪاري چيڙي ڪنڌُونبڙي، سؤ اِينڊا لہي چڙھي
ھڪ اِينڊو آرپار، پيجا اِينڊا دِلي پار.
(ڪاري جھرڪي چُنڪمري، سؤ آنا ڪٿي ھلي. ھڪڙو آنو آرپار، ٻيا آنا دِھليءَ پار.)

٨٣٢. ڪاري چيڙي ڪنڌُونبڙي، سَڪا لِتڪڙ ڪائي
پاڻي ڏيکي پڇي وري، شينھان نان سمھي جائي.
(ڪاري جھرڪي چُنڪمري، سُڪيون ڪانيون ڪائي، پاڻي ڏسي پوئتي وري، شينھن جي سامھون وڃي.)

بيل گاڏي

٨٣٣. تيرھن پيھر جو تيتَرو، سِير پئي ناٿو جائي.
راجا پڇي رائي نان[^]، ھي ڪيھو جنَاور جائي.
(تيرھن پيرن جو تيتَر، سِر ڪندو پيو وڃي، راجا پڇي رائيءَ کان تہ ھيءُ ڪھڙو جانور ٿو وڃي؟)

ٻاجھريءَ جو سنگ

٨٣٤. چِٽڪ ڳيڏيو چِٽڪٹھار، جھڙو موتي جڙيو ھار
ڪٿي ڳئيندين ڪيترو، جنھن جو آنت نڪي پار.

---

٨٣٣. ٻن ڏڳن جا اٺ پير، ٻہ پير گاڏي ھلائڻ واري جا، ٻہ ڦيٿا گاڏيءَ جا ۽ ھڪڙو ر ونٽڙو يعني گاڏي جي جھَل واري ڪاٺي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڇٽڪڻو لٽڪڻ، ڇٽڪڻو هار، جهڙو موتين سان جڙيل هار
ان جا ڏاڻا ڪيترا ڳڻي ڪيترا ڳڻيا، جن جو انت نہ شمار)

٨٣٥. ڪڙ پتلي، ڏڙ جاڏو، ڪڙيءَ ٻرڪيا ڪيس
موتي ٻاپ ري ڏڪري، ٿنڀائي رکيو ديس.

(چيلهہ سنهي، ڏڙ ٿلهو، چيلهہ تائين وار، ٿلهي ٻيءَ جي ڏيءَ،
ملڪ ڪنبائي ڇڏيو آهيس.)

٨٣٦. آيو نر نينڊرا ڪري، تيڙ ڪو جهاڪر ڪاھ
مستڪ جنهن جي موتي نپجي، ڏھ تڪ جنهن جي ڏنت
سڀ سڪي ميل پڇسي، آهو پڏائيس ڪنت.

(نر بيٺو ننڊ ڪري، آس ۽ سيءَ ڪائي، جنهن جي مٿي تي
سنگ نپجي، جنهن جا ڏند ڏھ قطارون، سڀ سهيليون گڏجي
پڇن، پڌاءِ تہ اهو ڪير مڙس آهي؟)

ٻاجهريءَ جو سنگ ۽ ٽنڊُون

٨٣٧. ڇٽڪ ڳپڏيو، ڇٽڪ هار- ڍيلان ڍرين^ آٽ نہ هار.

(ڇٽڪڻو لڪڻ يعني ٻاجهريءَ جو ڪانو، ۽ ڇٽڪڻو هار
يعني سنگ، ڍيلون يعني ٽڏون آيون نہ هار ڪونهي،
ڇاڪاڻ تہ ٽڏون انّ ڪائي ويٺيون آهن.)

ٻاڏهڻ

٨٣٨. ٻارهن ناڪان^ ٻاجهڙا، تيرهو نئي لٽ
آترئيي را اينڌا ساران^، ٻارهان^ مٿي مٽ.

(ٻارهن شاخن وارو وڻ، تيرهون سندس ٿڙ، لهندڙ جا حصا
ڳڻيان تہ ٻاھتر ٿيا.)

---

٨٣٥. ٻاجهري جي ڪاني جي چيلهہ سنهي، مٿيون ڏڙ ٿلهو ٿيندو آهي
۽ چيلهہ هيٺان ساوا ساوا پٽن ٻرڪي ايندا آهن. ٻاجهريءَ يا اناج
کان سواءِ جيئڻ مشڪل آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪُر.

٨٣٩. رَنڙو ڏِيکاري هِٽڙو گهڻاَن، ککر نو کائي
چٽمڙ جهلي پيچو ناٽان، گُڙ گُتيو نو جائي.

(ڳاڙهو ڏسي هٿ وجهان ته ڏنيو نو کائي، چمڙ جهلي پوئتي چڪيان ته ڪنبو چنبيو وجي.)

پوُنر

٨٤٠. آر ڪارو، سُڪ سُرليي، رَهنَت ڪيمجهر بن مانڱهن
ليلاٽ بيچ تلڪ بـراجـي، ڪتهو هڪـرشن به نانهن.

(بدن ڪارو، وات وچٿو، رهـي ٿـو ڏيندن وارن ڀيلن منجهه، نراڙ جي وچ ۾ تلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر ڪرشن به ناهي.)

پوُنر جو گهر

٨٤١. نه وانسلو نه وينجهٽو، نه ڪاريگر نه سُوتار
اَونڌي سَٿي گَڏ چِٽي، سُرتا ڪرو ويچار.

(نه واهولو نه ونجهٽو، نه لوهار نه واڊو. اونڌي هنڌ تـي گهر آڏي، ڏاها ڪريو ويچار.)

ترار

٨٤٢. ناري پـڻ نيـبَل نه، ڪاري پڻ نـه ڪوَل
وسـي ڏَر ۾ سا پڻ نه، آدر آن جـو پول.

(زال پر ڪمزور نـه، ڪاري پر ڪوڱل نـه، رهي ڏر ۾ پر نانگڻ نه، ان جو جواب ڏيو.)

٨٤٣. آڌ پاماڙي سيهن آوتيري، ناري نـام ڌري
چـگا پهري ڪپڙا، نـاگـا ڪم ڪري.

(پيٽ جي پر مان لٿي، عورت جو نالو رکائي، چڱا ڪپڙا پائي پر خراب ڪم ڪري.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌِرن جو ڀُوڙو

٨٤٤. آٺ سٺ ڪتنپلين، نتو سر نـار
درهل ڪتنپليُنُ، تاريو تماڪ.

ڌتڙ (ميٺهن يا ڳَٺون جا)

٨٤٥. چار ڳگريا آمرت ڀريا ـ آونڌا ڪتريا، ڪنڌهن نه ڊريا
(چار ننڍڙا دلا آبحيات سان ڀريل، اونڌا ڪجن، ته به نه هارجن.)

ڌٿوهر

٨٤٦. آرهو ڀُرهو ڪيجڙيو، ڀيو ڀاسي ڌان
رَتا ٻڌي مـوڙهيا، اچا جوڌ جـُوان.
(اوربان ڀريان وٺڙو، پاسي ير پيو، ڳاڙهـا ٻڌي پٽڪا، اڇان جوڌو جوان.)

ڌاجـُوڙو (ماٺا جو ٽُڪو)

• ڳُوڙهـي رنـگ روپـو مـُچو، تيرٺيا وڏو چاس
پهرٺي ڀچـي آنـروي نهين، رهـي ٻـارهو ماس.
(ڳهاڻي رنگ ۽ سهڻي منهن سان، تير ڪان وڏو، پاڻي ڪان پوه نه لهي، ٻارهن ئي مهينا رهي.)

ڌيباهـ (انَ واڙن جي گهوڙي)

٨٤٨. ڌي پيرو تـوڌڙو، ڌاپـيون ڌيـنـدو وچـي
راٺي ڀچي راجا ڪان، ڪهڙو جانور پيو اچي.

ڌڪر جو ڌانءِ

٨٤٩. ڪانچي چانُ، ڪنناري چانُ، مـِر ٻتڙي ڇهي متنان^٨
پَرنيا ڀچي مـاري ڌيـو، نـو رنگـ وَڌاڙان^٨ تتنان.

---

٨٤٤. ڪتنپلين = مُڪڙيون.

(ڪچي آھيان، ڪنثاري آھيان، سار پوي ٿي مونکي. پرڻي
ڪان پوءِ جي مار ڏيئي ڏيکاريو تہ اوھان کي وڏي آفرين آھي.
يعني جيئن پڇڻ ڪان اڳ ٿانءُ کي ٽپڻو آھي، تيئن پڇڻ
ڪان پوءِ ڪوبہ ھن کي ڌڪ نہ ھڻبو تہ متان ڀڄي پوي.)

پاڄامو

٨٥٠. جان٧ ٻيا ڏانان ري ڪوٽڙي، جان٨ ٻيانڙي رو ماڻ.
(ٻيا ٻن قسمن جي آڏن جي ڳوٿري يا ٻيانڙي جو ماپو.)

پاڇو

٨٥١. ھيماري ڪو تاري چاڙھان٨، ڪُلھڙي ورھي پاري.
(پرولي مٿاھينءَ تي چاڙھيان تہ وري اچي ڪُلھي تي ويھي.)

٨٥٢. جتر نہ ڏوٻي، آگن نہ جلڙي، ڪاڙڙي ٽُليو نہ جاءِ
ڪتهہ ڳل ڪتھو نڪران، طرف ڏکڻ نا جاءِ.

(پاڻيءَ ۾ نہ ٻڏي، باھ ۾ جلي، وڍڻ سان نہ وڍجي سگھي.
اي سردارو! اوھين ھن کي ڪيترو بہ ڪٽي ڇڏيو تہ بہ ڏکڻ
طرف نہ ويندو.)

پاڇوا ي (پاڇو)

٨٥٣. جتمتي ڳنج تيھس ڪي، پتر جوپتن ۾ گج چار
ٻڌاپي ڳنج سات ڪي، مُٺي انت نہ پار.

(چمندي تيھن گزن جي، پرپور جواني ۾ چار گز، ٻڍاپي ۾
سٺ گزن جي پر مُٺي بعد ڪاٿوئي ڪونھي.)

پترنال (نارو، نيسارو)

٨٥٤. ھڪ ناري مٿي سُتيي، پيٽ سان پيٽڙي وات مان ڪڍي.

پڪو (ڪرڙ جو)

٨٥٥. رتو رتو لانڊو ٻنو، لھر ۾ تو لُڏي
پڇي گڏ ڪاٺي تو، درياھ ۾ تو ٻڏي.

(ڳاڙهو ڳاڙهو لاٽون، مزي ۾ پيو لڏي، پڇي آن جو ماس
کاء تہ درياهہ ۾ ٽو ٻڏي.)

پير ڪڙي

٨٥٦. آنٽيي ٽُونٽيي لَڪڙي، ڏَهيي جهڙو ويس
اي پرولي پڇي، آوٽيي نـان^ اوداڙان^ ڪهيس.

(ڏنگي ڦـڏي ڪاٺي، ڏونـري جهڙو رنـگ، هي پرولي جو
پڇي، ان کي ڪيس ڏکاياں.)

ڏيهرُون

٨٥٧. رَتِڪي چاڙِي رڻ ۾ ٻِياڏي، چوٻڙي هٿڙي ٻَڙهِيي چڪائي.
(ڳـاڙهي ٻڪري رڻ ۾ وياٺي، وٻڪرن هٿن سان ٻڙهيي
چڪاياڻين.)

جِنڌِي

٨٥٨. ڪاوي رَن ڪندا ڪـاٺي - جنل ڏٻڪي پِڃِيي جاٺِي.
(ڪاري زال ڪندا تہ ڪـٺي پر پاٺي ڏمي تہ پڃي وڃي.)

٨٥٩. رَنــي ڏہيي رنگ پـري، ڏِنــي پيرن هيٺ
آونچو جُوٺان^ لچ مران، ڏِسن ڏِير ۽ جيٺ.

(ڳاڙهي دبلي رنگ پريل، ڏنـم پيرن هيٺ، مٿي ڏسـان
ڦِڪي ٿيان، ڏسن ڏير ۽ سهرو.)

جنڊ

٨٦٠. گهر گهر ۾ تـوڏِيو پيو رڙي.
(گهر گهر ۾ ڪنوات پيو رڙي.)

---

٨٥٧. ٻَڙهِيي= تازي وياٺل ڍور جو گهاٽو کير، ٻرهي.
٨٥٩. ڏر ۾ عموماً زالون کو ڏاريون ماٺهو، سهرو يا ڏير وياٺل
ڏسنديون آهن تہ جِنڌِي هٿ ۾ ڪٽي هلنديون.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨٦١. آگهرڻي ۾ گهاگهريون، گهاگهريي ۾ ليپو
ڪٿهين ڪيتري مهينا، اي تماشو ڏيکو.

٨٦٢. ٻـ اوڏڻ ٻيـوڙا، ڏورو نـڪو ڏاسي
اي هيماري روارت نہ ڪهاسي، اوٺي ري آڪاھ رهاسي.

(ٻہ ڪپڙا ڳنڍيا، پر نڪو ڌاڳو نڪا رسي. هن پرولي جو مطلب جيڪو نہ ٻڌائي آن جي آکھ ڏي اٺجاڻ.)

٨٦٣. چـڀر ٻـڳو روپيو، وَهي تُورا تُور
سَنهنڊَ لڳين ڪـڪڙين، پڇي لڳي ٻُور.

(پٽر جي پيرن وارو رپيو، هلي تـوڙان توڙ. اول ۾ لڳنس ڪَڪڙيون پوء لڳيس ٻُور.)

جوگيڙو

٨٦٤. آڏي ڏُوڙ ۾ ڳـڏي، ريشم جا ڦُونڊا، گلاب جي ڏَنڍي.

جَنڊُوئو

٨٦٥. سَوُ پير جو جناور، آيـي بـازار جائي
راجا چوي راڻيءَ کي، ڪهڙو جناور جائي.

(سؤ پيرن وارو جانور، سڌيءَ بـازار پيو وڃي، راجا راڻيءَ کان پڇي نہ ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

جهڀيو

٨٦٦. پنج پرين پڇا چڏي، هستاپور نـان^ هلي
چڙهي ڏنڊت ڪس گجرات، سينڌ سان پَرهي هلي
نـانڊان^ ٻڳين^ نصرپور، پـالڻ ڪچ پسار
اڻـي ويلڙي را آهين دلـي نـڪاٺـا.

(پنج پرين پٺان چڏي، دهليءَ ڏي هلي، گجرات کان چڙهي

٨٦٤. ڏر ۾ آپرنڊڙ نهايت خوبصورت ہوندو.
٨٦٥. جَنڊُونو= هڪ قسم جو جيت، چَوو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ڏانهن پڇهرجي هلي، نيٺ نصرپور پهتي، پٽڻ ۽ ڪڇ
ڏي آهي، هن وقت دهليءَ ۾ سندس تڪاڻو آهي.)

چيچڙ

٨٦٧. آٺ پڳو، نئون نرو، اوڙانئون آڻي
راجا پُڇي راڻي نان^، ڪهو جانور جاڻي.

(آٺ پيرو، نئون نرين وارو اورتي پيو اچي، راجا راڻيءَ کان
پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

چڙهي

٨٦٨. پُڇ پُسي، ڀاڻيو منجهه ڀُون^
وڃو پاڻي ۾، ناڻي ڪِد تون.

(سندس پڇ پيو ڏسجي، پاڻ زمين ۾ آهي. پاڻي اندر ويو آهي،
هاڻي ڪيس تون چڪي ڪڍ.)

٨٦٩. ايڪ وَلڙي، سوهين ڦر، سوهيسي ڦري جدا نام
نوڙڏي پڇڙي پڇسين، ڪهو بيل ڪو نام.

(هڪ ول سوين ڦر، هرهڪ ڦر جو نالو جدا، توڙ تائين پڇندي،
اَن ول جو نالو ڪهڙو.)

چنڊ

٨٧٠. سگ سميت جنميو، جوين ۾ سيڳ جاڻي
پڙڌاپڻي سگ وري ٿين، آرت ڪرو ڪوئي واڻي.

(سڱن سميت ڄائو، جوانيءَ ۾ سڱ ڪم ٿين، پيريءَ ۾ سڱ
وري ٿين، تنهن جو مطلب ٻڌايو.)

---

٨٦٧. چچڙ کي جيئن جيئن هٿائبو، تيئن تيئن وري پيو ايندو آهي.
٨٦٨. کوهه مان پاڻي ڪڍڻ جو ننڍڙو کوس.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ۽ ڏارا

٨٧١. ڪيسر پٽريئو وانگو، ڦولهي پري، پرات
مومل پوڇي ميندرا، ڪيت ڪمائي رات
آڏي ڪمائي چوواٽي، آڏي ڳانڊيڙي وي هات
تين جڏين ڳورڙين سين رميا ساري رات.

(ڪيسر جو وٽو، ڳلن جو ٿالهه: مومل ميندري کان پڇي ته رات ڪٿي وڃايئي؛ چئي: اڌ وڃايم چوواٽي تي ۽ اڌ سرهيي جي دڪان تي، ۽ تو جيڏين ڳورين ۾ سون سڄي رات راندڪئي.)

چوٽي

٨٧٢. آڏا ڪنڊين سين آتريل، هلي شهر بازار
راڻي پوٽي گهاگهرو، ڪاجل رو سينگار.

(آڏن ڪوٽن تان هيٺ لهي، شهر ۽ بازار ۾ هلي، ڳاڙهي پوٽي جو پڙو ۽ ڪجل جو سينگار.)

چوڙو

٨٧٣. گهي ڳوڙهو، پڳ اوجرو، وهي ڏڙيندي سات
پرناري سين نتر لڳو، چٽي نه ڏينهن رات.

(رنگ ڳوڙهو، پير اڇا، هميشه گڏ رهي، پرائي زال سان مڙس لڳو، چٽي نه ڏينهن رات.)

٨٧٤. گج ڪارو، ڏنت اُجرو، هلي گنيئر چال
ساسو وهو، ڏيڪري، تنهي جو هڪ ڀوتار.

(هاٿي ڪارو، ڏند اڇو، هلي شينهن جي چال، سس، نُنهن ۽ ڌيءَ تنهي جو هڪڙو مڙس.)

چوپڙ

٨٧٥. ايڪ ساس، سورهن ٻهوڻان، تين ڄيٺا، گهر چار
ٻين پاوَ رمي جهتمي، سرتا ڪرو ويچار.

(هڪ سس، سورهن نُهرون، تي پٽ، ڳهر چار، ٻنان پيرن
ڳهي ڦري، سگهو ڪريو ويچار.)

٨٧٦. چاري جائي چيلهه ۾، سَت اُوٺي را چاري
سورهان رو پلو لڳو، اچا اڪَن ڪنواري.

(چار سجائو چيلهه ۾، ست تنهن جا چاري، سورهن سان پلئو
لڳس، اڇان صفا ڪنواري.)

٨٧٧. چار ڪوٺين چوويس تاڪا، جي ۾ ٻيسين راوت راڻا،
ڏَنت ڪَروڪيِن^، نووَت واجين^، سامهان ٻيٺا مورڪ لاجين.

(چار ڪوٺيون، چوويهه خانا، جنهن ۾ ويهن راوت راڻا،
ڏند ڪڙڪن، نوبت وڄي، سامهان مورک ويٺا ڦڪا ٿين)

٨٧٨. چؤ پَلنگيي چوڪ تمام ريسي جانِ ڪَرسي
مـن ترسي آهـي، مـشڪـل پاريسي.

(چئن ڪنڊن واري چڪ، پوري ٿيندي تہ جان گهرندي.
دل کي سڪائيندڙ آهي، پر مشڪل ملندي آهي.)

٨٧٩. پايا پاڻ ديـش ۾، ايسان^ عمر ڪوٽ
پَرتاري پيچ ۾، سمهڻ هاري سورٺ.

(پاوا پاڻ ملڪ ۾، ايسُون عمر ڪوٽ ۾، پَرت پيچ ۾ ٿيو
تہ مٿس سمهندڙ وري سورٺ ملڪ ۾ آهي.)

چؤنري (شاديءَ جو ميڙَهن)

٨٨٠. ايڪ جيڏي نگري، جي ۾ ٿنيا آهن چار
جي ۾ ہ ڪَجرو سينچرين، پنيان لاک هزار.

(هڪ جيڏو شهر، جنهن ۾ ٿنيا آهن چار، جنهن ۾ ہ چٽا هلن
۽ انهن جي پٺيان وري لک هزار.)

چاڏهين

٨٨١. ساڏو ڏابورو، گلابي پرت ـ ڪاڏو ڙي جانيبان^ هتو هٿ
(ساڏو داہلو، گلابي بج: ڪاڏو ڙي چاچي هتو هٿ)

٨٨٢. ول پتريل سوا ڳج ڏنڊي، بنا ڪنيار گهڙي هنڊي
بنا چمائڻ جميو ڏهي، پرش جي پيٽ ۾ استري رهي.
(ول پڪوڙيل، سوا ڳز ڏنڊي، ڪنيار کان سواءِ ٺانءُ گهڙيو،
بنا چمائڻ ڄائو ڏونرو، مڙس جي پيٽ ۾ زال رهي.)

حقو

٨٨٣. وڏو پکي اُرڙ، جنهن جي چهنب چرڙ
جنهن جو متو مُردار، ڍُونڍ وڏي خبردار.

٨٨٤. ڏڙ ڳجهي، وڄ چمڪي، نر ناريءَ هيٺ
راڻي چوي راجا کي، هيءَ ڪنهن پڌي ٻيٽ.

٨٨٥. آنتيو ٻهر، متي ويتو هولو
اِئي رو آرت نه کهي، آوڻي رو باپ گولو.
(ڏنگي ٻهر تي ڪبوتر ويٺو، جيڪو نه پچي تنهن جو پيءُ گولو.)

خط

٨٨٦. اچو اچو بگلو، متي ڪاري ريت
پکان پکيٽو پاربهو، ڦري ڏيسان ڏيس.
(اڇو اڇو بگلو جنهن جي متي تي ڪارو ريٽو. پکن کان سواءِ
پاريهل جيڪو ديسان ديس گهمي.)

دُونهون

٨٨٧. پکان پکيٽو، ڏنگر چڙهي.
(پيرن کان سواءِ جبل تي چڙهي.)

دهل

٨٨٨. ٽوڻو لٽڪڙ ٽاڪي - سارو ڳوٺ ٻالهڪي.
(پورو ڪاٺ وڃي، سڄو ڳوٺ ڳونجي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺَوَٺِ (لوهاري ڪم جي)

٨٨٩. ٻِن سانڍِن سُهِڻين، هيڪِڙي ٻَڪِي چَڙِهين
اونائِي تو اُتِرِي، تـو ٻِنهِي تـيـن⁸ مِرِڻين.
(ٻه ڍاڄيون ڏِسڪيون، هڪڙي پير تي چڙن، جڏهن تُو اٿهي ته ٻئي ٽيون مرن.)

ڏانڌو

٨٩٠. ڪاررو مـاررو، جهنگ چَري ڳاهڙو
لُڪِي نڪو ساهڙو، واهُ ڙو واهُ ڙو.

ڏانگڙي (لٺ)

٨٩١. ڳِرَڍايِل ۽ چـالـٺو، نـاريـلـن ۽ نـام
سـُرتا هوئِي تو سوجهه لو، مارواڙ ۾ آهي ڳام.
(پيريءَ جي ٽيڪ، ناريل ۽ نالو، سمجهو هجين ته ٻڌاءِ جو انهي نالي سان مارواڙ ۾ ٻه ڳوٺ آهي.)

ڏانڊوٽي

٨٩٢. ٻـوهـتـر ٻـورڙي، ٻـوهـتـر ڪـنـا
ڪـنـوڻ جاڻي تـو پيهس را ڏَنـتـا.
(ٻاهتر ڦُلڙيون، ٻاهتر مٽيا، ڪير ڄاڻي ته ڪن جا سونا ڏند.)

ڏوئي

٨٩٣. ڳهاتي جهنگ ۾ ڏنو نيزو، نمزي مان ٿي نار تيار
ٽپـي پـٺـي ٿـانـوَ ۾، آڏ پـُـڇـڙ ٻـتـهـار.

ڏوڏرو (ڪرڙ جو)

٨٩٤. سـاٿو جهاڙ، پـر ٻِنِ جـو ڏڪار
ڦل آهي سهڻو، جهڙو سوپاريءَ جو پار.
(ساٿو وڻ پر منجهس ٻِنِ جو ڏڪار، ڦل سهڻو انس، جهڙو سوپاريءَ جو پاءُ.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڍر

٨٩٥. نڪا ڏاڙهي، نڪا مُونڇ ـ ڪڏهان ڀُتو ، ڪڏهان پونڇ.
(نڪا ڏاڙهي، نڪا مُڇ، ڪڏهن بنا پڇ، ڪڏهن پڇ سان.)

٨٩٦. ڪـن بـغـيـر ڪُـوچـلـو، پُـونڇ بـغـيـر ڀـانڊو
اِيئي هماري وو آرٽ ڪرو، نہ تہ ڪتنب آيان^ رو گانڊو.
(ڪنن کان سواءِ ڪُرو، پڇ کان سواءِ لنڊو، هـن هيماريءَ جو مطلب ٻڌايو، نہ تہ اوهان جو سڄو ڪٽنب اڻ ڄاڻ آهي.)

٨٩٧. سياري ۾ ڪارو آهي، آونهاري ۾ پيلو جاڻ
چؤماسي ۾ ساڻو رهي، هي کهڙو جيو سڄاڻ.

ڏيڏي جي وٽ

٨٩٨. ڪري ٿانئي ري ٿانئلي، ننگر نـاڻي نار
پتل پـهـري پـدمڻي، سورهـن ڪري سنگار
پگ جهڪي پولڙي، هيئين^ جهڪي هار
نـڪ ري نٿـلڙي، ڦـولان^ پـارو پـار.

(سڀ ٿنڀي جي ٿُوڻي، سڄي شهر ڪي وٿندڙ نار، اها پدمڻي زيور ڍڪي ۽ سـورهن سينگار ڪري، سندس پير ۾ مُنڊي تي چمڪي، ۽ ڇاتيءَ تي هار چمڪي ٿو، نڪ ۾ نٿ اٿس ۽ گلن سان جهنجهيل آهي.)

ڀيرو (سٽ جو)

٨٩٩. اِڏو اِڏو گنڊيو، جبل کـان ٻـہ وڏو.
(هيڏي هيڏي ڳنڍڙي، جبل کان ٻہ وڏي.)

رات

٩٠٠. پٽڙي پڙي پگهي نہ، تکرا ٿيا ٻہ چار
بنا پنکهي اُڏ گئي، سُرتا ڪرو ويچار.
(پوندي پوندي پگهي نـہ، رگـو ٻہ چار ٽڪر ٿيا، بنان کنڀن اُڏامي وئي، ڏاها ويچار ڪريو.)

رڇيو

٩٠١. چار پيهيان^ چاڳليين^، سورهن پائي سچا
هلڻ^ چلهون^ بازار ۾، ٻتري‌ءَس جيرا ٻچا.

(چار پيڻون چاڳليون، سورهن پائر سچا، هلن چلن بازار ۾، ٻٽيهه جنهن جا ٻچا.)

٩٠٢. پير ڪونهي پر هلي ڳهٽو، مُنهن ڪونهي پر ٻولي جهيڻو
آڍائي ٽُسو چيز ني نر ناري چاهي ڳهٽو.

(پير ڪونهن پر هلي ڳهٽو، وات ڪونهي پر ڳالهائي جهيڻو، آڍائي ٽسو ماپ واري شيءِ کي هرهڪ مرد توڙي عورت ڳهٽو ڳهري.)

رستو

٩٠٣. لانٻو لانٻو لانٻڙو - لئو^هي نڪو چانٻڙو.
(ڊگهو ڊگهو ڊگهڙو، رت نڪو چمڙو.)

روهيڙو

٩٠٤. تر چابو، تر آپنو، تر ۾ وڏا ڪوٽ
ڦيريو ساريو سنڌڙي، ڦيريو عمر ڪوٽ
وڻگي جي بازار ۾، چيهي ڏني چوٽ.

ريل گاڏي

٩٠٥. ڪارو بانو ڪير ڪير پارو راتو بانو راتو
نيڙميں تونڌي چتي، سامل گهوڙا پاتو.

(ڪارو بانٺو آواز ڪندڙ، ڳاڙهو بانٺو راڻو، نيٺر وڏل آٽ هلي، سائس گهوڙا پڄايو.)

---

٩٠٤. وڻ جو قسم، جنهن جي ڪاٺي نهايت مضبوط ۽ ساڳ جهڙي ٿيندي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال، ورهيه

٩٠٦. ايڪ تَيرووَر، تيهن ٿُڙَ، ٿُڙَ ٿُڙَ ڏينا چار
ڏينهي ڏينهي ڦِر ٽيهس، سُرتا ڪرو ويچار.

(هڪ وڻ کي ٽي ٿُڙ، هرهڪ ٿڙ کي ڏينا چار، ڏيني ڏيني ۾ ڦر ٽيهه، ڏاها ڪريو ويچار.)

٩٠٧. چار آنتها، چار ٿَڏا، چار نيڻان، نيئر جهڙي
ٻارهن پڳان رو مرگهلو، ڏارو ڏار ڦري.

(چار گرم چار ٿڌا، چار اکين مان پاڻي وهائين، ٻارهن پيرن وارو هرڻ، ڏارو ڏار ڦيري. چار گرم يعني اونهاري جا مهينا، چار ٿڌا يعني سياري جا مهينا ۽ چار پاڻي وسائين يعني برسات جا مهينا.)

٩٠٨. هٿ جيڏي لڪڙي، چڙهيو چمُر ڪي هاٿ
ٻارهن گهوڙيا ٻاجهتا، ۽ ٽيهس نهيا لاٿ
جيرا آر ڪڍيا نو ٽيا تين سؤ سات.

(هٿ جيڏي ڪاٺي ڪنهن سياڻي جي هٿ آئي، ٻارهن آن مان ٽيا نهيا ۽ ٽيهه لنيون نهيون، جڏهن آن جا آرا ڪڍيا ويا ته ٽي سؤ سٺ ٿيا. يعني ٻارهن مهينا، هرهڪ مهيني جا ٽيهه ڏينهن ۽ سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن.)

٩٠٩. ٽن تسوڻن جي لڪڙي، آڇي اڇلي واڍن جي گهر
ٽي سؤ سٺ گهڙيا ريڻٽيا، ٻارهن گهڙيا ٿمپ
چتور سمجهن، مورک ڪن نه ويچار.

(ٽن گرائنن جي ڪاٺي اچي واڍن جي گهر آڇلياڻون، جنهن مان ٽي سؤ سٺ ڪايا ۽ ٻارهن ٿمپ گهڙيا ويا، هيءَ پرولي سمجهو کي سمجهن، مورک ڪجهه به نه ڄاڻن. ٽي تسو =

---

٩٠٦. ٽر ۾ ٽي سوسمون سيارو، اونهارو ۽ وسڪارو ليکين، ۽ هرهڪ موسم ۾ چار مهينا ڳڻيا وڃن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي موسمون، سيارو، اونهارو ۽ برسات، ٽي سؤ سٺ رينڌيا = سال جا ٽي سؤ سٺ ڏينهن، ۽ ٻارهن ٿنڀ = ٻارهن مهينا.)

ساهمي

٩١٠. هڪ ناري، ٻه گهاگهرا، چئڪي ناڙا ڇهه
کرڪ مٿي پڇڙي، اُن جو آرٽ ڇنو.
(هڪ عورت کي ٻه پڙوا، ڇهه اکيٽ ۽ پُٺن مٿي پُڇُ آهي.
اُن جو مطلب ٻڌاءِ.)

سج

٩١١. وَتو ڏَهو رنگ پيريو، آيهي مين تو جانهي
راجا پُڇهي راڻي نان، ڪهو جناوَر جانهي.
(ڳاڙهو ڏهو ونگ پيريل، آيُ ۾ پيو وڃي، راجا راڻيءَ کان پڇي ته ڪهڙو جانور پيو وڃي.)

٩١٢. لالان^ ليو تو ڏَس ڏيان، موتي ڏيان ڏس بيس
اِي تو ڪرج ۾ ايڪ وَسهي، ڪانڪر ڪران بخشيش.
(لعلون وَٺ ته ڏهه ڏيان ۽ موتي ڏهه ويهه ڏيان، پر اهو نه گهيراڻي ۾ هڪ ئي آهي، سو ڪيئن بخش ڪريان!)

٩١٣. پتِگ پاگوڙي، دَڙَ ڪوتڙهي، ٻانهي ٻاهڙ مير
ڪيننل ويـن^ ڪهجڙيـن^، پـالهي وي پـاکيڙ.
(پير پاڳوڙي ۾، ڌڙ ڪوتلي ۾ ۽ ٻانهون ٻاهيڙ مير ۾، وڻن ڏاران به مٿو ميدان ۽ پکيڙ کان سواءِ ٻه پالهي.)

سرهيدائي ۽ سرهو

٩١٤. ڌڙ سينگي، ڪٿو پاتيري، ڪـُکڙ ڪنڌي نار
ناري نر ڦينڪيو تـو سمُونڊران^ پيلي پار.
(ڌڙ سڱن وارو، پيٽ ويڪرو، ڪـُکڙ جهڙي ڳـچي، زال، مڙس کي اُڇليو ته وڃي سمنڊ کان پار پيو.)

٩١٥. چوٽائيءَ ۾ چار ڪڻ، ٽم ڏيئي پيسا
ٻارهن مهنا چُوڻ ڪري، اچان نہ ڪٿا.
(چوٽائي ۾ چار داڻا زور سان پيئنا، ٻارهن مهينا چُوڻ ڪيم پر اچا نہ ڪيئا.)

سڱر

٩١٦. ٻاڙ پتيري، جتر آونڏو، متي لاٿيا جهوڙا ڪيس
اهڙي ٻلي سوڪڙي، سيڻان^ نان^ موڪلهان پيٽ.
(ٻاڙ سنهي، پاڻي اونهو، متي ڏڳها وار، اهڙي ٻلي سوڪڙي، سيڻن کي سوغات ڪري موڪليان.)

سڱري (ڪنڊيءَ جي)

٩١٧. پيتري ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميڻي
هيٺان بيٺوڙي، آونچي ڏٺي.
(سنهي ۽ ڏگهي، ڪاڏي ۾ ميٺي، هيٺ لڙڪيل پر متي ڏسجي.)

سوپاري

٩١٨. ڊيڀلو واٽيو، ڊيڀلو پيٽ - جڻو ڪٽائي پٿر هيٺ.
(بندرو واٽيو، ٿلهو پيٽ، پٿر هيٺ جسم پچائي.)
٩١٩. ننگر ۾ ناڳي قري، ٻن ۾ ٻهري چيير
تنهن جا قتل آئجو، سڳي نٽان جا وير.
(شهر ۾ اڳهاڙي هلي ۽ جهنگ ۾ ڪپڙا پائي، تنهن جا قتل آئج، سڀي نٽان جا ياءُ. يعني زال، مڙس کي سوپاري آٿڻ لاءِ چيو.)

طوطو

٩٢٠. پڙهي تو پڻ پنڊت ناهي، پُوريو پڻ نا چور
چتر هجو تہ چني ڏيو، متڌرو پڻ نا مور.

---

٩٢٠. مڌرو = سينو، سهڻو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلم، پنو ۽ اکر

٩٢١. هَرَ هَرَ وُنا، پُون ۾ پَٽيري، هاري چِٽر سڄاڻ
ڪَان موتيي نپچجين^، نيڻين ڪڍيا لپڏان.

(هر آلو، زمين برابر ني، هاري سياڻو سڄاڻ، وات سان موتي آپجن، اکين سان گڏ ڪيجي.)

ڪاغذ، خط

٩٢٢. آڪرڪَن ڪَرڪَڙ ٻيڙي، جنهن ۾ رهي ڪاري ڪُپڙي
ڏيس ڦري ڏيساور ڦري، راجا سان گڏ ڳالهيون ڪري.

ڪپهه

٩٢٣. سُوپتر ڪنو رُوپيو، وهي ٽُورا ٽُور
مُوهر لڳتين^ ڪنڪرين، پتچي لڳو پور.

(ڇچ جهڙو رپيو هڪ تور ڪان پئي تور ٽائين هلي، جنهن ۾ ڀرين ٽيون ڪنڪريون ۽ پوء ٽيو پُور.)

ڪرڇي (ٽرڏيي)

٩٢٤. اِيتليي او پيتلي، ٽون پتنداري ري ڏيء
ڪائين پيٽين سيڪي، ڳرئين پوء نون ڪيئن؟

ڪکر

٩٢٥. ڦٽيي ڦٽيي چِتر گهٽي- ڪوڏ پڪيٽيي، چانڊ گهٽي.
(ڦٽي جنهن ۾ چِٽ گهٽا، ٽڙ ڪان سواء چانڊ گهٽي.)

ڪلف ڪنجي

٩٢٦. ٽپاليي ۾ ٽپالو، ٽنهن ۾ ڪلنگي گهوڙو
چوڙيو نه چوڙيو، نه بيٺو ڪري ڦوڙو.

ڪِلو

٩٢٧. مُٺ جيڏو مانٺيرو - سؤ ڳانڍين^ سيڪڙي.
(مٺ جيترو ماٺهو، سؤ ڳنڍون سميٺي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪ

۹۲۸. آڌـــر ري ڌريـٺـاري، ڏڪـڻ تـي جـاڏئـون^
ڪانڀان مـُـنـڀيلي ڪانڀڙي، لـُٽڪ لوڏا ڪاڏئون^.
(آڌر جي ڌيئڙي، ڏڪڻ ڏي وڃان: سنهي لڪڻ جهڙي ٻيلي لوڏا ڪان.)

ڪوس

۹۲۹. ڪارو ڪارو گهيٽو، لاڙهان^ ۾ تـو لـُـڏي
ڀڳ سين پڙهو ڪران^ تو درياهه ۾ تو ٻُڏي.
(ڪارو ڪارو گهيٽو لڙهن ۾ ٿو لُڏي، پيرن سان پري ڪريان ته درياهه ۾ ٿو ٻُڏي.)

ڪوڪڙي (سُٽ جي)

۹۳۰. اِڏي هـَـڏي، ڏونگر سان وڏي.
(ايڏڙي هـَـڏي، جبل کان وڏي.)

ڪونديرو

۹۳۱. اِتڪي ڏٻلي ـ ڌوڙ ۾ گـُـتڪي
(هيڏڙي ڏٻلي، ڌُوڙ ۾ پوريل)

ڪاروُڙو ڳوٺ

۹۳۲. آمرڪوٽ کي اوڏڙو، نـَر نامـيـٽي نام
ڪارونجهر جي ڪـَور تي ڳولي وڏـو گام.
(عمرڪوٽ کي ويجهو، مرداڻي نالي سان مشهور، ڪارونجهر جبل جي ڪناري تي ڳوٺ آهي، آهو ڳولي ڀڏايو.)

ڪاهي (ڌاس جي)

۹۳۳. ڪارو ڪارو گهيٽيو، اوڙي مٿي ليٽيو.
(ڪارو ڪارو گهيٽو، اگڻ تي ليٽيو.)

---

۹۲۹. ڪوهه مان پاڻي ڪيڊڻ جو وڏو ٻوڪو.
۹۳۲. ڪاروڙو ڳوٺ، عمرڪوٽ کان ٽي ميل آتر طرف آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩٣٤. هيٺان مٿان رونچ وَري، ڪوران رَهيِن ڪَچِيِن
هِيڪ جاٽو ڳَچِي ڳيِو، ٻہ چٽا پيا نَچِيِن.
(هيٺان مٿان پڇندو ويو، ڪناريون ڪچيون رهيون؛ هڪ
چٽو ڳچي ويو، ٻہ چٽا پيا نچن.)

ڪنولو

٩٣٥. چار پائي چوڪا، جُڳت ڪري بيٺا.
هيڪو ڪي ري ھڪوٺي ۾ ٻہ ٻہ ٽي بيٺا.
(چار پاءُ چڱا، صلاح ڪري ويٺا، هڪڙي ڪوٺي
۾ ٻہ ٻہ چٽا ٽي ويٺا.)

ڪنڍي

٩٣٦. ٻالاپڻ ۾ ڏورا ڪپڙا، ڳيرواپڻ ۾ لال
ٻيج بنا ايڪ چيج ڏٺي، مُرتا ڪرو ويچار.
(ننڍ پڻ ۾ آڇا ڪپڙا، پيريءَ ۾ ڳاڙھا، ٻج بنا ھڪ شيءِ
ڏٺم، جنھن جو ڏاھا ڪريو ويچار.)

ڪنوڻ

٩٣٧. جهڙپ ڏيئي جمنا پائي جهپڪ هلي وڃي
جنهن جي مٿان پوي تنهن کي ڀسم ڪندي وڃي.
٩٣٨. ڏِڳهي نَس ري ڪُونجهڙي، وياڻي ٻيڪانير
ٻچا چڏيا ڪوٽڙي، ڀُڳي جيسلمير.
(ڏکهي ڳچيءَ واري ڪُونجڙي ٻيڪانير ۾ وياڻي، ٻچا ڇڏيائين
ڪوٽڙي تي، ۽ پاڻ وڃي جيسلمير ۾ پهتي.)
٩٣٩. اِڏڪي ڏِيڪي، رم جهم ڪري
رَتني ري گوچار ۾ ڪيلي، ڪنوڙ ڪري
ٽري مَ ٽڻڪوڻو، ڦري نہ قالو
آٽ وَنا ميهولا، لاڪينو ملڪ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ھيڏڙي ننڍڙي نچ نچان ڪري، رتني جي ترائيءَ ۾ ڪيلي، ڪوڙ ڪري، جنھن جو ڦر نہ ڦلو، آڻ وڻل مينھڙا، لاڪيڙو ملڪ.)

٩٤٠. آڄ پيُج ۾ اوپني، نت ننگر ڏار
پيتل جھڙي پتري، سورهن ڪري شيڱار.
نڪو ڏر رکي ڏل ۾، نڪو ڪوري جھلي ڳار

(آڄ پيُج ۾ پيدا ٿي، رھي نئي ننگر وٹ، پيتل جھڙي سنھڙي، سورهن ڪري سينگار، نڪو ڪاوڙ رکي جان ۾، نڪو سھڻي جھلي ڳار.)

ڪوھہ

٩٤١. وڻ ٻڻ ماڻھين^ روپاڙو، جھري ڇا يا نہ ٻيھسي ڪوءِ
آڻ وڻي رڙيامٽو، وڻي ڏيڻگھر ھوءِ.

(رڻ پٽ ۾ اڇو وڻ، جنھن جي ڇانوَ ۾ ڪوبہ نہ ويھي، مينھن نہ پوي تہ آباد ھجي، پر جي مينھن وسي تہ غير آباد.)

ڪيھر

٩٤٢. ندي ڪناري رُونڪڙو، جھرو نام آٽنل
ھيڪڙي ٻُرس گورڙين^، ساسُو، ٻتھُو، نٽنل.

(ندي جي ڪناري ٻوٽو، جنھن جو نالو 'آٽنل' آھي، اُن ھڪڙي ئي مڙس جون زالون، سس، زال ۽ نڻان آھن.)

ڪيھر ۽ مکڻ

٩٤٣. سنھي سانڍھ وايو، اُڪيو آڌيءَ رات
نتورَس جنھن نيپجي، ويٺي ليو پرڀات.

(سنھي سانجھيءَ جو ۽ آڌ رات جو پيدا ٿئي، جنھن ۾ نتورس نپجن، ويامي وري صبح جو. ڪير سانجھيءَ جو جمائبو، آڌ رات جو ڇمندو ۽ صبح جو ولوڙي مکڻ ڪڍبو.)

٩٤٤. ڏينھن آٺويو آنڀو روپيو، اُڪو آڌي رات
پرھہ ڦٽي را ڦلَ ڇٽيا، آنڀو اُنم ذات.

(سچ لٿو، انب ٻوڪيو، آڌيءَ رات جو آيڙيو، پرهه ڦٽيءَ جو سيوو چٽيو، اهو انب آچي ذات وارو آهي.)

ڪيڙو، ڏونرو ۽ مکڻ

۹۴۵. ٻاپ ڪنا ٻيٺو پيٽو، جهيرو ٻونٽرو سردار
تيهني رات جنميا، سُرتيا ڪرو ويچار.

(ٻيءَ کان پٽ پلو، جنهن جو ٻوٽو سردار، تيهي هڪڙيءَ وات ڄايا، هاڻي ڏاها ڪريو ويچار.)

گدرو

۹۴۶. آڏي ڇيران، آپي ڇيران، ڇيران ٿاري پٺي
اڻي هيماري رو آرٽ ڪهو، نه ته ايها پترهو آئي.

(آڏي ڇيريان، آپو ڇيريان ڇيريان تنهنجي پٺي، هي پرولي ٻجهي ٻڌاءِ، نه ته هتان آٿي ٻري ٿي.)

گُڏي

۹۴۷. نگري نگري نار وٽي، ڪپڙا پهريو سٿو ڪري سينگار
نڪي ڏمر ڏيل ۾، نڪي لڳيس گار.

گرانهه

۹۴۸. پنجن چٽن راند ڪئي، رينگ رينگان ۾
ڏي گڙيدان ۾، گار ناهي گوئيو آهي.

(پنجن چٽن راند ڪئي ڇيچاٽن ۾، وڏاڻون وات ۾، گار ناهي ٻر چرچو آهي. پنج چٽا = هٿ جون آڱريون. راند ڪئي = گرانهه ناهياڻون. رينگ رينگان = ڏندن سان چٻاڙڻ جو آواز. گڙيدان ۾ = پيٽ ۾.)

۹۴۹. پنجن چٽن گيند آپاڙيو، ڏي ڏلهر منجهه
مٿان تي ڙينڊان، ڏي گيڙينڊان منجهه.

(پنجن چٽن ڏڙهو ڪنيو، ڪڏ ۾ ڪٽي وڏاڻون، مٿان ڇيچاٽ ٿيا، پوءِ وڏاڻون پيٽ ۾.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيڏگهو (جبت)

٩٥٠. ڪارو، ڳاڳن گوپارو ـ پيرن مٿي اوپارو.

٩٥١. ڪارڪي ڳڏهه، ڪاريا ٽنڙها ـ
هل ڙي مولهيي، ايهيج مڙها.

(ڪاري ڳڏهه، ڪارا سنج، هل ڙي آٿ، اِجهي مڙها.)

گهه ڏيو (نڏيو جنڊ)

٩٥٢. هيڪل سينگو هترڏيو، چوهه ۾ تو جائي.
(هڪڙي سگ وارو هرڻ، تکو پيو وڃي.)

لَڙُڪ

٩٥٣. ڪارا ڏونگر، نتدي جهَري، ندي آڇو نيير
تيسيو پاڻي نه پيئي، گوتي ليو پاوَنَ ويرَ.

(ڪارا جبل، ندي وهي، نديءَ جو آڇو پاڻي، آڇايل پاڻي نه پيئي، اها پرولي ڏاها ڳولي وٺن.)

لونگ

٩٥٤. رينڱ رينڱو، چار سينڱو، آپ ڪارو، ماس ڪارو.
(چئن سڱن وارو جهڙو رڙهندڙ جيت، پاڻ ڪارو، ماهه ڪارو.)

لوڻ

٩٥٥. سياري اونهاري نيپجي، وڃي چوماسي جَڙ
سڀ وَرڻ تنهن کي کائي، نه پن نه ٽڙ.

(سياري توڙي اونهاري ۾ پيدا ٿئي، مينهوڳي ۾ پاڙ کان وڃي، هرڪو ان کي کائي، پر آن کي نه پن ٿئي ۽ نه ٽڙ ٿئي.)

٩٥٦. ندي ڪناري نيپجي، جهيرو سرو نه ساڻو هوئي
مين گهر آيا پراهڻا، تين گهر هوءِ تو جوئي.

(ندي جي ڪناري تي پيدا ٿئي، جنهن ۾ نه پن ٿئي نه سنگ ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته پڏاءِ.)

هڪڙي عورت پاڇي رڌڻ مهل ڏنو ته اوڻ آهيئي ڪونه، تڏهن پاڙي واريءَ کي اها پرولي موڪليائين جنهن کيس اوڻ ڏياري موڪليو.)

ماڪ

٩٥٧. برسات پڙي، پيهيو سڀ وڏ راهه،
رُونڪا پاڻي چڙهه ڪيو، ڳج ڳج گهوڙا نهاه
گهوڙو تو ٻوڏي نهين، پکي ترسيا جاءِ.

(برسات پئي سڀ وڏڪار پسي وڏي، ٻوٽن تي پاڻي وري ويو، هاٿي گهوڙا وهنجي ويا، پر دلو به ٻڏي نتو ۽ پکي پڻ آڇيا وڃن.)

ماڪوڙي

٩٥٨. گهڙي گوهر گوبر نهين، ٻچڙي ٽنگ^ چار
اُئي هيماري رو آرت کهي، گهڙو اتاري نار.
مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت دلو مٿي تان لاهي.)

ماڌارو (ماکيءَ جو)

٩٥٩. هيڪ هيپنڊورو، ستهس گهران^ رو، گهر گهر جوڻان ٻار
اُئي هيماري رو آرت کهي، پاڇي گهڙلو اتاري نار.
(هڪڙو پينگهو، جنهن ۾ سوين گهر، گهر گهر ۾ ٻار ڏسان، هن پروليءَ جو مطلب ٻڌائي، پوءِ عورت گهڙو مٿي تان لاهي.)

٩٦٠. ستو منذر ستو ماڙهيا، ستو گهڙي ري پڻهيار
ٻيهان اگني پوچن پڇي، سرتا ڪرو ويچار.
(سؤ ڍهر، سؤ مڙهيا، سؤ گهڙن واري پاڻياري، ٻنان باهه جي ڪاڏو رجهي، سگهڙ ڪريو ويچار)

ماچر

٩٦١. ڪارو ماري ڪوڪرو، ڏونرو ماري هنس
ماري ميلهنو آڱڻي، لوهي نڪو مانس.

(ڪارو ماري ڪوڪرو، اڇو ماري هنجهه، موڻڪي اڳي تي ڳڏيو، جنهن ۾ رت نڪو ماس.)

مرت

٩٦٢ درياهه جي تون دادي، ٻيلي جي تون ڀائي
سرس جي تون سڳيڻي، ڇانئي تو کي ڇائي
تـر ۾ تنهنجا تانا، تون هتي ڪيئن آئي؟

٩٦٣. ڪاني ڪُونگر ياري، وڏي مان واري
ڇپر ۾ ڇيران لاءِ، پيچ ۾ پٽوڻ ڪري
سنڌ ۾ ساماڻ چڙي، مُنڊيهه چڙهي مٿهه ڪري.

(ڪاني ڪنگرين واري، وڏي مان واري، جبل ۾ چيرون ڏئي، پيچ ۾ پچڻ ڪري، سنڌ ۾ ساماڻ چڙي، منهنجي ملڪ ۾ اچي قيمت واري ٿئي.)

مرچ

٩٦٤. اڏڪي مينڪي، راجا نان روڏاڙي.
(ميڏڙي چوڪري، راجا کي روڏاڙي.)

٩٦٥. ندي ڪناري رُونڪڙو، پيتنسان سينگو هـوه
مين گهر آيا پـراڻا، تين گهر هوه ته جوه.

(نديءَ جـي ڪناري تي ٻوٽو، جنهن ۾ مينهن جـي سڱ وانگر وريل ٿئي، منهنجو مڙس آيو آهي، تو وٽ هجي ته ٻڌاءِ. هڪ عورت ياچي رڌيندي ڏٺو ته مرچ آهن ئي ڪين، تڏهن هن پاڙي واري کي اهو ڳُوڙهو ڏياري موڪليو، جنهن ڪي مرچ ڏياري موڪليا.)

مرلي

٩٦٦. آلو ٻلو، ڍام ڍُلهو، ڪتن پريل، پٽي ڍُلهو.

---

٩٦٢. گاهه جو هڪ قسم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺيءَ جو سنگ

٩٦٧. هيڪاٺي هتڙي، ٻالي ٻولي ٻجهي پٿر، ٻي ساٿي چولي.
(اڪيلي ٻالي ٻولي هئي، ٻوءِ ساٿي چولو ڏيڪيائين.)

٩٦٨. ساٿي چولي اوڙ نوڙ – مٿو وڏيو آوڏي نوڙ.
(ساٿي چولي هيٺ مٿي، مٿو وڏيو ۽ ان جي نوڙهه پڻ ڏسجي.)

٩٦٩. ساٿي ساٿڙ سٽ، جيڪي ري پينڊي سٿي حٽ
لاڏو ڪهڙو ڏي ڦٿڙو، عقل ڏسيا پٽ.
(ساٿي ڏاڇي سهڻي، جنهن جي مٿو تي وار، ڪهوٽ ڪهڙي
سهڻو پر ڏسو ۽ عقل جو ڪهٽ.)

ڪڪ

٩٧٠. اِڏ ڪي مينڪي، راجا پيڙي روٽي ڪاٿي.
(اِڏڙي چڙهي ڪرڙي، راجا سان گڏ ماني ڪاٿي.)

٩٧١. هاڻ گهوڙو، مُک ٻڪرو، نيٽن چڱي نار
پوڇن پيڙو برڪيو، سُرتا ڪرو ويچار.
(هلڻ گهوڙي جهڙو، منهن ٻڪر جو، ۽ نيڻ چڱي نار،
ڪاڏي ۽ گڏ وڌي، ڏاها ڪريو ويچار.)

ڪڪڙ ۽ اسي

٩٧٢. هُيڙڪَ لڪيڙي، هُيڙڪ هُونٿا
هٿ ڳهتي جُونان، تو نر مادي جُونا.
(ڳُڙ ڳُڙ ڪاني، ڳُڙ ڳُڙ ٿني، هٿ وجهي ڏسان ته نر ۽
مادي جدا جدا.)

مگ

٩٧٣. هيماري هيڪ ڏيان، مٿي مورا ٻيرا
پيڃا سٿهي سُڪي ڳما، او نيري را نيرا.
(هڪڙي ٻروليءَ ڏيان، مٿي منهجا پاڻ، ٻيا سڀ سُڪي ويا
پر هو ساوڏي ساوا.)

مڱهٽ (ڳهوٽ جو موڙ)

٩٧٤. چار پٽلا چُنڙڪيي را، آنڱوڇڙي ري ڄاري
اٿي پرولي رو ارٿ نہ کهاسي، سو لڳائي رو هاري.

(چار پلاند چُنيءَ جا، انگوڇي جي ڄاري، هيءَ پرولي جو نہ ٻجندو، سو زال جو هاري.)

مور

٩٧٥. مُک مُرلي، تن سانُورو ــ رهي ڳير وٽ بانورو.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن سانورو، رهي جبل وٽ البيلو.)

مهري (ان چڙهڻ جي)

٩٧٦. رَن بَن سڀن^ مڙد آيو، نہ مڙدان^ ري لهڪڙي
ڇوڙاري تو چوتان^ ڪري، ساري دنيا ڏيکڙي.

(رڻ پٽ مان هڪ مرد آيو، پر مرد جهڙو ناهي، ڇُوڙيليون تنهن مان ڏڪ هڻن، سڄي دنيا ڏسي.)

نار، هرلو

٩٧٧. سترهن ڪوهہ، سترهن ڪ جڻ ن وهن هڪ لٺ
آنـدو چـڙهيو ڳـادي تـي، ڪـري پُڇ هٺ
لڪڻ هٿي هڪڙي ڪـي، اکيون ڪنن رت.

ناريل

٩٧٨. پيٽ پيٽ ۾ پاڻي ــ پيئي راجا جي راڻي.
(پيٽ جي اندران پيٽ، تنهن ۾ پاڻي، راجا جي راڻي پيئي.)

٩٧٩. ڪڪو پـاڏو، پـاڏي پـورا وار
پاڏو هٺيو پتر نان^، پاڏو ڳيو مري
ڪاڏو پاڻيڻ واڻي، ڪاڏو لوڪ سنسار.

(ڪڪو پاڏو، جنهن جا وار پُورا، اهو پتر سان هنيم نہ پاڏو مري پيو، اهو نہ رڳو پاڻيڻ ۽ واڻي ڪاڏو پر سڄي لوڪ ڪاڏو.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٩٨٠. سَوڪ سَرووَر، آڏَرَجَرَ، جَناوري نهين جاڻيو
رسيا اوهيِ رس لائو، جو مَڇيِنِ نہ ماڻيو.
(سَڪل تلاءُ مٿي پاڻي، جيڪو جانورن نہ ڏٺو، آهو پاڻي
آڻيو جو مڇين نہ پيتو آهيِ.)

ناڙي (هڙ جي)

٩٨١. آپ ٻَڪيِ، جَڳَت ڍاپاڙيِ، موريِ لڳي جائِي
تان^ ڳوڍي هوئي نو ڏيو، مانڙو ڪتنَت ڪوتيِ ڻائِي.
(پاڻ ٻَکي، دنيا کي ڍائِي، ڪَسي پٺي وهي، توهان وٽ
هجي نہ ڏيو جو منهنجو مڙس ڪوٺي ٽو ٿئي.)

ناڏنگہ

٩٨٢. مُک مُرلي، تن سانورو، رهِي سدا ٻتن مانهہ
ڪهڙي شيءِ سنسار ۾، ڪرشن ڪهو تان نانهہ.
(منهن مُرلي جهڙو، بدن ڪارو، سدائين جهنگ ۾ رهي،
اها دنيا ۾ ڪهڙي شيءِ آهي، جو ڪرشن بہ ناهي.)

٩٨٣. ڪاغذ جيِن^ ڪرڪا ڪري، مڏ جيِن^ جهولا ڪائي
رائي پڇيِ راجا نان^، ڪهو جناور جائي؟

نٿ

٩٨٤. آٿ ڪٽن جي وِينجهٽيِ، نتوَڪٽن جي ڏور
چڪور چاليا ساهريِ، ڪيُون آڏئي مور.
(اٺن ڪڙن جي ونجهٽي، نتو َن ڪڙن جي ڏور، چڪور
ساهري گهر هليو، هاٿي ڪير آڏائي مورا)

ذدي

٩٨٥. هَر هَرونا، پَو^نه پتري، گانٺين^ ڳوڏا پيٽ
هاري هيجا پسيِ، پتوُنارن پڳيِ ڪهيٽ.

٩٨٤ اٺن ڪڙن جي وينجهٽي = نٿ جو ڪهاڙينو.
نو ڪڙن جي ڏور = نٿ لڪائڻ وارو ڏاڳو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ھر آلو، زمين سنھي، ڏکيون ۽ ڏکيا پيٽ ۾، ھاري جنھن کي محبت مان ڏسن، سا کيت ۾ پڳي)

ذيپوري (ڳھر)

٩٨٦. آساڙ مھيني اپجي، اس نام وٺي نام
سچاڻ ڳماڻي سندري، ليھيجو ميرا سام.

(آکاڙ مھيني ۾ پيدا ٿئي، آھا نالي واري مشھور آھي، اي پيار! سون سچ تي وچائي آھي، اھا ڳولي وکج.)

وات

٩٨٧. ڏيوجي رو ٿانُ، پٿيھ ڪپڙين ھيڪ پن.
(ديوتا جو آستان، پٿيھ ڪپڙون ھڪ پن.)

واڏڻ

٩٨٨. ڪارو ماريو ڪانھ، نيرو ماريو ھنس
آچي اچليو اگڻ ۾، رت نڪو ماس
وٺن واڻيا برھمڻ، وٺن ارڙھن ساس.

وجھي

٩٨٩. سُرماڻي ڪنچري، ساوا پيلا پتن
مچڪي سين مچي پيٺي، موٽيارن سين من.

(سُرماڻي رنگ جي چولي، ساوين پيلين پٽيون، نخري سان ڪٽ تي ويٺي، جو جوانن سان دل اٽس.)

وچون

٩٩٠. آنڪي لڪڙي ڏمڪ دايا
ھٿ لائون تو آوئي ڙي پايا.

(ڏنگي ڪاني چمڪندڙ، ھٿ لڳايان تہ ھاءِ ڙي پائُوا!)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙهو (ڳچهہ)

٩٩١. هٺ لال، پڳ لال، پڳ رڳي پيچار لال
چڪلا ورپنڻيي چاردار، ڪنڪٽي ڪروڙ دار
هيرا لڳا هزار، لعل موتي ڏيڍ سؤ.

(هٺ ڳاڙها، پير ڳاڙها، پيرن جي جُتي ڳاڙهي، آن جا چڪلا ڪنڊيدار ۽ ڪنگٽي سٺي، جنهن تي هيرا هزار لڳا ۽ لعلون موتي ڏيڍ سؤ لڳا.)

هٿ جي ڏري

٩٩٢. چيڍي ترائي، چيڍي پار - پاڻي رهي نه پسي پار.
(ڏانگهي ترائي، ڏانگهو ڪوهه، ڏڪي منجهس پاڻي رهي سگهي، نه ڪوهه تي سگهي.)

هرلو

٩٩٣. آٺ ڪرنگهو، پاسارا ڦينڊجا.
(ڪرنگهو آٺ جهڙو، پاسريون آڏيون آبتيون.)

هرڻ

٩٩٤. آک پڻوڪي، لونٽان^ جهڙوڪي، ڏريان آکر جائي
راجا پڇي راڻي نان^، ڪيهو جناور جائي.
(اک چنبي، لؤنان^ هٺي، گهوڙين کان تکو وجي، راجا پڇي راڻيءَ کان ته ڪهڙو جانور پيو وجي؟)

هلدالڏو (چانهڙن)

٩٩٥. رنڈو رونو، کيهہ کهٹو، تهين آڙد رڳي دال
سالڪ هوئي تو جيم لي، مورک ڪري بچار.
(اٺيي ماني، کيهہ کهٹو، آڙد جي سنهي دال، سمجهو آهي نه ڪاڻي وٺي، بيعقل ويچار ڪري.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنداڙو ۽ هنداڙي جي ول

٩٩٦. ڀُورو جوڳي جَتِل ڀِريو، جَتِل ڀُوري راءِ پيٽ
ناري ڀِلڻي نَر ڏَريو، ناري نَر راءِ پيٽ.

(ڀورو جوڳي پاڻيءَ سان ڀريل، پاڻي ڀوري جي پيٽ ۾، زال ڀڪڙي، مڙس ٿيو، زال مڙس جي پيٽ ۾.)

٩٩٧. تُڙ ٽورو، ڀَستر گهڻي، ڏارِي ڏارِي وَنڪ
هي ڀِرولي پرکي، ڪوهه ڪٿي ڪَنٽ.

(ڀاڙ ٽوري، ڀڪڙيل گهڻي، ٽاريءَ ٽاريءَ ۾ رنگ، جهڙو هي ڀرولي ڀڃي سوئي هن مڙس کي ڪٿي.)

٩٩٨. ندي ڪناري رُنڪڙو، سارڻ ڀِهيڻڏا چار
ناري سِهيڻچڙي، نر ڀِهڻي، سُرتا ڪرو ويچار.

(ندي جي ڪناري تي ٻُوٽو، تنهن ۾ چار ڦل، زال چڙکي، نر ڀِڻڙي، ڏاها ڪريو ويچار!)

هوا ۽ واچوڙو

٩٩٩. نانِي ڪَٿِي هتِي ناناڻڙي، آئِي لاڻِي ڪپاس
هيڪ ڀِڳ پاڳوڙڙي، ٻيجو پڳ آڪاس.

(ناني ويئي هٿي ناناڻڙي، آندائين ڪپاهه، هڪڙو پير هٿس زمين تي ته ٻيو پير آسمان تي.)

هيرڻ

١٠٠٠. ڳوڍ جنهن جو ڳُرنڊيارو، ڀن جنهن جو ڀاڻِي
آڏي منهنجي لاڪيڻي، سالڪ ڏيکڙي ساڻِي.

(ٽُڙ جنهن جو ڳنڍين وارو ۽ ڀن ويڪرو، آڏاوت جنهن جي سهڻي، سالڪ ڏسڙي سائِي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) ڳوڙها

برسات

١٠٠١. نڱِي منڍنِ، تاس رپ، بتهُوت آلتيي آه
بتن سُت ڪا پتمرا آنـاه، گـر ديپڪ جڳاهِ.

(نڱي منڍڻ =رات جو سينگار (ڪنوڻ). تاس‌رپ =اونداهي رات جي دشمن (ڪنوڻ). بتن سُت = وڻ جو پٽ يعني ڪتواو. ديپڪ = ڏيو. يعني ڪنوڻ ڪنيو بيٺي آهي (۽ برسات اچڻ واري آهي) تنهنڪري ڪتولو ڪٽي اندر ڪر ۽ ڏيو ٻار.)

تلوار

١٠٠٢. پتر سُت ڪي پُتلِي، وڻ سُت ڪي واس
آجيا سُت ڪو اوڍنو، رهي پرش ڪي پاس.

(پٿر جو پٽ = لوهه. وڻ جو پُٽ = ڪاٺ. ٻڪريءَ جو پُٽ =ڇيلو. لوهه جي پُتلي، ڪاٺ جي کوٻي ۾ ۽ مٿان ڇيلي جي کل جو پوش (مياڻ)، آها ته 'تلوار'.)

چنڊ

١٠٠٣. ڌڌ سُت ڪي ليوڪي، وَسي نو منڍر ڪي بيچ
مانگي راڌ برڌ سين، سار ڪرو بخشيش.

(ڌڌ سُت =سمنڊ جو پٽ يعني موتي. موتين جهڙن ڪرڻن سان ٿو نو منڍر ۾ روشني ڪرين ٿو، ۽ توکي جوان توڙي پوڙهو چاهي ٿو ته شيري ڪرشن، مونکي ڏيکار.)

ڏينهن

١٠٠٤. هيم وَرڻ، پيچي لڙڻ، ڇهه پير، پکيون چار
ڪُوڙهو راجا پوج رو، سُرتا ڪرو ويچار.

(هيم ورڻ = سون جهڙو رنگ. پيچي لڙڻ = پيچ سان وڙهڻ. يعني سونهري رنگ وارو جو پيچ سان وڙهي، ۽ جنهن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهه ٻيو چار ڪنپ آهن، هي ڳُوڙهو راجا پوچ جو، سگهڙ!
ويچار ڪري ٻڌايو.)

سانوڻ مند

١٠٠٥. جيڻ رُت ڪاڳڙو ڪڙهلي، پونڪ، پٿوَر، مور مڻي مت
آنُ رُت پيهه تر منت ميلهي ڪامڻي، ڪنٿ نهين راڪنت.

(جنهن مند ۾ وچون چمڪن، نانگ، پؤنر ۽ مور مست ٿي
آواز ڪن ٿا، آن مند ۾ زال ڪي مائٽن نه موڪلج، اي
ڪنور دل وارا ڪانڌ!)

ڪيهڪار

١٠٠٦. چار ميلهين^، چوستت ڪُلهين^ ٻيس ميلهين^ ڪر جوڙ
ڳوڙهو آرجڻ موڪليو، ارت ڪري رڻ ڇوڙ.

(چار هٿ مان، چوهٺ ڏند ڪُلن، ويهه آڱريون مان، ۽
هٿ جوڙ ڪجي، ارجڻ ڳوڙهو موڪليو، جڪو پيڇي ٻڌايو.)

موتي

١٠٠٧. ڪتو پتر ڪيرَ، ٻر پتنگچ، پنگچ ڏوڏي پاهِ
سکي! آچنبو ڏيکو، ڏُڌ سُت ڏڌ ۾ جاهِ.

(هٿ تي ڪنجهي جو وڻ، ڪنجهي ۾ پاڻي، پاڻي ۾ پاهُ،
سهيلي! عجب ڏٺم جو پاڻيءَ جو پٽ پاڻيءَ ۾ ويو. هڪ عورت
جي نراڙ تي موتي لڳل هو. ڪنجهي جي وڻ ۾ پاڻي پيئندي
پاڇي ۾ موتي ڏٺائين. پاڻي پيتائين ته ان سان گڏ موتي به
گم ٿي ويو. ان تي پنهنجي ساهيڙيءَ کي اهو ڳوڙهو ڏنائين.)

هرڻ

١٠٠٨. آرهه گهوڙو، مڪ ٻڪرو، ڇيپڪ پڳ چار
اِي ڳوڙهي رو ارت ڪهجي، گهڙو آناري نار.

(ڇاڻي گهوڙي جهڙي، مُنهن ٻڪر جهڙو، چار پير ڇيريل:
هن ڳوڙهي جو مطلب ٻڌائي پوءِ عورت دلو لاهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون

ذت ـــ پرولیون

[کا وت (شيء) يا ڪو واقعو ڏسي ان بابت ڪا پرولي ڏجي ته اهڙي پروليءَ کي ”ذت - پرولي“ چئجي ٿو. هن باب هيٺ انهي قسم جون عام فهم ” ذت - پروليون “ شامل ڪيون ويون آهن.

ڪن سگهڙن پنهنجن ’ذت - پرولين‘ کي ’پرولي‘ ڪري ڄاڻايو آهي، مثلاً:

- اها پرولي پڌري، پڇندا چام چوي چاموٽ
- پيچ پرولي ”پٽيءَ“ جي، وهلو ڪري ويچار
- اهــا پــرولي پــڌري، سالڪ تــون سڄاڻ

پر سٽاء جي لحاظ سان اهي مڙيئي ’ذت - پروليون‘ آهن.]

آگ گاڏي

١٠٠٩. ســاڏين سندي سترءِ، پــيــدا ٿــي هــڪ نــار
گهمي سٺ سهيلي ســان، ســرس ڪري سينگار
هڪڙا مــاڻ لئي مشتاق، ٻيا پڇي تــيــن بيزار
هڪڙا دربان درن ني، ٻيا ڇوڪي لــک هــزار
ڪيئي ڪنوايــائين ڪيترا، جــو ليکي ناهه شمار
جنهن جوڏيهن ۾ ڏهڪار، ساسمجهي ڏيو ”سچو“ چوي.

اک جي انبڙي ۽ ان جي پشم

١٠١٠. نر مــان نر پيدا ٿيا، تنهن نــر مــان لک هزار
روح بــڻا ”رمضان“ چئي، آڏا مــيــو ڪن الغار
جن ڏڙ سسيءَ ڪان ڏار، سي سينهن وسندي مريو پون.

١٠١٠. چيل فقير رمضان پٽ شهمير، شهميراڻي لاکوواڊيجي، پنجموري تعلقي هالا جو رهاڪو هو. ١٣٣٠ هجري ڏاري وفات ڪيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهوري

١٠١١. قد ڪونڌ، پيچ ڊگهي، نالي چڱي نار
هر ڪنهن پکيءَ پر پر، هين پکيءَ پر چار
ڪنهين نه رت نه نڪري، جنهن جو ماس ناهي درڪار
جڏهن چڙهي شوق شڪار، ته نر ماري ٿي نار.

ٺهڪڻ (نار جي)

١٠١٢. ويٺو پيهاريو وات ۾، چاري مٿي چور
وڙهي پيو ويرين جان، زابر رکي زور
مون پانڌيو چور، پر هو ساڃاءَ "سيد" چئي.

پيچڻ ۽ ڪپاهه

١٠١٣. ڏوري ڏوري ڏٺو ۾، هڪ آهه نر نگاهه
ڪامل ڪنڌي نڪ سان، پيو سائس آهي سپاهه
جوان چڙهي ٿو جنگ ۾، هو حاضر ڪيو همراهه
نرمل ناريءَ نسي ڪري، ڪست منجهارئون ڪاهه
هن جا عضوا پٽيو چڏي، خوب وڏي مون ڪاهه
جڏهن ماري مات ڪياهه، تڏهن پيٽ ڪنيو وڃن ماڳ تي.
(نر = پيچڻ (اوزار). همراهه = سڀ اوزار. ناري = ڪپهه)

پڃال

١٠١٤. منهن پڌي مائيءَ جو، نر ني چاڙهيائون نار
سا ٺهڪڻ ۽ ڦٽڪڻ لڳي، جو پيٽ ۾ هئس بار
منهن ڪوليندي نار، سڀي سگهائي ٿيئي.

١٠١٢. چيل روشن علي شاه. هي روايت ۾ هيءَ ڏٺ "سوسري" نالي ڪنهن سگهڙ ڏانهن منسوب آهي ته:
ماڻهن ليکي سور، پر ساڃ آهي "سومرو" چوي.

١٠١٣. چيل سگهڙ الله بخش لغاري، ويڙل ڳوٺ جعفرخان لغاري تعلقو سنجهورو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي

١٠١٥. نڪا ضرورت زوج ڪي، نڪي گهرڻ گهوٽ
مٺڻ مزا سپ چڏيا، ويٺي پساهه جي پالوٽ
ور ڏين ويچارين کي، اءا چمارن جي چرٽ
سيڪو پنهنجي مڪ لاهه، نائو ڏئي تو نوٽ
هو هر هر ڏين حاضري، آهن ڪانڌ پنهنجي نان ڪوٽ
وڃيو سامهيون تين سيلهن کي، اهڙيون آهن انموٽ
اهڙا پروليءِ پڌري، پڇندا "جام" چوي جاموٽ.

جتي

١٠١٦. ڪارو ڪڪر ڪوڙ سان، تو ڏهاڙي وسڻ
نڪا ڦڙي آب جي، نڪو ريج رسڻ
ان جي وس پتسي، عالم ٿي آباد رهي.

چڪي (جتي)

١٠١٧. پروليءِ ڏيانهه پٽ جي، نورا! تون نهار
پر پڙي بکهار جهڙي، نالي چگي نار
پيچ پروليءِ "پٽيءَ" جي، وهلو ڪري ويچار.

چلهم

١٠١٨. پاڪو قاتل پاڻي ڏنم، گهر گهر وڃي واري
پاڻي تپائي، تپسيا ڪري، شيوا ڪري ساري
بدن ۾ پٽيونڊي ڏاري، چمڪي ٿي چوڏاري
واهه جي جوڳي، بنا پوگي، مٿن تين واري.

١٠١٥. جام خان پٽ رحيم خان چانڊيو، ڳوٺ پڊيو خان چانڊيو، لڳ ڪيڏڻ تعلقو بدين. ٩- جون ١٨٩١ع ۾ ڄائو ۽ ٢٣- سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي وفات ڪيائين.

١٠١٧. چيل اميد علي پٽيءَ جي.

چڻڊ

١٠١٩. ڏيٺي: چمندي تنهن چام کي، هٺا سِڱَ سهي
وهي ۽ ويڙ کان، ويا سِڱَ اُتهي
پيري ۽ منجهہ پهي، سليا ساڳيا سلطان کي.

پيچٺي: سهڻو آيري تو سڱن سان، جنهن جي مالڪ ڪري تو منڊ
جلد جواني کي وڃو رسي، ڇوڏهين پندرهين چنڊ
هن جي اٺين لاڳ لڳيو وڃي، جيئن ڪور پوي منجهہ ڪنڊ
پنجويهين وڃي پوڙهو ٿئي، هو نازڪ پاڻ نچنڊ
اٺاويهين ”اميد علي“ چئي، ٿئي ويچاري جي ونڊ
وري اهڙي آس آکنڊ، هو سهڻو آيري تو سڱن سان.

ڇانهين جي ول

١٠٢٠. ماهُ سُورهين نفيسڙي، سائي چولي سان
پر پٽ چٽي تي پدمڻي، رنگا رنگي جواڻ
سي سيِاه جا سياڻا، تڏا متا ڳٺوان
ماهُ تولا تيهہ چاليهہ، پٽ پاهُ من کن چاڻ
ڏسي هي قدرت جو ڪرتاڻ، ”ڪيم“ سارا هي سائين کي.

ڏيڍر

١٠٢١. وَهندي چشمي واهِي تي، مين خوب ڏٺا هڪ رنگ ها
هڪ ساهدار زوراور ڏٺم، نظر آندا اڙينگ ها
گردن جنهن دا فيل وانگون، اتي چنبا شيردي سنگ ها
پاڻي وچ مچائي ڪڙا، او ول ڏادي جنگ ها
گڏهہ وانگون آواز جنهين دا، هرڻان وانگي پچنگ ها
وهندي واهي تي مين ڏٺا، ايجها شير نسنگ ها.

١٠١٩. ٻي روايت: چمندي تنهن چام کي، پہ سڱ هٺا
جواني ۽ جوان کي لهي سڱ ويا
پيري ۽ پنهل کي وري سڱ ٿيا.
١٠٢٠. چيل ڪيمچند ويڙل ضلعو ٿرپارڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ۽ مانارو

١٠٢٢. ڳاڙهـا ڳانـڍو ٻير، ڏنـا سـون ڏاريءَ ۾
لڳو واءُ وصال جـو، تڏهـن ڇٽي ٽيا ڏيـر
سـاڳيا ڳانڍو ٻير، وري ڏٺا سون ڏاريءَ ۾.

(ڳاڙها ڳانڍو ٻير= ڏينهن، ڏاري= ٽاري وڻ جي، واءُ= اتر جو واءُ، جنهن تي ڏينهن مانارو ڇڏي وڃن ۽ وري جڏهن سيءُ کهنجي تڏهن ڏينهن وري اچي ماناري ۾ ويهن.)

رڇيو

١٠٢٣. سورهـن آنـا سڦرا، نـر مـان ٽيا نـروار
ٻٽيهه ٻچا تنهن جا، چوهٺ هلن هٽ بازار
”چتو“ چئي ”سوڻهار“، سون ڏٺو، آئين وسهو.

سال

١٠٢٤. هڪ هرڻ، ٻارهن ٻير، ٽي سؤ سٺ سڱن
هڪڙي هڪڙي سڱ ۾، پنج پنج ڳل ڇڄن
اهڙا ملوڪ هجن، جي ڏاها ڳوليـن ڏٺ ڪي.

(ٻير= مهينا. سڱ =ڏينهن. ڳل =نماز جا وقت.)

سپ

١٠٢٥. گهمندي ڦرندي ڏيهه ۾، ڏٺيون سين ٻه ٻايون
مڙس هنن جو ڪونه ڪو، رب ڪيون سايون
ٻئي جو ويايون، ته ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

١٠٢٣. شاعر چتو سوڻهار بلوچ، ميرپور ساڪري طرف جو ويٺل هو. اندازاً سنه ١٨٨٧ع ڌاري گذاري ويو.

١٠٢٥. ٻي روايت: جان وڃان واٽ وٺيو، ڏٺم ٻه ٻايون
اسر ٽيو الله جـو، ٽيون ٻئي سايون
گهراڇي ويايون، ٻار ٻنهي جو هڪڙو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠٢٦. ڪئين سال ڪنوار ڪئي، ٿيا جاليندي جتر ۾
ته ٻه سڪي ڀئي سڪ ”علي“ چوي، پاڻي جي پتر ۾
جڏهن ترسي وڃي تتر ۾، تڏهن سرس ٿي سون ڪان.

سج

١٠٢٧. هميشه هسوار، ساعت صبر نه سوار ڪي
فتح ڪري في الحال ۾ مانجهي مُلڪ هزار
ڪر ناظر پار نهار، ته منهن مقابل ميندرو.

سراڻ

١٠٢٨. ڪوجهيءَ مان ”ڪريم بخش“ چوي ٿيون پريون لک هزار
مرن انهي مهل پيون، ڪرن نه دير مدار
ڏس آڳي جا اسرار، جو لاش نه لڌو تن جو.
(ڪوجهي = سيراڻ. پريون = چڻنگون، جيڪي اتي ئي وسامي
وينديون آهن.)

ڪانءُ

١٠٢٩. چار ڪري ٿو چُست مان، ڪري ٿو ٻه ٻه پاڇهارا
ڪڏهن ڏن جا و ڇائي وارا
سالڪ سويارا، ڳوليو انهي ڳالهه ڪي.
(ڪانءُ ڪڏهن چار، ڪڏهن ٽي ۽ ڪڏهن ٻه ٻچا ڪري)

ڪوڙڪي

١٠٣٠. جيئرو ڪٺي وڃو، مُئيءَ ڪي وڃي پورياڻين
پيو جيئرو آيو، مُئيءَ جو اڇي مال ڪسياڻين
مئو جو آئيو ته ڪٺي جيئري ڪي ورتائين.
(جيئرو = ماڻهو. مُئي = ڪوڙڪي. پيو جيئرو = پکي. مال =
انّ جا داڻا.)

١٠٢٦. چيل ”علي“ جي.
١٠٢٧. چيل احمد ميمڻ، سجاول، ضلعو ٺٽو.
١٠٢٨. ڪريم بخش لاڙڪ، وينل ضلعو خيرپور.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي

١٠٣١. سڀئي ساماڻي صبح جو ٽوڙهي ڏي ٽوڙهي
ٻـي ءَ رات ٻالڪي، ٽين ءَ رات ٽـوڙهـي
چوٿين رات چڱون ٽيس، پنجين رات ٻوڙهي
اڇن ۾ ”احمد“ چوي، اڇي ڪارن وڪوڙي
ڇهين رات چوري، ڪنهن قبولي ڪينڪي.

١٠٣٢. جـوانـي آڇـو آڄ، ٻـيـري ءَ ۾ ڪـاراڻ
ڪتڇي تان قيمت ڪـري، ٻڇڙي تان ٻُراڻ
دانا! ٻڌج دل سان، آهي خاڪ انهيءَ جي ڪاڻ
ڪماليت ڪـي زواليت، ٻهچائـي رب ٻـاڻ
چارڻي ٻهر ”چانڊيا“ ڪر تنهن واحد جي واڪاڻ
اهـا ٻـرولـي ٻـڌري، سالڪ تـون سـڃاڻ.

١٠٣٣. ٽوٻي ٻايو ٽيلهي سان، مَرڪي منجهه ميدان
ٻيهي وسـائـي ٻاڻ تي، ٽيرن جـا طـوفـان
ٻچي نہ بهادر ٻيڙ تان، توڙي گجن نغارا نشان
ٻتسي اِن ٻـرولي ڪـسي، حـاذق ٿيا حيران
ٻروڙج ٻهلوان، ٻـر هـٺ نـہ واري هڪڙو.

گهوگهٻتڙو

١٠٣٤. وينڌي ڏي وات سـان، هڪ ناقص ڏنـم نـر
جـوڙي جـاءِ زمـين ۾، گهوٽ بناڻـي گهر
ٻاهر نڪري ڪينڪي، وٻهي طبقو جهلي تر

١٠٣١. چيل احمد درس جي. وينل ڳاڙهو صدر، تعلقو ٽنڊوالهيار.
ٻي روايت موجب ٻهرين سٽ هن طرح تہ:
جان وڃان وات ونيو تہ ڏنم چوڪري چوري.
١٠٣٢. چيل حاجي جام چانڊيو.
١٠٣٣. چيل احمد سيمڻ، سجاول، ضلعي ٺٽي جو وينل هو.
١٠٣٤. سگهڙ الله بخش لغاري جي چيل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزي رازق تنھن کي ڏي، آٿيو منجھ اندر
مون ڏٺو اھڙيءَ پر، کو مالڪ ڳالھ سھي ڪري.

(کھوکھيٽڙو ھڪ قسم جو جيت آھي، جو ڪلرائي يا وارياسي زمين ۾ پير ٿاھي ويھندو آھي، ڪٺلين تي سنڌمس گذران آھي.)

ماچيس

۱۰۳۵. ويندي جان وات ۾ ڏٺو ڏٺم ھڪ لَڙ
مڙد ڪي ساري آئيا، ھٿن ھلي ڪيو ھنر
ھن پنھنجا پَر ھوا ڪيا، چٽو سو چوڪر
نر چٽيون نينگريون، سي سارياڻون تان سَنڌر
سيڪنھن جي سيسيءَ تي وٺو نانگ آ وِيسَر
آھو ڏمرائين، ته ڏنگ ھٽي، وٺن نيسايو نر
ويرڪري وِيچَر، اُن جي ڏج ماھيت "سِٺي" ڪي.

(سِٺي نالي سگھڙ وات تان ويندي ھڪڙو پَرتو ماچيس لڌو، جنھن ۾ ڪڏيائين ته ستر تيليون ھيون. ان تي ڏٿ جوڙي پن ڪي پچڻ لاءِ ڏنائين.)

۱۰۳۶. جان وڃان بازار، ڏٺم ھڪ ڪاٺ جو مندر
چاليھ چيليون چاھ مان، رھن تنھن اندر
ھلن متي پر، ڪم ڏين ڪيترا.

ماکوڙيون

۱۰۳۷. سيئج ۾ اچي سوڙھيون ٿيون، ناريون ھڪڙي وس
نڪو اوڏي ين ڪوڙو، نڪو متي تي ڪيس
سگھڙ ڏٺيون سھيليون، سي آھن ڏيسان ڏيس.

ماکيءَ جو مانارو

۱۰۳۸. قادر جي قدرت جو، ھڪڙو شھر ڏٺم شاھي
ماڙي ماڙيءَ پرسان، آ جاءِ الھيءَ جائي

۱۰۳۵. مِٺو شيخ، لس ٻيلي جو ويٺل ھو.
۱۰۳۸. چيل روشن شاھ جي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت الهيءَ ملڪ ۾، ٻيو عقل الاهي
ٽڏي وڃين تنهن جي ته اڃين ڪير ڪنڌ ون ڪائي
زوري ظلم تن سان، نه هلي ٻي ڪفلت ڪائي
ماريندس مهل انهيءَ، تنهن جا ٻانڊ مڙيو ڀائي
سون مهاڻي سائي، مون روبرو ڏٺي ”روشن شاه“ چوي.

ماڇهم

١٠٣٩. سٽ ڏڙيهين؟ سونهٽي، ٻنجاهه سانڍ ٿڻن
ڪاهيو ڀوي ڪنن ۾، ٻيو ڪانه ڪري ڪن
تنهن جال گهٽو جر هاريو، ڀائي منجهه ڀڃن
ته نڪا ميڪ ماهڙ جي، نڪو ميهار هٿس من
اها سهٽي ”سونهار“ چئي، آلهائي منجهه ڪن
ماهيت مذڪور هن، سگهڙ سڀ ٻڌائيو!

مٽ، سير ۽ پاءُ

١٠٤٠. ٻانڪو ٻيٺو هو بازار ۾، نانگو هڪڙو نر
چاليهه چيلا هٿس چيله سان، آٺ ويهون نوڪر
ڪوڙ نه ٻانڌج ”قائم شاه“ چئي، اٿي ملڪين ڳالهه مشر
هجي ڪو مرت سپر، جو ڏاهو ڳولي ڏٽ ڪي.

١٠٤١. مرد ڏٺو سين ملڪ ۾، ڪو نالي نامدار
سو پٽنيءَ هو پيٽ سين، هو سهڻو صورتدار
تنهن چوندي قرندي چاليهه چٽيا، ننڍا نينگر ٻار
ٻنج تن ۾ ٻڌرا هئا، نالي نامدار
ٿڇون تن جي مٿهن ۾، هيون ڪلنگيءَ مر ڪپار
ٻيا پنجنيهه، تن ۾ ٻڌرا هئا، ننڍا نينگر ٻار
سي ٻيرن چڙن بازار ۾، ڏيل چڱيءَ ڏلڪار
تن جاو ٻرڪري ويچار، واري ڏج ماهيت ”ولي محمد“ ڪي.

١٠٣٩. چيتو سونهار (بلوچ)، ميرپور ساڪري طرف جو وينل هو.
١٠٤٠. چيل قائم شاه جي.
١٠٤١. چيل ولي محمد ٻرو، لس ٻيلي جو وينل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽانگ جي ڪل

١٠٤٢. عورت ڏٺم آڙري، جنهن جي ڏٺي ٽِٽي ڏيا
ڪي ڏينهن ڪانڌ سان هئي سهاڳڻ سيا
ورچي ور چڏي ڏني، غريب ريءَ گناهہ
ڪري نيرت نگاهہ، ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

هاري (جيڪو ٻيراڙيءَ هلائي)

١٠٤٣. عجب ڏٺوسون آدمي، دل جو ڏيان ڌري
تہ رزق خاطر راتيان ڏينهان ٿو پيرين پنڌ ڪري
ٿوڙي هلي تڪڙو، ٿوڙي هلي هري
ٿان ”حمل“ چئي نہ چُري، رهي پيٺو انهي هنڌ تي.

(هيٺاهين پاڻيءَ کي چرخيءَ رستي مٿينءَ زمين تي چاڙهڻ واري چرخي کي ’ٻيراڙي‘ چوندا آهن، جنهن کي هاري پير سان هلائيندو آهي. ماڻهوءَ جي ٻار سبب چرخي ڦرندي تہ هاري وري قدم وڌائي ٻئي اوڀاري تي رکندو، پر پاڻ چڙهي تہ ساڳئي هنڌ ويٺو هوندو آهي.)

١٠٤٤. هڪ گهوڙي ڏٺيسي، ٻيو گهوڙيءَ تي سوار
گهوڙي ۽ سوار، ٻئي پيٺا گهوڙيءَ تي.

(هڪڙو منڊو ماڻهو، ڪاٺ جي گهوڙي پاڻ سان کڻي، ڏٺي گهوڙيءَ تي چڙهيو ٻئي ويو. اهو ڏسي ڪنهن سگهڙ ڏٺ ٺاهي.)

١٠٤٥. ڪنيو ويٺي آ ڪڇ تي ٻٽ پراڻو
پر منجهانئس آهي ڇانئو.

١٠٤٣. حمل فقير ولد رحيم خان لغاري، ڳوٺ مير خان لغاري، تعلقي سڪرنڊ ۾ ويٺل هو. سنہ ١٨٠٩ع ۾ ڄائو ۽ ١٨٧٨ع ۾ وفات ڪيائين.

١٠٤٤. ٻي روايت: هڪ گڏهہ ڏٺيسي، ٻيو گڏهہ تي ٻار،
گهوڙي ۽ سوار، ٻئي ويٺ گڏهہ تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سگهڙ الله بخش لغاري ويٺل ڳوٺ جعفر خان لغاري تعلقو سنجهورو، هڪ ڏينهن رستي تان ويندي ڏٺو ته، هڪڙي ٻٻُر جي ٿڙ جي ٻيڙهه ۾ ڪرڙ چاڙهيو بيٺو آهي. شايد ڪنهن ٻڪريءَ ٻڪا ڪاٽي اچي ٻٻر جي ٻوڙ ۾ وڌا لاٿي هئي، ۽ مينهن تي ڪرڙ چڙهي بيٺو هو. هن اها حقيقت اچي سگهڙ حيدر خان لغاريءَ جي آڏو ٻروليءَ جي صورت ۾ بيان ڪئي، پوءِ حيدر خان ڪيس ان ڏٺ جي مراد ڪري ٻڌائي.)

١٠٤٦. چور آيو چوريءَ تي، مينهن ٻڌائين ڊوريءَ تي
نه چور ڪي چنگهان، نه مينهن ڪي پُڇ.

(هڪڙو نانگ شڪار لاءِ ڊوريءَ تي وڃي ويٺو ۽ وڃهه، وٺي هڪڙو ڏيڏر جهلي کائي ويو. اهو واقعو ڏسي ڪنهن سگهڙ مٿين ڏٺ ٺاهي.)

١٠٤٧. هئين ته خوش سنڌ ۾، ٻر ڪاڇي آئين ڪيئن
ٻاهڻ مان پيدا ٿئين، ٻر ڳئون مان چائين ڪيئن؟

(ڪاڇي ۾ برسات پوڻ بعد جهنگ جهر سائو ٿي پيو. هڪڙي سگهڙ گهمندي، هڪڙي ٻٺر تي ڇيٺي مان مڙر جو سائو ساوو چاول ڏٺو. سهي ڪيائين ته ضرور سنڌ کان آيل ڳئون جي ڇيٺي مان اهو ساوو ڄائو آهي. ان نظاري تي مٿين ڏٺ ٺاهيائين.)

١٠٤٨. جان وڃان واٽ وٺيو ته، نار نار ڪي ڏسهي
هن ڪي ٻورهيو ٻيٽ جو، هٿن ڪي ٻئي راحت رسهي
هن جو واهپو وٺن سان، هٿو تي واهڙ ۾ وسهي
سالڪ ڪو ڏسي، ڏاهو ڳولي هن ڏٺ ڪي.

(ڪنهن سگهڙ ڏٺو ته هڪڙي ويٺل مينهن جا ڇڇڙ ڪپر پٺي رهي هئي. انهيءَ ڪري هڪ طرف مينهن کي آرام ٿي آيو ته ٻئي طرف ڪپر ٻنهنجو قوت ٻئي ڪيو. انهيءَ واقعي تي سگهڙ مٿين ڏٺ چئي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٠٤٩. ٽڙ ٻـڙيءَ ۾ ٽـڙڪو ٿيو، ٻڌو ٻـن ڄڻـن
جـن ٻـڌو تن نـہ ڏٺـو، ڏٺـو ٻين ٻن ڄڻن
جن ڏٺو سي ڻہ ويـا، ڪيو پنڌ ٻڙ ٻن ڄڻن
جيڪي ويا تن نـہ کنيو، کنيو ٻين ٻن ڄڻن
جن کنيو تن ٻہ نـہ ڪاڙو، ڪاڙو ٻين ٻن ڄڻن
جيڪي ماريا سي نـہ رڌا، رڌو ٻين ٻن ڄڻن.

(انب ڪرڻ جو ڪڙڪو، جو ڪنن ٻڌو، اکين انب ڏٺو، پيرن پنڌ ڪيو، هٿن انب کنيو، ڇپن ڪاڙو، ڪڻيا ڳنل، ۽ رڌو اکين، ڇوڪر انب ڪٽي ڪاڙو، جنهن تي ٻاغائيءَ ڪيس ڇماٽون هنيون.)

١٠٤٩. ٻي روايت: انب ڪريو وڻ مان، ڏٺو ٻن ڄڻن
پيڪا پيا ٻہ ڄڻا، تہ کنيو ٽيـن ٻن ڄڻن
ڪاڙو چوٿين ڄڻي تہ مار جهلي ٻن ڄڻن
ڏسي حال اهو، رڌو ٻهرين ٻن ڄڻن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب اڏون

روايتي ڏڏون

[هن باب ۾ آهي ڏٺ-ڀروليون شامل ڪيون ويون آهن، جي ڪن عام روايتي ڪردارن ڏانهن منسوب آهن. جيئن تہ (١) دارو ۽ خفيف، (٢) انڌو ۽ سجو، (٣) مامو ۽ ڀائيجو، (٤) ماڪن شاهہ جي وسين ۽ جو نابين سگهڙ ابراهيم، (٥) ڀارو ۽ سگهڙ، (٦) ولو ۽ جعفر، (٧) ولو ۽ دلشاد، (٨) جنوئس ۽ ڪامل، (٩) بادشاهہ ۽ وزير، ۽ (١٠) شهزادي ۽ ٻڪرار.

مٿين ڪردارن مان هرهڪ جوڙي جي نالي سان هڪ ڳان وڏ يڪ ڪيتريون ئي ڏڏون سجيءَ سنڌ ۾ مختلف روايتن مان هلندڙ آهن. غالباً ڀارُو، ولّو ۽ جعفر، يا ولّو ۽ دلشاد، جنّوئس (يونس) ۽ ڪامل، ڪي نالي وارا سگهڙ هئا، جن بابت اهي روايتون مشهور ٿيون.

روايتي ڏڏن جي بناء هن طرح آهي تہ: هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڏٺل واقعي تي بيت يا مصرع ۾ ڏِٺ جوڙي ٻئي سگهڙ کي ڏئي، ۽ اهو وري بيت ۾ ئي ان جو جواب ڏئي.

روايتي ڏڏن سان منسوب ڪردار پڻ جدا جدا خاصيتن جا مالڪ آهن. مثلاً پهرين چئن عنوانن ("دارو ۽ خفيف"، "انڌو ۽ سجو"، "مامو ۽ ڀائيجو" ۽ "ماڪن شاهہ جي وسين ۽ وارو سگهڙ") وارن ڪردارن مان هڪڙو انڌو ۽ ٻيو سجو آهي، جنهنڪري ڪن ڪن هنڌن انهن ڪردارن ڏانهن منسوب ڏڏون "انڌي ۽ سجي" جي نالي سان پڻ رائج آهن.]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارو ۽ خفيف

[دارو ۽ خفيف ٻہ ڀائر هئا. خفيف وڏو هو ۽ اکين کان نابين هو. بادشاهہ اعلان ڪيو تہ جيڪو شخص منهنجي ڳجهارت ڀڃندو، تنهن کي ڌيءَ جو سڱ ۽ اڌ راڄ ڏيندس. خفيف انهيءَ شرط ڀڃڻ لاءِ داري کي ساڻ وٺي بادشاهہ ڏانهن روانو ٿيو. واٽ تي آزمودي لهڻ لاءِ داري جيڪي ڪجهہ ڏٺو، ان تي پروليون ٺاهي خفيف کي ڏيون، جي هن ڀڳيون. وري بادشاهہ جي درٻار ۾ "چارئي تت مٺا، چارئي تت مٺا" واري ڳجهارت ڀڄي شرط کٽيائين.

انهيءَ عام مشهور روايت کان سواءِ "داري ۽ خفيف" جون ٻيون روايتون بہ مختلف نمونن سان سنڌ ۾ هلندڙ آهن. جيئن تہ: (١) بادشاهہ جو اعلان هو تہ جيڪو پرولي ڀڄي نہ سگهندو، تنهن کي مارائي ڇڏبو. دارو ۽ خفيف ٻئي ڀائر هئا. خفيف ڳجهارتن ڀڃڻ ۾ هوشيار هو. داري جي زال نابين ڏير جي خدمت سان ڪا نہ ٿي، ڪيس بادشاهہ ڏانهن ڳجهارت ڀڃڻ لاءِ موڪليو تہ جيئن بادشاهہ مارائي ڇڏيس. (٢) هڪ شهزاديءَ جو شرط هو تہ جيڪو منهنجي ڳجهارت ڀڃندو، ان سان شادي ڪنديس. خفيف شهزاديءَ جي ڳجهارت ڀڳي. (٣) خفيف نابين هو، ۽ بادشاهہ جو خاص درٻاري هو. داري حسد وچان خفيف کي ڪڍائڻ لاءِ ڳجهارتون آڻي ڏيون، پر هن سڀ ڀڳيون. (٤) خفيف بادشاهہ جو خاص درٻاري هو. ڪنهن شخص جهنگ ۾ رات گذاري، اتي جيڪي ڏٺئين، ان تي ڳجهارت ٺاهي، خفيف کي آڻي ڏنئين، جا هن ڀڄي ٻڌائي.

داري ۽ خفيف جون اهي روايتون جدا جدا نالن سان ٻڻ سنڌ ۾ رائج آهن. جيئن تہ "دارو ۽ خفيف"، "ڀارو ۽ خفيف"، "ڍارو ۽ حفيظ"، "دارا ۽ ڪفيل" وغيره.]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٥٠] داري جي ڏيءَ جو نالو ’ڪنئوار‘ هو، تنهن ڪپڙا ڌوئي سڪل ڍنگرن تي پائي وڌا. پري ڪان اهي ڍنگر سهڻا ڏسجڻ لڳا. تنهن تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، وڻ جي سڪي ڀاڙ
وڻ ائين ڦلڦليو، جيئن گل بهار.

خفيف: متان مڱڻ بهاران ڍنگران، هٿي متئي ڪنئوار.
(يعني، متان ڪنوار، ڍنگهرن تي ڪپڙا سڪائڻ لاءِ پئي وجهي.)

[١٠٥١] دارو جهنگ ۾ ويو. هڪڙو توپچي ڏٺائين، جنهن ڪوڏو ڪوڙي، هڪڙي اک ڀوري، مرون پئي ماريا. ان تي خفيف کي چيائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، منڊا ڪاڻا ٿا ديو ماريِن.

خفيف: متان توپچي پيا ميرون مارين؟

[١٠٥٢] داري هڪ هنڌ ڦلا پچندي ڏٺا. ان تي پرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مٺا ٿا ڪِلن.

خفيف: متان تشيءَ ۾ ڦلا پيا پچن.

[١٠٥٣] داري، درياءَ جي ڪپ تي ڏٺو ته هڪڙو ماڻهو سيٺهه پيو ڦوڪي. اهو ڏسي اچي خفيف کي پرولي ڏنائين ته:

دارو: دارو چئي خفيف کي، مونکي عجب لڳو آ
سؤ ورهيه جي مُردي ۾ ساهه پيو آ.

خفيف: ادا! عجب نه ڪاڻ، اها سيٺهه ڦوڪي آ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٥٤] داري، سج اڀرڻ ۽ سج لٿي مهل آسمان ۾ ڳاڙهاڻ ڏسي، ان تي خفيف کي ٻروليءَ ڏني ته :

دارو: دارو چئي خفيف کي، آپ ۾ لڳي ڀاهه.

—

خفيف: ادا! اٿين تہ، ٿيندو آهي سنجهه صباح.

[١٠٥٥] داري جهنگ ۾ هڪڙي هنڌ چاهو، نانگ سان وڙهندو ڏٺو. ان تي ٻروليءَ ٿاهي خفيف کي ڏنائين ته :

دارو: دارو چئي خفيف کي، ڪينهڙو رَسا سهن
ڪنيو ڍنگهر پٽيءَ تي وڙهندا واهه وتن.

—

خفيف: سڙڪا ڏسي سپن جا، سٽان ڀاپيها ڀڄڪن.

[١٠٥٦] ڍڪيءَ جي ڪچيءَ ۾ ٻيل چڙڙي ۾ لار وجهندي ڏسي، ان تي ٻروليءَ ٿاهي خفيف کي چيائين ته :

دارو: دارو چئي خفيف کي، نر ۾ وڃي نار.

—

خفيف: سٽان ڏٺي چڙڙي ۾ وجهندي لار!

[١٠٥٧] داري هڪ ماڻهوءَ کي مٽي مان جٿون ڪڍائيندي ڏٺيون، سو پاڻ به مٽو ڪنهن لڳو ۽ خفيف کي چيائين ته :

دارو: جهنگ ڏٺم مٽ جيترو، جنهن ۾ مرون لک هزار.

—

خفيف: ڪنيو هلين مٽي تي، ٿيندي نٿو ٻار.

[١٠٥٨] داري هڪڙو جوڳي ڏٺو، جنهن مُرلي پئي وڄائي ۽ ان جي آواز تي نانگ ڦڻ ڪڍي پئي نچيو. ان تي ٻروليءَ ٿاهي خفيف کي ڏنائين :

١٠٥٥. ڀاپيهو = چاهو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دارو: ڪدو وڏائين وات ۾، آنڊي ڪيس آڙ.

خفيف: مُڙلسي وڏائين وات ۾، ڪنهو ڪار پهر ڪر.

[۱۰۵۹] دارو هڪڙي هنڌ ڏسي ته پڻ جي مٿان پڻڍر پيو لامارا ڏئي. اهو ڏسي خفيف کي چيائين ته:

دارو: ادا! هيمن ته، هيٺن، هيٺن ته، هيٺن.

خفيف: واهڙ تو وڙهڪيو، پڻ پٺي پٺڪي
پڻڍر پيو پيرڪي، مٿان هيٺن ته هيٺن!

انڌو ۽ سڄو

[۱۰۶۰] هڪڙو سگهڙ گهمندي ڦرندي ڪنهن ڳار تي آيو. ڪنهن فقير کي به اُج لڳي، سو به اُتي آيو ڳار ۾ پڻل ڪنگريءَ جي ٽري ۾ سوراخ هو، جنهن مان پاڻي پئي وهيو. ڳار ڳيڙڻ جي فقير ۾ طاقت ڪانه هئي، سو اُن ڦينڊي تي وات رکي پاڻي پيئڻ لڳو. اهو ڏسي سگهڙ موٽي آيو ۽ اچي پنهنجي انڌي سگهڙ دوست کي چيائين ته:

شهر فقير جي وات ۾، پرا شهر فقير جي وات ۾.

تڏهن انڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

واتئون ڌاڻي هرڪو، هيٺئون ڌاڻي فقير
چاڻي دستگير ته، شهر* فقير جي وات ۾.

مامو ۽ ڀاڻيجو

[مامي ۽ ڀاڻيجي جي ٻولين جون روايتون سڄيءَ سنڌ ۾ هلندڙ آهن. جدا جدا هنڌن تي مختلف روايتون هلندڙ آهن، جن ۾ مامي ۽ ڀاڻيجي جي بدران ٻيا نالا پڻ آيل آهن. مثلاً "انڌو ۽ سڄو". اهي روايتون هيٺين طور بيان ڪيون وڃن ٿيون-

---

* شهر = ڪنگري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثلاً: (١) پاڻيجي فضول خرچي ڪري مامي جي ملڪيت ڪاڻي ڪهاڻي ڇڏي. هوءَ ٻئي ڄڻا پادشاهه وٽ نوڪريءَ لاءِ ويا. مامو ڪچهارتون پڇندو هو، تنهنڪري پادشاهه ڪيس پنهنجو خاص درٻاري مقرر ڪيو، ۽ پر پاڻيجو ڪو، ڪم ڪونه چاٿندو هو، تنهنڪري ان کي نوڪري ڪانه ملي. اهو ڏسي پاڻيجي کي حسد ٿيو، ۽ مامي کي نوڪريءَ مان ڪڍائڻ لاءِ ٻروليون ٿاهي اچي مامي کي ڏيندو هو. (٢) مامون ۽ پاڻيجو سکهڙ هئا، جي هڪٻئي کي ٻروليون ڏيندا هئا. (٣) ٻه پاڻر هئا، جن مان هڪڙو نابين هو. نابين کي ڏيءَ هئي ۽ سڄي کي پٽ. نابين شرط وڌو ته ڏيءَ اُن کي ڏيندس، جنهن جي ڪچهارت مون کان پڳي نه ٿيندي. (٤) ٻه پاڻر هئا، جن مان وڏو نابين هو. ننڍو پاڻ وڏي کي ڪچهارتون آڻي ڏيندو هو. ڪن هنڌن تي اهي ٻروليون ”انڌي ۽ سڄي“ يا ٻين نالن سان پڻ مشهور آهن]

[١٠٦١] پاڻ جي اَرُوڙيءَ کي باهه لڳي، پاڻ ٻه ڪو ٿانگ ويٺو هو، جو باهه جي سيڪ تي نڪري، پاڻ جي وچ ۾ ڪتل مٿيءَ تي چڙهي ويو. پاڻيجو اهو سڀ لقاءُ ڏسي مامي وٽ آيو ۽ ٻرولي ٺاهي ٻڌائينس ته:

---

(١) سکهڙ جاڙي خان مري جي روايت: (٢) محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي جي روايت. (٣) قاضي الهوراڻي جي روايت ۽ (٤) آثر مان مليل هڪ روايت:

١٠٦١. ٻيون روايتون:

١. ٻـــپ ڙي ٻـــپ، ٻـــپ ڙي ٻـــپ
چور جهليو چوريءَ ۾، تنهن کي ٿيو آهي ڏپ
متان لوڙهي لڳي باهڙي، مُنيءَ مٿي سَپُ.

٢. ماهه کي وڏو ڏپ، ماهه کي وڏو ڏپ
لڳي باهه پاڻ کي، ڪيڙي چڙهيو سَپ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيهجو: ماريو ويٺو مٿي، ماريو ويٺو مٿي.

مامو: پاڻ پراڻي پاهه لڳي، توٽيءَ چڙهيو مٿي
مٿان تڏهن ماريو ويٺو آهي مٿي!

[١٠٦٢] هڪڙي ڏينهن پاڻيهجو پڳڙا ڪاڻيندو ٻئي ويو ته هڪڙي هنڌ پيت جي ڏار ۾ ڏينهن جو مانارو ڏٺائين. جڏهن گهر آيو، تڏهن مامي کي ڏٺ ڏنائين ته:

پاڻيهجو: گهر ۾ گهر هڪڙو، تنهن ۾ گهر گهڻا
جي ٿو اک ڪڻان، ته ڪانهي ٻس ٻهير ڪان.

مامو: مٿان چپيندي چٽا، ڏينهو ڏٺا انٺي ڏار ۾!

[١٠٦٣] هڪڙو ماڻهو جهنگ جي خيال سان ويو ۽ پاڻ سان پٽر کڻي ڪنيائين. سو جهنگ جو خيال لاهي پٽرن جي ڪولا ۾ اوڪڙو ٻئي هليو ته دارا جي مٿس نظر پئجي وئي اهو ڏسي پنهنجي پاڻ خفيف ڪي چيائين ته:

پاڻيهجو: تيتر ٽور ٽيلن، تيتر ٽور ٽيلن.

مامو: جي جاءِ ڏسي ته ويهن سي پلي سُور سهن.

[١٠٦٤] پاڻيهجو ڏسي ته هڪڙي هاريءَ جي هر جي چوليءَ ٻنيءَ ۾ هر ڏيندي ڪنهن لاهه ۾ اٽڪي پيئي، جيئن ئي سٽ ڏيئي چوني ٿي ڪڍيائين ته هر پيچي پيس. ٻوءِ ويچارو هاري ڏڪا هر مان ڪولي، هر ڪلهي تي رکي گهر ڏانهن روانو ٿيو. پاڻيجي انهي نظاري جي ڏٺ هن طرح مامي کي اچي ڏني ته:

١٠٦٣. ٻي چوڻي: وٺ نه ڪٽن پاڻ سان، تيلاه سُور سٺهن.
ٻيون روايتون: ١. ڏسي ٽپڪي، ڏسي ٽپڪي
مٿان چٽ نه ڪنيو وٺ، تڏهن ڏئي ٽپڪي
٢. تتر ٽور تلي، تتر ٽور تلي
وٺ ۽ ڪنيائين پاڻ سان، تڏ تو تتر ٽور تلي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيچو: چڙيا ڏاند وڃن، چڙيا ڏاند وڃن.

مامو: ڪيڙيندي ڪُتن ۾، اڪيون جاءِ ڪجن
چوني پڇي هيڪڙي، ٽيئي ٽول ڪرن
مٿان هاريءَ هرڪلهي تي، چڙيا ڏاند وڃن.

[١٠٦٥] پاڻيچو درياءَ جي ڪپ تي ويٺو هو ته هڪڙو واڳون ڏٺائين جنهن جي پٺيءَ تي نانگ ويٺو هو. وري هڪڙي پنپوري، مڇر کي جهلي، ڦيرا پائيندي اچي نانگ تي ويٺي. نانگ جهٽ ڏئي پنپوريءَ کي کٽي جهليو ۽ ڳڙڪائي ڇڏيائينس، اهو لقاءُ ڏسي پاڻيچو، مامي وٽ آيو ۽ چيائينس ته:

نر چڙهيو نر تي، نر جي مٿان نار
نظر ڪري نهار ته ناري نر جي وات ۾.

مامي يڪدم ڀروليءَ جي مراد ڪري ٻڌائي.

[١٠٦٦] پاڻيچو پاڻي ڀرڻ لاءِ نار جي نيسر تي ويٺو ته ماله ۾ ٻڌل ڪنگرين تي وڃي نظر پيس. ڏسي ته هڪڙي ڪنگري پڪي پئي آهي، جنهن مان پاڻيءَ جي ٽٻوتري پئي نڪتي. ان نظاري تي ڀرولي ٺاهي مامي کي ڏنائين ته:

پاڻيچو: ماما! ٽيندو ڙي ٽيندو، ٽيندو ڙي ٽيندو!

مامو: ابا! ڪيني ذات ڪانگ جي، جيئن ڪُتن ۾ وينڊو
اٿ وڙهو ٿي نار ۾، مٿان آٿ ڏٺي ڪينگر ۾ ٽيندو.

[١٠٦٧] پاڻيچو هڪڙي ڀند ڏسي ته نار پيو وهي. هارين ويئي پاڻ ۾ ڇڇهري ڪئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو هاري ڳهيڙو کڻي آيو، ۽ اهو کونيءَ جي مٿان ڪڏ تي کڻي ڇڏيائين. هڪڙي ڀيرو جون لاٿون لڙڪي اچي ڪڏ تي پيون

١٠٦٦. ڪن روايتن ۾: 'هلڪي ذات حجام جي-الخ'.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون ۽ گهڻو ٻيهي پلڙا ۽ ٻن چرڻ لڳو. اهو واقعو ڏسي مامي کي ڳجهارت ڏنائين ته:

پاڻيڄو: نه آسمان تي نه زمين تي، نه اوري نه پري
بکٺي ٻيٺ لاءِ ٻيڻو گاهه چري.

—

مامو: رسو ٻڄي ور تي، ڳجهارت ٻڄي سٿر تي
متان گهڻو چرندو ڏنو اٺي گهر تي!

[١٠٦٨] پاڻيڄي ڏٺو ته هڪڙو جهور پوڙهو لٺ ٽيڪيو، رڙهندو وڃي. اڃا ٿورو اڳتي هليو ته هڪڙو جوان ٺاهوڪن ڪپڙن پهريل گهوڙي تي سوار ايندو ڏٺائين، جنهن هن کان پڇيو ته: اڳيان ڪو انڌو ويندي ڏٺئي؟ پاڻيڄي جواب ڏنو ته: ها، اهو اڳيان پيو وڃي. تنهن تي جوان ڪاوڙ مان چيو ته: بابي کي ڪيترو جهليم ته نه وڃ، پر هليو ويو. پاڻيڄي سهي ڪيو ته اهي ٻئي پيءُ پٽ آهن. ان واقعي تي پرولي ٺاهي مامي کي ڏنائين ته:

پاڻيڄو: سال نه آيو سٽ، ڪپڙ مان ٿي ڪين ٿيو.

—

مامو: هوندو ڪينيءَ ڪٽرهه جو، سو ميُوڙهل هوندو سٽ
پيءُ ڏنو هوندي پيادو، گهوڙي چڙهيل پٽ
متان ائين اچهائو سٽ، جو ڪپڙ مان ٿي ڪين ٿيو!

ماکن شاهه جي وسيءَ جو نابين سگهڙ ابراهيم

[١٠٦٩] چون ٿا ته حيدرآباد - هالا رستي تي ماکن شاهه جي وسيءَ وٽ هڪڙو نابين سگهڙ ابراهيم نالي وڻ هيٺ ويٺو

١٠٦٨. ٻيون ڏيڻيون: ١. سال نه آيو سٽ، سال له آيو سٽ
٢. سنئين له آيو سٽ، سنئين نه آيو سٽ
٣. ڪتيائين ٿوروسٽ، پر ڪپڙ مانئي ڪين ٿيو.

١٠٦٩. هيءَ روايت موجب سگهڙ جو ڏالو قاضي محمد هو، ۽ هالا جو ويٺل هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو هو، جو پرولين ڳولڻ جو استاد هو. هڪڙي پيري کو سگهڙ (١) اڏيري لعل جي ميلي تي ويو. ڏٺائين ته مقبري ۾ اندر چتونءَ جي هڪ ٻچي کي ڪپڙن جي ولر اچي ورايو ۽ ٺونگا هڻي ان کي رتو رت ڪري ڇڏيائون. ان موقعي تي پرولي ڏاهي، سگهڙ اچي ان نابين کي ڏني ته:

ادا! اڏيري لال تي هڪ نافع ڏٺوسون نر
هو سيني ۾ ڀين سهڻو، ناز ڀريو نيڻ نگر
هيڏانهن هاتڪ هڪڙو، هوڏانهن لنبڙين جا لشڪر
پڻو ڪنهن سان ڪينڪي، ڪپري پکيائونس ڪر
اهو انگ اکر، ابراهيم ڳولج آن کي.

نابين سگهڙ کي جواب ڏنو ته:

ڳدڙ نه بگهڙ نه، پولڙو، رڇ نه رانديگر
هو پيرائي باغ جو، کو آهي جو آچر
هو سيني پرڀين سهڻو، ڪامل هڪ ڪڪر
پوءِ متان طوطو تونگر، ڪپڙين ڪنهي ڪڍي ڇڏيو.

ٻارو ۽ سگهڙ

[ٻارُو پنهنجي وقت جو وڏو سگهڙ هو. ڏڻ ڳولڻ ۾ ماهر هو، سگهڙ ڪيس ڏئون اچي ڏيندا هئا ته پڃي ڇڏيندو هو. ٻارُو جي پرولين جون ڪي روايتون مليون آهن، جي هيٺ ڏجن ٿيون.]

[١٠٧٠] ڪنهن ڍنڍ مان ”ڪنگُر“ پکي، ڪا ننڍڙي مڇي جهڙپي ورتي، ۽ وڃي ٻاڻيءَ مان نڪتل هڪ ڍنگهر جي ڪانڙيءَ تي ويٺو ته ڪيس ٻي وڏي مڇي جهٽ ڏيئي ڳهي ويئي. آها مڇي وري ملاحن جي ڄار ۾ لڳي. جڏهن مڇيءَ جو پيٽ چيريائون ته پکي اچا جيئرو هو، سو ان کي وڃي وڻ تي ويهاريائون ته وري آتان باز جهڙپي ويس. اهو ڏسي ڪنهن سگهڙ هيٺين ڏٺ ڏاهي اچي ٻارُو کي ڏني ته:

ڪنڀار ڪي قوت لاءِ، جو ۾ جنتي جوءِ
ويس گنگا غرق ڪري، ڪا اوڳان اوڳڻ اوءِ
ڀارُو انهي ٻارڪڙو، ڪو چنچل وجهي چوءِ
جوڙي مڙس موجود ڪري، هن وڻ تي ويهاريو ووءِ
آتِ ڀيرَ وارو پيدا ٿيو، تنهن چيت چاڙهيو هو چوءِ
هاٿي ٻارُو ڪٽي ڀوءِ، ڏي بيان هن بيت جو.

ٻارو وري ان جو جواب هن طرح ڏنو ته:

ليکي ليکيان ڪيتريون، جوڙُون جوڙ جبار
اوڳون آنبر وچ ۾، ڀيون گهڻ لک هزار
چيڙيون، چنبو ليون، چيهڙون، جتي آهن هيڙهن جا هزار
هڻ ڳيتو هو ڳاهه ڪري، پنهنجي قوت لائق قرار
تنهن مان هڪ ٻڪيڙو پيدا ڪري، تن وڻ تي ويهاريو وار
تنهن کي لغڙ لوهه ڏيئي، ڪنيو باز ڀي سار
”ٻارو“ چئي ٿو پار، متان آهي اهو بيان بيت جو.

[١٠٧١] هڪ سگهڙ ذات جو ”ٻهپڙ“ تنهن ڀارُو کي ڏٺ ڏني ته:

سُور واري ۽ ڪنڀار واري، ڪنهن ڀوڪي ڪنهن ٻاتو
ري يقين، ري يقون، ري فِڪر ڦاٿو
ڀارو! سلهي ڀار سو، ٻڌائج ”ٻهپڙ“ کي.

ٻارو اها ڏٺ هيئن ڳولي ته:

ڪاريهر ڪر ڪئي، تنهن ڏسي هنيوس ڏنگ
جهڻيائين جڙ ڀسي، ڀڳڻ لهي ڀنگ
هي رامي ٻولير رنگ، ڪِ اچان پڇايانس ”ٻارو“ چئي؟

ٻلي ٻاڻ هڻي، چنچل چنڪايوس
هي اکر منجهه آيوس، ڪِ اچان پڇايانس ٻارو چوي!

١٠٧١. هيءَ روايت صالح محمد سمي (لالو کيت، ڪراچي) کان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٧٢] ڪنهن سکَهڙ هڪڙي ٻاغ ۾ ٻڙ ۽ ٻيهر جي ڳنڍ ٻيٺل وڻن مان ڪجهه جو هڪ وڻ چاول ڏنو. ان تي ٻرولي ڳاهي ٻارُو کي ڏنائين ته:

ناريون ٻيون نر چٽين، هي لَرڻون چائيي نار،
ڏسي ديوان دَهليا، هو وڻي ڏسي وڻڪار
هاڻي ڏاڍي ٿي درڪار، ڪٿي ٻروڙ ٻاروا هن ڳاله، کي.

ٻارو جواب ڏنو ته،

اسين ويٺسي هٽ ٽٻيي هٽي وياسڻون ڏُور
ٻڙ ٻيهر ٻاڻ ۾، تي سوراڻي ڪاشي ڪجور
متان اهوائي مذڪور، ڪي آلوڙ ي ڪياڻه آرن مان!

وَلڻو ۽ جعفر

[وَلڻو ۽ جعفر ٻئي سکَهڙ هئا ۽ هڪٻئي کي ٻروليون ڏيندا هئا. وَلڻو چاچو هو ۽ جعفر ڀائٽيو هو. گهڻو ڪري جعفر، پنهنجي چاچي وَلڻوءَ کي ٻروليون آٿي ڏيندو هو. سندن ٻرولين جون مختلف روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.]

[١٠٧٣] هڪڙي ڏينهن جعفر مال چاريندي ڊليءَ ۾ ٻن ٻيٽن تي ڪنگ ٻکي ويٺل ڏٺا. جي هڪڙي ٻيٽ تي چار ۽ ٻئي تي چوڏهن هئا. جڏهن مال چاري موٽيو ته پنهنجي چاچي ولوءَ کي ٻرولي ڳاهي ڏنائين ته،

چوڏهن ۽ چار، ڏٺم هٺوءِ هوا تي
جاما جن جا جلويدار، جوڙيا ڪاريگر ڇگي ڪار
سيٺي ڪري سار، موڪي ولو ورجائي ڏي!

ولوءَ اها ٻرولي هن ريت ڀڳي ته،

چوڏهن ۽ چار، ارڙهن ئي اورنگ
چٽ ته جن جو چيلڙُ مان، مور نه ميرا انگ
ڪَرڙا اهي ڪنگ، متان جعفر ڏٺي جٺوءِ ٻرا!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٧٤] جعفر پنهنجي ڪڪڙ آنن تي ويهاري هئي، جا ڪُتي ڪَٽي ويئي. ان تي پروليءَ ٿاهي اچي ولوءَ کي ڏنائين ته:

جنّڙي آئي جعفر چئي، ثابت ڳالهه سچي
ڪيئن ڪاڌي وٺ ڪُتيءَ، مونکي وَلُوُ وينجهائي ڏي.

تڏهن ولوءَ ورائي ڏني ته:

ڏهاڙي ڏهاڙي ڏي، وڃي سورهن ٿي سوڙها ٿيا
ويهن ڪان وڌ نه، ٿئي ايڪيهن آئي
سانڍين ها صندوق ۾ ته، ڪاڌي ڪين ڪُتي
متان آنن وٺ آئي، ڪڪڙ اٿئي ڪانڪا.

ولو ۽ دلشاد

[١٠٧٥] ولو ۽ دلشاد نالي ٻه سگهڙ هڪبئي کي پروليون ڏيندا هئا. ولو چاچو هو ۽ دلشاد ڀائٽيو هو. هڪڙي ڏينهن دلشاد رستي تان ويندي، ماکيءَ جو خالي مانارو وڻ تي پيل ڏٺو. سمجهائين ته ڪنهن ماڻهو مانارو لاهي، ان مان ماکي ڪائي باقي مانارو ڪٽي اڇلايو آهي. ان تي پروليءَ ٿاهي ولوءَ کي ڏنائين ته:

ڳامي ڳامي ڳام ، ڪا منڍ ڏٺي هيم ملڪ ۾
ٻه مانيون ”پروچ“ چئي، پڇي ٿيون تمام
هڪڙي ڪاڻ حرام، ٻي ڏرس ڪاڻ ”دلشاد“ چئي.

ولوءَ جواب ڏنس ته.

ڳامي ڳامي ڳام ، وڃ ڳام ڳليءَ جو ڳس
وٺن ۾ ”ولو“ چئي، وڙن منهنجو وس
ميٺو ماکيءَ رس، متان مانارو مردار ٿئي!

جُوڻس ۽ ڪامل

[١٠٧٦] جُوڻس ۽ ڪامل ٻئي سگهڙ هئا، ۽ هڪبئي کي پروليون ڏيندا هئا. هڪڙي ڏينهن ڪامل ”وڄ“ تي پرولي ٿاهي، جوڻس ڏانهن پڄڻ لاءِ موڪلي ته:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوريندي ڏِسين ۾ سهري ڏني سون
هڪڙي ٻَر ٻانهن تي، ٻي لوُڻ متي لٿون
جوان انهيءَ جوءِ جو، ڏاڍو عجب آتُون
هاڻي ڏوري ڏسج تون، جٽوٽس! انهيءَ جوءِ کي.

جوٽس، ان ٻروليءَ جو جواب ڏياري موڪليو ته:

ڏوريندي ڏِسين ۾ اٺي دانهه، ڏني ڏرج
وَسي وسڪارا ڪري، ٻهَوُن هوڪائي ٻيج
ويرا! ڏني اٺي ورج، ڪامل! ڪنهن ڪرم.

بادشاهه ۽ وزير

[بادشاهه جيڪي ڏسندو هو، ان تي ٻروليون ڏاهي پنهنجي وزير کي ڏيندو هو، ۽ وزير هوشياري ۽ ڏاهپ سان ٻروليون پيچي ٻڌائيندو هو. بادشاهه ۽ وزير جي ٻرولين جون مختلف روايتون هلندڙ آهن، جن مان ڪي مشهور هيٺ ڏجن ٿيون.]

[١٠٧٧] بادشاهه، وزير کي ساڻ وٺي شڪار تي نڪتو. هڪڙي هنڌ جهنگ مان اوچتو ٻه هرڻ نڪتا. هڪڙي هرڻ جو پيڇو بادشاهه ڪيو ۽ ٻئي جو وزير. اهڙيءَ طرح هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. بادشاهه جنهن هرڻ جي پٺيان هو، سو سندس نظر کان غائب ٿي، جيئن ئي هڪڙي ڍنڍ تي پاڻي پيئڻ لاءِ آيو، ۽ پاڻيءَ ۾ ٻوٽ وڌائين ته هڪڙي سوري مڇي پاڻيءَ مان ٻـَل هنيو ۽ وڃي هرڻ جي آر ۾ ڦاٿي. وري هڪڙي باز متان آڏامندي مڇي ڏٺي، تنهن لامارو هنيو ته هرڻ جي آر پيٽ ۾ تنهنجي پيس. اهو ڏسي، آني مري ويو ۽ هرڻ وري ڏيڻ ۾ ڦاسي، آني بيهي رهيو.

بادشاهه کي به آج هلاڪ ڪيو هو، سو پاڻيءَ جي ڪولا ۾ هلندو اچي ساڳيءَ ڍنڍ تي نڪتو. تنهن بندوق جو ڏڪ هڻي هرڻ کي ماري وڌو. ٿوريءَ دير کان پوءِ بادشاهه ۽ وزير پاڻ ۾ مليا. بادشاهه چيس ته:

نڪا ساڪي ذات، نڪي هٿا جانب يار
ڪامل! ڪهڙيءَ ڪار، ٿيو موت تنهي جو هڪڙوا

تڏهن وزير جواب ڏنو ته:

آهنو ويو آب لاءِ، سو هيو منجهه پاتار
مڇيءَ موريءَ تپ ڳاڏو، سا به آڻڪي منجهه آر
ٻريان باز به ٻاولي هنئي، سو به آڻڪيو منجهه آر
مٿت ڏيئي ماريا ميندرا، تو سونهارا سردار
ڪامل! انهيءَ ڪار، ٿيو موت تنهي جو هڪڙو.

[١٠٧٨] هڪڙيءَ رات بادشاهه پنهنجي محلات جي دريءَ ڳان باغ جو نظارو ويٺي ڪيو. باغ ۾ "ونجهه وڻي" جو وڻ هو، جنهن ۾ وري ڪنچيءَ جو آکيرو هو. اوچتو ئي اوچتو ان وڻ کي اچي باهه لڳي، جنهنڪري ڪنچي ويچاري آڏامي وڃي انب جي هڪڙي وڻ تي ويٺي ۽ ٻچن لاءِ سڄي رات لڙوندي رهي. وري ٻريان ڪنهن هنڌ جهڙ هو، سو ڪينوڻ به سڄي رات ڪيوندي رهي. محلات جي پٺ ۾ هڪڙي گهر ۾ شايد ڪو ٻارڙو بيمار هو، آهو به ذري ذري پٺي رُنو ۽ ماڻ به سڄي رات ٻارڙي کي پرچائيندي رهي. بادشاهه اهو سمورو لقاءُ ڏٺو، ان تي ٻرولي ٺاهي صبح جو دربار ۾ آيو ۽ وزير کي چيائين ته:

چٽني رات وهاڻي، چٽني رات وهاڻي.

وزير جواب ڏنو ته: نه سائين، پنجنئي رات وهاڻي. بادشاهه حيران ٿي ويو ۽ چيائين: سو وري ڪيئن؟ تنهن تي وزير چيو ته:

ٻاهه لڳي ونجهه وڻي، ڪنچي لنوي انب وڻي
ڪينوڻ ڪينوي اپ گهٽي، ٻار روئي ماءُ تنئي
پنجون تون پاڻ چو ٿٿو ڪٿين؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٧٩] هڪڙو ماري شڪار جي سانگي بندوق کڻي، جهنگ ۾ هڪڙي تلاءَ جي ڪپ تي، وڻ جي آڏ ڏيئي، لڪي ويٺو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙو هرڻ تلاءَ تي آيو. اچان پاڻيءَ ۾ پوڻ وڌائين مس ته هڪڙي مڇي پاڻيءَ مان ٽپ ڪائي، هرڻ جي سڱ ۾ وڃي ڦاٿي. هڪڙي پکيءَ وري مڇيءَ تي لامارو ڏنو، ان مهل هرڻ ڪنڌ جي ڌوڻ ڪئي ته پکي وڃي پئي سڱ جي جهنب ۾ ڦاٿو. ماري وري هرڻ کي نڪاءَ ڪئي بندوق. مچاڻ ڪو نانگ ماريءَ جي پيان ويٺو هو، سو ماري جيئن پوئتي هٽيو، تيئن نانگ ٺڪاءُ ڪيس چڪ. ماري ته وڃي ڪِريو، پر هٿ مان بندوق ڇڏائي ويس ۽ اها وڃي نانگ تي ڪري ته اهو به اتي جو اتي مري پيو. اهڙيءَ طرح مڇي، پکي، هرڻ، ماري ۽ نانگ، پنجئي جو موت هڪڙي ئي هنڌ ٿيو. بادشاهه بہ اتان اچي لنگهيو، تنهن اهو لقاءُ ڏٺو، پنهنجي وزير کي چيو ته: وزيرا!

پنجئي تيت مئا، پنجئي تيت مئا.

وزير جواب ڏنو ته:

جر مڇي، جهنگ مرون، پکيڙو آڪاس
ماري ۽ ناڱاس، پنجئي تيت مئا.

١٠٧٩. ٻيون روايتون:

١. پنجئي پاهه، پنجئي پاهه

جر مڇي، تر هرڻ، مٿان لغڙ ڏنو لاهه
ماري ۽ ناهه، پنجئي پاهه

٢. پنجئي موت گڏ، پنجئي موت گڏ

هڪ مرلدي ہہ مثا، ٻن مرندي تي
ٽڙڪ چوٿون پنجين تي، اهي پنجئي موت گڏ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي ۽ ٻڪرار

[هڪڙي شهزاديءَ اعلان ڪيو ته، ”آءٌ شادي ان شخص سان ڪنديس، جنهن جي ٻرولي مون کان نه پڇندي. جيڪڏهن مون ٻرولي ٻجهي ته، ان کي ڦاسيءَ تي چاڙهينديس.“ هڪ ٻڪرار جهنگ ۾ ڪو واقعو ڏٺو، ان تي ٻرولي ٺاهي اچي شهزاديءَ کي ڏني، جا هن کان ٻجهي نه ٿي ۽ ٻڪرار سان شادي ڪيائين. ٻڪرار جي ڏنل ٻرولين بابت هيٺيون مختلف روايتون مليون.]

[١٠٨٠] ٻڪرار صبح جو سوير جهنگ ۾ گهمندي سَرَ جي هڪڙي ٻُوڙي هيٺان ڪنهن جانور جي کوپريءَ جو هڏو پيل ڏٺو، جنهن جي هڪڙيءَ اک واري سوراخ ۾ اندر وچي هڪڙي ڦوسٽيءَ آنا لاٿا هئا. مٿان سَرَ سان ساڪ جا ڦُڙا کوپريءَ تي پئي ٽميا. ٻڪرار اهو لقاءُ ڏسي، ان تي ٻرولي ٺاهي آڻي شهزاديءَ کي ڏني ته:

اک ۾ پَٽَڪِ ويائـي، جَرَ سٿُوريءَ ٽنگيو.

شهزاديءَ ٻرولي نه ٻجهي.

[١٠٨١] ٻڪرار جهنگ ۾ گهمندي ڏٺو ته، ڪي ساٺهو گهيٽي جي ڏُنب ڪپي، ان جي ڪَتل لاهي، اَن سان ٻانيءَ لاءِ ڪَتلي ٻيا ٺاهين، باقي ماس، ڪاڌي لاءِ ٻاهه تي پچائڻ لاءِ رکيو اٿن. خيال ڪيائين ته اها ٻرولي شهزاديءَ جي پڇڻ کان زور آهي. سو ٻيو مٽ مائٽ ڪوٺي هٿس، باقي ماڻ کي ساڻ وٺي شهزاديءَ وٽ ويو ۽ ان کي ٻرولي ڏنائين ته:

ماسُ چَري، ماس ٻَري؛ کَمڻ هٿ کَتلي
يا هونداسين ٽـي چٽا، يـا رَنڙي هيڪلي.

(يعني ساهوارو چري، ماه پچي ۽ کَتلي ٻيا ٺاهين. جي ٻرولي ٻجهي ته آءٌ، تون ۽ منهنجي ماءُ ٽي چٽا ٿينداسين، جي نه ته آءٌ ڦاهي چڙهندس، باقي وڃي منهنجي ماءُ اڪيلي رهندي.) شهزادي ٻرولي ٻجهي نه سگهي ۽ ٻڪرار سان شادي ڪيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

معمائون

"معما" معنيٰ جي لحاظ سان 'ڏٺ-ڀرولي' توڙي 'ڏٺ' کان ڪجھ گهوڙهي آهي. ڏٺ ڀرولي يا ڏٺ لازمي طور ڪنهن ڏٺل شيءِ يا واقعي تي ٻڌل هوندي آهي يا معنيٰ جي لحاظ سان ٻه سولي سوڙي هوندي آهي. معما ڪنهن ڏٺل شيءِ توڙي ڪنهن حقيقت (جا هتي ڏسي نه سگهجي، مثلاً "اسرافيل جي صور") بابت تي سگهي ٿي، ۽ معنيٰ ۾ اڪثر اهيا زياده ڳري گهوڙهي هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٿي ان کي "مام" يعني "معما" سڏيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ڪن سچاڻ سگهڙن، ڪن شين، واقعن يا حقيقتن تي معمائون ٻڌيون، يا هڪڙي کي سمجهڻ لاءِ ڏنيون، انهن مان ڪي چونڊ ۽ مشهور معمائون هن باب ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

[۱۰۸۳] انسان جو جسم

شاعر وريو گڏو لس ٻيلي جو ويٺل هو. هن انسان جي جسم، عضون، حواسن، خيالن وغيره جو بيان هيٺين معما ۾ ڏنيو آهي:

ڪمبي قابل ڪم جو، رازو آهي رنگدار
تنهن ۾ انجڻ گاڏيون آنهين، آهي ڪل جوڙي ڪمدار
تنهن ۾ ڪيئي سئون سڙيون، وڏيون تنهن وينجهار
آب آتش ان ۾، آهي جريدي جروار
ڪيئي ڪامورا ڪيترا، آهنس اسر منجهه اپار
مي پريايو، پريت سين، تا جهلين جوڻجهار

ڪـل خـوشـي خنڪ مـين، تـا ڏيـن رضا رالله يار
هـو بـه تـيـز تڪڙي، آهـي هلڻ منجهه هوشيار
تنهن مين ڪانهي ڦهچ ڦڄڻ جـي، ڦوٽن جهڙس ڦـار
ڦڦـرا مـاڙيـون ڦـنـگـلا، اڏيـا مـنـجـهـس اهـار
گلم غاليچا گـل رنـگيون، ڦيا زيـبـا زيـنـتـدار
ابـريـشـمـي ڦـاڪ ڦـردا، تـا چـمـڪن چـوڏار
لـک ڪروڙ ٻون واجهه، "وريو" چئي، آهنس ماڪ موچار
مالڪ سمجهدار، ڏي تون ماهيت هن مذڪور جي.

[١٠٨٣] ٻڌي جو ٻت

شاعر ليم ڀٽ ڪنڊو سگٿهار (وفات ١٨٩٣/١٨٩٦ع)
لس ٻيلي جي شهر آئل جو ويٺل هو. لس ٻيلي جي ڄام جو
مٽس گهڻو راض هو. هڪ دفعي لس ٻيلي جي ڄام ميرخان وٽ
ڪي علم وارا ۽ سمجهو ماڻهو آيا. ڄام جو "نر" تي تمام
گهڻو راض ڏسي چيائون ته: تون ٻنهنجي شاعر کي ايترو ويٺو
ساراهين ۽ ڪارائين، سو اسين ڪيس هڪ ڦرولي ٿا ڏيون، سا ته
وجي سلي اچي. تڏهن نر چيو ته: آءٌ ڪو علم، گهر رکي
ڪونه آيو آهيان، جـو ڦرولي وجي سلي اچـان. اوهان کي
جيڪي پڇڻو هجي سو پڇو ته آءٌ اتيئي ان جو جواب ڏيندس.
تڏهن چيائونس ته:

نار ڦي نرت نـگاهه ڪري، جان" ديکي ڪيم ديدار
تان سـونـگو سـنگين مقرو، جـوڙيـو ڦـاڻ جـبـار
سو ٻنائي ڦـرحـال ڪـيـو، قـدرت سان ڪـلـتـار
آر ڙ، ڦـلـبـڦـل آن ۽، گـويـا ڪـن گـفـتـار
گرگ، ٻڪرو گـڏ اچـي، دونـي سـان ڏنـوار
سي ڦـنجئي آهـن ڦـاڻ ۽، هـڪ جـڳـهـه هيڪار
ڦر مصلحت ان جي من جي، آهـي ڏرئـون ڏار ڏار
اي مالڪ سمجهدار! ڏي ماهيت ان مـذڪور جي.

(يعني ته پنج متضاد شيون، ارڙ ٻلا، ٻلبل، گرگ، ٻڪري ۽ ڏراڙ، هڪ سونگي ۾ هڪ ئي جاءِ تي جمع آهن. حالانڪ هرهڪ جي مصلحت جدا جدا آهي.)

معما ٻُڌي، شاعر ان اتي جو اتي جواب ڏنو ته:

اهو سُت ٻندي جو، ٻيو سُونگيءَ جي صفتا
’ارڙ‘ نفس آن ۽، ’ٻلبل‘ زبانا
’گرگ‘ شيطان شومتي، ’ٻڪرو‘ ايمانا
عقل ’ڏراڙ‘ ان جو، آهي درس ڏراءِ
چوءِ چگيون ڳالهيون، ڪري منع منڌياءِ
پر عشق اڻانگو آڪرو، زورائتو زورا
سو جي ڪيهر شينهن ڪٽڪ ڏئي، ته ٻيا مڙئي محتاجا
اڃي وڃي ان ۾، واءِ مڙيوئي واءِ
سو جي ٻيهي ٻند ٿئي، ته سونگي ساهه نه ڪاءِ
آهي عاقل ڳالهه اهاءِ، ڪي اچان نهار ٻانس ”نم“ چئي؟

[۱۰۸۴] ٻلا، جيڪا پاڻ جي ڍڳ، سان گڏ سڙي مئي

شيخ سائينداد لس ٻيلي ۾ لاڪڙيءَ جو وينل هو. هڪڙي ڏينهن واڙ جي ڍنگهرن کي باهه ڏنائين. باهه ڍنگهرن تان وڃي پاڻ جي ڍڳ کي لڳي. پاڻ ۾ ڪا ٻلا وينل هئي. جڏهن پاڻ کي پوريءَ طرح باهه وڪوڙي ويئي، تڏهن سيڪ تي ٻلا ٻاهر نڪتي، پر چوڌاري باهه ڏسي، پاڻ جي وچ ۾ ڪتل منيءَ تي چڙهي ويئي. نيٺ باهه، آن منيءَ کي به اچي لڳي ۽ ٻلا اتيئي سڙي مئي. شيخ سائينداد انهيءَ واقعي تي هيٺين معما لس ٻيلي جي ٻئي هڪ سگهڙ دوست ميٺي ڏانهن موڪلي:

ڦاٽي هڪ فڪر سين، نرتئون چگي نار
ڪانهي واٽ وڃڻ جي، جان ٻهڳڻ ٻوي ٻهار
سا تي ڏسي دشمن جهلي، چوڌڪي چوڌار

ساهه ڪارڻ ثابت ڪيا، وڏا وس ويڃهار
ٿيو ساڳين سان مري رهي، پڻا تنهن پرمار
مالڪ! مونکي مٺاءِ، عقل سين "الله ڏنو" چوي(١).

مٿي ان جو جواب موڪليو ته:

عاقل چوانءِ تو الله ڏنا! اها بيشڪ آهي بلا
پيٽ تنهن جي بند ۾، ڪا هئي هردم هميشا
ساڪاڻ مٿي تي ڪهن ڏني، تنهن کي آيو موت مٺاءِ
ڇٽي پاسي چيت چڙي، تنهن کي آڪ ڪيو آهاءِ
قرندي تنهن قوٽڻي ۾، تنهن ثابت ڏنو ساهه
آهي ڳالهه اها، ڪِ اڃان ستايانئو "شڪر" ڇٽي (٢).

[١٠٨٥] بيماري

سکر روشن شاهه، پهريائين نور ڪيٽي جو ويٺل هو،
۽ پوءِ لڏي اچي هالن لڳ ويٺو. چار پنج سال ٿيا جو
گذاري ويو. وڏي بيماريءَ تي هيٺ ڏنل معما چيائين:

مٿند سڄي تي ملڪ ۾، ڏاڍي زور زهر
تنهن ڪامڻ کي آهن ڪيترا، هزارين هنر
ملڪن ۾ مشهور آهي، خونياڻيءَ جي خبر
ري هٿيار "روشن" چوي، لڙيو پوي لشڪر
اها آتون خان خبر، قادر جي قدرت جي.

[١٠٨٦] تتري ۽ سڳهڙ

شاعر سليمان شيخ لس ٻيلي جو، هڪڙي ڏينهن گهوڙي
تي چڙهيو پئي آيو ته واٽ تي ڳاهه ۾ ڪا تيتري چهچل هئي.
گهوڙي اچي مٿان سنٻ هنيس، تتري زخمجي پيئي ۽ ڦٿڪڻ
لڳي. سليمان يڪدم گهوڙي تان لهي تيتريءَ کي ڪٺو ۽
پوءِ انهيءَ واقعي تي هيٺين معما چيائين:

---

(١) شيخ سائينداد معما ۾ پنهنجي پاءُ "الله ڏني" جو نالو وڌو.
(٢) مٿي وري آن جي پڇڻي ۾ "شڪر واهري" جو نالو وڌو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ڪنهن وڻراهه، عجب ڏٺيم اها
نار ويٺي هٿي ناز ڪري، ڪنهن اوچي هنڌ اعليٰ
مڙد ساري آئيا، تنهن جو پيو نه هن کي سڌ سماءِ
تن ائين هيبت هاڪ ڪئي، جيئن مرڻ سوڙهي ٻاڙاءِ
ان هاتڪ ساري هٿ سين، ڪيائينس ٻئي ٽي ٻرزا
نر لهي نار ڪٺي، ان جي آهي ڳالهه اها
پوءِ ماڳهين سا مري رهي، پڙنا تنهن پساءِ
سالڪ مون کي سڻاءِ، سمجهي ڳالهه ”سليمان“ چئي.

[١٠٨٧] تسبيح

تسبيح ۾ سؤ داڻا ٿين، ۽ ڪن تسبيحن ۾ ڏهن ڏهن داڻن تي سنڌو ٿئي. گهڻو ڪري اڌ رات ڪان پوءِ نمازي آئي تسبيح ڦيرين. ڪنهن سگهڙ تسبيح تي معما چئي آهي:

هيءَ جا سهڻي ساٿيهه ۾، جڙي منجهه جهان
سؤ پٽ، ڏهه ڌڻا، ڦري فقيرن سان
منجهي ويل سمهي، آڌيءَ ڪري اوڻان
سو ڪو سگهڙ آڻ، جو ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

[١٠٨٨] ٽن ٽنگن واري ٻڪري

سگهڙ ولي محمد ذات ڀٽرو، رهندڙ لس ٻيلو، هڪڙي ڏينهن مال جي پيڙيءَ وٽان اچي لنگهيو. ڏسي ته ٽن ٽنگن واري هڪڙي ٻڪ (ٻڪري)، ٻن ٻڪرن سان ٻڌي وڙهي. نيٺ پٽ انهن ٻڪرن کي ساري پڄايو. ان بعد سنڌس ڏٺيءَ سڌ ڪيو، جنهن تي اوڏانهن هلي ويئي. ولي محمد انهي واقعي کي هيٺين معما ۾ نروار ڪيو آهي:

زال ڏٺيم سين زور اتي، سفيد رنگ سندوس
سا ٽيلي ڦيري ٽي ٽن ٽنگن تي، امر ائين ٿي هوس
نار وڙهي ٿي نرن سين، منهن نه ڪنهن موڙيوس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا جنگ ڪئي جوان وري، ٻيو نہ ٻوڻتي ٻيوس
جڏهن سائين سڏ ڪيوس، تڏهن اچي ٻيئي امر ۾.

[١٠٨٩] ڏي ڏول

شيخ حمر ولد ابراهيم (وفات ١٧٥٠-١٧٧٦ع) لس ٻيلي جو مشهور درويش ۽ شاعر هو. هڪڙي دفعي ڪنهن ملان ڪي معما ڏنائين، جنهن ۾ هُن ڪان انهن ٽن شين جا نالا پڇيائين، جن جي اڃا تائين ڪنهن کي خبر نہ پئي هجي. ملان ۾ ڪيس بيت ۾ ڏي معما جو جواب ڏنو. شيخ حمر ۽ ملان جي وچ ۾ ٿيل سوال جواب هن ريت آهي:

شيخ حمر: ڏوٽيـن ڏوري نہ لـڌا، ڏول مڙيئي ڏي
ملان! سائيت ڏي، هڪيو "شيخ حمر" چئي.

—

ملان: آيهين ۽ ڪيپهن جي، آهي خبر خالق کي
مـوت مـٿي آهـي، اصـل آدم جــي
ڏول اهيـئي ڏي، معافي تـو مٺو ڪهري.

[١٠٩٠] پگهر

شاعر مٺو شيخ بہ لس ٻيلي جو مشهور شاعر هو. سندس ۽ شيخ سائينداد جي وچ ۾ پرولين جي ڏي وٺ هلي هئي. شيخ سائينداد مٺي ڏانهن معما موڪلي، جا هن پڇي. مٿان وري مٺي شيخ بہ ڏانهس "پگهر" تي معما جوڙي موڪلي، جا هن ريت آهي:

ان جي ذيح مائيت "مٺي" کي، ٻر هن جو بہ ڪريح سرت سماء
تہ نڪي آيو آسمان سان، نڪي ٿيو ظاهر زميناء
نڪي آيو ٻيءَ جي ٻئيءَ مان، نڪي مرڪڻ چٽيو ماءِ
سو مري جيئي "مٺو" چئي، ٻر ڪونهي سورهيہ منجهہ ساهہ
اهو سڙي چڙي ساهہ ري، تنهن جو عجب مونکي آهہ
سالڪ سون سڃاء، ان جي مائيت ڏي "مٺو" چئي.

[١٠٩١] چڪ (ڪنڀارڪي ڪم جو)

ڏني نالي هڪ سگهڙ شاعر گهمندي ڦرندي ڪنڀار جي دڪان ۾ چڪ ڏسي ان تي معما ڏاهي وري پنهنجي ٻئي سائي سگهڙ کي سلڻ لاءِ ڏني ته:

جان وڃان وات وٺيو، ته، ڏنم نالي چڱو نر
جان ٻيو هاڻون ڪري هلڻ سان، جان؟ ٻيو آ ٻاهي ٻر
جي وڀامي وڏاندرو، ته، لڪين چٽي لشڪر
انهيءَ جي اولاد جو، آهي گهر گهر سان گذر
سالڪ سو سڌر، جو ”ڏنا“ کولي ڏٽ کي*.

ٻئي سگهڙ جواب ڏنو ته:

دلو، دانگي، لوٽو، وجهي ٿيو متلاحن متن
ڪنهن سنڌي گهر ۾، متان تو ڦرندي ڏٺو چڪ!

[١٠٩٢] چڪي (ان جي پيهڻ جي)

سگهڙ ڪريم بخش ذات لاڙڪ، ضلعي خيرپور جي ويٺل، چڪيءَ تي هيٺ ڏنل معما چيو، جنهن ۾ چڪيءَ جي عضون ۽ ڪم بابت هي اشارا ڏنا اٿس: ۽ سگا ڀائر = چڪي جا ٻه پڙ. منڊ = چڪي. معصوم = ان جا ڪڻا. ڪامڻ = چڪي. ۽ چون چڱي پيا يعني ته سڀئي ماڻهو ان کي چڱو ٿا چون.

ٻه سڳا ڀائر پاڻ ۾، ملي منڊ ٿيا
ماري معصومن کي، ڪامڻ ڦهر ڪيا
چون چڱا پيا، لائين ناهي ”لاڙڪ“ چوي.

---

*ٻي روايت: موليءَ جي ملڪ ۾، مون هڪڙو لافع ڏٺو نر
وهيو ٿي وقوف سان، ڪامل رکيو ڪر
وڀائيو، ويڌو گهٽو، ٻيو لکين چٽيائين لشڪر
ان جي اولاد جو، آهي گهر گهر سان گذر
عالم وڃو عيدون ڪن، هو لٽو چڙي گهر
وري ٻئي جو ٻالي ۾، نه رهبس ڪونه پنجهتر
اٿئي مدد مهيسر، اهو مونکي سالڪ سمجهائي ڏيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٩٣] چلم

ڏنو نالي هڪڙو سگهڙ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ويو. چيا ڏسي ته چلم بلغار تيار آهي. هڪڙو همراهه ڦرڪون ڀري چلم ڦيرايو ٻئي کي ڏئي، ته ٽيون وري اکيون ڪُڇايو ويٺو آهي ته مون کي ڪيڏي مهل ٿو وارو ملي. آخر جڏهن ٽيئي ڇڏا چلم ڇڪي ڏاوا، تڏهن نڙ، چلم جي ڳرڻ تي رکي هليا ويا. پوءِ اها سڄي روئداد معما جي بيت ۾ بيان ڪيائين. ٻئي هڪ سگهڙ ٻڻ چلم تي معما جوڙي، جنهن ۾ چلم جي بناوت جو عضون جا اهڃاڻ ڏنا اٿس. جيئن ته ٽي مايون = چلم، گوءِ ۽ نوڙي، جيڪي هڪٻئي مٿان رکجن. آسُلهه = ٻاٽي، جنهن جي سڄي جهان کي گهرج آهي. ٻي ٻهاڄ = گوءِ، جيڪا چلم ۽ نوڙي جي وچ ۾ ٿئي. ٻ ٻار = هڪڙو تماڪ، ٻيو ٽانڊو. ٽيو مٿي ٽي = نوڙيءَ کي ڏي ڪنجو ڏُول. مڙس = نڙ. اهي ٻئي معمائون هيٺ ڏجن ٿيون:

١. ظلم ٿيو آهي هڪ زال سان، جنهن تي ٽوپي چڙهيا ٽي
هڪڙو لوڏيس، ٻيو چوڪيس، ٽيو سڀهن نئو ڏي
ڏاڍو ڏک اٿم ”ڏنو“ چئي، ته ٻ ڏيهه مان نئي لڏي
پوءِ ٻ، تنهن هوندي، ڪانڌ سهار يو ٻئي آهي ڪچ ۾.

---

٢. ٽي ـ ي چڙهيون ٽي چيٽون، مايون هڪٻئي تـي
هڪڙي کي آهي آسُلهه، پيٽ ۾، تنهن لاءِ سارو جڳ سڪي
ٻـي ٻهاڄ وچ تـي، ٽـي ٻنهي کي سنهن ڏي
ٽـيءَ کي ٻـ ٻـار پيٽ ۾، ٽـيو مـٿـي تـي
مڙس تني جو هڪڙو، جو ٽنهي کي منهن ڏي.

[١٠٩٤] چلو، جو ڌڻ ۾ ڪري غائب ٿي ويو

ميون شاهه عنايت (وفات ١١٢٠هه-١١٢٥هه) سنڌ جو هڪ اعليٰ شاعر ٿي گذريو آهي. ٻيـرو ڪتـبـي سنڌس رفيق

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هڪ سچاڻ سگهڙ هو. ميون شاهه عنات ۽ ٻيا رفيق ساگري درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ويٺا هئا ته ٻيروءَ جي سگهڙپائي جي ڳالهه نڪتي. ان وقت ڪو ماڻهو ٻيرو جي ڳوٺ ڏانهن تي ويو ۽ ميين شاهه عنات، ٻيرو ڏانهن سلام موڪليا. ان ماڻهو چيو ته: سائين، اڄ ته اوهين ٻه ڪا پرولي ڏيو ته سلامن سان گڏ اها ٻيروءَ کي پهچايان. انهن ڳالهين ۾ هئا جو چوڪرن ڪنڌيءَ تي راند پئي ڪئي، ۽ راند ڪندي اتي ڏنڀ تي پئي. اتفاق سان هڪ چلو وچي ڏڀڻ واري جاءِ تي ڪِريو ۽ جيئن ان کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تيئن اندر ڪچڻ ۾ قابو ٿي ويو. ميين شاهه عنات چيو ته: ادا! اها پرولي وڃي ٻيروءَ کي ڏجان ته:

ڪهُمِير منجهه گهڙي ويو، ڪُهمير منجهه گهڙي ويو.

ان ماڻهو وڃي ٻيرو کي ميين شاهه عنات جا سلام پهچايا ۽ ان سان گڏ پرولي به ڏني. ٻيرو ٻڌي چيو ته ادا!

شاهه اسان ڏانهن موڪلي، سا واهه اسان کي وٺي
اسين شاهه عنات جي، آهيون ٻهرن جي هٽي
راند ڪنڌندي ريل ۾، متان ڪو چلو پيو چٽي؟

[١٠٩٥] حضرت آدم عليه السلام

ميٺهن ولد بادل مگڻهار (وفات اندازاً ١٩٣٠ع)

لس ٻيلي ۾ ٻهرياڻين اٿل ۾ رهندو هو ۽ پوءِ لڏي اچي وندر ۾ ويٺو. ميٺهن سگهڙ ۽ شاعر هو. هي ڪنهن سگهڙ کيس حضرت آدم جي باري ۾ معما ڏني ته:

ستين مائين پڙڙو، هو اينهوڙيءَ ويا(١)
نڪي لوڏيو ڀينگهڙي، نڪي ساڻيو ماءُ
چائي هيڪ الله، اهو لکيو آهي ڪتاب ۾.

---

(١) اينهوڙي = ٻهريات، ٻهريون پيٽ ويائل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميٺن آن جو جواب ڏنو ته:

ستين مائين پنڙو، اهو هو اينهينءَ جو وياء
تنهن جو ٻيو پيدا ٿي ڪونه هو، نڪو ڇٽيو ماءُ
سولي تنهن مٿيءَ ۾، سو مائينءَ وڏو ساهه
سو مائٽ سڀڪنهن جو ”ميٺن“ چئي، ڪيو پاڻ ڌڻيءَ پيدا
چائي هيڪ الله، اهو لکيو لوح محفوظ ۾.

[١٠٩٦] حقو ۽ ان مان ڦلل سلو

شاعر ”نم“ مگنهار ۽ شيخ صديق، ٻئي لس ٻيلي جا ويٺل هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته جيئن ڪي ڪاريگر حقي جي ڪرني مٿان ٻيءَ ديوار جو ڏڪ رکندا آهن، ۽ آن ۾ ڳڙ ڪيون ٻه ڪري ڇڏيندا آهن. انهيءَ لاءِ ته ڪرني جو پاڻي ٺڏو رهي. اهڙي هڪ حقي جي ڳڙڪيءَ مان ڪو ٻج جو داڻو وڃي اندر پيو ۽ ڦٽي پيو ۽ اهو سلو آپري سوراخ مان نڪري ٻاهر بيٺو. انهيءَ واقعي تي شيخ صديق معما ٻڌي، شاعر ”نم“ ڏانهن ڏياري موڪلي ته:

ٻاهر ميٺيءَ جي پٽ مان، سلو سوريو سچ
ڳولي هيٺون ڳچ، ڪر هرولي پڌري.

شاعر ”نم“ ان جي مراد هن طرح ڪئي:

قابو قلعي ڪوٽ ڪي، ڳڙ ڪيون آهن ڳچ
آٽيو اوتين آب جو، تنهن منجهه رمز چڱيءَ سين رچ
تت سلو ڪنهن سوراخ مان، ثابت سوريو سچ
عالم آڇين ان ڪي، ڪوڙو ڪجسو ڪچ
ٻر حقو جنهن جي هٿ ۾، سو وٺي ويٺو وچ
سا مون ”نم“ چئي نروار ڪئي، تون عاقل اوري اچ
ٻيو جو منڌاري تي مچ، سو ٿوهيءَ تي ٿانڊ و ٻري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٠٩٧] ڏاند (جيڪو زمين کڻيو بيٺو آهي)

ٻراڻي ڏند ڪٿا موجب هيءَ ڌرتي هڪڙو ڏاند پنهنجي سڱ تي کڻيو بيٺو آهي. اهو ڏاند حضرت آدم کان به اڳ قدرت پيدا ڪيو. چون ٿا ته، جڏهن ٿڪجي ٿو ۽ زمين متئاڻي ٻئي سڱ تي رکي ٿو، تڏهن ڌرتي ڌُٻي ٿي. ٻاڻ هوا تي بيٺل آهي. سگهڙ سالار مانجهند، ويٺل لڪ سن، ضلعي دادو جي، انهي مذڪور تي معما ٻڌي ته:

اڳ پيدا ٿيو آدم کان، ٿو نالي ٿڙُ چائي
آپو آهي آتهين، لاڳاپا لاهي
ڪر موڙيندي ڪاند ٿو، ڏيهه ته ڏڪائي
پيرن هيٺ پرس ڪي، هڪ عورت به آهي
"سالار" تون سمجهائي، ڏي ماهيت آن مذڪور جي.

[١٠٩٨] ڏهه چٽيون

ڪاري طرف جي سگهڙن ۾ هلندڙ معمائن ۾ "ڏهن چٽين" جي مذڪور واريون معمائون مشهور آهن. اتي جي شاعرن مان "ناٿن جت" ٿي گذريو آهي، جو ونگاڻي جتن مان هو ۽ ڪاري چاڻ متان ويٺل هو. هن پنهنجي همعصرن شاعرن چگي جت ۽ هوت خان صوياڻي ڏانهن معما ۾ سوالنامو موڪليو ته، "ڏهه چٽيون ڏيهه ۾، هيءَ جي هيٺ هيون" سي مري ويون يا اڃان جيئريون آهن؟ چگو جت، متاڻي جتن مان هو، ۽ ڪڇ جو ويٺل هو، ۽ هوت خان صوياڻي مڪاڻ ٻاپيهو، تعلقي گهوڙاٻاري جو ويٺل هو. تن ٻنهي سگهڙن، ڪيس بيتن ۾ جدا جدا خيال وارا جواب ڏياري موڪليا. سندن سوال جواب ۾ معمائن جون ٻئي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون:

١- ناٿن جت ۽ چگو جت

ناٿن: ڏهه چٽيون ڏيهه ۾، هيءَ جي هيٺ هيون
مرتين جي سينگار ۾، سيڻي ٿي سٽيون

سي شرع شفيع چام جي، ڪهڙيون ڪُهر هون
سي مڙيئي مٿيون، ڪِ ڪا جيڙي آهي "جت" چئي؟

—

چگو: سي لاهن جيڙيون "جت" چئي، تن جو ميان سڻ مذڪور
هڪ شرع شفيع چام جي، جنهن ۾ ڪٿ نہ آهي ڪوڙ
ٻي ڪرڻ ڪمائي ڪوڏ سين، ٽيي طلب تني جي تڙور
چوٿين چگائي تہ "چگو" چئي، پنجئين حيا ٿي حضور
ڇهين سخا شاهہ مردان جي، هتڻ آڪاري پور
ستئين لج موُنسار جي، جنهن سان من معمور
اٺئين امانت ايمان جي، جنهن سين هريون هنڌ پروڙ
نائين هدايت حق جي، جا نسوروئي نور
ڏهين محبت ماڻهن مان، لڌي تي لهغور
سي جهيڙيون تيون "جت" چئي، هُئي ڏِسا جن جي ڏور
اڪثين دم دستور، ستان اڄ نہ ڏٺي ڪڏهن.

٢- ناٿن جت ۽ هوت خان صوياڻي

ناٿن: ڏهہ ڇٽيون ڏيهہ ۾، حاضر هت هيون
سرتين جي سنسار ۾، سيئي تي سٽيون
ننگ نپهلون "ناٿن" چئي، ڪِ خانن ري ڪُهيون
ڪِ پويون پهر پيون، ڪِ اوءِ وبچاريون ويون
اوءِ مڙيئي مٿيون، ڪِ ان مان جيڙي آهي "جت" چئي؟

—

هوت خان: جوڙي سامهيون جت ڪئي، مون چيئي آهن چيون
سرت، صحبت، ساچاهہ، سا لنگهي ويئي لج ليون (ڪذا)
اميد، آسرو، انسانيت، آني ڪان ون ڏيئي ويون
پت، مت، پريت، ان جون گتون سي ڳيون
... ...
تنين مان ڪانهي جيڙي جتَ! سي مڙيئي مٿيون
تو ڏنو ڏس ڏهن جو، مون چوڏهن آهن چيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ جا اکر ”هوت خان“ چئي، مون ڪان وٺ
سڀ جون صحيون
هاڻي چاڙي (١) چغلي، چوري، ڪلفت، ڀيون
ڪوڙيون وٺن ڪهيون
ڳلا، غيبت، ڪار ڪهٽي، ڪري راج رهيون
اوءِ تڏهن حياتي هئيون، ڪو هنن جانب جوءِ ۾.

[١٠٩٩] رهيو

سکهڙ طاهر ڀٽ رتو، ذات ڀر (عمر ٥٠ ورهيه) ڀهر پائين
ڳوٺ ڪولي ڀر جو ويٺل هو، جتان ڀوءِ لڏي اچي شهر
ٽنڊي الهيار ۾ ويٺو. سن ١٩٦٢ع کان اڳ ۾ هلندڙ رهٽي
جي وچور جا اهڃاڻ هن طرح ڏنا اٿس، سفيد رنگ وارا
پکي = رهيا، ڀ، ڪنيڙائيون = رهٽي ۾ آڏيا. چار ڀر = پائليون.
سورهن آنا = آنڪون. ڀنيهه، ٽر=ٽڪا. چوهٽ = ڀشا.
ٽي ٽي = هڪ هڪ ڀسي ۾ پايون. هڪ سئو پيانوي = رهٽي ۾
پايون. اهو بيت هيٺين طرح آهي:

خاوند ڀکي خلقيا، سفيد رنگ سندن
ڀ ڪنيڙائيون ڪنين تي، چنن هيرن چلن
صاف آنا جنهن جا، سورهن ٽي سرجن
ڀنيهه، ٽر وڏا هشا، چوهٽ ٽيو چکن
هڪ هڪ جي بيٽ مان، ٽي ٽي ٽي ٽلن
مي هڪ سئو پيانوي ٽيا، ڪهٽ وڏ ڪين چون
اچن وڃن سپڪنهن وٽ، ديسان ديس ڳهن
”طاهر“ چئي تن، مچايو آهي ملڪ ڪي.

[١١٠٠] سال، ورهيه

هن عنوان تي بن سکهڙن جون ڏاهيل معمائون سليون آهن.
پهر بن معما ”پراد“ اس پيلي جي مشهور سکهڙ شاعر جي چيل

(١) چاڙي = چائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ سال جي ڀاڱن جا ٽاٽا هن طرح ڏنا اٿس: سگ = ٻارهن مهينا. ڀتا = ائيتاليهہ هفتا يا جمعا. ڪڙڪيون = ٽي سئو سٺ ڏينهن. پنج ٽول = ڏينهن ۾ پنج وقت نماز جا. اڇا ۽ ڪارا = ڏينهن ۽ راتيون. آوري ۽ جاوري = ڏينهن ۽ رات هڪٻئي جي پٺيان اچن ۽ وڃن.

ٻي معما ٻئي ڪنهن سگهڙ چئي، جنهن وري سال جي ڀاڱن جا اهڃاڻ هن طرح بيان ڪيا آهن: ڏهه ٻون (ٻارهن) = مهينا. ائيتاليهہ = هفتا. پنج پن = پنج وقت نماز جا. ٽي هن چانئو ۾ = ٽي وقت نماز رات جا. ٻہ وقت سج کي سامهون = ٻہ وقت نماز ڏينهن جا. هيٺ اهي ٻئي معمائون ڏجن ٿيون:

١ - هڪڙو ڏٺبو جنهن ٻارهن سگ، ائيتاليهہ ڀتا
تنهن ۾ ٽي سئو سٺ ڪيڙڪين جي، ڪڙڪي ۽ ڪڙڪي پنج ٽول
مي سئو سٺ اڇڻ جي، ٽي سئو سٺ ڪارا
هڪ آوري ٻيو جاوري، ڪل ڪنهن کي نا
ثابت سڀ سڄا، ڏي جواب "مراد" چئي.

—

٢ - ڏهه ٻون حصا پيدا ڪيئين، سڻ اسم کهڙو آ
ائيتاليهہ شاخون ان کي، ڏنيون ڏاتارا
پن تنهن جا پنج آهن، منجهہ ملڪ مشهورا
ٽي پن تنهن جا چانئٽهن ۾، ٻن کي سج سامهون آ
مان سالڪ کو ملاء، ڏي ماهيت ان مذڪور جي.

[١١٠١] ست ڏينهن هفتي جا

سگهڙ ميهار مانجهند، ويٺل لڳ مانجهند جو، هڪڙي پيري مانجهندن جي شهر ۾ جمعي نماز پڙهڻ ويو. اتي وڏيري موسي مان ملاقات ٿيس، ان کي هفتي جي ستن ڏينهن مان جمعي جي پلاري ڏينهن هئڻ ٻي معما ٺاهي ٻڌايئين. پنهنجي بيت ۾ ٽاٽا ڏنئين ته: آدمي = ست ڏينهن هفتي جا، جن جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالا مقرر ٿيا. نيائيون نمائيون=اربعا ۽ خميس. هڪڙي کي ٻڪ ٻڌائي=جمعي ڏينهن کي ٻلارو ڪيائون. اهڙا معما هيٺين طرح آهي:

ست آدمي سگهڙ جئي، آيا لطف ساڻ لهي
تن ۾ ٻه نيائيون نمائيون، ٻي اچي وڃا راڄ رهي
ستئي ٻاڻ ۾ صلاح ڪري، هڪڙي ٻڌائي ٻڪ ٻهي
ساري چمار سهي، اهي مرندا ڪين "ميهار" چئي.

[١١٠٢] سپ

سگهڙ لالو لوهار سپ تي معما جوڙي ٻئي ڪنهن سگهڙ کي سلڻ لاءِ ڏني ته:

ڏٺي سون سيٽ ستٿر ۾، جنهن نه گاڏر آڏايو گهر
نڪي واءُ لوڏيو هو وينگس کي، نڪي ڏنائين ٻاسن هيٺ ٻٽر
نڪي ستي سيج تي، نڪي ڏٺائين شمس قمر
تنهن سندا قر، تون لهي ڏي "لالو لوهار" چئي.

ٻئي سگهڙ هيٺيون جواب ڏيئي معما ٻجي ٻڌائي:

اچن سوداگر ساٿ جا، ڏيئي ناڻو گهيڙين منجهه. گوءِ
کي ٻحرن ۾ ٻرجاءِ اچن، کي ولهيون و تن ٿيون ووءِ
قر تنهين جا ٻوءِ، ستان ماڻڪ اٿئي ملڪ ۾.

[١١٠٣] سونگي (ناس جي دبلي)

هڪڙي دفعي اس ٻيلي جي هڪڙي سگهڙ ڪريمڏني ناس جي هڪ سهڻي دبلي ڏٺي، جا گنبذ وانگر ٺهيل هئي ۽ متس چوٽيءَ تي مير بحر جي چار وانگر ٽنگن ٽنگن سان نقش چٽيل هو. سو ان تي معما ٺاهي اچي ٺم کي ڏنائين ته:

پونندي بازار ۾، جان ديکيم ديدارو
تان گنبذ چگي گت مين، ڏٺم جڙيو جنسارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻجي پـهـمـال ڪري، تنهن منجهه لشو نـروار
سـو چٽري ۽ ڇهني جيترو، جـي ثابت هـوءِ مارو
جيئن ڪارڻ ڪٿي قـوت جي، ستي مڇيءَ مارو
آو پـڻ آهـي انڻ تـي، پـڍو مـٿـس مـنـارو
ڪرويهي و بچارو، ڏي ان جي ڪل ”ڪريمنو“ چئي.

انهي معما جي مراد شاعر نم هن طرح نروار ڪئي ته:
اهـا سُونڪـي سنگين سـڦـري، جـڙي تـي جنسار
وجهجي گهٽي وقوف سين، تنهن منجهه ناس چگي نروار
سا سٽگهي ستّرت سماءِ پر، تي ڪري هر مغز موچار
پي جا فهم چگي سين ڦٽڙي، تنهن تي واٽي ڪنهن وينجهار
اهي پورا ڏيانءِ ٻار، ڪي اجان اهاريانس ”ام“ چئي.

[١١٠٤] صور اسرافيل

حضرت آدم ڪان اڳ ڏٺي تعاليٰ پنهن ملائڪن سان گڏ ’اسرافيل‘ کي به پيدا ڪيو. مٿس اهو ڪم مقرر ٿيو ته جڏهن ڪيس خدا جو امر ٿئي تڏهن صور وڄائي. صور جي ڏڪاءُ سان هيءَ دنيا فنا ٿي ويندي. انهي مذڪور تي ڪاري طرف جي هڪ سگهڙ حاجي مکڻ جت هيئين معما ٻڌي:

اڳ پيدا ٿـي آدم ڪان، نالي چڱي نـار
نکي وڏي وڏيـڻ پر، نـڪـي ٻالڪ ٻـار
اکي مستـي، نـه جيڙي، نکـي پاڻيءَ پـار
ڪندي جو پن ”جت“ چوي، آخر منجهه اپـار
پـاٿـهـي ٿيندي پـڌري، پـيـڙي سـاڻ پـتـار
سـٽي هـڪـل هـن جـي، ٿيندا گم کپـنـوار
سالڪ ڳالهه سنيار، ته هي ماني کهڙي ملڪ جي.

[١١٠٥] قدرت جو انت

سنگر شيخ، لس ٻيلي جـي حمراني شيخن مان هڪ بيت ڏيندڙ راوي هو. جنهن جي آڏو سنڌ جي ”ختنگ“ نالي هڪ پيت قدرت جي انت جـو سماء لهڻ بابت ڪيس هڪڙي معما آئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش ڪئي. شيخ سنگر وري اها معما آئي شاعر نمر کي ڏني.
نمر چيو ته: ختنگ ڪوڙ ٿو وڏي ۽ ڪجهه ٿو ڪولي، ڪجهه
جي ونس ڪهڙي خبر هوندي. ڪيس هي جواب چوائي موڪل.
ائين چئي نمر بيت ڏنو، جو شيخ سنگر، ختنگ پٽ کي ڏياري
موڪليو. سندن سوال جواب واري اها روايت هن طرح آهي:

ختنگ: الله جي الک جو، مونکي سنگر ڏي سماء
ته ڪٿي سيءُ سڀجي، ڪٿي وهي واء
ڪيترا سير زمين جا، ڪيترا پاڻي پاه

—

نمر: الله جي الک جي، ختنگ ناه خبر
اهي آهن واءُ سيءُ وجود جا، سندا هٿ هنر
تون ٿو ڪولين ڳالهيون ڪجهه جون، حرص رکيو هرهر
ناري ناري "نمر" چوي، جي وڻ وڻ ڏئين ور*
ته به ادا انهيءَ پنڌ کي، ڪنڌي ناهي ڪر
پڙهي ڪنهن نه پڄاتيا، اي علم سڀ اکر
سون تو ڪنان سکر، متا هٿي مونيا.

[١١٠٦] قرآن شريف

قرآن شريف ۾ سڀني سورتن جي منڍ ۾ "بسم الله الرحمٰن الرحيم" واري آيت آيل آهي. مگر هڪڙي سورة "توبه" اهڙي آهي، جنهن جي منڍ ۾ "بسم الله" هجڻ بدران، سورة جي وچ ۾ آيل آهي. انهيءَ مذڪور تي ڪنهن سگهڙ معما ٻڌي جا هيٺ ڏجي ٿي. معما ۾ آيل خاص اهڃاڻ هن ريت آهن: ٽيهه ڇٽا ٽوليءَ ۾ = قرآن شريف ۾ ٽيهه سيپارا. ڇهه ويهون = هڪ سؤ ويهه. ايميون ڪپهو سير ڪنوار جو-الخ = سورة "توبه" جي منڍ ۾ "بسم الله" اچڻ بدران وچ ۾ آيل آهي.

---

* ناري ناري = لهاري لهاري.

نيهه، چٽا ٽولـيءَ ۾، هيڪانـدا ٻـ، هلن
ڇهه، ويهون چوڪرين جون، وليو وک گهمن
ڪپيو سِر ڪنوار جـو، ٽـا اڌ ۾ اڙائـن
اهڙائي آهن، جـي سالڪ سمجهن ڳالهڙي.

[١١٠٧] قلم

احمد ميمڻ، سجاول جي فارسي مدرسي هاشميه ۾ استاد هو، پنجاهه-سٺ سال اڳ وفات ڪيائين. ڪيتريون ئي معمائون جوڙيائين، جن مان ”قلم“ تسي معما هيٺ ڏني وئي آهي. جيئن تہ قلم هميشه ٽـن آڱرين ۾ جهلي پـوءِ لکبو آهي، تنهنڪري ان کي ”ٽن گهوڙن تي سوار“ جي ناٽي مان نروار ڪيو اٿس. اها معما هن طرح آهي تہ:

چڙهي جو چالاڪ، ٽن گهوڙن تـي گهوٽيو
ٻـاڻ پيادو ٿـو هلي، خوشدل مـٿـي خاڪ
عاقل ڪر ادراڪ، سڌ ڏي ان سـوار جي.

[١١٠٨] ڪچئون (جيڪو سمنڊ جي وير ۾ لڙهي ويو)

سکهڙ يوسف عـرف جوسب پٽ جمال ذات مـوندرو (وفات ١٩٤٣ع) ڪارڙي ناڪي (لس ٻيلي) جـو ويٺل هـو. هڪ ڀيري سمنڊ جي ڪناري تي ٻاٽيءَ ڪان گهٽو پري سـَڪيءَ تي هڪڙو ڪچئون پيل ڏٺائين، جو وير جي چاڙهه ۾ ڪجي آيو هو، ۽ وير لهڻ وقت سمنڊ ڪيس ڇڏي ويو هو. ڪچئون تمام وڏو هو ۽ ڇڙي ٻـڙي ٻہ نٿي سگهيو، انهيءَ ڪري هڪڙي هنڌ پيو هو. وري جڏهن وير چڙهي تڏهن ڪچئون سمنڊ ۾ هليو ويو. جوسب موندري ڪچئون جي انهيءَ بيان تي هيٺين معما ٻڌي:

جان ڀـوٽندي ڀـونءِ ۾، ڪيم لـاري نرت نـگاهه
تـان مثل جيوڏ مـردي جيئن، ٿـو سـتو ڪٺي ساهه
ٻـو ٽلهو متارو مضبوط گهٽو، سٺ اهڙي شڪلاءِ

تنهن کي همٿ نه پير حشمت، ڪانهي طاقت هلڻ جي ڪا
سوز زوراور زبون ڪيو، ڪنهن جنهن قهر منجهاءِ
سو ڦوڙائي فراق ۾، پيو ساري ماڻ ٻيهڙا
هو انهيءَ حالت ۾، توءِ پناس ڪونه پساهه
سو ٻنهي ٻهر ايو هو، سڙد تنهن ماڳاءِ
پوءِ واهرو وٽس ويجهڙو، جڏهن اچي ٿيو هلي يار همراهه
تنهن دلاسو دلگير کي، ڪري دهشت ۾ دڙڪا
تڏهن هن پيءِ پاڻ سنڀاليو ٻنهيءَ تان، ٿيس ان پرآميدا
اهڙيون جوڙون ”جوسب“ چئي، ٿو خلقي پاڻ خدا
ڪو هجي سالڪ سمجهڻا، جو ڏني ماڻيت هن مذڪور جي.

[١١٠٩] ڪکر

سکهڙ حاجي محمد علي ذات ٻپر (سال ١٩٥٥ع ۾ ٨٠ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.) ارباب عمر جي ڳوٺ جو ويٺل هو. آسمان ۾ جهڙ ۽ ڪکر ڏسي، انهن تي ٻه معمائون جوڙيائين ٻهرين معما ۾ ڪکرن بابت هي ٿاٿا ڏنا اٿس: ساڳو = جهڙ. آٺ = ڪکر. مٿن مڏيون سال = وچون ۽ مينهن- هيرا جنهور جال = مينهن جون ڦڙيون. خدا جي امر سان اهو جهڙ سال ٻه سال موٽيو اچي. ۽ ٻيءِ معما جا اهڃاڻ هن طرح آهن: ويڙهر = آسمان. سنگ ٻه ساميڙن = ڪکرن جو ميڙ يعني جهڙ. سي وچون ڪندا مينهن وسائيندا وتن.

١. ڪهي آيم ڪالهه، ساڳو ساٺ ڏٺين جو
تن ۾ آٺ ناهي ايرو، آهن مٿيا سڀ متوال
ري ٻلاڻ ٻنهين تي، مٿن مڏيون سال
پيتين ٻرو ناهه ڪو، آهن هيرا جنهور جال
ماڻڪ موتي مهر سندا، آهن لک لک سندين لعل
اهو ساڳو سال ٻه سال، ٿو آري چار آٿائي.

---

٢. وهندو ڏنم وير متي، هڪ سنگ ۾، ساميڙن
چڪر چمڙا چيله، تي، ڳنتا ماڻ ڳلن
نانگا پنهنجي ناني کي، پيا سارو ڏينهن سجدا ڪن
پريا پرپور ٿيو، هيڪاندا هلن
هنڌ سپني جو هيڪڙو، جت لاهوتي ليئن
ان جي پاڇه، ٻين تي، ڪئي ڏاتر ڏيه. ڏٺين
چگا ڪي چئجن، جي ڏاها لهن هن ڏور کي.

[١١١٠] ڪڪڙ جا آنا ۽ ٻچا

سکهڙ روشن شاهه، هڪڙي ڏينهن مادي ڪڪڙ کي آري تي ويٺل ڏٺو، جنهن آنا ٻئي ڦوڙيا. ڪجهه ديرڪان پوءِ ٻچا آنن مان نڪري اٿي هلڻ لڳا. تڏهن انهيءَ نظاري تي هيٺين معما ڏنائين:

مارن جا ملير ۾، گهر ڏٺم گهاٽا
نڪا ڳلي ڳوٺ کي، نڪا وچن جي واٽا
سنڌ وهي محلات ۾، مٿ پڳا ماڻا
پوءِ ٻاڦ ڪٺي ٻاٽا، رڙهيا "روشن شاهه" چئي.

[١١١١] ڪلديءَ جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ

سکهڙ جوسب مولدري، هڪ دفعي ڪنڊري جي ٽڙ ۾ ٿوهر جو وڻ بيٺل ڏٺو، جيڪو مڙس جي قد کان به مٿي مورجي نڪتو هو. ان واقعي تي هيءَ معما ٺاهيائين:

ٻٽ ڏٺام ٻه چٽا، ڪي جوڙي جا ڳهه تي
هڪ ٻئي مان اظهار ٿيا، امر آڳي جي
نر منجهان نر پيدا ٿيو، صحي ڏٺام سي
مي پيا ڳنڍ ڳنڍارين ٻاڻ ۾ حال مڙني هڪڙي
تن جوا سر جدا، جسم جدا، جدا جاتيون "جوسب" چئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجب رنگ آڳي پيدا ڪيا، قدرت منجهان ڪي
مونکي مانڊ سلوي ڏي مائيت ان مذڪور جي.

[١١١٢] ڪنڊي ۽ ڪِپڙ جو وڻ

آڳاڻي وقت ۾ "ميٺي" ۽ "ٺبي سر" جي رستي تي هڪ هنڌ ڪنڊي ۽ ڪِپڙ جا وڻ گڏ بيٺل هئا. انهن جون ٽاريون پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح ڳتيل هيون جو چڻ ته هڪڙي وڻ جي ٽاري ٻئي تي آيري آهي. اتان سگهڙ "ملهو" (ٿرپارڪر ضلعي جو) اچي لانگهائو ٿيو، جنهن اهو لقاءُ ڏسي هيٺين معما ٺاهي "پراڪِي" نالي هڪ ٻئي سگهڙ کي موڪلي ڏني.

"ميٺي" "ٺبي سر" جي گهاڙوءَ تي، نالي سجهي نار
بيٺل هئي گهاڙوءَ تي، زمين ڪان آ ڌار
وجهي پاڪر پيٽ کي، وڏي ڪوڏ ڪنوار
مرڪ آهي مينهن جو، ترُ جو توند نهار
ڦڪڻ ۾ ٿي ڦرجي، ڏڪارن جي ڌاتار
گهٽي ڪپي هوم ۾، چونري ۾ چتار
لک پرولي "ملهو" چوي، "پراڪِي" کي پڇاءِ
"پراڪيا" هي پرولي، سال ڪري سڃاڻ.

[١١١٣] ڪوڙي (چانهين)

هڪڙي پيري وس ٿي، جنهن ۾ شيخ سائينداد آرڻ پوکيو. ان ۾ هڪ ڪوڙي (چانهين) ڪنهن ٻڪي چڏي. ڪيٽ پيلجي ويا، پر اها پوريل چانهين وسري ويئي جا اتيئي وڌي ٿي. ان جي مٿان ڪنهن جانور جو پير اچي ويو، جنهنڪري چڪهه ٿي پيس. ان ۾ وري اندران ٻج موريو. شيخ آيو کوٽائي چانهين ڪنيائين. ڪوڙي سڄي سربستي نڪتي. رکو سلهي ۽ چڪهه وارو ٽڪر ڪٽيو، باقي ٻي سڄي مٺي هئي. شيخ سائينداد ان واقعي جي هيٺين معما مٺي شيخ ڏانهن ڏياري موڪلي:

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كامڻ هڪڙي قدرت سين، خاوند خلقي آهه،
تنهن ڀوريا تي ٻيٽ ۾، پنهنجا ٻار ٻچا
آئي مان آت هيڪڙي، ڪنهن ورنهه چٽيو وياڻ
قوت تنهن جو ڪڙو، ٻيا هٿا سڦا ماڪي ماء
عجب جهڙي آهه، ڏيج ان سهڻي جي سڏ ”سائينداد“ ڪي.

مٿي اها معما هن طرح سڻي:

ڪوڙيون، ڪرٽ، گدرا، چيڙ ٻوچ سڀڻ (١).

[١١١٤] گگرين جا ست وڻ

لس ٻيلي جو هڪ سگهڙ ولي محمد ٻرو هڪڙي ڏينهن ڪنهن باغ وٽان اچي لنگهيو ته باغ ۾ گگرين جا ست وڻ گڏ بيٺل ڏٺائين. جن مان هڪ ۾ گگر زياده هو ۽ باقي ٻين ۾ ٿورو هو. ان تان معما ٺاهي اچي پنهنجي دوستن کي ڏنائين ته:

ست ڏٺيونسين ساهيڙيون، جن سيني هڪ صلاح
تن جو پاڙو هئو ٻاڻ ۾، هيڪ نه تن کي ماڻ
سي اڻ ڦريون آهيون، نڪو ٿيو هون نڪاح
ٻنئي هيون ٻيٽ سين، وڏي ٿيو ويماڻ
هاڻي اچي ڳالهه اها، ڪوسارڪ سلهي ڏي.

[١١١٥] ماڪ

ڪنهن سگهڙ ’ماڪ‘ تي معما جوڙي، ماڪ بابت هي ٿاڻا نروار ڪيائين: سوين ٻکي=وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا. سمنڊ=ماڪ. ٻسائي هليا پر=ماڪ جا ڦڙا وٽن جي ٻنن تي ٻيا هٿا. ڪيترا ٻکي وڻ تي اچي ويٺا، ۽ ماڪ ۾ وهنجي ويا، پر اتان ٻاٽي پيي نه سگهيا. اها معما هيٺ ڏجي ٿي:

---

(١) اسان کي هن بيت جي فقط هڪ مصرع ملي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـوين ڪي سمنڊ سان، ڀُنسائي هليا ڀـر
منجهه هيڙا ڪيترا، تاسيا رهيا تـتر
توڙي رهيا منجهه، جر، ڇڪو نه مليو تن کي.

[١١١٦] ماکي جون مکيون

ماکيءَ جون مکيون گلن جو رس چوسي وڃي مانارين ۾ گڏ ڪن. پوءِ ماڻهو ماکي لاهي ان مان فائدو وٺن. انهي مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٻڌي:

مينهون آيون ملير ڏهون، ڇپڪ ڇينائون
سوپاري تنهن تڙ جو، پاڻي پتائون
جـڏهن ڏُڏائون، تـه عالم آسودا ٿيا.

[١١١٧] ماهه جي ٿيج

ماهه جي ٿيج جو تلاءُ يا تڙ ڪونه ٿئي. گهڻو ڪري هرڪو ماهوارو ماهه جي ٿيج تي پلجي، پر رڳو ٻکي آهن جيڪي ماهه جي ٿيج کولي پين. انهيءَ بيان تي ڪنهن سگهڙ هيٺين معما ٺاهي:

نـه آهي تڙ، ڪنهن ماڪ تلاءُ
ميرون مانگر سپ پين، ٻي پاتشاهه
پر انهيءَ تڙ مٿاهه، ٻکين پيتوئي ڪينڪي.

[١١١٨] مڇر

سگهڙ مٺي شيخ (لس ٻيلي جـو)، مڇر تـي معما چئي، جنهن ۾ هن مڇر جـي انهيءَ خاصيت جو خاص طرح اهڃاڻ ڏنو آهي تـه مڇر اچي چڪ هڻندو، ۽ جـي نـه هڪلبس تـه ايترو رت پيئندو جـو اتيئي ڪري پوندو ۽ مـري ويندو. مٺي جي اها معما هن ريت آهي.

جيوت هڪڙو جـهان ۾، خاوند خلقيو آهه
سو چلي وتي چوغان ۾، لنگهڻ ٿيو ليلاهه

جڏهن خوشي ٿئيس ڪاج جي، ڪاج تڏهن ٿو ڪاهه
ڪينّدي ان ڪاج مان، ٿو اچيس موت مٺاهه
جوڙي جلد ٻُڌاءِ، ماهيت ان جي "مٺو" ٿئي.

[١١١٩] مسجد

مسجد سڳوري سڪي زمين تي ماڻهن مان آباد رهي. چون ٿا ته آخرت ۾ مسجد نمازين کي ڪُٺي ٻهشت ۾ رسائيندي. انهيءَ مذڪور تي ڪنهن سگهڙ هيئين معما ٻڌي آهي:

آءٌ سهٽي ما چوان، جا سُڪي ۾ سائي
نڪي پري پونءَ تي، نڪي تڙ متي آئي
ستي سوائي، ثابت لنگهندي سير مان(١).

[١١٢٠] مور ۽ ڍيل

مور پکين ۾ سهڻو پکي آهي. چون ٿا ته جڏهن ڍيل مان آر ڪري، تڏهن نچندو آهي، هوءَ سندس اکين مان لُڙڪ وهن، اهي ڍيل جهٽي ۽ ان مان پيٽ ٿئيس. ان بيان تي سگهڙ مٺي شيخ هيئين معما چئي:

جيوت هڪڙو جهان ۾، آهي ڪُل ڇگو ڪهنور
ان کي جڏهن اچي آنت عشق جو، تڏهن هوءَ ڪامڻ رکيس ڪر
هو آب پياري عينن مان، جال تنهين کي جر
هوءَ تنهن مان حاسله ٿئي، تنهن کي فائق ڏئي ٿو قدر
وير ڪري ورهجر، تن جي ذبح ماهيت "مٺي" ڪي.

[١١٢١] ميڻ بتي

شاعر احمد ميمڻ، هيٺ ڏنل معما ۾ 'ميڻ بتي' جو هن طرح بيان ڪيو آهي ته: هڪ ميڻ بتي سهٽي ٿهيل

---

(١) ٻي روايت (ڪوهستان):

اسين سهٽي ما چئون، جا آهي سڪي متي سائي
نه کهوي ڪنهن کهير ۾، نه ڪنهن تڙ متي آئي
هائي سالڪ ڏيو سائي، ٿالو الهيءَ لار چو.

هوندي آهي، جيو ڀري سهائو ڪري. ان جي روشنيءَ تي ڪئين پتنگ ۽ جيت اچي پيرا ڏين، ۽ لاٽ ۾ سڙي وڃن، پر هوءَ بيپرواهيءَ سان ٻرندي رهندي آهي.

صورت ٿاهي سهڻي، ڪيو ڪاريگر ڪمال
اونچي ڪنڌ عجيب سان، جلوي ساڻ جمال
عاشق ان جي عشق ۾، ڪن پنهنجو حال زوال
مرڻ تي مشتاقن جي، رکي نہ خاص خيال
پڇي نہ بيپرواهي ڪان، ان جو حال احوال
ايڏ عجب جا افعال، هرجاءِ ٿين حسن کي.

[١١٢٢] نار جي نهڪڻ ۽ ڦرهيون

نار جي چڪر ۾ چوڏهن ڦرهيون ٿين، ۽ نهڪڻ انهن سان ٻڌي نهڪندي آهي. هڪڙي سگهڙ اهو ڏسي پنهنجي هڪ دوست سگهڙ کي معما ڏني تہ:

وائڙيو ٻيٺو آ واٽ تي، سيني کي ساهيو
انهيءَ کي سمجهايو، جو هرڪنهن کي ٿو هڻ وجهي.

انهيءَ تي ٻئي سگهڙ نهڪڻ جو اشارو سمجهي، نار جي چوڏهن ڦرهين جو اهڃاڻ ڏنو تہ:

چوڏهن ڇٽيون ڇاهہ مان، ٿيون واري تي ورن
سي سيڻي اچيو سهڻيون، ڍوليي وٽ ڍرن.

[١١٢٣] وڻ گيدوڙي (جو نديءَ ڪناري تي ٻئي وڻ مان ڦٽل)

هڪ دفعي نہ شاعر ڪنهن نديءَ جي ڪپ تان ٻئي ويو تہ واٽ تي ڪرڙ جي هڪ وڻ جي ٽاڙ ۾ گيدوڙي جو وڻ بيٺل ڏٺائين. شايد ڪنهن پکيءَ گيدوڙو کائي ان جو ٻج اتي ڪٽي ڦٽو ڪيو هو، جنهن مان گيدوڙي جو وڻ پيدا ٿي پيو هو. سو انهيءَ نظاري تي معما ٺاهي حيدر سگهڙ (لس ٻيلي جو) ڏاڍهن ڏياري موڪلي تہ:

ڏيکڻ ڪنهن ديدار سين، ڪو نديءَ پاسي نر
پيو جو نرنانءُ نالي تنهن نر مان، آيري ٿيو ازڪر
سو بنان ڦول فڪر جي، ڦٽيو جهلي ڦر
ٿي تنهن جي نسبان نروار، اچي ڪامڻ ڪڍيو ڪر
تنهن جو ميوو موچارو گهڻو، جنهن ۾ حڪمت ۽ هنر
ما پد مٿي پيدا ٿي، جنهن ۾ ڪونهي زور زهر
ڪوهوءِ عاقل اڪابر، ته ڪري نهار آن جي ”نر“ چٽي.

تڏهن سکهڙ حيدر ۾ آن معما جو جواب ڏياري موڪليو ته:

پوٽندي باغات ۾، جي تو ٽول ڏٺا ٽيٺي
ندي، نيان نڪونج جي، ٿي وهندي تهان ويٺي
تيتي نيڻ ڪيا تو نيم چٽي، پاجهه منجهان پيٺي
پيڙ جو پيدا ٿيو، تنهن مان تيتي ٿي
سو تڙي نڪيو ٽانڪ مان، ڪار ڪري ڪيهي
ٿي پري تنهن جي پرمان، جا نيڏڙي نڪيٺي
ما گيدوڙي ڪنهن گت سين، پدري ٿي پيٺي
آهن ٽول اهي ٽيٺي، ڪي اڃان پڇايانس پيچرو؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڏهون

ٻولن واريون روايتي منظوم معمائون

[هن باب ۾ معمائن جو اهو مواد شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اڪثر هڪڙو سگهڙ شاعر ڪنهن ڏنل واقعي بابت هڪ مصرع ٻول طور ڏئي، ۽ ٻيو سگهڙ مختلف مضمون وارا بيت يا ٻول چئي، معما کي کولي. اهي معمائون مڙيئي منظوم آهن ۽ مصراعن ۽ بيتن جي صورت ۾ چيل آهن. ان قسم جون معمائون ڪن شاعرن ٻڌي سڻيون، پر ڪي بنا ڳالهي سڄيءَ سنڌ ۾ روايتي طور هلندڙ آهن. اهڙين ٻولن وارين عام روايتي معمائن ۾ "اڄان ويٺي ڪنئيون ڪُٽئي"، "ٻاڻيءَ ۾ ٻڙلاهه" ۽ "ماس مٿي ٿو ڪاٺي" وغيره عام رائج آهن. سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ اهي معمائون "مامو ۽ ڀاڻيجو" جي ڳالهه سان عام مشهور آهن. شاعرن مان شيخ حمر، شيخ ابراهيم، صابر موچي، حاصل فقير وساڻي ڀوٽي ۽ ٻين معمائون ٻڌيون، جن مان ڪي ڪين ٻين سگهڙن يا شاعرن کان کولڻ لاءِ مليون، ۽ ڪي معمائون وندر ۽ ورونهه خاطر ڏنائون ۽ پاڻ ئي کولهائون به پاڻ. مثلاً شيخ ابراهيم جي جوڙيل معما "جاد مڙيئي جنڊ".

هن باب جي آخر ۾ ڏنل ٽي روايتون "کوهه مٿي ٿي ڪڙن ڪڙن"، "روئي لڙڪ لوئي" ۽ "ويٺو دونهان جهڻي" موجوده وقت جي سگهڙن، آڳاٽين روايتي معمائن جي نموني تي جوڙيون آهن.]

[١١٢٤] اڄان ڪٽيون ڪٽي، سا ويٺي ڪٽيون ڪٽي

هڪڙي زال پنهنجي مڙس کي روزانو ٻنيءَ تي ماني رسائڻ ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته چوا،

اڄ مڙس کي ڪڻڪ جي کوٽ آهي؛ ڪارايان. سو ميدي جون مانيون پچائي، ان ۾ جهجهو گيهه، کنڊ ۽ جيرو وجهي، ڪڻڪ جي ڪيائين. پوءِ مٿان مکڻ جو چاڙهو رکي، ڪڻڪ جي کهڙي سان ڍڪي، مٿي تي کڻي، مڙس ڏانهن رواني ٿي. وچڻ واري ڪس سان هڪڙي کهڙيءَ ۾ ڪو ڏاڙهڻو ڪارو ڪتو ويٺو هو. زال جو پير اتان لنگهڻ ۽ ڪتي جو جهٽ هڻڻ. زال وچي ڊني. کيڏانهن وڃي ڪڻڪ ته ڪيڏانهن ويو مکڻ. زال ويچاري کهڙا لٽا ڦاڙائي، جيئن تيئن ڪتي کان جند ڇڏائي اچي گهر پيڙي ٿي، ۽ مڙس لاءِ ٻيهر ويهي ڪڻڪ ڪٽڻ لڳي.

ڪنهن سگهڙ اهو سمورو لقاءُ پنهنجي اکين سان ڏٺو، تنهن معما جوڙي، پنهنجي ساٿي سگهڙ* کي ڏني ته: ”اڄان ڪڻيون ڪٽيون آهي، سا وڃي ڪڻيون ڪٽي!“ سگهڙ ويچار ڪري انهيءَ معما سٽڻ لاءِ جدا جدا خيالن تي بيت ڏيندو ويو. هر معما ڏيندڙ سگهڙ چئيس ته: نه ادا، اڃان ڪڻيون ڪٽي. آخر جڏهن زال جي ڪڻين ڪٽڻ جو بيت ڏنائين، تڏهن سگهڙ چيو ته: ها ادا، آها تي ڪڻيون ڪٽي.

سنڌ جي مختلف حصن مان مليل روايتن ۾ معما جي ڏيٺي مختلف آهي. جيئن ته:

١. سون جا ڏني مهري، سا ڪڻيون ڪٽي.

—

٢. اڃــان ڪڻــيــون ويــٺــي ڪــٽــي.

—

٣. ويٺي ڪڻيون ڪٽي، اڃان ٿي ڪڻيون ڪٽي.

هن باب ۾ جدا جدا هنڌن تان روايتون قلمبند ڪيون ويون، جي هيٺ ڏجن ٿيون.

---

* ٻين روايتن موجب هي معما (١) ٻاٽيچي، مامي کي ڏني، (٢) احمد ولو کي ڏني يا (٣) شاگرد، استاد کي ڏني.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايت -١

مون جا ڏني مهري، ما ٿي ڪٿيون ڪٿي.

١- متان مڪر مليدا ڪري، هوءَ ڏيئي ڪائي ڏکي
ما ڪوڏو ڏني ”ڳاد“ چوي، چري لڳي چٽي
سو سڀ ڳنوائي ٿي ڳدلي، ٿو جيڪي مڙس ڪٽي
خرچ جنهن جا ڪهت جهڙا، هٿ ڏهاڙي ٻٽي
در اڳيان جو اچي ويس، ڪراڙ ڪاغذ ھٽي
تنهن سنهيءَ سٽي سؤ ڪڍيائينس، ڪوڏي آني ڪٽي
ما مڪر ڏلي، ٻي ڦري، هٿ نہ رهي هٽي
تنهن ڪٽڙ ڪميٽيءَ ڪانٽر وڌس، ٻر لوڻيءَ لٽي
ڪوڏينهن ڏمر آيو ڏم ڪي، تنهن سوڙهي ڪٿي آهي سٽي
متان تهلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٢- متان لڄ پري هئي لڄٽي، ما ڪٿو ڳهر نہ ڪٽي
ٻر منڌ ٻرائي مارڪي ٿي، نار آيو لڇي
سو آيس ڪانڌ ڪم لاءِ، تنهن ڏلس اچي آٽي
تڏهن مائهن ۾ ڪين ڪڇيائين، اندر ۾ ٿو اچي
تنهن ڪوني ڳهر ڪٽ ڪڍيائينس، دڙ ڏونس ڏٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٽي؟

٣- متان ٻج ٻرائيءَ ٻنيءَ ۾، ڪنهن ڇهل وڏو چٽي
سو هاڙب سلو سر ٿيو، هو ڦلارجي ايو ڦٽي
سو اصل ويندو اهي ٿي هو طرح تہ ٻہ نہ متي
سو چڙي لڳو آهي چوريءَ ڪي ٿو ڳهر پنهنجو پٽي
سو جهليو ٻليو نہ رهي، هوءَ ٿي پنهنجو ڪرم هٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٽي؟

روايت -١: هيءَ روايت حيدرآباد مان مرحوم مرزا گل حسن ”احسن“ ڪربلائي کان مليل قلمي بياض تان اتاري وئي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۴- متان مـڙس مٿي مـاڻ ڏنس، آن ڏهاڙي ڪٿي
سو چؤٻـھـرو چاري ٿـيـو، ٻـيـر لـڳـڙو وٽي
هن کي هيڙ هرڪر هٿي هڏ ۾، سا طرح ٿ ٻ ن مٿي
هن جو اوٺڪ هو ٻ عجيب، سو لڙيو لالن ٻاسي ٿي
هن ٻ سيري سيري هٿ وڌس، گهوڙي وڌي آهي گهٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

۵- متان ٿي ملڪ ٿي، ٿـ ڪونهي هوت هنڌن تي
سا جاکي هولد جتن لاءِ تـ صبح نـ ويس سٿي
سا متي ڏيرن مَن ۾، آيس ڪيچئون ڪيچي ڪٿي
سو ور ونـي وٺڪار ويس، هـٿـي آهـوري هٿـي
سو لگيس ٻـاڻ ٻـروچ جـو، ٿيس اورڻ جتي ٿي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

۶- متان رڪ ٻٽري رانـد وڌائين، ٻـاڻ مـاڙيءَ مٿي
سا هـاتڪ هـزاريـن ڪٿي ٿـي ڪوھ انـدر گهٽي
سو ڪل پڇي ڪاهي ويـڙس، تـر ڪيائينس ٽيٽي
سا سومل مٿي مومل پرسان، ڊوھ ويس ڏکي
متان مومل آتـان مينڌرو، ويـو اهـا محبت مٿي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

۷- چـارڻ سندي چيت هـٿـي ڪا مـدي مـن منگتي
سو ريجهايائين راوَ کي، ڪنهن سرندي جي سڻ ٿي
توئي ڏينم ٻهر ٻـنـولا، توڙي ڏيـنم لـک لـٽي
آءُ آهيان سـوالـي سير جـو، ٻـرجهي آءُ ٻڙ ٿي
تنهن ڪنڌي نام ڪريم جي، ڏنو ڪوئي سير ڪسندي
سو ڪـرد ئـون ڪـرلـار جـي هـو سؤ راڻين سٿي
سٿي سورٺ سڻائون، مورهون وڌي ٻائي ٻاڪر ٻٽي
سا آهـون آلاٻـون ڪري، متان اهـا روئـي ٻٽي
متان تيلانه ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨- متان جنهن کي سيڪ ساهڙ جي سا آڌيءَ رات آئي
سا دلو ڪٺي دل سان، آئي درست درياهه مٿي
جت ڪنن ڪڙڪا ڪيا تن، لهرين متان لٿي
آئي ڪاريءَ رات ڪچي گهڙي تي سينو رکيائين سٿي
تڏهن واڪهن وات ٻٽي، آت سيسر وڌس سٽي
۽ موج متي مهراڻ تي چمرين وڌيس چٽي
آئي ٻيڪس ٻيلو ٻر ۾، وڏي فراق ڦٽي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿي؟

٩- عمر آندي مارئي، ڪا متان جهنگوءَن جهٽي
سا ٻياڪ ناهي ٻيالن جي، واقف آهي وٽي
سا سمهي ڪيئن سيجن تي، جنهن کي ساهه ئي اچي سٽي
سا سارن ڪارڻ مارئي قيد ڏهاڙا ڪٽي
آڻ تڙ هيس انهن سان، جنم جن سان جٽي
سا پٽ پٿيهر ٻافتن تي، لوئي سور نه سٽي
جنهن جو مکٽي موت، سنگهن تان هينئون هڏ نه هٽي
سا ساري گهٽو، سڪيس هينئون ساڳ مينهن آئي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿي؟

١٠- ليلي خاطر مجنون تو سيج ٻر ۾ سڪي
سو نينهن نهوڙي ناز ڪيو، آتي ٻيڻو ٻڪي
سو رڻ ۾ راتيون، ڏکيا ڏينهن، طلب سان ٻيو ٽڪي
ڪو دايو گهميو تي ديهه ۾، تنهن ڌميل ڏٺو ڏڪي
متان تيلانه تي ڪٿيون ڪٿي؟

١١- هير کيڙي کان ٻجي، جهل ٻل ساهه ڇڪي
سا اڇيوڪانهن چيريو وڃي، ڪنهن جهوڪ ضرور جهڪي
ناهي ڪو دارون دل لڳيءَ جو، هن کي ساهه ئي اچي سٽي
سا تن ۾ تار تنهن جي لهي هيٺ چڙهي مٿي
سا لنءُ رانجهي جي لعل ڪئي، تي پاپل ٻيرا ٻچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا ميڙي سهڻين جهاي آهي، هوءَ تنتي لوهڻون تيتهي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪنهي؟

۱۲- متان بديعل ٿي بناهه ڪري، تنهن سيفل ڪارڻ سيڪهي
سو سعد وزير ساڻ ڪئي، لوڪئون هيو ليڪهي
سو تخت هزاري ترڪ ڪري، چهر ڏي هيو چيڪهي
سو ساڻ ٻتوڙي پرزا ڪيو ڏوم مچايو ڏڪهي
سو لکو ٻهه ٻريڻ جي ڪنهن هاء هار متهي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪنهي؟

۱۳- جيرو وجهي جنگ ٻڪائين، ڪانڌ ڪارڻ سنهي
سا ستي هلي ستون ڏيئي، ور ڳوليندي وتهي
سا ستياوان، سيل سنڀالي، سانول ڪارڻ سيڪهي
سنهيءَ ڳهنيءَ ست ڏنائين، ڏسي ڪاري ڪنهي
سچو ناڻهه ڏٺيءَ جو سچ، ٻيڳي ٻرولي هتهي
متان تيلانه ٿي ڪئنيون ڪنهي؟

روايت ۲-

ويئي ڪئنيون ڪنهي، سا اجان ڪانيون ڪنهي

۱- ڳاج ڳڏهه ڳاڏري، چري هيري چنهي
ميو، تاريو، سڙس ڏني، انهن ڏهاڙي ڪنهي
آيس واٺيو اوچتو، سو ويڌو وهي هتهي
ساري ڳٽي سؤ ٻڏائين، چانئٺ متي چنهي
هو نيڻ نمايو ناز مان، ويئي روئي ٻنهي
متان اها ٿي ڪئنيون ڪنهي؟

۲- ٻج ٻرائي ٻنيءَ ۾، ڪنهن چاهل وڌو چنهي
هارپ ٻوڙو اڏ اتي، ڦلهار جو ٿو ڦنهي
متان اها ٿي ڪئنيون ڪنهي؟

روايت ۲: ماهنامو "نئين زندگي" فيبروري، ۱۹۵۵ع تان ورتل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣- مَٿَهن ٻرائي مارڪي لار ٻيٺي لڄي
مڙس تنهن جو ٻاهر هو، تنهن اچي ڏلي تيتهي(١)
ماڻهن جي ملاحظي ڪان، هو ٻٽر ۾ ٻيٺو ٻڄي
سڌي نيٺي گهر ڏنائين ڏوڪ ڏٻر ڏَڄي
هٿوءِ ليڻ نمايو لاز مان، ويٺي روئي ٻٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٤- چوري ٿي چگي جي، جنهن کي لوفر ويا لٿي
مونجهاري ۾ مٿڪي سو وڏو غريب گهٽي
ڏيو اوچنگارون آزي ڪري، تو پنهنجو ڪرم ڪٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٥- ٻال سموڙي، ٻٺهن چوڙي، ٻن مهيندي دي ڪَڪي
ٻانهن الا ري، چوڙا چاڙهي، نٿ هزارڻ گهٽي
ٿاندي دا ٻهانا ڪيتي، يار ٻولندي وٿي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٦- چپ چٽي، چٽله ٽپڻي، لوٽي لڇي، منهن چڙهي مٿيا
مڙس آيس مؤنٽو ڪٺي، تنهن وڏس مٿو ڦٽي
سا موچڙن جي مار ڪان هٽ ويٺي ڪرم ڪٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٧- زال مڙس جي محبت گهٽي، ٻر ڪال وڏا ڪٽي
وڃن مي ولين تي، اچن مٺڪائون سٽي
ڪَن عرض الله کي ته، من ڪو امان ڪي ٻڄي
لوڙهه، تن کي لوهه ڪيو، پنهنجي لاءِ ٻڄي
ازل آيو اوچتو، جو مڙس کي ويو مٽي
متان اها ٿي ڪٿيون ڪٿي؟

٨- ٿوئي جيڏو جنگ ٻچائي، چاڙهو مکڻ وٽي
موڙهي گهٽي سهريان جي، ڪاري جهليس ڪٽي

---

(١) ٻي روايت: ڪانڌ ٻه آيس ڪم تان، وڏ ٺينس د ٻڙ دمي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا ڏڙ هيٺ ٽنگون مٿي، ونو هٿ سان چُنهي
متان اها ٿي ڪُنيون ڪنهي؟

روايت -٣

اهان ڪُنيون ٻئي ڪُنهي، ويئي ڪُنيون ڪُنهي.

١- ساز سڳرندا سر ڪري، ڳڙهه جي ٻاهي ڳلهي
وڏي سر راوَ ڏياچ جو، چانڊ مٿي چُنهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

٢- موسل ڳڙن جو ميندرو، ويو محبت مَنهي
راتو ريڏو رَهٔ سان، جو رنگ محل ۾ رچهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

٣- ليلي خاطر مجنو، تو تَر پَر ۾ سَڪهي
نينڊي نيشڙي ناز ڪري، اندر ۾ تو ٻَڪهي
آيس دايو درهه ۾، جنهن وڏو ڏمالي ڏڪهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

٤- ساهڙ ڪارڻ سهڻي، واهڙ ترندي وتهي
ٻيلو ٻڳس ٻر ۾، جا لڙهي لوڪ ستهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

٥- ٻنهل ڪارڻ سسئي ماندي، جبل جهاڳيندي وتهي
ساهه ڪيائين صدقو، پنهنجو ڏاڳهن ڏيرن تهي
هتو ٻه چڙي ويس هيڪلو، ڪري چوري چڙ آتهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

٦- رن ڳدلي ”ڳاڏ“ چئي، جنهن کي ٻار هئا ٻهٔ ٽهي
جنبو چنو هٿن کي هئي، ڪنهن گهورئي وڏا گهُنهي
متان تيلانه ٿي ڪُنيون ڪُنهي!

روايت -٣: هيءَ روايت اتر (تعلقي روهڙي) مان عبدالرزاق ميمڻ کان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧- ڪاري ٻوريءَ آنءُ ڪڍيائين، ويٺي ڀَءُ ۾ ڀُتيءَ ٻُٽي
ڇڙي ڇنڊي جنڊ تي رکيائين، ڪاري آتي ڳُٽي
سنهو آنو ميرِ پيسائين، وچ ۾ منجهه وٽي
ڪٽي هلي سا خوش ٿي، شوقن ڪُٽي ڪُٽي
سوڙهي ڳهڻيءَ سٽ ڏيئي، سا دَسي ڪاري ڪُٽي
هَل ڙي ڪُٽا، سائين مٽا، آءٌ جيتر ڀڄان آتي
مٽان تيلانه ٿي ڪٽيون ڪُٽي!

[١١٢٥] پاٽيءَ ۾ پڙلاءُ، ٻڌم پاٽيءَ ۾ پڙلاءُ

روايت -١: هڪڙي زال دِلو ڪڍي، پاٽي ڀرڻ لاءِ هُرلي تي آئي. زال دلو آڻي نيسر تي رکيو ۽ نيسر جي منهن وٽان وٺيءَ سان پاٽي پيري، دلي ۾ وجهڻ لڳي. نيسر جي منهن ۾ پاٽيءَ جي ڪاڻ سبب ڪَنُڌ هئي، ۽ ان ۾ پاٽيءَ جو گهيرو هو. اتفاق سان زال جي هٿ مان وٺي ڇڏائجي، پاٽيءَ جي گهيري ۾ ڦيرڻ لڳي. زال وٺي ڪڍڻ لاءِ پاٽيءَ ۾ هٿ وڌو، پر جيئن تہ وٺي ٻئي ڦيري، سو زال جي ٻانهن ۾ ٻيل ڪنگڻ سان لڳي ”ٽَنُڻون ٽَنُڻون“ جو آواز ڪرڻ لڳي.

ڪو سگهڙ بہ آن مهل آجائجي، پاٽي پيئڻ لاءِ هُرلي تي اچي نڪتو. تنهن اهو نظارو ڏسي، ان تي معما جوڙي، ۽ موٽي اچي پنهنجي ٻئي ساٿي سگهڙ* کي ڏنائين، جنهن هيٺين طرح بيت جڙي معما پيچي ٻڌائي:

روايت -١: هيءَ روايت سگهڙ جاڙي خان مري، ويٺل لڪ ٻوٻي، تعلقي سانگهڙ جي زباني قلمبند ڪئي ويئي.

*ڪن هنڌن اِها روايت ”مامي ۽ پاٽيجي“ ڏانهن منسوب آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاڱي ۾ ڀڙلاءِ، ڀڏم ڀاڱي ۾ ڀڙلاءِ

١- مينهون تن ميهارن جون، ڀَهريُون ساجهر سويرا
ڀُريون ٿي ٻيلي ۾، جت ڪَچا ڪانهَن هٿا
ڏيئي ڦوڪون فرحت جون، آيون منجهه اوڙاهه،
اچي ٻيون ڀَور ٻالي ۾، آت ڪنهن ڪَنڊيءَ ڪيو ڪنڪاءُ
متان اهو ٻڌي ڀاڱي ۾ ڀڙلاءِ؟

٢- ڳئون تن ڳنوارن جون، وريون چري ڀَٽ چريا
ساوا گاهه سانوڻ جا، جت مينهن مانڌاتا ڪيا
آيون ٽَتاريون پاڻ تي، جت هٿا دونهان ڏراڙن جا
ڪڍي ڦَر ڦيٿا ڪيئون، جي سيڙيا ساڻن ڪان
ٽيا ٿي آت ٿانءَ ۾، متان کهوکهٽ کوهن جا
متان اهو ٻڌي ڀاڱي ۾ ڀڙلاءِ؟

٣- نٿورا هٿڙا نار ڪي، جا ڳهڙي کهڙ منجهاءِ
تنهن پير ٻڇنڍيا ڀاڱيءَ ۾، ڪنهن ڪڙيءَ ڪيو ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌي ڀاڱيءَ ۾ ڀڙلاءِ؟

٤- قادر ڪنگ آڀاڻيا، رڪن چيچڙ ساڻ چاءُ
هٺن ٻَن ٻڙڪا ڪريو، ڪڍن ڪُرڙن ڪي ڪستاءُ
متان اهو ٻڌي ڀاڱيءَ ۾ ڀڙلاءِ؟

٥- چلم چگيري چس سان، هٿي اميرن اگياءُ
ڪڍن ڦوڪ فڪر جي، هُو ٻئي ڪري ٿڙ ٿڙ ٿڪاءُ
متان اهو ٻڌي ڀاڱيءَ ۾ ڀڙلاءِ؟

٦- ڪين چيڙو ٻاڍو چاڙهيو، ڪيئون گذر غاريبا
ٻريو ڏٺي هو ڀاتين ڪي، ٻيالا ٻرت منجهاءِ
تنهن ڏوئي ڏيهاڙي ڪيا، ٻئي ڪَٽي ۾ ڪڙڪاءُ
متان اهو ٻڌي ڀاڱيءَ ۾ ڀڙلاءِ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٧- وَئي وَڻُوڙي هٿ ۾، هئي عجيبن اڪاڻ
ٻاٽي ٻريئون ٽي ٻرت مان، سا چڻڪي چوهه منجهاڻ
ڪڙڪي ڪنگڻ تي لڳي، ٿي ڙڙ ڙڙ ڪري ٽڪاڻ
مٿان اهو ٻڌئي ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ؟

روايت -٢

ڪنهن سگهڙ ونو، مَٽ ۾ وڌو. اتفاق سان ونو هٿ مان ڇڏائي ويس، ۽ ”ٻڙ ٻڙ“ ڪندو وڃي مَٽ جي تري ۾ پيو. ان تي معما جوڙيائين ته: ”ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ، ٻُڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ“. ٿي سگهڙ وري جدا جدا ٻيت چئي، معما سجي ڪئي. اها روايت هيٺين طور آهي:

ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ، ٻُڌم ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ.

١- آڏي رات آئي، سا ٿيي مائي ولوڙي سَنڌِي
منڌي ڪري ٻيٺي ڏونري ۾، ڏونري ڪيا ٻڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٢- آئيون هٿيون ڏڙ ٽنبي سان، مٽيو ٻيو مٿان
ٽِير هٿا پيرن ۾، ڪڙِين مان لڳي ٿيو ٽڪاڻ
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٣- سينهون هيون ڪٺيڙيون، سي ويٺيون ٻيٺ مٿان
شينهن ڪئي گوڙ، سينهون ٻڳيون، جن جي ڪُرن ڪيا ڪڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ!

٤- ٻاٽي ٻرڻ هلي ٻاٽهياري، سٽون ڏيئي ماڻڌ هور ۾
ٻلونڊ ڪري ٻيو ٽڙ ۾، ننهن تڙ ڪيا ڪڙڪا
تو ٻانيو ٻاٽيءَ ۾ ٻڙلاڻ؟

روايت -٢: هي روايت ٿرپارڪر (تعلقي چاچري) مان رائچند کان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- مڇي هلي ٿي جر ۾، ۽ ڪينگرو آپ منجهان
ڪينگرو ڪيري پيو ڪنَ ۾، تڏهن ڪيا ڪڙڪا
تو ڀانيو ڀائيءَ ۾ ڀڙلاٽ!

٦- ڪيھ، سڪايو جيٽ ڪي، سو آيو مٽ مٿاٽ
وَٽو ڪيري پيو مٽ ۾، وٽي ڪيا ٻڙڪا
تڏهن ڀائيءَ ۾ ڀڙلاٽ.

[١١٢٦] ماس مٽي ٿو ڪائي، هڏ ڦٽڪايو هيٺ ڇڏي

هڪڙي پيري ڪو سگهڙ درياءَ جي ڪپ تان ٿي آيو. اڄ به ڏاڍي لڳي هيس، سو درياءَ ۾ ڪو سٺائو گهيڙ جاچڻ لڳو. اکيان هڪڙو گهيڙ نظر آيس، ان گهيڙ تي هڪڙو واڳون هوندو هو، جو ڪيترن ئي ساهوارن کي ڪٽي ويو هو. هيٽ همراهه جڏهن گهيڙ کي ويجهو پهتو، ته مينهن جي ڦرجي ڪنڪ ٻڌائين، جو پڻ ڀائي پيو لاءِ گهيڙ تي ٿي آيو. ڀاڏو اجان گهيڙ وٽ پهتوئي مس ته جان ڪٽي نهاري، ڏسي ته ٿي ڀاسي ڪان هڪڙو شينهن به ڀاڏي کي تڪيو، آهستي آهستي پيو اچي. اتي سگهڙ کي به اچي ڊپ ورايو، سو ڊوڙي هڪڙي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. ڀاڏي اجان ڀائيءَ ۾ منهن ئي مس وڌو ته شينهن به ٽپ ڏيئي اچي مٿس چنبا ڪوڙيا. اتي واڳون به وجهه ڏسي، ڀاڏي کي وات وجهي وڏي ڀائيءَ ۾ گهلي ويو. ان وقت هڪ گرڙ پکي، جنهن مٿان لامارا پئي ڏنا، تنهن به لامارو ڏيئي شينهن کي چنبن ۾ ڪٽي کنيو، ته شينهن سان گڏ ان جي وات ۾ پيل ڀاڏو ۽ واڳون به ڪجهه مٿي ٿيا. واڳون جڏهن مٿي ٿيو، تڏهن يڪدم ڪٽي ڀاڏي مان وات ڪڍيائين ته ڏو وڃي درياءَ ۾ ڪريو، پر ڀاڏو ۽ شينهن گرڙ پکيءَ جي چنبن ۾ ئي رهجي ويا. سگهڙ اهو ڏسي ڊپ ۾ وڻي پڳو. هلندي هلندي ڪنهن مهل اوچتو هڪڙو هڏو اچي سندس اکيان ڪريو، جنهن تي ماس جو ذرو ئي

ڪونه هو. جاچي ڏنائين ته اهو هڏو ٻاڏي جو هو. وري اچا ٽورو اڳتي هليو ته ٻيو هڏو سندس اڳيان اچي ڪريو، جو جاچي ڏٺائين ته شينهن جو هڏو هو، ٻر ان تي ٻه ماس جو ذرو ئي ڪونه هو. اهو لقاءُ ڏسي هي سمجهي ويو ته گرڙ ٻکي مٿي ئي مٿي ٻنهي جو ماس ڳائيندو وڃي، ۽ هڏا هيٺ اڇلائيندو وڃي. سگهڙ انهي واقعي تي معما ٻڌي، ٻنهنجي ٻئي دوست سگهڙ کي ڏني، جنهن پڇي ٻڌائي. هيٺ اها سموري روايت ڏجي ٿي.

روايت -١

هو ماس مٿي ٿو ڳائي، هنڌ اڇليو ٿو هيٺ چڏي.

١- ٽيڙو شوق شڪار جو، تهتان توڃي آ
راهي ٽيڙو رچ ٻه، سو سوڙي ستارا
هرڻ ماريئين آت هيڪلي، ٻي وسٽن نڪا هٿي واهه
سيخيون ٻچائي شوق مان، ڪڙيائين ڪنج ڪسا
چڙهي چانگي تي هليو، سونيو آن ساڳياءُ
خان ڪي تنهن جي ڳائڻ جي، ڪٿي طلب رکيو هو تاءُ
اهو ماس مٿي ٿو کاءِ، متان هڏ اڇليو ٿو هيٺ چڏي؟

٢- ميهريءَ ماس رڌو هو، تنهن ڪامڻ قرب منجها
ٻرين تنهنجو پيهي تي، هو ڪڙمي ڪوڏ منجها
ڪٿي هلي هٿي خوشيءَ مان، سا ٻاڻي ٻانوڙا
ڏيڻي ٻير پيهي تي، ويٺي چڙهي چاڙهيءَ تان
اهو ماس مٿي ٻيو کاءِ، متان هڏ اڇليو ٿو هيٺ چڏي؟

روايت -١: هيءَ روايت سگهڙ جاڙي خان مري ويٺل ٻوٻي، تعلقي سانگهڙ جي زباني قلمبند ڪئي ويئي. ڪن هنڌن هيءَ روايت ”مامي ۽ ٻائيجي“ ڏانهن منسوب آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۳- دنيادار ٿي دور ڪيا، پنهنجي مال مٿا
تنهن لئي طعام تيار ٿيا، ۽ پنڱا ڀوڪڙا
ايشڪ ڪٿي ويو ٻورچي، هو ڍَڪي ڍاڪوڻا
سو ماس مٿي پيو ڪائي، مٿان هڏا اڇليو ٿو هيٺ ڇڏي؟

۴- ڪڏڪي ڪڻونڻهون نڪتو هو، مٿان ٻهڪي ٻيلي مانَ
ڪيهر شينهن ڪباب لاءِ، ڪو چوري رکيس چاهه
وِرکهه، وَرُ وڏو ويڙهه ۾، هُو جوڙيو ويٺو جاءِ
وَرُ ڏيئي واڪٽو ورتا، سو ٿي آيو ڏانهن اوڙاهه
اچي نڪتو هو اوچتو، آت ڪري ڳَرڙ ڳڄا
سو چائي چنبن ۾ هليو، آڏائو عرشا
ڏٻائي تنهن دستن مان، پڇي ڪيٺين پنڪا
سو ماس مٿي ٿو ڪائي، ۽ هڏ اڇليو ٿو هيٺ ڇڏي!*

روايت -۲

درياءَ جي ڪنهن ڪهيڙ وٽ هڪڙو ڪيهر شينهن شڪار لاءِ چُپ هنيو ويٺو هو. ڪو هاٿي ٻ اچانڪ اُنهيءَ ڪهيڙ تان پاڻي پيئڻ آيو، وري اُنهي ڪهيڙ ۾ واڳون ٻ شڪار لاءِ واجهايو ويٺو هو. هاٿي درياءَ ۾ ڪهڙي اچان پاڻي پيتوئي مس ته واڳون ڪٺي ٽنگ ۾ وات وڌس، مٿان وري شينهن ٻ آئي

---

* ٻي روايت:

ڪيهر ڪست ڪباب لاءِ، جوڙي ويٺو جاءِ
مٿان هاٿي هليو آيو، پاڻي پيئڻ لاءِ
اهو گَج ماري غرق ڪري، دستين سان دٻاءِ
آئي ور ڏيئي هو واڳو ورتو، راڳو ران منجهاءِ
اُٿلي پيو آسمان تان، ڏسي ڳَرڙ غذا
اهو ٽيئي پيرن پاءِ، ٿو ماهه مٿي ئي کاءِ
سو ماهه مٿي ئي کاءِ، مٿان هڏ ڦڪايو هيٺ ڇڏي!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿيءَ جي پٺن ۾ چنبا کوڙيا. اُن مهل هڪڙو ڪرڙ پکي
ٻه ڪو شڪار جي ڳولا ۾ هو، سو لامارو ڏيئي تنهي جانورن
کي چنبن ۾ کڻي وٺي اڏاڻو. ڪرڙ پکي آڏامندي آڏامندي
جانورن جو ماس کائيندو، ۽ هڏا هيٺ اڇليندو ويو. انهيءَ
واقعي تي ڪنهن سگهڙ معما ٻڌي ته:

آهو ماه مٿي نو کائي، هڏ ڦٽا يو هيٺ ڇڏي.

اِها معما مريد ڀالاري* هيئنءَ ريت ٻڌي:

ڪيهر شينهن وينو هو ڪٺن تي، هٿي ۾ پٽ ماٽي
هاٿي هلي آئيو، وڏي ورڪ کٽي
ڪيهر شينهن ڪيرائي وڌو، هاٿي هٺ هٺي
واڳون وڙڪبي آئيو، اُن ٻه ڪبي آٽي
تڏهن ڪنرڙ ڳج ڪيو، ڪري ڳاج گهٽي
سو ليٿي تـڏائي ويو، منجهان کاهه ڪٺي
تنهن مست کان "مريد" چئي، سگهن ڪيئن چٽي
اهو ماس کائي مٿي، ڦيري هڏ هيٺ ڦٽا ڪري.

[١١٢٧] ڪيئن پيو ڪتيءَ چيت، ڪيئن پيو ڪتيءَ چيت؟

ڪبير شاهه، شيخ ابراهيم سان مارڪي لاءِ سنڌ مان
ڪٿي، لس ٻيلي ڏانهن روانو ٿيو. شيخ ابراهيم سان ملاقات
کان هڪڙي رات اڳ ڪبير شاهه ڪنهن ٻني ڳوٺ ۾ مهمان

---

*مريد پٽ وريو ڀالاري، پاڙو موندرپوٽا، ڪلهي کان چار ڪوهه
آلهندي، تڪ مڪان جو وينل هو ۽ آتي ئي دفن ٿيل آهي. مينهون
هونديون هئس. سال ۾ ٻه ٻه ڀيرن وٽ مال ڪاهي ايندو هو ۽ وس ۾
وري پنهنجي مڪان ڏانهن موٽندو هو. فاقيرو نمونو هوس. سٽ-ستر
سال اڳ وفات ڪيائين.

١١٢٧. "ٻيلاين جا ٻول" مطبوعه الوحيد پريس ڪراچي، سنه ١٩٥٠ع
تان ورتل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ترسيو هو. آتي سمهڻ وقت ڪيس مينهن جو ڪڙهيل ڪير، ميڻاڻ ڀيل پياريو هئائون. ڪبير شاهه، شيخ ابراهيم جي پرک لهڻ لاءِ انهيءَ تي معما جوڙي ته ”ڪيئن پيو ڪٽيءَ چيٽ، ڪيئن پيو ڪٽيءَ چيٽ“ پٽي ڏينهن ڪبير شاهه جڏهن اتي وڃي پهتو ته شيخ ابراهيم وڻن جي پوک ڪي لوڙهو پئي ڏنو. شاهه، شيخ ابراهيم جو پڇيو. شيخ اول اوطاق تي وٺي آيس ۽ چيائين ته: هڪڙو شيخ ابراهيم، شيخ عمر جو پٽ آءٌ آهيان. تنهن تي ڪبير شاهه يڪدم چيو ته:

ڪيئن پيو ڪٽيءَ چيٽ، ڪيئن پيو ڪٽيءَ چيٽ!

شيخ ابراهيم جواب ڏنس ته:

ڪڙهيل ڪير ڪٽي ۾، تو مينهن جو ڪري ميٽ
انئين پيو ڪٽيءَ چيٽ، انئين پيو ڪٽيءَ چيٽ.

[۱۱۲۸] جاد مڙيئي جنڊ، مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري

شيخ ابراهيم (وفات ۱۷۷۶-۱۸۱۸ع) لس ٻيلي جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. مجاز جي مضمون تي هيٺ ڏنل معما جوڙيائين ۽ پاڻ ئي ڀڳائين به پاڻ. سنڌ ۾ معما جي اها روايت هن طرح آهي:

جاد مڙيئي جنڊ، مونکي جيڏيون جنڊ نه وسري!

۱- ڏيرن ڪارڻ ڏونگر ڏوري، سانئس ٿمر نڪو ستنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟
۲- اطلس آڇي عمر ماروئي، ڪاچ ڪنڊون آوڪنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟
۳- ڦل وڏوئي فقير جو، مٽ ڪو لڳوس منڊ؟
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

۱۱۲۸. ”ٻيلاين جا ٻول“ تان ورتل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤- ميهار ڪارڻ مهڻي، مٿت ڪو گهڻمي ڍڏو هو گهڻڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٥- ليلي ڪارڻ مجنو، مٿت ڪو ڏيهان ڪنيو هو ڏلڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٦- مڻومل، سڻومل، سهنج، سليمت، ساڏانه، صانحان،
تن جو هيءُ هو راجا ننڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٧- مومل ڪارڻ ميندرو، ونندو هو راڻو روز سوڍي رنڊ،
تڏهن جاد مڙيئي جنڊ؟

٨- ڪري ٻيڙو هنج ۾، مٿت ڪو چوڏهينءَ ماه جو چنڊ،
آهو جاد سونکي آهي جنڊ، وهواه جاد سونکي آهي جنڊ،
جيڏيون! جنڊ نہ وسري.

[١٢٩] ٻچيو پوڙهيءَ کان، تہ توکي واءُ نہ لوڏيو؟

روايت آهي تہ حضرت نوح عليہ السلام جي قوم تي خدا تعاليٰ طوفان جو عذاب نازل ڪيو. حضرت نوح خدا جي حڪم سان وڏو ٻيڙو ٺهرائي، ان ۾ اهي سيئي ماڻهو جن مٿس ايمان آندو هو، ۽ سيئي ساهوارن مان جوڙو جوڙو کنيو. مومنن مان هڪڙي پوڙهي عورت جهنگ ۾ رهون چاريندي هئي، حضرت نوح کي اها پوڙهي ٻيڙي ۾ چاڙهڻ وسري ويئي. جڏهن طوفان ختم ٿيو ۽ سڪي ظاهر ٿي، تڏهن حضرت نوح کي اها پوڙهي پنهنجي ساک تي رهون چاريندي سلامت نظر آئي. جڏهن پوڙهيءَ کان پڇيائين تہ: طوفان مان تون ڪيئن بچينءَ؟ تڏهن پوڙهيءَ جواب ڏنو تہ: طوفان جي تہ مونکي خبر ڪانهي، باقي ڏٺم آسمان تي چانيل هو. چون ٿا تہ قدرت سان پاڻيءَ ۾ ٻوڙو ٿيو، جو مائي ۽ رڍن جي ستان چوڌاري ڪ اچي ويو، جنهنڪري پاڻيءَ کان محفوظ رهيون. انهيءَ مذڪور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي شاعر صابر موچي معما ٻڌي، ٻئي هڪ شاعر صادق ڏانهن ڏياري موڪلي ته: ”اها ڪهڙي ٻوٽي، جنهن کي واءُ نه لوڏيو؟“ صادق اها معما پڇي ٻڌائي. معما جي ڏيڻ ۽ پڇڻ جي روايت هيئين طرح آهي:

ڪا جا کُھلي واءُ، ڏرتي سپ ڏُڏي ويئي،
ٻُوٽي ٻيٺي آهي ٻـڙ ۾، ٻُوٽي بيپرواهه،
پڇيو ٻُوٽيءَ کان، توکي واءُ نه لوڏيو؟

—

۱- ساراهيان سچو ڌڻي، ڏس هاديءَ جي حڪمت
آتش، آثارنهن، نَوَ، ڏَهَ، چار چونڪيون لنگهي،
روئي هسي رحمت
نمرود ٻيو آ ننڊ ۾، ستان ٿئي تڙڻي تي تهمت
ورنهه دل پنهنجيءَ کي، ڏني آذر اشارت
اتي پيران مرد پيدا ٿيو، جنهن سيف جهلي صورت
ورتائين ور پنهنجي کان، اها امانت
ته خاني پنهنجي خوش ٿي، درس وٺي دولت
تي عالم کي عبرت، ته هيءَ ٻوٽي واءُ نه لوڏي.
۲- ڪوڙن اچي ڪوڙ جي، ڪئي ساکي اها مصلحت
نمايانِ نمرود سان، ڪيائون خوب اها خلوت
جيڪو اٿيندو دين تي، آهي اها امانت
تڃخائين تاثير ڪيا، هنل ٻسي هيبت
داين تنهن جي داٻ کان، اُنلائي البت
هن جو خس خيانت نه ٿيو، نه ڪيو خاوند خيانت
ٻڙين کي ايت ۾، هئي واحد جي وحدت
تي عالم کي عبرت، هيءَ ۽ ٻوٽي واءُ نه لوڏي.
۳- سانپيائين سرتاج کي، بعضي منجهه بحر
ڪيري ٻاسي ٻليتن کان ٿاري منجهه ٽڪر
ڏڪـئي ڏاڪهه جوڙائيو، ڏاڍي سان ڏمر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ۾ ڪڪ ڪندا ڪيترا، ڪوهين هيا ڪهڄر
تنهن ۾ ڪيروڙين ڪپاهون پيون، ٻرن تيل تجر
پينگهي چاڙهي پرٻن کي، آندو لعنتي لاغر
هو لوڏڻ لڏي ڪينڪي، اچي لک مڙيا لشڪر
ٻت آندائون ٻگريون، منهن چگي سوچر
اچي ٻي رنگيون ٻيهي رهيون، ٿيا پاسي نيڪ نظر
حضرت ابراهيم کي آڙاهه ۾، آڇلاريائين ابتر
باهه وساڻي باغ ٿيو، ڪليا گل گوهر
ٻيءِ ساران سيکهه ۾، آئي آسهي آلاهر
اچي ويٺي وٽ نبيءَ جي، گهوري سيٺي گهر
تون آن سرتاج سڀن جو، ديوانو دفتر
نڪاح اٿ نرمل جو، پڙهيو پلي رات سپر
ٿي ملڪن منجهه خبر، هيءَ هوٽي واءُ نه لوڏي.

٤- آٿ، آلارنهن عالم، خلقيا خلقڻهار
انس ڪان آدمي، ڪيائين حساب هزار
لکيو ناهي لکن جو، چيا نيل ڪيان نروار
عاد نبي جي قوم هئي، ٿري ڏانهن سردار
آين غضبو واءُ جو، ٿيا منجهه انهيءَ ۾ گار
اوير ڏانهن ٿي آيري، ڏندن جي ڏوڪار
محلي اندر مستور هئي، جنهن کي تن اندر ۾ تار
ٿي ملڪن منجهه پچار، هيءَ هوٽي واءُ نه لوڏي.

٥- رڏون تنهن ريلار جون، ڦوٽي منجهه ڦرن
چنبر، پٿر، ساوڙي، چوندبو گاهه چرن
ٻولي هئي نه ٻوڏ جي، ڪاڻ کي ڪا ڪن
هيئون سوج مهراڻ ڪئي، ٿيڪ چڙهيون ٽڪرن
جيڪي دشمن دين جا، ٻڏي شال مرن
ڳذري اوريڪ نوح نبيءَ جي، تيون مبارڪون مومنن
هئي ٻلي ڏانهن پلن، هيءَ هوٽي واءُ نه لوڏي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٣٠] ڪنل جا ڪري مار ۾، سا ڪھڙي رنگ رچي؟

گنھگار انسان ڪيئن ايڪ ھندو ليکجي ۽ اڃي ۽ آخرت ۾ ڪيئن سرخرو ٿئي؟ ڪنھن سگھڙ اھو سوال معما جي صورت ۾ سگھڙ صابر سومري کي ڏنو ته: ”ڪنل جا ڪري مار ۾، سا ڪھڙي رنگ رچي؟“ جنھن جي جواب ۾ صابر توبھ ۽ رياضت جي تلقين ڪندي معما پڌري ڪئي، ۽ مثال طور ’نصوحي‘ جو ذڪر ڪيائين. اھا روايت ھيٺين طور شامل ڪجي ٿي:

ڪنل جا ڪري مار ۾، سا ڪھڙي رنگ رچي؟

—

ڏيئي چٽ چوٽي ڪار جي، وڃي گڏ ٻس ڪٺ ڪچي
گھماٽي رنڀي راحت جي، ٻار لاھيس ته بچي
مھبو سڀاڻي ”صابر“ چئي، سنگي ساڻ سچي
ٽڪر تي چاڙھي ٻر ٻس پڙھنو استغفار جو ته پار وڃي پھچي
نصوحي ٻئي ناحق ڪيا، جو ڪفن لاھيو خرچي
وٺيو نان سڱھ مائي ڪان، ڦريو آلحمد منجھ اڃي
آيس ضرب زبون مڻن، جيڪو آلنبو آھي ته اچي
اھڙي رنگ رچي، جيڪا ڪنل ڪري آھي مار ۾.

[١١٣٠] گھڻن سي ويجھو، ڇا گھڻن سي ويجھو؟

ھيڪل ڪوري جي ڏھرمان ڪو سگھڙ اڃي لکھيو.

١١٣١. ھيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي ڪان ملي. ٢. مال جا سوداگر سانگي لاءِ ”پڪي“ جي تلاءَ تي (ننگر ڪان اتر-اولھ) منزل ڪندا آھن. ٣. گبرامڙي جو ڳوٺ: ”رڻ گراسڙو“ ننگر ۽ ٿر جي وچ ۾ ميل ويڪرو. ٤. ”پاڪيي“ ۾ وڻ گھڻا. ٥. ”جھانگرو“: اسلام ڪوٽ ڪان ويھه ميل پرتي. وِھڻ = جھنگ جو خيال. ڪٽرڻ: ڳوٺ ٻجھڙي ڪان چار ڪوھ. پريان ستما ويٺل (آڪن جا ڪاپا اڏڻ لاءِ). ٧. ڪاتڻ ڳوٺ. ٨. گوڙاٽي: ڪيھڙيءَ جي پريان ٻه ڪوھ (سُرت جو ذت چاڻيين).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اني هڪ ته هرڻ ڳنڍا هڻا ۽ ٻيو ته شڪار جي لاءِ ويجهو اچي ٿي ٻَل ڏنائون. هرڻ جو اهو لقاءُ ڏسي هن معما پڇڙي، سگهڙ حاصل فقير وسائي ٻوٽي ۾ آڻي ڏني ته:

ڪهڙن سي ويجهو، چيا ڪهڙن سي ويجهو؟

حاصل فقير اها معما هيٺينءَ ريت ڳولي سچي ڪري ڏني:

١- جبل ڪاروڻجهر جو ننگر کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٢- تراءَ پڪي جو وڃاڻن کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٣- رڻ ڪيرانڙي جو آڪرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٤- وڻ پاڪي جو وڍڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٥- جهنگ جهانگري جو وڻڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٦- آڪَ ڪنڊرڻ جو اَجها کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٧- ٻير، ٻاٺري، ڪرڙ ڪانٽن جو، چرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٨- مڙت گوڙاٽي جو چاڙهڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

٩- پڇڻ ڪيهڙي جو مقام کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

١٠- گاهه موڙاٽي جو چرڻ کي ويجهو
تڏهن ڪهڙن سي ويجهو؟

---

١٠. موڙاٽي: ڪيهڙي ڪان ۾ ڪوهه اورتي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١. لڱنب ليٻي جو ڳاهن کي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟
١٢. کپڙ ڪاڪٿهار جو وهڻن کي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟
١٣. تڙ راڏي ٻجهر جو واچائين کي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟
١٤. مقام جوڳي مڙهي جو وارثن کي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟
١٥- ٻڌوهه منهن تار جو واڙين کي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟
١٦. متان هرڻ هيڪل ڪوريءَ جا ڳهمن سي ويجهو
تڏهن ڳهمن سي ويجهو؟

[١١٣٢] ڪُوهه مٿي ٿي ڪَڙن ڪَڙن، ڪُوهه مٿي ٿي ڪَڙن ڪَڙن

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ٻنپهرن جي مهل هڪڙي کوهه وٽان اچي لنگهيو. ڏٺائين ته هڪڙي زال دِلو ڪٽي کوهه تي آئي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، دِلو پري ويهي رهي. ڪجهه دير کان پوءِ وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دِلو هاري ٻيو دفعو پريائين. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڀيرا دِلو ڀري وري هارِيائين. آخر ٿلهو دِلو ڪٽي مٿي تي رکي آئي ٻهڻي، ۽ وري به هيڏانهن هوڏانهن ڏسي دِلو ڪٽي پٽ سان هنيائين، ۽

---

١١. ليٻو: ڪاڪٿهار کان هڪ کوهه پريان. ١٢. ڪاڪٿهار: حاصل فقير جو ڳوٺ. ١٤. جوڳي جي مڙهي: ڳوٺ، جتي ٻهڻن جي ٿهيل جوڳي جي مڙهي. ١٥. منهن تار: ڳوٺ.
١١٣٢. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقو عمرڪوٽ) مان محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي کان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رواني ٿي وئي. دلو ڀت ۾ ڪِري سان پيو هو. ٽِڪريون ڪوهه جي سِرن سان لڳنديون "ٽڙ ٽڙ" ڪنديون وڃي هاٺيءَ ۾ پيون. سگهڙ اهو نظارو ڏسي ٻئي سگهڙ وٽ موٽي آيو ۽ ان کي چيائين ته:

ڪوهه مٿي ٿي ڪَٽڙن ڪَٽڙن، ڪوهه مٿي ٿي ڪَٽڙن ڪَٽڙن

اهو ٻڌي سگهڙ جواب ڏنو ته:

١. ٻارهن پٽ يعقوب نبي جا، تن ۾ يوسف حُسن جو شاهه،
يوسف آڏو ڪير اچي، جو آن تي هئو پيءُ جو چاهه،
ڀائن کي ٿيو دل ۾ ساڙو، ٺاهيائون ڪو ويهي ٺاهه،
موڪل گهريائون پيءُ کان، چاهه، چوٽن ۾، دل ۾ ڪاهه،
هليا هٿيارن سان سنبهي، ويا لتاڙي گس ۽ گاهه،
اهڙي هنڌ سي پهتا، جيتهين ويجهي ڪانه هئي وٽراهه،
ڪوهه ڏٺائون اونهون هڪڙو، آن ۾ آڇليائون عاليجاهه،
پيءُ کي آکيائون، هاءِ آلاڙي! بگهڙ کاڌو ننڍڙو ڀاءُ
هوڏانهن هُت هو يوسف ماندو، ٻڪ ۾ ٿي تشڙو پاهه،
ڪيئن ڪري ۽ ڪنهن کي آکي، هُئو نه وسيلو ۽ ڪا واهه،
سوال ڪيائين سائينءَ کي، اچي آجهو ٿي يا الله
انهيءَ ويلي آتهين آيو، آچ مري ڪو ڪاهي ڪاهه،
ٻوڪو واريائين اندر آن دم، ٻڌوءِ ٻُڌي آت بسم الله
چرڪ پيس ڪِريو پرانهون، ڪاڏو مال سموري ٺاهه،
مال ٽٽو تان هڪدم ڳڏجي چڙين ملي ڪئي چڙن چڙن
متان اتي اها ٿي ڪَٽڙن ڪَٽڙن، متان اتي اها ٿي ڪَٽڙن ڪَٽڙن.

٢. ٻاڪ ملي وئي دودي کي، جو ڀائن کي ايءَ ڳالهه، وٺي
راهه چنيسر چيڙي آئيو، دليءَ ويو سو داهن ڪٺي
آيو عالادين جو لشڪر، لڪن ڪان هئي فوج گهڻي
'ڊڪڻ' 'ڊومڻ' وات ۾ پهتا، هئي ڪيائون پُرس ٻئي
اڳتي سامهون سورهيه آيو 'عانسو سودو' هام هڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'ننگر' پنهنجو نانءُ ڇڏي ويو، 'پونگر' جي پڻ پات ٽٽي
ماريا جڏهن مرد مڙيئي، آيو 'دودو' ڏر ڏٽي
لشڪر مير لاچار ٿيائين، هڪڙي حملي ماڻ هٽي
راءِ چنيسر، راڄ ڏني، تڏهن وات ۾ وڌا ڪوهه، ڪٽي
گهوڙو ڦاٽو ڳرزن ۾، ۽ ٻڍڙو ڇڄ ڇنگهر ڇٽي
دودي کي آنبُور آڙي ٻيو، نڪتي آروٻار آٽي
کيهر ساهون ڪير اچي، هر واحد کي ايءَ ڳالهه وٽي
واحد کي ايءَ ڳالهه وٽي، نہ تہ ڇو چنيسر ڪيئن چڙهن
متان آتي آها ٿي ڪتڙن ڪتڙن، متان آتي آها ٿي ڪتڙن ڪتڙن.

٣. ڦوڪ اچي هو روڪ ڪيو، ويا آٽي ڪئين هَلَ هڳام
هرڪي هليو مير عمر آت، مارن جا جت مڙهه مقام
آڏ ۾ سارو ننگر هو ۽ آڏ ۾ هو آڏيگام
ويراواهه جي واٽي سيڪنهن، توڙي خاص ڪِ توڙي عام
تڙ تي نار اڪيلي ٻيٺل، ڏسي ڪيائين اچي ڪلام
ٻريان ٻيهي ٻاٽي گهريائين، مارئي ڪين ٻروڙي مام
ٻاٽي ٻيڻدي جهٽ هنيائين، ڪشي هنيائين آٽ کي ڪام
وٽو ڪيري ۽ ويچاري هٽ مان، گهڙي لڪوٽي گهڙن گهڙن
متان آتي اها ٿي ڪتڙن ڪتڙن، متان آتي اها ٿي ڪتڙن ڪتڙن.

۴. ڪاڪ تي مومل رنگ رچايا، قابو ڪيائين ڪيئي راڄ
حاڪم حشمتدار هزارين، ٻيهي نہ سگهيا ڪاڌئون ٻاڄ
جن ٿي ٻاڻ ٻڌايا ٻهرين، روئي تن ڪيا ڪيئا ڪاڄ
مير همير ٻيو موتيو پوئتي، سائين سوڍو ڪاڍي ڪاڄ
آخر سوڍو سنهري هليو، سڙخي تي رکي سهڻا ساڄ
ٻاٽي تار ٻريان ڪان آيو، ٻيا ٻڌائين هَلَ هڳاڄ
سوٻاريءَ سان راز ٻروڙي وڻ وڃائي ڇڏيئين واڄ
واڄ وڃي ويا، ڪاڻو ڪتڙڪيو، ٿاٿا ٿڙڪا ٿڙن ٿڙن
متان آتي آها ٿي ڪتڙن ڪتڙن، متان آتي آها ٿي ڪتڙن ڪتڙن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۰۵ ڏينهن ٽتي جو ڪهڙو ڪنيائين، نڙ تي بيٺي اچي تيار
ڪهڙو پريو ٿي اونڌو ڪري، ليڙ ڪنيو ٿي ڪري نهار
آهڙيءَ ريت آتي هٿي بيٺي، لڳيءَ ڪٽي ڪٺي هٿي لاچار
راهون ڏسندي اکڙيون ٿڪيون، دل تي چڙهيا غم غبار
جوش ۾ آئي هوش اڏائو، ويا چڏائي سڀ ويچار
دلـو مٿي تان ڪٽي هنيائين پٽ ۾، ڏاڍو ڪائي خار
هنيون هڄي ويـو، اکڙيون آليون، ڪهڙو ڀڳو ٿي
ڪهـڙ ن ڪهـڙ ن
مٿان اتي اها ٿي ڪـڙن ڪـڙن، مٿان آتي اها ٿي ڪـڙن ڪـڙن.

[۱۱۳۳] روئي لڙڪ لڙهي، لڙڪن سان مٿهن ڌوئي ڙي.

هڪ دفعي ڪو سگهڙ ڳوٺ 'مودري' تعلقي ننگرپار ڪر مان اچي لنگهيو، جتي هڪڙي سهڻي نينگريءَ کي راهه تي رڌندو ڏٺائين. پڇا ڳاڇا مان معلوم ٿيس ته ڪجهه وقت اڳ ناري جـو مشهور سگهڙ "صابر" هتان لنگهيو. اوچتو سندس نظر وجي هن چوڪريءَ نوران تي پئي، ۽ هو مٿس عاشق ٿي ويهي رهيو. نوران آن وقت پيهي تي ويٺي جهار هڪلي. نوران به صابر کي ڏٺو، پنهي جي پاڻ ۾ پريت ٿي وئي. پوءِ صابر، نوران سان ملڻ لاءِ لـڪ چـپ ۾ ايندو هو. نيٺ اها خبر ڳوٺ وارن کي پهچي وئي، جن صابر ۽ نوران کي ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون، پر هو باز نه آيا. نيٺ ڳوٺ جي ڪن ماڻهن قرآن پاڪ ميڙ ڪري صابر وٽ آندو ۽ کيس چيائون ته آئينده هيڏانهن مٿهن نه ڪري. صابر قرآن پاڪ جي عزت رکندي جيئن ويـو، تيئن وري نـه آيو ۽ نوران ن جي فراق ۾ رڌندي وتي.

۱۱۳۳. هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمر ڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي ڪان ملي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکهڙ اهو ذڪر ٻڌي ڪوٺ ڀڄتو ۽ ان ٻيان تي معما ٺاهيائين ته:

روئي لُڙڪ لوئي، لُڙڪَن مان مُنهن ڌوئي ڙي!
لُڙڪَن مان مُنهن ڌوئي ڙي!

١- مارئيءَ جي ملير ۾، هئي ڳالهه گهڻي
قضا قلم وهائيو، هيءَ واحد ڳالهه وڻي
آندي سَڌر سُومري، مٿان ڪوهه ڪٽي
قابو ڪيائين ڪوٽ ۾، هٿي هڪ چٽي
هزارين حيلا ڪيائين، ڀر بازي ڪين ڀٽي
هوءَ ماندي هئي محلن ۾، اندر آگ آٽي
محبت مارون جي، ڀوهي ڪيس هٽي
ڏٺائين ڀٽي ڏيهه ڏي، هٿيس حب گهٽي
سوگهي هيس سَريَر ۾، فراقن ڦٽي
ٻڪاريائين ٻهه ڪري، ته ڏڻ مان ميل ڏٽي
ويس چوهه چٽي، هئي راتو ڏينهن راڙهي ۾
سا راتو ڏينهن راڙهي ۾، تي زارو زار روئي
روئي لُڙڪ لوئي، مٿان آئي تي منهن ڌوئي؟

٢- ليلان ٻٽي لاڏلي، ڀر هائي ٻنيو هار
مٽي تي موهه ڪري تي خطا ڪائي خوار
لُڇي ٻيٺي لوهه ۾، ڪونروءَ مليو قرار
دل ڪٽي ويو داسڙو، ڀڄي من ڀتار
اڙيءَ ڪي هو آسرو ته مهر ڪندو موچار
ڀر چنيسر ويو چاهه ڪٽي، ڀورو ٿيو ڀيار
پوءِ ڪامڻ ٿي ڪوڪون ڪيون ته ماري ويو منٺار
چڏي ويو چيهه ڪري، آجهو ۽ آڌار
ڏيئي ويو ڏکن جو ميهڻو مٺيادار
ڀوءِ روئي زارو زار، ليلان هئي ليلائيو

ليلان ڀِي ليلائيو ته ڪو چنيسر کي چوئي
چوئي لٽڪ لوئي، متان آئي ٿي مُنهن ڏوئي؟

٣- مُومل جي محلات جو، هو ڀري ڀَسارو
شاهن اچي شوق ٿيو، اندر آمارو
آيا ڪيئي آڪير مان ٿي، ٽَر هٽيو ٽارو
ڀڃنديئي پاڻي ٿيا، ناتر لظارو
ڪي ڪُسي ويا ڪاڪ تي، ڪن واپس ڪيو وارو
راڻو ٻه اچي رَسيو، سوڍو سوڀارو
مومل ماڻي مرد ويو، ٿيو هرهنڌ هاڪارو
سو ايندو هو آڌ رات جو، هو مڙس موچارو
قضا ڪم ڪري وئي، پيو مومل تي مارو
سُتل ڏسي سُومل کي، هو ڪڙهي ٿيو ڪارو
پوءِ مُور نه آيو مينڌرو، هُو ويو پيچي وارو
مومل هلي ميڙ ڪري، ساٿ چڙهي سارو
پوءِ راڻو ريڌو ڪينڪي، هو رهيو ريسارو
پوءِ ڪامڻ ڊڪي ڪارو، رُني پٽي راڻي اکيان
رُني پٽي راڻي اکيان، من ترس تنهين کي ٻوئي
ٻوئي لٽڪ لوئي، متان آئي ٿي مُنهن ڏوئي؟

٤- سُهڻي کهڙي سير ۾ ڪري الله تُهار
ڪَچو ڪُٺي ڪڇ ۾، ملڻ لٿي ميهار
ٿي رواني راهه تي، وَهم چڙهي ويچار
ويٺي ٻُڏي وير ۾، لڳيءَ جي لاچار
آئي قضا ڪريم جي، تنهن دِلو هٿ ڪيو ڌار
اُڇڙي هلي لهرين ۾ درياءَ جي دڌڪار
واڳون ويڙهي آئيا، مانگرمڇ هزار
لُڏڙا، ڪَچون، ڪُميون، سَوين پيا سينسار
مارا ٿي مڙيا اچي، چڪ هٿي چوڌار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيا آرَ آجل جا، ويچاريءَ تي وار
ويو مَتَ سريرمان، نيڻن وهيا نار
ٻڪاريائين پريت مان آندر انڌوڪار
تہ ميهر ڪري ميهار، ساڻي ٽجان سير ۾
ساڻي ٽجان سير ۾، سيءَ وڏو سوٽهي
سوٽهي لڙڪ لوٽي، مٿان آتي ٽي مُنهن ڏوٽهي؟

۵- آيا ڏير ڏَمرجي، ٻڪڙي پنهون نياڻون
سسئي کين سمجهيو، جا ڪيرت ڪيائون
چڏي نماڻي ننڊ ۾، چوهٿون چڪيائون
مُنهن ڪري مڪران ڏي، ڪرها ڪاهيائون
سَسئي کي مُنجو ڪري، رڻ ۾ راهيائون
ڪيا هين ڪَتَين ڪَنوڪرا، ٻر سڌ نہ سُٺائون
ويهون و چائون، ورهيءَ جون وَڪار ۾
ورهيءَ ڪنهين وڪار ۾، ووء ڙي ووء
ووء لڙڪ لوٽي، مٿان آتي ٽي مُنهن ڏوٽهي؟

٦- صابر سَنڀي سيکه مان، هو هوڪاري هليو
وٺي وات واريءَ جي، تنهن هيجئون هوڪاريو
مودري جي ملڪ ۾، تنهن عجب رنگ ڏٺو
ٻري هئي ٻيهي مٿي، جنهن ٽي جهارڪي جهٽڪيو
نُوريءَ سين نيڻ مليا، صابر صبر ويو
ٻوء تہ اچي ٻريت جو، ماڪِٿين مينهن وٺو
ٽيون روح رهائيون، ويچو سڀ ويو
عشق لڪيو ڪينڪي، ٻڌرو ٽي ٻيو
روڪڻ وارن روڪ ڪئي، ٻر ٻره نہ ٻيٺو
آخر انهن عاشق وٽ مصحف ٻيڙ مڪو
تہ وري نہ اچج ويڙهہ ۾، آٺي سٿهن اهو
صابر ويو سيڙيءَ ڏي، مو وري ڪين وريو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوران ٿُور وڌو، سارينندي صابر ڪي
ساري ٿي صابر ڪي، آها نيڙ نچوئي
نچوئي لڙڪ لوڙي، متان آئي ٿي منهن ڌوئي؟

[۱۳۴] ويٺو ڏونهان جهٽي، چاچا، ويٺو ڏونهان جهٽي؟[۱۳۴]

دلشاد هڪ دفعي گهمندي گهمندي هڪ شخص ڏٺو، جنهن ماني ٻڌي پچائي. مينهن جي موسم هئڻ سبب ڪاٺيون وسي پيون هيون، سو رڳو ڏونهون پئي ڪيائون. اهو حال ڏسي اچي وَلوءَ کي چيائين ته:

ويٺو ڏونهان جهٽي، چاچا، ويٺو ڏونهان جهٽي؟
وَلوءَ اها معما هن طرح ٻڌي ته:

۱- زال پرڻيو زور ڏيئي، پنهنجا پراوا ٽٽي
سا مسڪين مري ويئي، ٻار ڇڏي ٻه-ٽي
غربت ۾ اچي غرق هو، متان لاچار ڪيو لٽي
ويتر ڪکن ڪيون ڪيهون، جي ميءَ وڌا سٽي
اوچتو جي آڻ-هوند کان، ڪاٺيون آيو ڪٽي
متان مچ ٻرڻ لاءِ مرد سو، ويٺو ڏونهان جهٽي؟
۲- عورت پرڻيو آڻ ٻلي، سا ڇڙي ڪئي ڇٽي
سا ڪايو سڀ ڪپايو ڇڏي، جيڪي خان ڪٽي
هاڻ ڏاڏو ناهه دلي ۾، ڇيتي وڌا آهن ڇٽي
ٻچا ويٺا ٻاڪارين، تو گير ه جڏهن گهٽي
ويتر وٺواند ما، ويئي مرڻ کان مٽهن مٽي
متان انهيءَ اٻٽت کان، ويٺو ڏونهان جهٽي؟
۳- مرض ۾ مبتلا، سا ڪنوار ڪيئن ڪٽي
هي پٽ جهڪيمن لاءِ، ٻيو ٻئي سٽي
ڪماڻي وڃي ڦوت ۾، لاڙي وڌو لٽي

---

[۱۳۴] ۱۳۴. ”نئين زندگي“ فيبروري ۱۹۵۵ع تان ورتل.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم ٻنان آڏين سو، عاجز ڪيو آڻي
ٻنهي مان ٻوري ۾ ٿي، ائين ٻيا ۽ ڇڻي ويا ٻڻي
مٿان انهيءَ اوسيڙي ۾، ويٺو دونهان جهڻي؟

٤- استاد سڀني آفيسرن جو، ڏڪار وڏو ڏٺي
آڪهه وڏي، آن مهانگو، پيٽ وڏو ڀڃي
ٻسو ناهه، پوشاڪ جي جهوريءَ وڏو جهڻي
پگهار ٿورو ٻورت ناهه، قرض وڏو ڪڻي
ٻدلي ڏور، ڀاڙو وڏو، قافن ۾ ڪيئن ڪڻي
مٿان مسافريءَ ۾ ماستر، سو ويٺو دونهان جهڻي!

باب يارهون

گرو چيلو

[’گرو چيلي جا سوال جواب‘ ٻهراڙيءَ جي سگهڙن وٽ عام مقبول آهن. ڪڇهريءَ ۾ هڪ سگهڙ ’گروءَ جو سوال‘ پيش ڪندو ۽ ٻيا ان کي ويچار ڏيندا ۽ ان جو جواب ٻوليندا.]

هنن ٻرولين مان هرهڪ جون سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن مان هڪ کان وڌيڪ روايتون مليون، جن کي ڇنڊي ڇاڻي سڌوڙي سنواري متن ۾ رکيو ويو آهي، ۽ ڪي اختلافي روايتون هيٺ حاشيه ۾ ڏنيون ويون آهن. باقي ٻيون روايتون، جن ۾ جزوي يا محض ٻولي يا لفظن جو فرق هو، اهي نه ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته سڌي واري روايت انهن جو ڇڙ جامع عڪس آهي.

هنن ٻرولين ۾ ”گرو“ جي سوال واري ٻي سٽ جدا جدا نمونن سان ملي آهي، مثلاً:

ڪهه چيلا ڪيس ٻاءُ

ڪهه چيلا ڪيس بات

ڪهه چيلا ڪيس ٺاهه

ڪهه چيلا ڪين ٺاهه

ڪهه چيلا ڪيئن ٻهر

---

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙ چيلا ڪيا بات

ڪهڙ چيلا ڪم ٿياءِ

پر متن ۾ اها وراڻي هيٺين ٻن نمونن واري قائم رکي وئي آهي:

ڪهو چيلا ڪيس پاءِ

۽ ڪهو چيلا ڪس ٿاهہ

سنڌ ۾ گرو چيلي جي سوال جواب واريون پروليون آڳاٽي وقت کان دلچسپي جو باعث رهيون آهن. انهن کان متاثر ٿي پوءِ انهيءَ طرز تي سنڌ جي ڪنهن سجاڻ سگهڙن ۽ شاعرن به پنهنجون پروليون جوڙيون، جن مان رمضان واڍي، چاڪر خان ۽ لعل خان لغاري جون پروليون مشهور آهن. لعل خان لغاري جون جوڙيل پروليون، هوبهو گرو چيلي جي روايتي پرولين وانگر آهن، ۽ انهن جي وراڻي پڻ ساڳي "ڪهو چيلا ڪيس پاءِ" آهي. رمضان واڍي ۽ چاڪر خان جون پروليون انهي طرز تي ضرور ٺهيل آهن، مگر آهي گرو چيلي جي درميان سوال جواب جي بدران محض پروليون ڪري چيون ويون آهن. رمضان واڍي جي پروليءَ ۾ پهريون ٻه سٽون مقصد واريون آهن، ۽ ٽين سٽ محض وراڻي طور هن طرح آهي ته: "رمضان واڍا، رحمان ٻنان ٻي تاري ناهہ."
چاڪر خان جي پروليءَ جي وراڻي هن طرح آهي ته:

چئي پرولي چاڪر خان
پلي پڇي ڪو سگهڙ سجاڻ

هن قسم جي پروليءَ ۾ معنيٰ جي لحاظ سان سوال هميشه 'گرو' جي طرفان 'چيلي' کي ٿئي، ۽ چيلو انهيءَ جو جواب نه هجڻ (نهين) واري انڪاري جواب سان ڏئي، مگر هڪ پرولي "ها" جي جواب سان پڻ ملي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن باب ۾ اول گُرو چيلي جي سوال جواب واريون آکاڻيون عام مروج روايتون ۽ ان کان پوءِ شاعرن جون ساکيءَ طرز تي جوڙيل پروليون ڏنيون ويون آهن.]

(الف) گرو چيلي جون روايتي پروليون

[١١٣٥]

گرو: چرکي چڪر لاٿيا، پوڻ آهيڙا ڪاءِ
وَهنو ويچاري ڦيري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گرُو جي آٽ نهين.

(جنڊ جي سڪڙيءَ ۾ آٽ (لوهي چلو) پيل ناهي ان ڪري رينگٽ پيو ڪري؛ پوڻ ۾ ۽ آٽ (تيل جو پڙو) پيل ناهي تنهنڪري چيچاٽ ٿي ڪري) ۽ زال به هيڏانهن هوڏانهن پئي ڦيري، جو ڪيس آٽ (جهل پل) ڪانهي.)

[١١٣٦]

گرو: اوباسي آنڊ گهٽي، پيئني سڪي جاءِ
تيل چڙهي ڪامٽي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي آيا نهين.

(اوباسيون گهٽيون آهن، جو آمل آيو ناهي؛ رڃيل زمين به سڪي پئي، جو هَرن ڪاهڻ لاءِ هاري آيو ناهي) ۽ ڪنوار (ڪامٽي) به ونواهه ۾ ويٺي آهي، جو گهوٽ اڃان آيو ناهي.)

[١١٣٧]

گرو: گجدا نه وسدا، ڦوڪڻا سپ نه ڪاءِ
عاشق سجي رات پيا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

[١١٣٦] ٻي روايت: ڪهو چيلا ڪيس ناهه؟
[١١٣٧] ٻي روايت:
جهڙ گجدا وسدا نهين، عاشق معشوق سلدا نهين
نانگ پيران وچ ڦِردا ڏنگدا نهين، ڪهه چيلا ڪسي بات؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو: گروجي امر نهين.

(گجي ٿو ٻهر وسي نٿو، جو خدا جو آمر ناهي، ڦاوکون ڏيندڙ نانگ ٻه، چَڪي لٿو، جو ان کي آمر ناهي ۽ عاشق ٻه، سڄي رات معشوق جي انتظار ۾ ويٺو رهيو، جو کين ملڻ جو امر نہ هو.)

[١١٣٨]

گرو: ٻيڙي پار نہ آڪري، جنڊ رکيو جاءِ
عورت ميٽ نہ مليا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي اولا نهين.

(ٻيڙي پار نٿي آڪري، جو اولو (گِڙ) ڪونهي، جنڊ اٽو نٿو پيهي، جو هوا کان اولو ڪونهي ۽ عورت ۽ ميٽ نٿي ملهي، جو وهنجڻ لاءِ اولو ڪونهي.)

[١١٣٩]

گرو: ڍڳي ڦِردِي رهہ ڳئي، واهي وَهي جاءِ
راڄ رُنا رهہ ڳيا، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي ٻَڌي نهين.

(ڍڳي رُلندي رهي، جو ڪنهن ٻَڌِي ناهي، واهي وهندي رهي، جو ڪنهن ٻَڌي ناهي ۽ راڄ ۽ رُلو رهيو، جو راڄ ۾ ٻَڌِي ناهي.)

[١١٣٨] ٻيون روايتون:

١. مهري وهنجدي نهين، سالي ٻڪدي لهين
معشوق مليا نهين، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

---

٢. چَڪي والي غم ڪيتا، پارا بهت ٻولدا
ڪشتي پار لہ چلشا، ڪهہ چيلا ڪيا بات؟

---

٣. باهہ سهاءِ نہ ڏئي، جنڊ آٽو لہ ڏئي
سنڌ درياءَ لہ آيي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٤٠]

گرو: ڏٺي ٻڪري نہ سڃاڻي، اَٽ ڪپڙ نہ ڪاء
هاري جهار نہ هڪلي، ڪَهو چيلا ڪس ٿاء.

چيلو: گروجي ٻُوري نهين.

(ٻڪرار ٻڪري نٿو سڃاڻي جو ٻُوري (ٻڪري جو قسم) ناهي، يعني ٻئي رنگ جي آهي، ڪَڙمي ۽ جهار نٿو هڪلي جو ٻوک ٻُوري (سنگن پچڻ وقت، مٿان ٻوري يا ٻُرپلر) نہ آهي؛ ۽ ڪپڙ ڪي ۽ ٻوري (ٻُور) ڪانهي، تڏهن اَٽ نٿو ڪائي.)

[١١٤١]

گرو: جَتَ اَٽ تي نهين چڙهدا، ٻَڪا سر تي نهين ٿهدا
بادشاه فرياد نهين سُڻدا، ڪهو چيلا ڪس بات؟

چيلو: گروجي ٻيٺا نهين.

(اَٽ تي جت نٿو چڙهي جو اَٽ ويٺو ناهي؛ ٻَڪو ۽ سِر تي نٿو ٿهي جو ٻوري طرح ويٺو ناهي؛ بادشاه ۽ فرياد نٿو ٻُڌي جو اڃان تخت تي ويٺو ناهي.)

[١١٤٢]

گرو: ڪوٺي چڙهي ڪاٺي، ٻُون ـ هَت ساٽ چڙهيا
ياڳيا اول نہ ڏيوي، ڪهو چيلا ڪس پاء؟

چيلو: گروجي ٻيڻو نهين.

(زال ڪَنڌ تي چڙهي ٻيٺي آهي جو مڙس جو ڏپ ڪونهيس قافلي ٻرهت واري سڄي وات ورتي آهي جو ڦورن جو ڏپ ڪونهي؛ ۽ سال وارو ياڳيو واڱ ڪي لوڙهي جي پناه نٿو ڏئي چاڪاڻ تہ چورن جو ڏپ ڪونهيس.)

[١١٤٢] ٻي روايت:

ڪوٺي چڙهي ڪامني، ٻُولپت چڙهيا ساڌ
ياڳيا آرلي نہ ڏيوي، ڪهہ چيلا ڪس بات؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٤٣]

گرو: سات سويلا آئيا، ڪاهي انءَ نہ، پاءِ
ڀُڻُون ٻولي هَسَّنَّني، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ڀؤ نهين.

(قافلو جلدي آيو آهي جو واٽ تي ڌُر جو ڀؤ نہ هوس، ڪاهيءَ ۾ آنءُ لٿو هوي جو ڪاهي ٻرجي وئي آهي ۽ وڏيڪ جاءِ ناهيس، ۽ عورت ٻہ گهٽو تي ڳالهائي جو سڙمن جو ڀؤ ناهيس.)

[١١٤٤]

گرو: ٻيڙي جر ۾ نہ هلي، گاڏي چلي نہ، جاءِ
دوست محبت نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي تار نهين.

(ٻيڙي نٿي هلي جو پاڻي تار نہ آهي، ريل گاڏي بہ نٿي هلي جو ٻيءَ اسٽيشن تان تار نہ پهتي آهي، ۽ معشوق کي بہ دوست نٿو ملي جو عشق جي تار ناهيس.)

[١١٤٥]

گرو: چلم رسيلي نہ رهي، تُري نپ نہ، ڪاءِ
ڪتا هرنين نہ پُڄي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي تازي نهين.

(چلم رسيلي ناهي جو پاڻي وجهي تازي ڪيل ناهي، گهوڙي بہ ٽپ نٿي ڏئي جو تازي ناهي، ۽ ڪتو بہ هرڻ کي نٿو پُڄي جو تازي ناهي.)

[١١٤٦]

گرو: ريل گاڏي بند رهي، چور نہ چوري جاءِ
ڪدڙي راڪ نہ راسيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ناڙي نهين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪاڏي کي تاڙي ڪانهي تڏهن بند رهي؛ چور چوري نٿو ڪري، جو تاڙي (ڄاڃي) ڪانهيس، ۽ ڪدڙي جو راڳ ٻ، رس نٿو ڪري، جو سانس تاڙي وڄائڻ وارو ڪونهي.)

[١١٤٧]

گرو: واڍا نار نہ چاڙهي، مهمان ڀيٽا نہ، جاءِ
دشمن هر هر آوي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڏڏا نهين.

(واڍو لار نٿو چاڙهي جو ڏڏو (ڪوهاڏو، ٻڙاڏو) ڪونهي؛ مهمان ويهي نٿو، جو ڏڏو ڪونهي؛ دشمن ٻ وري وري ٿو هلان ڪري، جو ڏڏيل (هٿيار) ڪونهي.)

[١١٤٨]

گرو: ڪام ڪوئي نا چڙهي، اَٽ نہ جت سين جاءِ
نديا پار نہ وڃا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڏري نهين.

(گهر تي ڪام نٿي چڙهي، جو تري (گهڙيل) ناهي؛ اَٽ جَت سان نٿو هلي، جو اَٽ کي ٻہ تري (نڪ جي سوراخ ۾ ڏاڪو ٻڌل) لڳل ناهي؛ ندي ٻہ تري نہ اٿس، تنهنڪري پار نٿو وڃي.)

[١١٤٩]

گرو: ول وٽ تي نہ چڙهي، سڄي ڏاڍي جاءِ
بيمار ٻُڪيا رهہ گيا، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي ٿور نهين.

(ول وٽ تي نٿي چڙهي، جو ول جي موسم ناهي؛ سڄي ٻہ گهٽي ناهي، جو ٿور نہ ڪيو اٿس؛ ۽ بيمار ٻہ ٻُڪيو ان ڪري رهيو، جو ٿوري پاڇي ناهي، جنهن سان ماني کائي.)

[١١٥٠]

گرو: چرخا چيچٽ ڪري، لٽ لڙڪا جاءِ
نهه نهه ڪري ڪاٽي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي ٽوڪيا نهين.

(نار چيچٽ ٽو ڪري، جو واڍي ٽوڪيو ٿاهي، نار جي لٽ به ٻٽي لڏي، جو چگيءَ طرح لوڪيل ناهي، ۽ عورت به، وڏي آواز سان ٽي ڪيلي جو ان کي مڙس سيکت نه ڏلي آهي.)

[١١٥١]

گرو: بڙا موتي مٽاهه ٽورڙا، ڪري نه ڪناري گهاءِ
تلاءُ سڪا رهه گيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي پاڻي نهين.

(موتي وڏو، پر قيمت ٽوري اٿس، جو آبدار (پاڻي وارو) ناهي، ڪناري گهاءُ نٽي ڪري، جو ان کي پاڻي آيل ناهي ۽ تلاءُ به سڪو پيو آهي، جو ان ۾ پاڻي ناهي.)

[١١٥٢]

گرو: ڪيرڙ وڻ نه وڻهي، اوڏ نه ميني چاءِ
بيمار سٽيي نه پيٽي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟
چهلو: گروجي پسي نهين.

[١١٥١] ٻيون روايتون:

١. جمل جلدي نه ڪري، ڪاٽتا ڪري نه گهاءِ
زمين ڦير ڦير ٿڪا، سبزي نه ديکا ساءِ
ڪهه چيلا ڪيسي بات؟

٢. موتي بڙا، ملهه ٿورڙا، ڪنا ڪري نه گهاءِ
رڻ گهوڙيا رجهوت لڙيا نهين، ڪهه چيلا ڪس ڀاهه؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ڪرڙ وڻ تہ وٽي جو منجهس هڏي ڪانهي، اوڏ ميڻي تہ ڪٽي، جو ميڻي هڏي (پنڃل) ڪانهي؛ ۽ بيمار ستي تہ پيٽي جا آها هڏي ڪانهي.)

[۱۱۵۳]

گرو: مرد درياءَ نہ گهڙي، گوري هار نہ پاءِ
جهونا راجا راڄ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي پوتيا نهين.

(مرد درياءَ ۾ نٿو گهڙي، جو ونس گوڏ پڏڻ لاءِ پوتيو (پوتڙو) ناهي؛ عورت بہ هار نٿي پائي، جو اهو پوتو ناهي ۽ پيرمن راجا اجان راڄ پيو هلائي، جو ڪيس پٽ ناهي.)

[۱۱۵۴]

گرو: پترس ستونهان نہ پهري، اڪ نہ چٽني جاءِ
ڪچهري رس نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي پڇا نهين.

(پترس سونهين ڪان سواءِ نٿو هلي، جو پڇو يعني پيچرو ناهي؛ اڪ بہ نٿي چٽني، جو پهو پڏل ناهي ۽ ڪچهري بہ رس تڏهن نٿي ڪري، جو پڇا يعني ارادو يا خيال هڪ جاءِ ناهي.)

[۱۱۵۵]

گرو: ڏونهيي ڏونهن نہ سينجري، محل نہ جهٽي واءِ
مڇيون نہ ماري مڇلي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟
چيلو: گروجي جاري نهين.

(ڏونهي ۾ ماڻ ڏونهون لٿو نڪري، جو ان کي ڪولي جاري نہ ڪيو ويو آهي؛ محل ۾ بہ واءُ نٿو اچي، جو ڪتان جاري

[۱۱۵۳] ٻيون روايتون: ۱. هندو گنگا نہ گهڙي- الخ.
۲. جهونا راجا جڳ ڪري الخ.
[۱۱۵۵] سينجري = اڪري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني ڪُتڙ کي نہ اٿس، ۽ مهاڻو بہ، مڇي نٿو ماري جو وٽس ڄاري ڪانهي.)

[١١٥٦]

گرو: راڳ رسيلا لـا رهيا، مُردا مقـام نـہ، جـاء
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪِس ڻاهہ؟

چيلو: گروجي **جوڙي** نهين.

(راڳ رس نٿو ڪري، جو جوڙي (ڳائڻي جو جوڙ) ناهي ۽ ميت بہ مقام پيڙو نٿو نٿي، جـو جـوڙي (ڪفن) ناهي ۽ حاڪم عدالت نٿو ڪري، جـو ڪورٽ جوري (ويهاري) نہ اٿس.)

[١١٥٧]

گرو: ٻاري اڪ نـہ ساڙيا، مـاٺـيـي نـہ کهوکهاء
ڪامڻ گهرٻال نہ روڀا، ڪهو چيلا ڪِس ٻاء؟

چيلو: گروجي **چاوا** نهين.

(ٻارو آڪ نٿو ساڙي جو چانو ناهي، ماني ولوڙجي نٿي، جو کير بہ چاڻو ناهي ۽ گهر مان ٻارڙي جي روئڻ جـو آواز نٿو اچي، جو چاڻو ناهي.)

[١١٥٨]

گرو: عورت اوڀهي تي چڙهي، چور چوري ڪٿون جاء
مرد ميڙي ۾ ٻـڪ مري، ڪهو چيلا ڪِس ڀاء؟

چيلو: گروجي **روڪ** نهين.

(عورت ٿلهي تي چڙهي تي جو ڪيس روڪ (منع) ڪانهي ۽ چور بہ چوري ٻيو ڪري، جو ڪيس روڪ (جهـل) ڪانهي ۽ مرد بہ ميڙي ۾ ٻـُڪ پيو مري، جو وٽس روڪ (نقد) ناهي.)

[١١٥٩]

گرو: ٻيلي پيو ٻـُڪ مري، ٻني وڃي ويـو ڪـاهہ
لشڪر سپاهہ نہ وڙهي، ڪهو چيلا ڪِس ڻاهہ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو: گروجي ساهي نهين.

(ميٺ جٽ کي پڇ نٿو ڏئي، جو ساهي (واند ڪائي) نه، انس، پٺيءَ ۾ ١ڀ گاهه کڻو تيو آهي جو کيس (آرو) ڏنل ناهي، ۽ لشڪر ۾ دشمن سان نٿو وڙهي، جو اُن کي به ساهي (موڪل) ڪانه ملي آهي.)

[١١٦٠]

گرو: رُنا عاشق آهي ٻرتا، چڪر ڦيري نه جاءِ
ڳوري ڳهٽا نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيا پاءِ؟

چيلو: گروجي سري نهين.

(عاشق از خود اچي معشوق سان مليو، جو ان کان سواءِ سري نه سگهيس، چڪر (نار) به ڦيري نٿو، جو اُن کي سري (سرائي) ڪانهي، ۽ عورت به ڳهه لٽي پائي جو سر (ڏانوٽي) ڪانهيس.)

[١١٦١]

گرو: پينٺس دوها نه پڙيا، پورا تٺوتا جاءِ
ٽڦر سڏ ديا نهين، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي سوٺا نهين.

(مهينهن کير سان ساڙهو نٿي پڙي، جو سٺوٺا ناهي، پورو به انهيءَ ڪري ڦاٽل آهي، جو سڀ لاءِ سٺوٺو ڪونهي، ۽ نوڪر به سڏ نٿو ڏئي، جو سٺو يعني پڌو ناهيس.)

[١١٦١] ٻيون روايتون:

١. مينهن ماٿا نه پري، پانهي سڏ نه آءِ
پوري رهه ڳٺي جاءِ، ڪهه چيلا ڪس پاءِ؟
٢. پينس دوها نه پري، پوري ڳٺي جاءِ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٦٢]

گرو: ڏُونڻ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏڏڪا ڪري نہ درياه
ٿَهرُو ڪاٺ پاپ هي، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **سير** نهين.

(ٻن ڏاندن هوندي بہ هَرَ نٿو هلي، جو ڏڳن ڪي هلائڻ واري سير (نوڙي) ناهي؛ درياءَ بہ گاج نٿو ڪري، جو اجان سير نہ ڪئي اٿس؛ ۽ پَهرُو ڪاٺ بہ پاپ آهي، جو سير (تڪبير) پيل ناهي.)

[١١٦٣]

گرو: بينڪ ٻُونڪڻ بين نہ رهي، گهوڙا گاهہ نہ کاءِ
مرد نہ آوي پاڪرين، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي **سينڱا** نهين.

(ڪُتو ٻُونڪڻ نٿو ڇڏي، جو ماڻهو سينڱ و (واقف) ناهي، گهوڙو گاهہ نٿو کائي، جو سينڱ و (تازو) ناهي؛ ۽ مرد بہ ڪينڪر ۾ پاڪر نٿو پائي، جو سينڱ و (واقفڪار) ناهي.)

[١١٦٤]

گرو: مُلان نڪاح نہ پڙهيا، حاڪم عدالت نہ ڪياءِ
چور چوري نہ ڏسي، ڪهو چيلا ڪيس ٿاهہ؟

چيلو: گروجي **شاهد** نهين.

(ملان نڪاح نٿو پڙهي، جو شاهد نہ آهن؛ حاڪم بہ عدالت نٿو ڪري، جو شاهد ڪونهن؛ ۽ چور چوري موٽائي نٿو ڏئي، جو ان جا شاهد ناهن.)

[١١٦٢] ٻي روايت:
ڏُونڻ ڏاندين هَرَ نہ هلي، ڏُڏڙ نہ ڪري درياءَ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٦٥]

گرو: پان سڙي، گهوڙو آڙي، وِديا وِسرجاءِ
روٽي سڙي آڱار پهين، کهو چيلا کس پاءِ؟

چيلو: گروجي ڦيريا نهين.

(پان رکڻي سڙي پيو، جو ان کي کنهن ڦيرايو (اٿلايو) ناهي، گهوڙو به هلندي هلندي آڙي ٿو کري، جو اهو ڦيرايل (چڙهي گهمايل) ناهي، علم به وسري وڃي، جو ان کي اٿلايو (دُور کيو) ناهي، ۽ ٽانڊن تي به ماني ٻهي سڙي جو آها به کنهن اٿلائي کاڻ ٿي.)

[١١٦٦]

گرو: آگ تماکو نه لڳي، مرد ميهري لا ٺاهه
راجا جهوٺا، رعيت ديواني، کهو چيلا کس پاءِ؟

چيلو: گروجي کانڊا نهين.

(تماک کي باهه نٿي لڳي جو ٽانڊو کانڊو (پير يا کنڊي وٺ جو) ناهي، زال ۽ مڙس جو ٺاهه کونهي جو مڙس سخت طبع ناهي، ۽ رعيت ديواني ان کري آهي جو راجا پيرسن هٺ سبب کنڊي وارو (ڏکي وارو) ناهي.)

[١١٦٧]

گرو: ڦڪي فرق نه کري، روٽي پڪي نه جاءِ
کجور کائي نه جائي، کهو چيلا کس پاءِ؟

[١١٦٥] ٻيون روايتون:

١. پـن سڙي، گهوڙو اڙي، وديـا وسـرجاءِ
کير پر روٽي جل رهي، کهو چيلا کس بات؟

٢. پـاڻ سڙي، گهوڙو آڙي، وِجا وِسرجاءِ
روٽلو سڙي راک مه، کهو چيلا کس پاءِ؟

[١١٦٧] ٻي روايت: 'کلنوت' کجور نـہ کاڌي، پوپا پڪا نہ جاءِ ڦڪي فرق نہ کري، کهو چيلا کس ٺاهه؟ 'کلنوت' = گدڙ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو: گروجي **ڪري** نهين.

(دوا فائدو نٿي ڪري جو اُن جي ڪِرِي (پرهيز) ناهي؛ ماني به نٿي پچي جو ڪِرِ (ڦُلهيار) ناهي؛ ۽ ڪجور به ڪائي نٿي سکهجي جو وٽ مان ڪِرِي ناهي.)

[١١٦٨]

گرو: ٻر ۾ ٻيل سينگاريا، ري آرلپن مال جاءِ
تَنهِ تَنهِ ڪري ڪامٺي، ڪهو چيلاڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **ڪوڏر** (ڪو+ڏر) نهين.

(ٻر ۾ ڏاند سينگاريو پيو گهمي جو ڪوبه ڏر (پوُ، ڊِپ) ناهي؛ مال کي به ٻند ڪرڻ لاءِ آرليون (ڪاٺيون) ڏنل ناهن جو ڪوبه ڏر ناهي؛ ۽ عورت به زور مان ٿي ڪِلهي جو ڪيس ڪوبه ڏر (ڊِپ) ڪونهي.)

[١١٦٩]

گرو: ڪَٽَ تي رَلي نه نهي، ٻٺارا مٺي نه چاءِ
نينگر گهر وچ رورَهي، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **گَڏي** نهين.

(ڪَٽ تي پيل رَليءَ تي گَڏِي (ٽَڪَ) ڪانهي ان ڪري سونهي ٿي؛ ٻٺارو مِٺي نٿو ڪٿي جو هُن گَڏِي (ڪَٽي) ڪانهي؛ ۽ چوڪر کي به گَڏِي (رانديڪو) ڪانهي جا ڏسي ماٺ ڪري.)

[١١٧٠]

گرو: مهمان مانبي نـه ملي، جوان جڻي نا پاءِ
آسيٽي پاٽي نا پري، ڪهو چيلا ڪس ناءِ؟

[١١٦٩] ٻي روايت:

چوڪري بس ڪريندي نهين، اوڏ ميٺي چائيندا نهين
رليي ڪَٽَ تي نهدي نهين، ڪهو چيلا ڪس بات؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو: گروجي **گهڙي** نهين.

(مهمان کي ماني نٿي ملي جو ماني گهڙي (ٿاهي) ناهي، جوان به جُتي نٿو پائي جو جُتي اڃان گهڙي (ٺهي) ناهي، ۽ عورت به پاڻي نٿي ڀري جو آن وٽ گهڙي (دلي) ڪانهي.)

[١١٧١]

گرو: ڪولهي چڙهي ڪاٺي، پيڙي ڪُتوها نه چاءِ
هوندي ثمر هدا هٺي، ڪهو چيلا ڪس ٿاهه؟

چيلو: گروجي **لاجو** نهين.

(عورت جاءِ تي چڙهي ٿي جو ڪيس لڄ ناهي، پيڙيءَ جو کوهو به نٿو کڄي جو لاڄو (سڙهه) ٻڌل ناهي، ثمر هوندي ڀڃي ٿو جو ڪيس لڄ ڪانهي.)

[١١٧٢]

گرو: عاشق معشوق نه مليا، قاصد ڪڙا آناءِ
واٽيا پٽي وهيي ڪون، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لکيا** نهين.

(عاشق معشوق نه مليا جو سندن لکيو نه هو، قاصد لاءِ به خط لکيو ناهي جو ڪٿي وڃي، ۽ واٽيو منجهي پيو آهي جو وٽس لکيو (حساب) ڪونهي.)

[١١٧٣]

گرو: برجلوٽ باز نه ماري، پڙڪا ڪري نه پاهه،
معشوق منهن موڙ ڪيا، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي **لڳي** نهين.

(برجلوٽ بندوق باز کي نٿي ماري جو لڳي (چٽي) ناهي، پاهه به پڙڪو نٿي ڪري جو اها به لڳي (دُکي) ناهي، ۽ معشوق منهن موڙي ويو جو ان جي به دل لڳي ناهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٧٤]

گرو: ڏکي ڏُکيي نہ رهي، عاشق ڪري نہ آهہ،
آگ آلا نہ ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڌاهہ؟

چيلو: گروجي لڳيي نهين.

(ڏکي ڏُکيي نہ آهي، جو لڳي ناهي، عاشق معشوق ۾ پاڻ ۾ نتا ملن، جو دل لڳيي ناهي ۽ ٻاهہ آلا نتي ڪري، جو پوريءَ طرح دُکبي ناهي.)

[١١٧٥]

گرو: آڏوتي آس مري، ڏولڪ ڪري نہ ڌاهہ،
ٻانهي ٻهُون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي مڙهي نهين.

(ٻانو آس ۾ پيو مري، جو ڪيس رهڻ لاءِ مڙهيي ڪانهي؛ ڏولڪ ۾ پوريءَ طرح آواز نتي ڪري، جو مڙهيل ناهي؛ ٻانهي ۾ گهٽو ڪم ني ڪري، جو مڙهيي (پوڙهي) ناهي يعني جوان آهي.)

[١١٧٦]

گرو: آٽ ورڪ نہ ڪائيهي، مرد آيا نہ ڪچهري جاءِ
سيهري نٿ نہ پاوي، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي مور نهين.

[١١٧٦] ٻيون روايتون:

١. آهٽو وٽ لهين چرندا، مرد ڪچهري نهين ٻهندا
سيهري نٿ نهين پاوندي، ڪهو چيلا ڪيا بات؟

٢. آٽ گاهہ نہ چري، سهاڳڻ زال نٿ نہ ڪري
نانگ گهر ۾ هر هر گهڙي، ڪهو چيلا ڪهڙي بات؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(آڪ گاھہ نٿو کائي، جو گاھہ ۽ مور (گونچ) کانهي ۽ مرد به ڪچهري ۾ نہ آيو، جو ڪچهري جي ويهڻ جو ڏانءُ ڪونهيس ۽ عورت به نَٿ نٿي پائي، جو نَٿ ۽ مورُ (چِٽ) ڪونهيس.)

[١١٧٧]

گرو: مَڙهي آڏي ڏينگهري، ڳوڏا نا ٺاڪي جاءِ
ڳوري مَٽ سُونهي نهين، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي ناٿ نهين.

(مڙهي جي دروازي کي ڏنگري آيل يعني دروازو ڀوريل آهي، جو مڙهي ۾ ناٿ (فقير) ڪونهي ۽ ڏڳو ڀڳو وڃي، جو نڪ ۾ نَٿ لڳل ڪانهيس ۽ عورت جو مُنهن به سهڻو نٿو لڳي ۽ جو نَٿ پيل ڪانهيس.)

[١١٧٨]

گرو: ٻَڙ سونائي ڏنگا، مٺا مِڻ ورجاءِ
لڳيا خط پڇي وَلي، ڪهو چيلا ڪِس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي وانڇيا نهين.

(ٻڙ جو وڻ ڏنگو آهي، جو ڪنهن سنڀال نہ لڌي، مَڻ به ناڳ جي ڏنگ تي نٿي لڳي، جو گوڳي ڇهواڻ جي واڇا (قسم) پيل ناهي ۽ خط موٽيو اچي، جو ڪنهن پڙهيو ناهي.)

[١١٧٩]

گرو: مرد ڪَنولي نہ پيئا، ڪَنُوها ڀڪ ڪِرڪِر جاءِ
هٽيي سودا نہ ميلي، ڪهو چيلا ڪيا ڀاءِ؟

چيلو: گروجي واٽيا نهين.

[١١٧٨] ٻي روايت: ٻڙ موتا ڏنگا ڪنڙا، سَپ ڏنگيا جاءِ
پڇيا خط وليا نهين، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مرد گڏوالي تي نه ويٺو، جو واڻيل کونهي؛ کوه، جي ٻڪ هر هر ڀڃي ٿي پوي، جو واڻيل (لٺي جي ورن سان ٻڌل) ناهي ۽ هٿ تان سود ونٿو ملي، جو واڻيو کونهي.)

[١١٨٠]

گرو: ڪنڌي وات رنڍي، سهڙ ٿيندڪا ڪاء
حاڪم عدالت نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي ودي نهين.

(ڪنڌي ۽ جو وڻ وات ٿو رنڍي، جو وڍيل ناهي؛ ڏال ڀڃي لچڪا کائي، جو ڇم جي وڍي يعني (ڪشو) ڀيل نه اٿس ۽ حاڪم به غور نٿو ڪري، جو وڍي يعني (رشوت) نه ملي اٿس.)

[١١٨١]

گرو: پانڊيڙو پنڌ نه اچهي، کهايل ڪري نه کهاء
واڻيا هٿي مونجهه رهيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟
چيلو: گروجي وهي نهين.

(پانڊيڙي جي وهي يعني جواني ناهي، جو پنڌ ڪري سگهي؛ کهايل به کهاءُ نٿي ڪري، جو اجان وهي يعني آڙهي ناهي ۽ واڻيو به هٿ تي منجهيو ويٺو آهي، جو وهي يعني ٻنڌي هٿ نٿي اچيس.)

[١١٨٢]

گرو: مٽي وچ سگا نه پيا، چنڊ نه ڪيتا شعاع
مهمان گهر نه ٽڪيا، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

[١١٨٠] ٻي روايت:
ڪلهي ڏال نه اٿڪي، ڪنڌي ڏئي نه باهه
حاڪم عدالت نا ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ڀاء؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو: گروجي لَٽُ هئي.

(سَئِيءَ ۾ سگهو ۽ پيو، جو اکين ۾ ڏُنڌ آهي؛ چنڊ ۾ سَهائو نٿو ڪري، جو آسمان ۾ لَٽُ (ڏُنڌ) آهي ۽ مهمان ۾ گهر ۾ نه ٽڪيو جو گهر ۾ لَٽُ (جهيڙو) آهي.)

[١١٨٣]

گرو: سَئِيءَ ۾ ڏاڪو ڇو ٿيو،
طعام ۾ پاڻي وجهي ڇو نه،
مرد گهر ۾ رهي ڇو نه؟

چيلو: گروجي لَٽُ آهي.

(سَئِيءَ ۾ ڏاڪو نٿو ٿئي، جو اکين ۾ لَٽُ آهي، تنهنڪري نظر نٿو اچي؛ پاڻي ۾ طعام ۾ نٿو وجهجي، جو لَٽَائيل آهي؛ ۽ مرد ۾ گهر ۾ نٿو ويهي، جو گهر ۾ لَٽُ (جهيڙو) آهي.)

(ب) شاعرن جون جوڙيل پروليون

۱. رمضان واڍي جون چيل پروليون

[١١٨٤]

ترڪاري پاڻي نه وهي، پاڻي جهنگل جاءِ
ڪاڻي بَچِي پاهه، ڪان، رُپِي لَسري ناهه
"رمضان واڍا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: پاري ناهي.

(پاڻي نٿو اچي، جو پارا پَدل ناهن؛ پاڻي ۾ جهنگل ۾ وهيو وڃي، جو ان کي پَنو پَدل ڪونهي؛ ڪاڻي پَرڻ ڪان بچي وئي آهي، جو پاري ڪانهي ۽ رُپو (چاندي) به اجان لَسري ۽ ٿيو آهي، جو ان کي رجايو ناهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٨٥]

مالڪيت مڇي نه ڏڪي، دوا سَنڊ سڪاءِ
زال مڙس تي قابو آهي، چور چوري ڪاءِ
"رمضان وادي" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: ماري ناهي.

(مڇي مارڪيٽ ۾ نٿي اچي، جو ماري ناهي؛ دوا ۾ ڪائن مان سَنڊ سڪائي وڌا آهن، جو پوريءَ طرح ماريل ڪانهي؛ زال مڙس تي قابض آهي، جو ماريل ڪانهي ۽ چور به چوري ڪايو وڃي، جو اُن تي مار ڪانهي.)

[١١٨٦]

گندي وَڌائي ناهي، مڇي ٻليي اغيار
جنگ وارن خوشي منهن ۾، پوڪ ڪائي ٿي جهار
"رمضان وادا" رحمان ٻنان ڪا تاري ناهه؟

جواب: هاري ناهي.

(گندي ٻريل آهي، جو اُن مان اُن ڪڍيو ناهي؛ مڇي خريدار نه ورتي، جو اُن جي نه هاري ناهي؛ جنگ وارا خوش آهن، جو جنگ هاري نه اٿن ۽ پوڪ ڪي جهار ڪائي ٿي وڃي، جو هاري ڪونهي.)

[١١٨٥] ٻيون روايتون:

١. مڇي مالڪيت نه اچي، عورت اجايو ڳالهاءِ
دوا فرق نه ڪري، چئو چيلا ڪهڙي بات؟

٢. تيلي آگ نه لائي، زال ٿي مڙس ڪي دٻائي
مرون پوڪ تو ڪائي، ڪهه چيلا ڪيس بات؟

[١١٨٦] وَڌائڻ = هارڻ، خالي ڪرڻ. مڇي ٻليي = موٽائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲. چاڪر خان جون ٻروليون

[۱۱۸۷]

راڳي راڳ نہ ڳائي ٿو
ٻيڙو پار نہ جائي ٿو
شرم ڪنان ڪنڌ چائي ٿو
چئي ٻرولي "چاڪر خان"
ڀلي ڀڄي ڪو سگهڙ سڄان؟

جواب: تار ناهي.

(راڳي راڳ نٿو ڳائي جو ڪتاري ۾ تار نہ اٿس، ٻيڙو بہ پتڻ پار نٿو وڃي جو پاڻي تار ناهي، ڪنڌ ڪنڌڙ ڪي ۽ شرم هوندي بہ ڪنڌ کنيو هلي، جو شرم (گهنڊ) تار ناهيس.)

[۱۱۸۸]

ماڻهو واهڙ مان اچن وڃن ٿا
ساز سگهڙ ندا ڪين وڃن ٿا
عاشق معشوق ڪين ميلن ٿا
چوي ٻرولي "چاڪر خان"
سمجهائي ڪو سگهڙ سڄان؟

جواب: تار ناهي.

(ماڻهو واهڙ مان پيا اچن وڃن جو پاڻي تار ناهي، ساز سگهڙ ندا بہ نٽا وڃن جو انهن ۾ وچت جي تار پيل ناهي، ۽ عاشق معشوق بہ پاڻ ۾ نٽا مان جو عشق جي تار نہ اٿن.)

[۱۱۸۹]

۱. قدر لڱنگيءَ جو ڪين ڏري ٿو
ڪام صفي تي ڪين چڙهي ٿو
گهوڙو ميدان تي ڪين هلي ٿو

زخم ڇـُريءَ جو ڪين ڇٽـّي ٿو
واهـي ’ڪـُوڙ‌يءَ‘ سان ڪين هلي ٿو
ڇـڏـي ڀـرولـي ”چاڪر خان“
ويـهـي پـڇي ڪو سـُرت سجان؟

جواب: پٽ ناهي.

(لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو پـَٽ يعني ريشم ناهي، صفي تي ٻ ڪام نٿي چڙهي جو ان کي پـَٽ يعني گهنڊ لـڳل ناهي؛ يعني ننڍي آهي، گهوڙي کي ٻ پـَٽ (هلڻ لاءِ) ڪونهي؛ تڏهن ميدان نٿو هلي؛ زخم نٿو ڇٽـّي جو پـٽـّي ٻڌل ناهي؛ ۽ ڪـُوڙي سان واهي نٿو هلي جو تاجي پيٽي پـَٽ يعني سچو ناهي.)

٢. واهي وسوڙو ٿيو وڃي ٿـو
قدر لنگيءَ جو ڪين ڪري ٿو
گهوڙو ڏاڍيان ڪين پڄي ٿو
ڪاٺ جاءِ تي ڪين ٺهي ٿو
آزار ڇـُريءَ جو ڪين لهي ٿو
ڇـڏـي ڀرولي ”چاڪرخان“
سمجهائـي ڪو سـُرت سجان؟

جواب: پٽ ناهي.

(واهي وسوڙو ٿو وڃي جو پاڻ سان پـَٽ (پٽو) نہ کنيو اٿس، لونگيءَ جو قدر نٿو ٿئي جو پـَٽ جي ناهي؛ گهوڙو ڊوڙي نٿو جو پـَٽ (ميدان) ڪونهي؛ ڪاٺ ٻ جاءِ تي نٿو چڙهي جو ننڍو آهي ۽ پـَٽ لـڳل ڪونهيس، ڇـُريءَ جو آزار نٿو لهي جو ڦٽ تي پـٽـّي ٻڌل ناهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١١٩٠]

روز وڙهن ٿا ٻيءُ پٽ پاڻ
گهوڙا ٻـک ۾ هڪڙي ٿاڻ
ٺـڙ تـي آڇيا ٻـاٽـيءَ ڪاڻ
ڇٽي ٻـرولـي ”چاڪر خان“
ٻلي ٻـڇـي ڪو سـُرت سڄان؟

جواب: رس ناهي.

(ٻيءُ پٽ پاڻ ۾ روز وڙهن ٿا جو رَسُ (صلح) نہ اٿن ۽ گهوڙا ٻہ هڪڙي ٿاڻ تي ٻڌل پيا سڙن جو رَسُ (ڪاڏو) ڪونہ اٿن ۽ ٺڙ تي مسافر آڇ پيا مرن جو رُسو نہ اٿن جو ٺڙ مان پاڻي ڪڍن.)

[١١٩١]

توف لشڪر مان ڪين وڙهي ٿو
آٽـڻ جـت سـان ڪين ميڙي ٿو

[١١٩٠] ٻيون روايتون:

١. ٻيءُ پٽ پاڻ ۾ جهيڙو لايو
ماڻهو ٺڙ تان اڃن دلا موٽايو
ڳئون کي وچي ٻيو گابو ڏايو
ڪهو چيلا ڪس بات؟
گروجي رس نهين.

٢. ٻيءُ پٽ روز وڙهن ٿا، مزمان کوهہ تي آچ مرن ٿا
گهوڙا کاٿا ڪين چرن ٿا، ڪهہ چيلا ڪس بات؟
گروجي رس نهين.

[١١٩١] ٻي روايت: بندوق هرڻ نہ ماري، ٻادامي بازار نہ وڪامي
ڪورٽ الصاف نہ ڪراوي؟

حاڪم ڪورٽ ڪچن ڪري ٿو
چئي ڀرولي "چاڪر خان"
ويهي ڀڄي ڪو سڌرت سڄان؟

جواب: **گورو** ناهي.

(توف لشڪر سان نٿي وڙهي جو توف ۾ گورو يعني گولو ناهي، آئن ۽ نٿي مڙي جـو گونرو ناهي؛ حاڪم بہ انصاف نٿو ڪري جو گورو يعني انگريز ڪونهي.)

[۱۱۹۴]

ڀولي سنڌي سمجهي ڪو نہ
جت لبڙي ڪي لـڌي چو نہ
هيردو هندوءَ جو ٻاٽي پيو نہ
چئي ڀرولي "چاڪر خان"
ٻلي ڀڄي ڪو سڌرت سڄان؟

جواب: **گورو** آهي.

(سنڌي نٿو سمجهي جو گورو (انگريز) آهي؛ جت بہ اٺ تي ٻار نٿو لڏي جو اجان گورو آهي؛ ۽ هندوءَ جون هڏيون ٻاٽيءَ ۾ ڪـہ پيون آهن، جو اجان گورو (هڏ) آهي، يعني مڙي رک نہ ٿيو آهي.)

۳. لعل خان جون چيل پروليون

[۱۱۹۳]

گرو: عاشق معشوق نہ مليو، ٻازي چـلي نہ جاءِ
روني ڀڪي نہ رهي، ڪهہ چيلا ڪس ڀاءِ؟
چيلو: گروجي **آگ** نهين.

(عاشق معشوق نہ مليا جو دل ۾ محبت جي آگ لـڳي نہ اٿن؛ راند بہ زور لئي وني جو اجان آگ (جوش) پيدا نہ ٿي آهي؛

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ماني به نٿي پچي جو دانگيءَ هيٺان پوري طرح آگ پري نہ آهي.)

[١١٩٤]

گرو: ڏنڊ ڀيلا نہ ڀوڙيا، ملي نہ سردار سودا
روٽي نہ ڪري ڻاهہ، ڪهو چيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي آٽلي نهين.

(ڏنڊ ڀيلو نہ ڀوڙيو آهي جو آٽلي ناهيءَ سوداگرکي بہ سودو نٿو ملي جو ڪنهن سان آٽل يعني ڏيتي ليتي ڪانهيس، ۽ دانگيءَ تي ماني لٿي پچي جو آٽلي ڪانهي.)

[١١٩٥]

گرو: ڌرتي ڌوڙ نہ چوڙي، ڪامڻ ڪم نہ لاهہ،
توڏي رنگي رات ڪون، ڪهوچيلا ڪس پاءِ؟

چيلو: گروجي آئي نهين.

(زمين ڌسڙ واري آهي، جو آئي (برسات) ڪانهي؛ ڪامڻ ڪم نہ لاٿو آهي جو اڃان آئي (آئي) ڪانهي، ۽ توڏي بہ پئي رنگي جو آئي (آئڻ) ڪانهي.)

[١١٩٦]

گرو: ليکا مور نہ منجهيا، فقير نہ پيئي گهر
ڪتابي خوش رهيا، ڪهہ چيلا ڪيس پر؟

چيلو: گروجي پولو نهين.

(ليکو منجهي نٿو جو پولو ناهي؛ فقير بہ پيئي نٿو جو وٽس پولو (پولڙو) ناهي؛ ۽ ڪتابي بہ خوش رهيو جو پڙهڻ ۾ پولو نہ پيو اٿس.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۱۱۹۷]

گرو: ٻڪري ٻهڪي رهي، ڪاٺي ڪري نه ٺاهه
چور چوري ڪري ڪيا، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ٻوري** نهين.

(ٻڪري ٻهڪندي رهي ٿي جو واڙ ۾ ٻوري ناهي، ڪاٺي به ٺهي نٿي جو ٻوري (برابر) ناهي؛ ۽ چور به چوري ڪري ويو جو ڀاڳئي ڪڙهه ٻوري نه ڏني آهي.)

[۱۱۹۸]

گرو: سڙي سونهن نه ڪري، ٻيٽ نه ڪري درياءَ
عورت سر اگهاڙي، ڪهو چيلا ڪيس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڀريا** نهين.

(سڙي (ڪپهه) به سونهن نٿي ڪري جو اجان ڀاتي ناهي، درياءَ به ٻيٽ نٿو ڪري جو اجان ڀاتو نه اٿس، ۽ عورت جو به مٿو اگهاڙو آهي جو اجان ڪپڙو ڀريو نه اٿس.)

[۱۱۹۹]

گرو: ميهن ماڻا نه پري، ميهري منهن نه وڪاءِ
روٽي ٺاهه نه ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **چري** نهين.

(ميهن ڪير جو ماڻو نٿي پري جو جهنگ چري ناهي، ميهري به منهن نٿي ڏيکاري جو چري ڪانهي؛ ۽ ماني به رڌي ناهي جو چري يعني چرڻ نه ٿهي آهي.)

[۱۲۰۰]

گرو: مردا مسڻ ۾ رهيا، ٻني ٻج نه لاهه
ڪپڙا تن تن هو رهيا، ڪهو چيلاڪس ڀاءِ؟

چيلو: گروجي **ڏوپ** نهين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مرد و مسان ۾ رکيو آهي ۽ ساڙيو ناهي، جو اجان ڏُوپ يعني واس نہ تيو آهي، ٻئي ۾ ڪاٺ تي ٽچي، جو ڏُوپ (آس) ڪانهي ۽ ڪهڙو ۾ جيتن ڪاٺي ٽڪي چڏيو آهي، جو ڏُوپ ڏيئي نہ رکيل آهي.)

[١٢٠١]

گرو: ڪونهي چڙهي ڪامٺي، ڪوتهہ ٿيا ڪهڙا
نانگ نہ چٽهي ڪٿهين، ڪهو چيلا ڪيس ٻات؟

چيلو: گروجي ڏر نهين.

(ڪامٺي ۾ ڪنڌ تي چڙهي آهي، جو ڊپ ڪونهيس، ڪهڙو ۾ چونو ئي پيو آهي، جو پورو ڏر ڪونهي ۽ نانگ ۾ لڪي نتو، جو زمين ۾ ڏر ڪونهي.)

[١٢٠٢]

گرو: چوپڻ چاهہ نہ ڪري، هاري هر نہ چلا جاءِ
ٻني ٻج نہ لاهيا، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي رتي نهين.

(چوپڻ راند ۾ چاهہ نتو ٿئي، جو ڪا ساري رُتي (رچي) ڪانهي؛ هاري ۾ هر نتو ٻڌي جو رُت (موسم) ڪانهي، ۽ ٻني ۾ ٻج يا انّ نتي ڪري جو رُتي (ٻڪي) ڪي ڪانهي.)

[١٢٠٣]

گرو: راڳ نہ رس و ڪاڻيا، واٽيا ڪرني لگا ويچار
ڪنهر ڪرڻ راس ڪري، ڪهو چيلا ڪيس ٻاءِ؟

چيلو: گروجي ڪٽ نهين.

(راڳ رس نتو ڪري، جو ڪاڻي ڪي ڪاڻ جي ڪٽ ناهي؛ واٽيو ۾ ويچار ۾ ويٺو آهي، جو آڪڙيل رقم ٻنديءَ مان ٿ

ڪٽي اٿس ۽ ڪُنڀر ۾ ڪم جلدي پورو لڻو ڪري، جو ڏانون جي ڪٽ يعني گهاڙيٽو ڏانڊ نہ آيو اٿس.)

[١٢٠٤]

گرو: ڏرتي اوپر ڏُپ پڙي، ڪانٽا ڪري گهاء
پاڳيا پٽل رهيا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

چيلو: گروجي **ڪڪر** نهين.

(ڌرتيءَ تي اُس آهي، جو سج کي ڪڪر ڪونهي؛ ڪانٽو يعني هٿيار ۾ تيکو ٿو وهي، جو ڪڪر پيل نہ اٿس ۽ پاڳيو ۾ پلجي پيو، جو مال کي سڄاٽپ جو ڪڪر ڪونهي.)

[١٢٠٥]

گرو: سوداگر سودا نہ ميلي، ٽوٽي جهلي نہ بار
بٽئي زميندار نہ ڪري، ڪهہ چيلا ڪيس بات؟

چيلو: گروجي **کوڙي** نهين.

(سوداگر کي سؤدو نٿو ملي، جو مال جي کوڙي ناهي؛ ٽوٽي ۾ بار نٿي جهلي جو کوڙِي (زمين ۾) ناهي ۽ زميندار ۾ بٽئي نٿو ڪري، جو ان جي کوڙي ٿيل ناهي.)

[١٢٠٦]

گرو: پاڻي پٽ آپاميا، عاشق اداس رهيا
گهوڙا پار نہ چليا، ڪهو چيلا ڪيس پاء؟

چيلو: گروجي **گهٽي** نهين.

(پاڻي ميدان ۾ پلنجي پيو آهي، جو وهڻ جي گهٽي ناهي؛ عاشق ۾ اداس رهيو، جو محبوب سان ملڻ جي ڪا گهٽي ڪانہ اٿس ۽ گهوڙو ۾ پار نٿو وڃي، جو وڃڻ جو گهٽ ناهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٠٧]

گرو: ڪوهه پاڻي نه ڏيوي، عاشق معشوق نه وسريا
دور ڪري درياهه، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لٿا نهين.

(ڪوهه پاڻي لٿو ڏئي، جو ڏلو ڪوهه ۾ پاڻيءَ تائين لٿو ناهي؛ عاشق کي به معشوق نه وسريو آهي، جو دل تان لٿو نه اٿس، ۽ درياهه به پيو دور ڪري، جو لٿو ناهي.)

[١٢٠٨]

گرو: ٻڪري ڦر نه ڏيوي، روٽي پڪي نه جاءِ
ٻني ٻج نه لاهه، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

چيلو: گروجي لڳي نهين.

(ٻڪري ڦر نٿي ڏي، جو لڳي ناهي؛ مانيءَ به نٿي پچي، جو تئي تي لڳي ناهي ۽ ٻني به ٻج نٿي ڏئي، جو چڱيءَ طرح لڳي ناهي.)

[١٢٠٩]

گرو: سالڪ راڳ نه سمجهي، 'سهڻي' پهچي نه ماهه
ڪاني ڪيئون بيڪار هي، ڪهو چيلا ڪيس ناهه؟

چيلو: گروجي ماڻار نهين.

(راڳ سمجهه ۾ نٿو اچي، جو ڪڇريءَ ۾ ماڻار ناهي، گوڙ آهي؛ 'سهڻي' به ماهي نٿي پهچي، جو پاڻيءَ ۾ ماڻار ڪانهي ۽ ڪاني به سڌي ڏسڻ ۾ نٿي اچي، جو ڪانيءَ کي ماڻار (رندو) آيل ناهي.)

[١٢١٠]

گرو: روٽي رکي رهه گئي، جٽي ڪري نه ناهه
بندوق مار نه ڪري، ڪهو چيلا ڪيس پاءِ؟

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيلو، گروجي مک نهين.

(ماني رُکي آهي، جو گيهه جو مک نه آيو اٿس، جنهنڪري ته، ٻڙ ۾ نٿي لهي، جو تيل جو مک ناهيس ۽ بندوق به مار نٿي ڪري، جو نشان وٺڻ لاءِ بندوق جي ناليءَ تي مکِ ڪانهي.)

باب ٻارهون

سگهڙپائيءَ جا ٻول

[هن باب هيٺ آيل مواد معنوي لحاظ سان ڇهن "سوال جواب" واري سٽاءَ ۾ سمايل آهي. شروعاتي ٻول ڇهن هڪ سوال آهي. مثلاً:

- ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو

—

- چارئي اڇن ڇٽ، چارئي اڇن ڇٽ

—

- پنجئي اياڳ، پنجئي اياڳ

يعني ته ڪهڙين ٽن شين مان هميشه نقصان آهي؟ ڪهڙا چار اڇن خراب آهن؟ ۽ ڪهڙيون پنج شيون اياڳ جون نشانيون آهن؟

شروع ۾ هڪ سگهڙ ان قسم جا سوال پڇيا ۽ پشي ان جا جواب ڏنا، پر پوءِ سگهڙپائيءَ جي ٻولن جسي هيءَ جنس عام ٿي ويئي ۽ ساڳئي سگهڙ شروعاتي سوال توڙي جواب وارا ٻول جوڙيا. اهي سوال جواب عموماً ماڻهن ۽ ساندن اڇن، شين ۽ انهن جي خاصيتن، خوبين ۽ خامين جي بيان ۾ آهن.

هن باب جي سٽاءَ عددن جي ڳاڻيٽي موجب هڪ ڪان ڏهن تائين سلسليوار رکي وئي آهي، ان بعد ٻارهن ۽ ويهن عددن جا ٻول ڏنا ويا آهن. هرهڪ ٻول جون سڄيءَ سنڌ مان اڪثر هڪ ڪان وڌيڪ روايتون مليون، جي پڙهي، درست ڪري، متن ۾ شامل ڪيون ويون آهن.]

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ جو عدد

[١٢١١] هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري، هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري.
نڪو گهر نڪو تڙ، نڪا گهر واري
هڪ چٽي ڪي ننڍ پياري.
(جنهن کي گهر نه، تڙ ۽ نڪا زال، اهو اڪيلو مڙس پلي ته پيو ننڊون ڪري.)

ٻن جو عدد

[١٢١٢] ٻئي نه ڏين، ٻئي نه ڏين.
ٻُرو پلو نه ڏئي، گولو پيلاڙو
گڏه گهوڙو نه ڏئي، ڪري گنگا جهيلاڙو
اهي ٻئي نه ڏين.
(غلام ۽ پيل قوم جي ماڻهن مان ڪڏهن به چڱائي نه ٿيندي؛ ۽ نه وري خراب، سڱو ڏيندو؛ گڏه ڪڏهن به گهوڙو نه ڏيندو، توڙي ڪٿي گنگا نديءَ ۾ وهنجي.)

[١٢١٣] ٻئي نه هوءِ، ٻئي نه هوءِ.
چنل جتي پير ۾، گهٽر جهٽر ڪئي جوءِ
اهي ٻئي نه هوءِ.
(چنل جتي ۽ زال جي گهٽرگهٽر، اهي ٻئي نه هجن ته چڱو آهي.)

[١٢١٤] ٻئي وڃوائند، ٻئي وڃوائند.
ڏُٻرو ڏاند، ٻوڪ جو پاند، اهي ٻئي وڃوائند.
(اٻرو ڍڳو ۽ ٻوڪ جو پاڇاڙو حصو، اهي ٻئي هاريءَ لاءِ آزار.)

[١٢١٥] ٻئي هڪ آچار، ٻئي هڪ آچار.
١. ٻاڪرو ڦر ۽ چورو يار، ٻئي هڪ آچار.

---

٢. انڌو ۽ اڻ سڌونهون، ٻئي هڪ آچار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏن جو عدد

[١٢١٦] تيئي رکجين جوڻا، تيئي رکجين جوڻا.
(ٽيهي رکجن جدا، ٽيهي رکجن جدا).

ڀلو لڌ ڀاڻيجو، ڀيڙي نه رکجي ٻوڙا
استري نون آڻت نه ڏيجي، تيئي رکجين جوڻا.

(نکي ڀاڻيجو گڏ چڱو آهي، نکي ٻڍيءَ کي ڀاڻ سان گڏ رهائجي، ۽ نکي وري زال کي پنهنجو منجهه ڏجي، انهن کي ڀاڻ کان جدا رکجي.)

[١٢١٧] تيئي روڳ ري ماسي، تيئي روڳ ري ماسي.
(ٽيهي مرض جون ماسيون، ٽيهي مرض جون ماسيون)

آونگهه، آرس، اوٻاسي، تيئي روڳ ري ماسي.

(ننڊ، سستي ۽ اوٻاسي، اهي ٽيهي مرض جون ماسيون آهن.)

[١٢١٨] ٽنهي مان ٽوٽو، ٽنهي مان ٽوٽو.

١. وڙهڻ ويريءَ سان، ڪٿي آڪ سوڙنٽو
عورت ماماڻل کي، وَر ڏيڻ چوٽو
ڏيئي رقم ٿورڙي، ڪنهه ڪنهن ڪوٽو
"احمد" اکي ٻوءِ اٿو، ٽنهي مان ٽوٽو.*

—

٢. سمند گهوڙو، شيرو ماڻهو ۽ ڪمذات
ٽنهي مان ٽوٽو

[١٢١٩] ٽيئي ٽول ڏکيا، ٽيئي ٽول ڏکيا.
ڏيڻ، روئڻ، ڏيهه ڇڏڻ، ٽيئي ٽول ڏکيا
سي قادر پنهنجي قدرت سين، هيئين هوٿ رکيا.

[١٢١٨] چيل احمد مري
* ٻي روايت: واٽئي جي هٿ تي هجي وٽ ڪوٽو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٢٠] ٽيڙي پيٽ ٻارا، ٽيڙي پيٽ ٻارا.

ڏند پکيا، ڏاڙهي اڇي، وَهن گِگن ٽارا
اهي ٽيڙي پيٽ ٻارا.

[١٢٢١] ٽيڙي سي تَرڙيون، ٽيڙي سي تَرڙيون.

لوڏي ٻانهن لاڏ سان، هلي ٿي هَرڙيون
مڙس چڙي، سيڙڙي تي سڏي ساهڙيون سَرڙيون
گهڻو ڳالهائي گهوٽ سان ٻهرين رات ٻرڙيون
ٽيڙي سي ٽرڙيون.

[١٢٢٢] ٽيڙي گهٽ نه چاڻ، ٽيڙي گهٽ نه چاڻ.

حاڪم، ٻاهه ۽ پاڻي، اهي ٽيڙي گهٽ نه چاڻ.

[١٢٢٣] ٽيڙي ليکيان لاهه، ٽيڙي ليکيان لاهه.

تَري چلندڙي آڪڙي، ڏيکر لکي ڪاه
سِهري پرگهر هنڍيي، اهي ٽيڙي ليکيان لاهه.

(گهوڙي هلندي ٿابو کائي، ڪتو ٿانءُ لڪي، ۽ پرائي گهر گهاريندڙ عورت، اهي ٽيڙي ليکي ٿان لٿا، يعني ڪم جا نه آهن.)

چئن جو عدد

[١٢٢٤] چارئي ٻوڙين، چارئي ٻوڙين.

سِڪوماڻهو، گونگو مينهن، بيٺل پاڻي، جهَڙ جو ڏينهن
اهي چارئي ٻوڙين.

[١٢٢٥] چارئي تباهه، چارئي تباهه.

گهر نينگر ٻوجهه گهڻو، ڪچي قبلي ڏُونو واهُ
پائيان وچوڙو ماهيلي، سينهان آکتو واهُ.

[١٢٢٠] چيل خليفو حاجي شيرمحمد، وينل خليفن واري ميني، تعلقو ٽنڊو باگو، عمر اٽڪل ٥٠ ورهيه.

[١٢٢٤] سِڪو اندر کوٽو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(گھر ناڻي ۽ آن تي ٻـار گھڻو، ڪچي ٻوڪ ۽ خراب واءُ، ٻيڻ ڪي ٻـائـرن جو وڇوڙو ۽ ٻيـنهن سان گـڏ هـوا، اهـي چارئي چڻ ته تباهه ٿيا.)

[١٢٢٦] چارئي چٽ، چارئي چٽ.

عورت ڇڏي گھر کي، جيڪا گھمي گـهـٽ
راس ٻنان، روڪڙ سوا، جيڪو ڪـولـي هـٽ
ٽيون ڪـارو ڪوهه ۽ چـوٿـون ڪـوٺـو وٽ
اهي چارئي چٽ.

[١٢٢٧] چارئي ڏَهنت، چارئي ڏَهنت.

آڏ ميـڪـي و ديـا ڏَهيءِ، ڏَهيءِ ڪـٻنڌي ويـر
ڪـتل هـيـڻ ڪامٺي ڏَهيءِ، چـنـتـا ڏهيءِ سـريـر.

(اٺوري سـڪيا، ٻيعقلائي، دشمني، خراب گھر جي عورت ۽ جسم لاءِ ڳڻتي، اهي چارئي خراب آهن.)

[١٢٢٨] چارئي ڏَڪ، چارئي ڏَڪ.

ڪـوٺـا ڏاڪـن ڏاڪـنو، ڪـيـتر ڏاڪـن واڙ
ٻـاپ ڏاڪـڻ ٻـيـنـڙو، گـهـر ڏاڪڻ نـار.

(ڪٺن جو بچاءُ ميتان ڏَڪن، ٻنيءَ جو ڏڪ واڙ، ٻيءُ جو ڏڪ پُٽ ۽ گھر جو ڏڪ زال، اهي چارئي ڏَڪ آهن.)

[١٢٢٩] چارئي ساکيي، چارئي ساکيي.
(چارئي شاهد، چارئي شاهد)

ميـنـهان ساکيي مارگـو، ميـٺان ساکي اَڪ
ڏاتـار ساکـي منگتا، سـوران ساکي ڏَڪ.

(ميـنهـن جا ساکي يا شاهد وانهڙو، سيءُ جا شاهد سڙيل آڪ، سخيءَ جا شاهد منگتا ۽ سـورن جا شاهد ڏَڪَ.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٣٠] چارئي سڌارينِ، چارئي سڌارينِ.

ميٺهن سڌاري ٻجلينءَ، سَر رو سڌارو ٻار
ڍينءَ سڌاري ٻاپ ڌانءَ، گهر سڌاري نار.

(ميٺهن کي مچائي ڪينوڻ ۽ تلاءَ کي پري نئن، پٽ اوجاري پيءُ کي ۽ گهر اوجاري زال.)

[١٢٣١] چارئي سڪ، چارئي سُڪ.

پهلا سُک نيروگي ڪايا، دوسرا سُک گهر ۾ مايا
تيسرا سُک سپُوتر ناري، چوٿا سُک پُوتر آگيا ڪاري.

(تندرست جسم، گهر ۾ دولت، سڄاڻي عورت ۽ چيوان پٽ، اهي چارئي سُک.)

[١٢٣٢] چارئي عقلان چُور، چارئي عقلان چُور.

سُرمنڊل جي ساز جو، ساندي کهڙو سُور
راڳ جي راڳ تي، رڍ نه ريجهي مُور
کهڙو قدر ڪافر کي، سندو نبيءَ نُور
چٽ نه چائي ڳالهه کي، ٻر ڏوڪي رکندو ڏُور
اهي چارئي چُور، عقل کان "علي بخش" چئي.

[١٢٣٣] چارئي اڻ چٽ، چارئي اڻ چٽ.

رَن ڪُٽڻي آکلي، جنهن جو ڪَنهي مٿي ڪٽ
ڪُٽا ڪُتي ۾ ڏورڙا، لُڏي ڌني مٿ
ڪار نه ڪري گهر جي، اولاڻيو چڙي آرٽ
چنگلايون ڪري چکهه سان، ٻيهي مٿي هٽ
اهي چارئي اڻ چٽ.

[١٢٣٤] چارئي ۾ وسهاء، چارئي ۾ وسهاء.

وڇا روڳيءَ، ٻڍا جوڳي، سُورهيان پٽي کهاء
ذات ماري ٻکيا مانگي، اهي چارئي ۾ وسهاء.

(ٻيمار حڪيم، ٻوڙهو جوڳي، سورهيہ جي پٺيءَ ۾ لڳل ڌڪ ۽
جو ڏاتو ماري ۾ ٻيٺهي، انهن چئني تي اعتبار نہ ڪر.)

[۱۲۳۵] چارئي موجود، چارئي موجود.

داتا آت منگتا، سرووَر آت هنس
راجا آت رهاڻيون، مورک آت بحث.

(سخي وٽ سوالي، تلاءُ تي هنجهہ، راجا وٽ ڪچهريون ۽
مورک وٽ اجايو بحث، اهي چارئي موجود هوندا.)

[۱۲۳۶] چارئي نہ رکجن، چارئي نہ رکجن.

چهڙو گهر گيهي نہ رکيئهي، ٻاڌو رو ڪپاس
ڏيئان گهر، ٻهوئان ٻيهر، اتني رکئي وڻاس.

(چيٽ واري مهيني جو گيهہ، ٻڍي مهيني جي ڪڻڪ،
ڪنواري ڌيءُ گهر ۾ ۽ ڪنوار جو ٻيءُ گهر ۾، اهي چارئي
نہ رکجن.)

[۱۲۳۷] چارئي نہ ڪجن، چارئي نہ ڪجن.

نہ ڪسيئهي ڪماڻ، نہ ٻڙيئهي جماڻ
نہ ٽيوييئهي ڪنوئا، نہ رميئهي جوئا.

(ڪمان ڪشڻ، ضامن ٿيڻ، کوهہ ٽيوڻ، جوئا رهڻ، اهي
چارئي ڪم نہ ڪجن.)

[۱۲۳۸] چارئي نہ وسرن، چارئي نہ وسرن.

موران مينهن نہ وسري، منگت ناں ڏاتار
ماهيلي ناں پيهر نہ وسري، هاري ناں پتوهار.

(مورن کي مينهن، سوالين کي ڏاتار، عورت کي پيڪا ۽
هاريءَ کي ٻنيءَ تي ماني پهچائيندڙ زال نہ وسري.)

[۱۲۳۹] چارئي هوڏي، چارئي هوڏي.

واٽيو هٺيءَ تي، سير بحر منڌيءَ تي،
هاري آڏيءَ تي، ڪميڻو ڪنڌيءَ تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۱۲۴۰] چٽني ڪجي جتن، چٽني ڪجي جتن.
ڪاچَ ڪٽورو، گيهه، گهڙو، موتي ۽ مَن
پڳا وري نه ٿهن، تن جو ڪجي جتن.
(شيشي جو پيالو، گيهه جو گهڙو، موتي ۽ من، اهي چارئي ڀڳا ته وري سڄا نه ٿيندا، تنهنڪري انهن جي سنڀال ڪجي.)

[۱۲۴۱] چٽني وڃي هانءُ، چٽني وڃي هانءُ.
ڪوري، ڪنڀر، ڪڏڪڙ ۽ ڪانءُ
اٿي ميٺهن، چٽني جو وڃي هانءُ.

[۱۲۴۲] نرڪ نشانيون چار، نرڪ نشانيون چار.
رُوڪا پوچن، ڀُونءِ ٻوڏڻ، ڪرهه ڪميڻي نار
چوٿا ميلي ڪپڙي، نرڪ نشانيون چار.
(اڙيو ڪاڏو، زمين تي سمهڻ، جهيڙاڪ عورت ۽ ميرا ڪپڙا، اهي چارئي نرڪ جون نشانيون.)

پنجن جو عدد

[۱۲۴۳] پنجن ڏئو نه ٿئي، پنجن ڏئو نه ٿئي.
ڪالين ڪي ٻاهه مان، ميرُوءَ ڪي ماه مان
بخيل ڪي مال مان، عالم ڪي علم مان
سائل ڪي خيرات مان.

[۱۲۴۴] ٻانجي ڏَهت سرير، ٻانجي ڏَهت سرير.
(پنجني جيءَ ڪپائڻو، پنجني جيءَ ڪپائڻو)

[۱۲۴۲] ٻي روايت:
موت نشانيون چار، موت نشانيون چار.
ميرا لٽا، رَڪا ڪاوڻ، ٻُنهن سُمهڻي، تڪ تڪ ڪري لار
اِهي موت نشانيون چار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آپت اوپر خرچ ڪرڻا، ٻچ ۾ ٻولڻا، ندي ڪارو نير
گهر ۾ نار ڪنار، ڪلڇنو ٻيلي، پانڇي ڏهت سر ير.
(آپت کان وڌيڪ خرچ، ٻن جي وچ ۾ ڳالهائڻ، ڪاري ٻاٽي وارو درياءُ، گهر ۾ ڪلڇڻي زال ۽ بدافعالو ٻيلي، اهي پنجئي جيءَ جو ڳاراٽو آهن.)

[١٢٤٥] پنجئي آزار، پنجئي آزار.

آڪ ٻارڻ، جَوَ تَوَنُ، ڪِرڪِريو پتار
چنجهي زال، ٽيڙو گهر، اهي پنجئي آزار.

[١٢٤٦] پنجئي آياڳ، پنجئي آياڳ.

ڪَتڙڳ پراڻي ڪپ ۾، گهوڙي ٽٽي واڳ
جوءِ پراڻو ڪنجرو، پرس پراڻي پاڳ
ساجهر ڪنو نه چڙهي، اهي پنجئي آياڳ.

[١١٤٥] ٻين روايتن موجب عنوان ته ”پنجئي نڪار، پنجئي نڪار“ ”پنجئي سُور، پنجئي سُور“ يا ”پنجئي اهنج، پنجئي اهنج“ هيٺ چوٽي ته:

آڪ ٻارڻ، جَوَ تَوَنُ، چُنجهي جوءِ
ڪَٽر ڳنون در تي، ڪِرڪِريو پتار
اهي پنجئي نڪار، يا پنجئي اهنج.

[١١٤٦] ٻيون روايتون:

١. زال پراڻي ڪنجري، مڙس پراڻي پاڳ
ڪُٽو ڪيڙو ڪپ ري، گهوڙي ٽنل واڳ
هڙ ٻه چيو نه ڪري، اهي پنجئي اوراڳ.

اوراڳ = اياڳ، اياڳ.

٢. ڪنو ڪيپ نه آسري، پُرس پراڻي پاڳ
استري ميرا ڪپڙا، گهوڙي ٽنل واڳ
گهر ڪُنوئي نه چڙهي، اهي پنجئي اياڳ.

٣. ڪنو وڙلو ڪپ ۾، پُرس پراڻي پاڳ — وڙلو = ڏيرو.
ساجهر هنڌي نه چڙهي، گهوڙي ڇني واڳ
ستت ويني سهي رهي، اهي پنجئي نياڳ.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ٽلوار ڀراٽي يا ڪيپ ڪئنل ۾، گهوڙي جي واڳ ٽُٽل، زال ڪي ڀراٽو ڪنجرو، مڙس ڪي ڀراٽي پاڳ ۽ گهر ۾ سو ڍر سانجهڻ نہ ٿئي، اهي پنجئي آياڳ آهن.)

[١٢٤٧] پنجئي بدنام، پنجئي بدنام.

گابو ڪپڙ ڇيٺو، نر گهوڙو ڪنگام
ڪرڙهہ ڪري ڪامڻي، گهر آئي مزمان
ڪانئر پڇي جنگ ۾، گهر هڻي شغان
راجا ڄٺوت ٻولڻو، اهي پنجئي بدنام.

(ڪابو ڪپڙو ڪائي، چڪير يا ويڙهاڪ گهوڙو، گهر ۾ آيل مزمان آڏو جهيڙو ڪندڙ عورت، ڪانئر جيڪو جنگ مان پڇي گهر ۾ اچي لاف هڻي، ۽ ڪُوڙ ڳالهائيندڙ راجا، اهي پنجئي بدنام.)

[١٢٤٨] پنجئي ٻهي ٻير، پنجئي ٻهي ٻير.

ڪنوڙو ڏکو سپرو ساڇو، گهوڙو ٻڻ ڪهہ ڪير
رَن ڪميٽي مٿور نہ مُڙي، توڙي لڳنس تير
ماڻهن منجهہ مجنو مڙس، سرن منجهہ خنزير
اهي پنجئي ٻهي ٻير.

[١٢٤٩] پنجئي بيڪار، پنجئي بيڪار.

نيچ ڪنڌيو پرڏيو، اوچ ڪنڌي نار
راهہ رڙو ڏاگهو، ڪتل زميندار
هيڪل هٽ واٽيو، اهي پنجئي بيڪار.

(ڪنڌ هيٺ ڪري هلندڙ ڏگهو، ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ زال،

[١٢٤٧] ٻيون روايتون:

١. سپاهي رڻ نہ چڙهي، گهر هڻي شغان. شغان = ٻٽاڪ، لاف.

٢. چاڪر رڻ نہ چلئا، گهر ڪري ڪلام.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راھ، ۽ رڙندڙ اُٺ، کُٺل زميندار ۽ سڃ ۾ ھٽ وارو واڻيو، اھي پنجئي بيڪار.)

[۱۲۵۰] پنجئي ئي بيمار، پنجئي ئي بيمار.

ھڪ انڌو، ٻيو پوڙھو، ٽيون ٻوڙو، چوٿون ٻار
پنجون بيمار، اھي پنجئي ئي بيمار.

[۱۲۵۱] پنجئي ڀلا چڱا، پنجئي ڀلا چڱا.

ھٽ، چٽ، ڦٽ، سَر، سُوئر
پنجئي ڀلا چڱا.

[۱۲۵۲] پنجئي ڀڪن، پنجئي ڀڪن.

جوان مڙس، گھٽو حرص، ٻيا چيلھ، تَڪا چيٽڪن
سُتوڻيون سنگھارن کوڙيون، وچڻ مينھن وَسن
اھي پنجئي ڀڪن.

[۱۲۵۳] پنجئي ياڙي، پنجئي ياڙي.

پاڻ اچا ڪپڙا ڪري، گھر ۾ جوءِ اگھاڙي
ڪم پئي ھڪل ڪجي، تڏھن ڪنھي ڪياڙي
آڻ ڪوليو آٽي وجي، ھٽي دُھل تي تاڙي
عقل جو ايلپھنوار، گھٽي ھٽي چاڙي
پنھنجي ڏاھي جھوپڙي، پرائي ڏسي ماڙي
اھي پنجئي ياڙي.

[۱۲۵۱] ٻي روايت: ٽيئي ڀلا چڱا، ٽيئي ڀلا چڱا.
چٽ، ڦٽ، وھٽ، ٽيئي ڀلا چڱا.

[۱۲۵۳] ٻيون روايتون:

۱- ري سڏيو پرائي دھل تي، نچي ۽ ھٽي تاڙي
ڳالھ ڏانءَ لـ اچيس، ھٽي سڪشي چاڙي
(ڏسو حاشيه صفحو ۲۵۲)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[۱۲۵۴] پنجئي ٿهڪنت، ٿهڪنت.

آنڌاريءَ ڌِيو ٻري، آپ ۾ وِڄ کِيوَنْت
آهر ڦُلاري ٻِيٺين، سانُولڙي مُڪ ڏَنْت
ٻِپَڻُ پسارا ڪيا، اهي پنجئي ٿَهڪنت.

(انڌاري رات ۾ ڏيو، آپ ۾ وڄ جو چمڪو، ٻيٺ تي آهَرُ ڦُلارجي، سُهڻي جا کِلڻ وقت ڏند ٽِڙن، ۽ ٻِپڻ لهرا ڏئي، اهي پنجئي پيا کِلن.)

[۱۲۵۵] پنجئي پاسي هئُون، پنجئي ٻاسي هئُونِ.

کُهيو واٽيو، پيت ٻَراٽي، دَٻڪر دُڪَنُ چئُونِ
وڻ ٻاٻرو، کر ماڻهو، اهي پنجئي ٻاسي هئُونِ.

(کُهيو واٽيو = کُئِل (شاهوڪار جو ضد) جو ٻين کي پنهنجي کاڌي کٽائي. پيت ٻَراٽي = اوچتو مٿان ڪري. دَٻڪر دُڪن = چمڙي واري جو دُڪان، جنهن جي ٻرسان آڏ وڙن جي بدبُوءِ هجي. (چئُونِ = چئون). وڻ ٻاٻرو = نهايت قيمتي، ۾ سنڌيالينڊز

دوستارن جي گهر اگِيان، هلي ٻوکي واڙي
پاڻ ڪري گنديون ڪپڙا، ۾ زال هجيس اگهاڙي
مزمان آئي ڪنڌ هيٺ ڪري، ويهي کنهي ڪياڙي
اهي پنجئي پاڙي.

۲- ٻِ. وڙهن پاڻ ۾، تيو پٽائي ڏاڙهي
ٻڌي دهل ڦارين جو، گهر وڃائي تاڙي
گهر آيو ڏسي مهمان کي، کَنهي ڪياڙي
ٻنان پڻسي ٻانُولو، آڏائسي ماڙي
جوف پرائي جوءِ لاءِ، آڏي وهي واڙي
اهي پنجئي پاڙي.

[۱۲۵۴] ٻي روايت: آهُر ڦلاري ٻيٺين، سالولڙي مُک ڏند
ٻِپڻ پاسارا ڪيا، جهڙ ۾ وڄ کيوَنْد
انڌاري ۾ ڏيو ٻري، اهي پنجئي ٿهڪند.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ۽ ڪنڌا ستور ڏين. ڪَرَ ماڻهو = بيافعالو ماڻهو جو ڀن ڪي ڪاري)

[١٢٥٦] پنجئي ڀَڙَ ٓسهي هٿ مٿا، پنجئي ڀَڙَ ٓسهي هٿ مٿا.

ڪيهر مٿونيچ، پَوَنڪ مَڻ، سَرڻا ڳَت موڻا
سَتِيي ڀَهُوَر، ڏن ڪَرِهِڻ، پنجئي ڀَڙسهي هٿ مٿا.

(شينهن جي ميچ، نانگ جي مڻ، سورهيہ وٽ پيل سام، عورت جي ڇاتي ۽ موذي جي ڏن ڪي هٿ لڳو ته مٿا.)

[١٢٥٧] پنجئي پيٽ پارا، پنجئي پيٽ پارا.

رات انڌاري، ڀَڙ ڏ ڪارا، ڪپيٽ آجهوري، پيرن وارا
نار ڪٽلڪٽي، پاڙي ۾ ساهرا، اهي پنجئي پيٽ پارا.

(اونداهي رات، ڪارو ڏڳو، پهل واري ٻني، پيرن ۾ ڇلا، ڪلاچٽي زال ۽ پاڙي ۾ ساهرا، اهي پنجئي جيءَ جو ڪاراڻو آهن.)

[١٢٥٧] ٻيون روايتون:

پنجئي پيٽ پارا، پنجئي پيٽ پارا.

١- رات انڌاري، ڀڙ ڏ ڪارا، گوچريو ڪيتر، ٻڪان ۾ وارا
ڏوميي ڪُواهر ۽ ساهراڻا پاڙا، پنجئي پيٽ پارا.

(اونداهي رات، ڪارو ڏڳو، ڳوٺ جي پرسان ٻني، پيرن ۾ بيماري، زال واتراڏي ۽ پاڙي ۾ ساهرا.)

پنجئي پيٽ ساڙا، پنجئي پيٽ ساڙا.

٢- ڪُوڙو ڏاند، نافرمان لينگر، عورت کهمي پاڙا
ٻني ٻج نہ لاهي، لَتِهي لِگ آگهاڙا، اهي پنجئي پيٽ ساڙا.

٣- رات اونداهي، ڀڙ ڏ ڪارا، ٻوڪ جي ڪپ تي ڪالبن وارا
پار ننڍا متان پون پارا، زال ننڍيي ساهراڻا پاڙا
رستو تتو پير اگهاڙا، اهي پنجئي پيٽ ساڙا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٥٨] پنجئي جنگاڻي مرڻا، پنجئي جنگاڻي مرڻا.

دوست دشمن ڪئون نہ پرکڻا
وڏي مرتبي مليئي سنگت نہ سڃاڻڻا
مايا هٿ آئيي، ڏکئي ڏينهن ڀلاوڻا
ڪچهري وچ وڏي ننڍي ڪئون نہ ڏيکڻا
وديا پاوڻ سئون، وڏي ڪئون مورک سمجهڻا
اهي پنجئي جنگاڻي مرڻا.

[١٢٥٩] پنجئي چريا، پنجئي چريا.

هڪ چريا شينهن کهن، ٻيا چريا وَرن واهہ
ٽيا چريا جوين ڏينهڙا، چوٿان چريا آهن درياءَ
ڪکر ٻنا مينهن آيو نہ، اهي پنجئي چريا.

[١٢٦٠] پنجئي ڏسي لُچ، پنجئي ڏسي لُچ.

چنبو چوڪر، چري جوءِ، ڏاڙهي هيڙهيي ٻُچ
داڻا دلي نہ ڏيهہ ڳنڍئي، مينهن منُور نہ ڪري وچ
اهي پنجئي ڏسي لُچ.

(ٽيا ڪو چوڪر، چري زال، ڏاڙهي هيڙهيي (ٻڪي) جي ٻُچ جهڙي سنهي ۽ ڏکهي (پنجي)، آڻ هوند تي آکڙ ڳهٽي ۽ مينهن وچ نہ ڪري، اهي پنجئي ڏسي الدر سڙي.)

[١٢٦١] پنجئي ڏک جا ڏار، پنجئي ڏک جا ڏار.

واريءَ سندو ٻنڌڙو، متئي متان ٻار
تيرڪريا سچي ٻنڌ نہ، آڻ متئي هموار
سڙس هجي پيرمرد، ننڍي سچي نار
ڪيٿ پٽرٿن وارو، تنهن نہ ٻوڪ گوار
اهي پنجئي ڏک جا ڏار.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٦٢] پنجئي رهن مٺا، پنجئي رهن مٺا.

آمل رَس، ڏاکڻ منڍ، چوري ۽ جوا
پٽر گهر هينڊِري ڪامڻي، اهي پنجئي رهن مٺا.

(آمل جو نشو، ڏائڻ جو جادو، چوري ۽ جوا، اهي چارئي مرد کي مارين، ۽ پنجين ٻاهر ڦيري عورت، اهي پنجئي مٺا ٻلا.

[١٢٦٣] پنجئي سرگ دُوار، پنجئي سرگ دُوار.

کٽ ويهڻ، گهوڙي چڙهڻ، گهر ۾ لڄونتي نار
ٻراٽي ڪٽڪ، لٺون گيهه، پنجئي سرگ دُوار.

[١٢٦٢] ٻيون روايتون:

١- ٽُرڪ تجاري واڻيو، چوري ۽ جوا
پرگهر هنيڏني ڪامڻي، پنجئي رهن مٺا.

٢- پنجئي مٺا، پنجئي مٺا.
ڪشڻ ڪمان، پوڻ ضمان، ڪرڻ زنا
تپڻ ڪوها، رهڻ جوا، اهي پنجئي مٺا.

[١٢٦٣] (بهشت برابر يا سُک ۽ خوشي جون نشانيون.)

ٻيون روايتون:

١- ڪٽڪ پراٽي، گيهه لوان، ٽيي لڄاولتي نار
ٽري ٿهاوڻ، سيج لهڻ، پنجئي سرگ دُوار.

٢- بهشت نشانيون چار، بهشت نشانيون چار.
اڇا ڪپڙا، تازو گيهه، ڪڻڪ پراٽي، گهر ۾ سُگهڙ نار
اهي بهشت نشانيون چار.

[۱۲۶۴] ڀنجڻي سهنج، ڀنجڻي سهنج.

۱. گهر ڏيئو، ڀِٽُ ڀاڄهري، گاهه ڪاڻي، گهر گنج
پاڻر، ڀِٽ چٽڙي ڀر، اهي ڀنجڻي سهنج.

--

۲. گهر نديءَ ڪناري، ڪاڻيون سوڙهيءَ سنجهه،
نار سالڪڻي گهر ڀر، ڀيتا هڻجنس هنج
تازي هجي تڙي، متس سونا سنج
اهي ڀنجڻي سهنج.

[۱۲۶۵] ڀنجڻي ڪنڻيي ڪن لاهه، ڀنجڻي ڪنڻيي ڪن لاهه.
ڀنجڻي ڪنڻيا ڀلا، جي نه ڪنڻيا ته وڻاهه (۱)
گڏهه، گولو، ڍول، ڪاڪر ۽ ڪپاهه
اهي ڀنجڻي ڪنڻيي ڪن لاهه.

[۱۲۶۴] (۱) ٻيون روايتون:

۱- اول ندي آب جي، گاهه ڪاڻي، گهر گنج
وٽ ڪيتي، گهر ولوڙو، اهي ڀنجڻي سهنج.
۲- گهر ندي، ڀنيي گاهه، ڪاڻي ڦانڪو گنج
سونا مينهن در تي، سندر ناريءَ ڀيڻو هنج
اهي ڀنجڻي سهنج.
۳- در اڳيئون کيتي، ڀنيي اندر ڪوهه
تڙي تازي هيٺون، جا ريجهائي روح
گاهه ڪاڻيون گهر گنج، اهي ڀنجڻي سهنج.

۲- ٻي روايت: گهر ندي ڪناري، ڪاڻي ڀاٽي گنج
چٽيهه لکڻي ڪامڻي، ڀيڻو سونهس هنج
يلو گهوڙو چڙهيءَ هيٺ، اهي ڀنجڻي سهنج.

[۱۲۶۵] ٻي روايت: ڀنجڻي ڪنڻيا ڀلا.
گولو ۽ گڏهه، ڪاغذ، مڄ، ڪپاس
تن ۾ ڪر تپاس، ته اهي ڀنجڻي ڪنڻيا ڀلا.

(۱) وڻاهه = نقصان. ڍول = ڍُهل.

[١٢٦٦] پنجڻي ڪلي ڀري، پنجڻي ڪلي ڀري.

ٽڏو گھوڙو، ڪنڌ ڏُجھڻو، ٽيو جو منهن تي ڪوڙ ڪري
چوٿين چنبي رن چا ڪلي، جا ڏيرهن تال ڪري
پنجون ٻُرس ملميت، جو گاندو ڪلا ڪري
اهي پنجڻي ڪلي ڀري.

[١٢٦٧] پنجڻي ڪم قوّتَ، پنجڻي ڪم قوّتَ.

ڪوٺ ڀراٺو، پٽي ڪيستي، لوهه پتجي ساڻ لت
واريءَ ڀنڊ، ڪُراڙي زال، پنجڻي ڪم قوّت.

[١٢٦٨] پنجڻي گردن ڀار، پنجڻي گردن ڀار.

ٻُچ مروڙيو ڏڪيو، ڏُن اکھاڙي نار
چتين چنو موچڙو، مٿي وارو ڀار
واريءَ سندو ڀنڊڙو، اهي پنجڻي گردن ڀار.

(ڏڪيو جيڪو ٻچ مروڙڻ کان سواءِ نه هلي، ڀاڻ نه ڏيکيندڙ عورت، چتين لڱل ۽ چنل جُتي، مٿي تي پيري ۽ واريءَ جو ڀنڊ، اهي پنجڻي سِر تي ڀار آهن.)

[١٢٦٩] پنجڻي گردن ٽوڙ، پنجڻي گردن ٽوڙ.

مرد ڪراڙو، عورت جوان، هي ٻه نه جُڙندو جوڙ
ٽيلا هزارين ڪيا، ته ٻه ٻُڌو، جو نه ڀڙيو ٽوڙ
چوٿون ماني جَوَن جي، ۽ پنجون ٽيلهي مڇيءَ ڀوڙ
اهي پنجڻي گردن ٽوڙ.

[١٢٧٠] پنجڻي ڪنگڻ ڪور، پنجڻي ڪنگڻ ڪور.

پتنگ ۽ ڀروالو، ڪن آڳ مٿي اور
جيئن ٻوڙ ڦيري گال لاءِ، چنڊ آتي چڪور

[١٢٧٠] ڪنگن ڪور = ڪکر وانگر آزاد ڦرن يا سانوڻ جي مند ۾ مست ڦرن.

تاڙو تنواري، تنهن جي تڪ ۽ آهي تور
اهي پنجئي ڳڻن ڳور.

[۱۲۷۱] پنجئي ڳهيڻوار، پنجئي ڳهيڻوار.
چَلو ميرون ڏينهن ٻَچڙ،ي، ڪُڪڙ سانجهيءَ وار
جـوءِ پـرائي ڀڪڙيـن، مـرد نـه لهي سار*
پُرس ڀـراوا قـرض ڪٽي، ڪري وڏا آهڪار
جو ويٺي مت سمهي رهي، اهي پنجئي ڳهيڻوار.
(چلو = هڪ قسم جو جانور. ٻَچڙن = ٻرپرو تي گهمڻ.
آهڪار = ٻٽاڪون. گينوار = مست، چريا.)

[۱۲۷۲] پنجئي گهنگهر گهور، پنجئي گهنگهر گهور.
ڪَنُٽ ناهي راڳ ڪري، مَت پڪيڻو چور
ڪاٺي اک ڪجل پائي، انهي ـ نڪ ڏئي طَنبور
ڪيسٽ ٻوڪن ڏور، اهي پنجئي گهنگهر گهور.

[۱۲۷۱] ٻي روايت:
ڏيهان چلو مرون، راتيان ڪڪڙ وار
لار ڀرائي ڪاچ ۾، وڃي ڪُران ڏار
قرض ڪٽي ڪاوڙ ڪري، ايڏي سان اختيار
ويني مت سمهي رهي، اهي پنجئي گينوار.
* ٻي چوٽي: "پراون ڀاڙن ۾، جا نيت نيت وڃي ٽار."

[۱۲۷۲] ٻيون روايتون:
۱- ڪنٽ ناهي راڳ ڪري، مت ناهي چور
ڪاٺي اک ڪجل پائي، ٻنان نڪ طنبور
ٻُڍي ڏاڙهي هٿ هٺي، ۽ ڏئي مَڇ مروڙ.

—

۲- ڪاٺي اک ڪجل پائي، ٻني ـ نڪ اٿ پائي ليور
ڪَٽ ڀاهران راڳ ڪري، چت ڀاهران چور
خُسرو ڏاڙهيءَ هٿ هٺي، شوق واجهيو منجهان شعور.

(ڪنڌ = ڳلو (آواز) ـ مَت ھڪيٺو = ٿوري عقل وارو ـ ڏٺي طنبور = چوٽيءَ تي ھٿ ھڻي)

[١٢٧٣] ھنجڻي ڳھٽو چائيي، ھنجڻي ڳھٽو چائيي.

١ـ ري ڪوڏر ٻنيي وَلهي، ري ڏاڏڻهي ڳاهيي
ري ناٿي شهر ڳھمي، ڏٺي آڻ ٻڇيي اوڳاهيي
ليڇي وِ ھهي، اُڏ چڙيءَ مونهي، اھي ھنجڻي ڳھٽو چائي.

٢ـ بي ڪَنَنا راڳ ڪري، ڪاٺي آمل ڏٺي اوڳاهيي
اڻ سوچيو ڪلام ڪري، مورکـ مت نہ ڪائيي
دشمن کي ڏٺي سنڌ سيڪائيي، اھي ھنجڻي ڳھٽوچائي.

[١٢٧٤] ھنجڻي لَڇوَنٽ، ھنجڻي لڇوَنت.

ڀھريون ٻاڙو جو رکي، ٻيو ٻَڌي ھيٺ سان ھمت
ٽيون سورهيہ سِر جو، چوٿون ٻاري ٻَت
پنجون لڙي ڪنڪ ، جو ڏي ھٿ رعيت
اِھي ھنجڻي لڇوَنت.

(پھريون جيڪو ٻاڙي جي ٻت رکي ۽ ٻاڙي سان رھائي، ٻيو جيڪو ھيٺ جو ھمراھ ٿئي، ٽيون سرويچ ھجي، چوٿون

[١٢٧٥] ٻيون روايتون:

١ـ ريءَ ڪوڏر ڪاتي ڪَٽي، ريءَ ڏاتي لائيي
ٻريءَ ست سمهي رھي، ڏي اڻ ڏ ـي اوڳاهي
جنھن مڙس جي ڳالھ نہ ٻري، اھي ھنجڻي ڳھوچائي.

٢ـ ريءَ ڪوڏر ڪُڙسي، ريءَ رَنبي ڳاهيي
جيڪو ست ويڻي سمهي، ڏٺي اڻ ڏٺي اوڳاهي
پنجون ليڇي وِ ھي ٻاڻ ۽ اوچا ڪري راھي
اِھي ھنجڻي ڳھوچائي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ڪارڻ رکي، پنجون راجا لشڪر ۾ وڙهي ۽ رعيت کي سنڀالي، اهي پنججي شرم وارا آهن.)

[١٢٧٥] پنججي ۾ چاهه، پنججي ۾ چاهه.

١- ڪنر ڪنون، سڙهه، ڏڪو. آڻ پليو ۽ ياء
تير ڳهاڻو، کيهڻون چڙنو، اهي پنججي ۾ چاهه.

—

٢- هنڙهه ڏاند، ڪنر ڏکي، اڻ پليو ويـاء
ڳهاڻا تير، چيڊي ڪٽڪ، اهي پنججي نـ چاهه *

(آهنڊ ڪنون، ٽاهڙ ڏڪو، اي چيو اولاد، ڳهاڻا ٻوڪيل تير ۽ چيڊي ٻوڪيل ڪٽڪ، اهي چڻ ته پنججي نه چاوا.)

[١٢٧٦] پنججي مار، پنججي مار.

ڪنر ڏکي، چڪير ڳهوڙو، آٿ نـ ڪٽي بـار
ڪٽو وچائي ٽـانڊ کي، ليهائين اَڳهاڙي نـار
اهي پنججي مار.

[١٢٧٧] پنججي مرد نه مٿور، پنججي مرد نه مٿور.

مذهب کان محروم رهيا، دين ڪنئون دور
چوريءَ سين چاهه لڳائي، ڪم ڪنئون وهلور
عمر ساري نفعا ڏونڍي، نت ڪري ڪلور
چغلين تـي عزت وڌائي، سچ کان ٿئي سٽور
اهي پنججي مرد نه مٿور.

[١٢٧٥] * ٻين روايتن ۾: 'جوئر ڳهاڻي' يا مڱ 'ڳهاڻا'.
[١٢٧٦] ٻي روايت:
ليڪر چٽو ڪٽو، آٿ نـ ڪٽي بـار
ڪٽر ڪنون لتر ڳهوڙو، لهائين اڳهاڙي نار
اهي پنججي ايئي مار.

[١٢٧٨] پنجئي مسڪين، پنجئي مسڪين.
نار ٻُڍاڻي ڪنجري، گهوڙي ٽٽل زين
وَڏوَر ڌيءَ گهر ۾، ڇهڙي ماٽ زمين
جن سنجهي چاڙهيو ڪينڪي، سي پنجئي مسڪين.

[١٢٧٩] پنجئي مئي مت، پنجئي مئي مت.
١- سوئر سنگها ڪڍيا، ڪيهر جهليو کهٽ
آره چڙهي استري، ٻانڇاريو کهڪٽ
متس ڪهير ندو گهوٽيو، اهي پنجئي مئي مت.

(سِروُون سَنگها ڪڍي، جيئن جي ڪڇيءَ جا وار نڪرن، زال جا آره نڪرن، گهوڙو جوان ٿئي ۽ مڙس کي ڏاڙهي مڇئن ۾ اچي (اهي جوانيءَ جون نشانيون) اهي پنجئي مست آهن.)

٢- مرد نڪرلدي مَسڙي، اسٽي آره سَٽ
سوئر سنگها ڪڍيا، سينهان ٿهرين مَٽ
تازي طبيلانُ ڇٽي، اهي پنجئي مئي مَٽ.

[١١٧٨] ٻيون روايتون:
١- ري سازين چارڻ هليو، ڪوريءَ ڇني سيڻ
ڳوريءَ جوين ڇڏيو، گهوڙي ناهي زين
نڪتو راجا راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

٢- چارڻ ٻنان ساز جي، ڪوريءَ ڇنل سيڻ
سُر ٻگڙيو ڪلوتيهين، ڳوري جوين هيڻ
راجا نڪري راج مان، اهي پنجئي مسڪين.

[١١٧٩] ٻي روايت:
سُوئر سنگيون ڪوڙيون، شينهن ٻ ڦٽڙي رَت
مرد ٻ مَسانُ لٿيون، مهريءَ ميندي ڳٽ
تازي طنبيلن ڇُڙيا، اهي پنجئي مئي مَت.

(مرد کي ڏاڙهي اڇي، زال ٻالغ ٿئي، سٺو نر سنگھا ڪڍي، شينهن ڀوريون ڇال ڏئي، ۽ گھوڙو ٽنبيلي مان نڪري، اها انهن پنجنهي جي مستيءَ جي وهي آهي.)

[١٢٨٠] پنجئي نہ ٿيا، پنجئي نہ ٿيا.

جٺوٺا ڀريءَن، ڪوٺا ڀڙڪ، ٿيي ڪنٽر ڳاءِ،
چڙيا ڪڻڪ، گھاٽا تير، اهي پنجئي نہ ٿيا.

(بيوفا دوست، کوڙو ڏکو، کنٽر ڏکي، چڏي ڀوڪيل ڪڻڪ ۽ گھاٽا تير، اهي پنجئي نہ ٿيا.)

[١٢٨١] پنجئي نہ جيا، پنجئي نہ جيا.

سڙيل گھوڙو، سهرو ميرون، سورهيہ ڪلام ڪيا
ستيي چڙهي ست تي، پنجين پيڻ پيا
اهي پنجئي نہ جيا.

(ماڙ جي مرض ۾ ورتل گھوڙو، نقصانڪار جانور، سورهيہ جو قول، ستيي ڏاڍي چڙهي، ۽ پيڻ بلا جو ڪاڏل، اهي چئن نہ جيئرا ناهن.)

[١٢٨٢] پنجئي نہ ڏار، پنجئي نہ ڏار.

الڙ ڪتو، ڏڪي گھوڙي، پوليس وارو يار
چوٿين سٺا سهنڊي، پنجين بندوق نوڙي دار
اهي پنجئي نہ ڏار.

(اڻ ويڙهايل ڪتو، ڏکي گھوڙي، ڪير پياڪ ڀار واري زال سان دوستي ۽ جامڪيدار بندوق، اهي پنجئي نہ ڏارجن.)

[١٢٨٠] ٻيون روايتون:

١- گھاٽا تير، چڙيا ڪڻڪون، اڻ پليو وياءِ
سڙيو گھوڙو، ڪر ماٺو، اهي پنجئي نہ ٿيا.

٢- ڏچر گھوڙي، سچر زال، آڌارو وهاءُ
گھاٽا تير، چڏي ڪڻڪ، پنجئي نہ ٿيا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[١٢٨٣] پنجئي نہ وسرن، پنجئي نہ وسرن.
ميہَن مورانَ، ڪونجرانَ، آنبانَ ڏارسوٿانَ
وَڻ سڄڻ، جنم ڀومي، وسرهي مٿوٿانَ.
(مورن کي ميھَن، ڪونجن کي مٺجراھ، طوطي کي انبن جو ڏار، سڄڻ جو طعنو ۽ پنھنجو وطن مٺي وسرن.)

[١٢٨٤] پنجئي ھڪوار، پنجئي ھڪوار.
شاھ وَچن، شينھَن گمن، ڪيلو ڦري ايڪ وار
تيرانَ تيل، ھمير ھٺ، چڙھي نہ ڏوجھي وار.
(شاھوڪار جو وعدو، شينھن جو ڦرجڻ، ڪيوڙي جو ڦر جھلڻ، تيرن کي ڀيڙي تيل ڪيڻ ۽ بادشاھ جو ھٺ (يعني بادشاھ ٻہ ھڪ دفعو جنھن ھٺ تي چڙھيو تہ ٻيو نہ ڦيرائيندو) اھي پنجئي ڳالھيون ھڪ ڀيرو ٿين.)

ڇھن جو عدد

[١٢٨٥] ڇھئي ڪنھي ڀنان نہ ٿاھ، ڇھئي ڪنھي ڀنان نہ ٿاھ.
ڍولانَ، ڪولانَ، گاڏھانَ، ڪھَڙَ، مٿيَ، ڪھاھ
ڇھني جو ڳر ھيڪ، ڪنھي ڀنان نہ ٿاھ.
(دھل، نوڪر، گڏھ، ڪوڙا، مٿيَ ۽ ڪھھ، ڇھئي جنسون ڪٽڻ کان سواءِ نہ ٺھنديون.)

ستن جو عدد

[١٢٨٦] ستئي ٻڪيا سنسار، ستئي ٻڪيا سنسار.
ڌرتي ميگھ نہ رَجيئي، آگ نہ رَجيئي ساڙ
راجا راڄ نہ رَجيئي، موت نہ رَجيئي مار

[١٢٨٦] ٻي روايت:
ڇھئي ٻکيا سنسار، ڇھئي ٻکيا سنسار.
عزرائيل ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ماري ميرھزار
(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٤)

عيشئون نفس نہ رجيئي، ڀُٽرش نہ رجيئي نار
دو نيڻان نہ رجيئي، ڏلي سچو ڪلتار.

(ڌرتي مينهن مان نہ ڍاپي، ٻاھہ ساڙڻ مان نہ ڍاپي، راجا، راجائي مان نہ ڍاپي، موت مارڻ مان نہ ڍاپي، نفس عيش مان نہ ڍاپي ۽ نيڻ دوست جي ديدار مان ڍؤ نہ ڪن، اهي سڀئي سدائين بکيا رهن.)

[١٢٨٧] سڀئي سٺو ر، سڀئي سٺو ر.

رَن جهاڀي، مڙس ٻوڙو، ٻي ڇيو ٻڌت، ڇٽر گهوڙو چلٽوڪوڪتو، ڄڏو جوڙو، ٻري جي ماٽي، وڏو وڇوڙو.

آئن جو عدد

[١٢٨٨] آٺئي آلهڻوٽ، آٺئي آلهڻوٽ.

جهنُونيي سڌنل، ٻاڍن پنگ، ڳانجي ڀهرين سُوٽ
گهوڙو سترميدان ۾، آٺ ۽ واڳهڻ چڻوٽ
ڀهرين رات پرٽي جي، پرھ هندوري جهوٽ
عشق اول جو لڳي، اهي آٺئي الهوٽ.

اڪين ڍؤ نہ ٿئي، ڏسڻ ڪنان ديدار
لالچيءَ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ميڙي مال خرار
ٻاھہ ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ساڙي ڪاٺ البار
عورت ڍؤ نہ ٿئي، توڙي ڳڏجي روز پتار
ڌرتي ڍؤ نہ ٿئي، توڙي مينهن پون بسيار
اهي ڇهئي بکيا منسار

[١٢٨٧] چلٽوڪوڪتو = ڊڄڻو ڪتو، جيڪو ٻچ تي بہ نہ وڙهي.

[١٢٨٨] ٻيون روايتون:

١- ٻادي پينگ، نانگن منڊ، ڳانجي ڀهرين سُوٽ
گهوڙو پُور ميدان ۾، پٽري ڳاڏئين سُوٽ

(ڏسو حاشيہ صفحو ٢٦٥)

(الهوٽ = مست ۽ خطا؛ جهوني منڌ = پُراڻو سنڌيل شراب؛ ٻادڻ پنگ = ٻڍي جي سهڻي ۽ ٻوڪيل ڀنگ، جنهن ۾ نشو گهڻو ٿئي، ڳانجي جو ٻهريون سُوٽو.)

ڏهو عدد

[١٢٨٩] لَوٽي نيڪار، نَوٽي نيڪار.

مولا جي مُلڪ ۾، چريون ٻنج ۽ چار
هڪ ڪُلهي ٻي ڪڇ ۾، ٽيون ڪري نه گهر جي ڪار
چوٿين مگهه ۾ ڳالهائي ڪهوڻ سان، سا ٻه آهي ڪچ ڪنوار
پنجين ريجهي رکڻ سان، جيڪا ٻيهي منجهه بازار
ڇهين پنهنجو ڪليو ٻن کي ڏي، سا ٻه چڱي نه گهر ۾ نار
ستين ڪٽي خرار کيٽ ٿون، ته ٻه رکي ٻوري ۾ ٻار
آٺين سٿونٿهين سرڪار جي ٿئي، ڏانهين منجهه دربار
نائين ڪري عرض الله کي ته، مڙس منهنجو مار
ڏهه اهڙن ٽي ٻارن سان ٽيون سڌجن نَوٽي نيڪار.

ٻهرين رات جو پرٿو، ٻيپر ٻينگهن جهُوٽ
اوائل عشق جو، اهي اڻئي الهوٽ.
(ٻَرِي ڳاڏئين سُوٽ = تپ سان گڏ ٻامي جو سُور.)

٢- ٻادي پنگ، جهونا منڌ، تازي طوبلين چِتا، ڳانجي ٻهرين سُوٽ
اول سان عشق لڳو، ٻينهئين ٻهرين سُوٽ
ٻهرين رات پرٽي جي، ٻرهه هندوري جهُوٽ
اِهي اڻئي الهوٽ.

٣- ٻنجئي الوٽ، ٻنجئي الوٽ.
پرٿو ٻهرين رات جو، ڳانجي ٻوئين سُوٽ
حاڪم حڪم جو ڏٽي، جهجها ٻٽ سپُوٽ
عشق اول ڪان لڳي، اهي ٻنجئي الُوٽ.

ڏهن جو عدد

[١٣٩٠] ڏهه ئي ڏٽار، ڏهه ئي ڏٽار.

ديس ڏٺي ديوانو نه ٿئي، هاڻي نه ٿئي هوشيار
چڪر گهوڙو در اڪيان، بدنظرو يار
ڪڇهريءَ ۾ ڪوم ويهي، ادا ايڻ ڀنوار
پيچ ڏاڻي ڪان قرض نه ڪڍجي، توڙي هوءَ تجار
حال ڏمي پال نه ڪندو، اچي ٻانهن جهليندو ٻار
مرد مٺي ڪان پوءِ ڪري، جوءِ وري سينگار
سوڙهي جٿي ڀر ۾، ڏوڻيدي ڀيڙيءَ ٻار
ڪميڻي مان ڪين ٿئي، جو حاصل ٿئي هزار.

(چريو بادشاهه، اڻ هيرايل هاڻي، چڪر گهوڙو، تاڪڻو دوست، بيوقوف جو ڪچهريءَ ۾ ويهڻ، پوءِ ڏاڻي ڪان قرض ڪڍڻ، مڙس مرڻ ڪان پوءِ به هار سينگار ڪندڙ عورت، سوڙهي جٿي، ننڍي ٻيڙيءَ ۾ ٻار گهڻو ۽ ڪميڻو ساٿي، اهي ڏهئي نقصانڪار آهن.)

[١٣٩١] ڏهه ئي ويري انسان، ڏهه ئي ويري انسان.

ڏهن ويرين وچ ۾، آيو آهي انسان
ٻهريون ويري پنهنجو آهي، نفس نحس نادان

[١٢٩١] ٻي روايت:

اول هن جهان ۾، هڪ آيو آهه انسان
ٻهريون ويري پيٽ تيس، جيڪو نيت ليت گهري نان
ٽيو تان ويري تنهن سان، شرڪ آهي شيطان
ٿيون تان ويري تنهن سان، آ نفس جڙيو نادان
چوٿون ويري پٽ آهيس، بيٺو بي فرمان
پنجون ويري تڪبر آهه، تهمت جو طولان
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٧)

ٻيو ويري تنهن مان، شامل آهي شيطان
ٽيون ويري وترو، صحبت زال زبان
چوٿون ويري ٽا چون، ٻيئو اهي فرمان
پنجون ويري پيٽ آ، جو نيت گهٽري نان
ڇهون ويري آڄ آ، جو ٻين پاٽي پريشان
ستون ويري شهوت آ، جنهن ڪيا هزارين حيران
اٺون ويري اڳرو، تڪبر جو طوفان
نائون ويري ننڊ آ، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڏمر آهه، جهل وڏو جولان
ڏهن ويرين وچ مان، ڪو ڪٽي جنگ جوان
آءٌ تنهن تان قربان، ڪريان مير ”شاهو“ چوي.

ٻارهن جو عدد

[١٣٩٣] ٻارهن ئي ٻن ٻيا، ٻارهن ئي ٻن ٻيا.

١ــ بادشاهه ديوانو ٿئي، هاٿي ٿئي هڙهار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري ڄار

ڇهون ويري شهوت آهه، جنهن ڪيا هزارين حيران
ستون ويري آڄ آهه، ڪري ري پاڻي پريشان
اٺون ويري عورت آهه، صحبت زال زيان
نائون ويري ننڊ آهه، غفلت جو گذران
ڏهون ويري ڪاوڙ آهه، جيهل وڏو جولان
اِنهن ويرين وچ مؤن، جيڪو جنگ ڪٽي اڇي جوان
تنهن سورهيه توؤن قربان، لک ٻيرا ”لطيف“ چئي.

[١٢٩٢] ٻي روايت:

مرد ويرياٽي ننڊڙي، زال ويري سينگار
واريءَ سندي ٻنڌ تي، گهٽو نہ ڪٽجي ٻار
ڪٿهي چيلهه چنڙو موچڙو، ڪٿهي ڊوليءَ جيڏو ٻار
(ڏسو حاشيه صفحو ٢٦٨)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد ويرياڻي نينڍڙي، زال ويري سينگار
لاڀر ٻوڙو ٻڙڏيو، نڪ اگهاڙي نار
سڄو هاري سڪڻو، کوهيءَ ڪارو لار
ڪميڻو ڪڇهريءَ ۾، ٻيري ڏيندو گار
هيچ ڏاڻي کان قرض نه ڪڍجي، توڙي هجي تجار
اهي هجن ستار، ته ٻه ٻارهن ٿي ٻن پيا.

٢- دل اڇو ويري ٻلو، ڪوءَ مٽن ڪنڊو يار
جو صلاح ۾ ساڙي، ڪوءَ دو رنگو دوست دار
ڪتره ڪري ڪاسٽي، ڪوءَ آراڙو ٻار
چڪير گهوڙو گهر ۾ ٻي ٻاسي ناهه قرار
سوڙهي جتي پير ۾ آهي مڙس لئي آزار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، آهي مڇيءَ ويري چار
مڙس ويرياڻي ننڍڙي، زال ويري سينگار
دم ڏٿي ديوانو نه ٿئي، هاٿي ٿئي نه هوشيار
"خاناڻي" چوي خلقت ۾، ساڪي ياري نڪا يار
تن حاصل لک هزار، ته ٻه اهي ٻارهن ٿي ٿول ٻن پيا.

ويهن جو عدد

[١٢٩٣] ويهه ني نادان، ويهه ٿي نادان.
پهريون عمل نه ڪري، پڙهي ڪتاب قرآن
ٻيو جو امانت ۾، ڪري خر خيان

گوٺ وڏيرو مرَ مري، جنهن تي سڀ مدار
هاٿي هاڙهيارو مرَ تئي، سچو مرَ تئي سردار
پوڙهي زال پاسي ۾، گهر ۾ ناهي قرار
ڪلر ويري ڪوٽ جو، مڇيءَ ويري چار
ٻپر سونهين نسـ گهر ۾، گهر ۾ سونهين ٻار
انهين مان حاصل ٿئي هزار، ته ٻه ٻارهن ٿي ٿول ٻن پيا.

[١٢٩٣] چيل جڻن چارن جو.

ٽيون ڀوي پرائي ڀاھ ۾، ذرو نہ رکي ڏيان
چوٿون اڌي ڏاڙرو، نہ مالي ڏڻي مهمان
پنجون سخي سڏائي پاڻ کي، درم نہ بخشي دان
ڇهون ڪمينو اصيل سان، ڪري شيد شيطان
ستون سيڪڻهن تي ڪري، زهر ساڻ زيان
اٺون اثر نہ ڪري، نصيحت کي نادان
نائون نائيءَ سان ڪري، گهر آئي گهمسان
ڏهون ڀري ڪان ڀرواز ٿئي، جاهل منجھ جهان
ڪارهون قلعي تي وڃي، ڀڳي ڪٽي ڪمان
ٻارهون ٻهڻون رنجائي، هندو مسلمان
تيرهون تنهن پٽي پر ڏڄي، جنهن کي شرم
نہ ڪو شان
چوڏهون پيد رکي پيراڪ جو، سٽڙي ڪوڻ ميدان
پندرهون پيءُ سان بحث ڪري، ناقابل نادان
سورهون ويندي واٽ سان، ڪڏائي ڪيڪان
سترهون سيڪڻهن جو ڀوي، آڻي پانهہ ضمان
سخني مذڪور ڪري، ارڙهون سان الحان
اوڻويهون ائين چئي، تہ قيامت ايندي ڪانَ
ويهون وڏي سر در تي، ڪري ترانا تانَ
اهي ويهہ ئي وڏا نادان، ”جمن“ ليکيا جهان ۾.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

عاقلاڻا قول

[هن باب ۾ شامل مواد سگهڙن جي عقل ۽ دانائيءَ وارن قولن تي مشتمل آهي. مثلاً، ٻلن جا ٻار ڪهڙا؟ ڇا تي ڀروسو نہ ڪجي؟ ڪهڙي شيءِ ڪهڙي ڳڻ سان سونهي؟

انهن قولن ۾ عاقل سگهڙن پنهنجي ڄاڻ موجب نصيحت آميز نڪتا نروار ڪيا آهن، جن ۾ دانائي توڙي ظرافت سمايل آهي. هن قسم جا قول ڪافي وقت کان ٻهراڙين جي ڪچهرين ذريعي عام رائج آهن. ڪي قول ڪن سگهڙن پوءِ ڏاهيا آهن، جن مان دادن، جمالي ۽ ٻريڏوءَ جا گفتا هن مواد ۾ شامل آهن.]

[۱۲۹۴] ٻلن جا ٻار، ڪهڙا؟

اول ۾ الله ٻلو   ٻيئون محمد شاهہ ٻلو
مديني جو راهہ ٻلو   نيڪن جو لڳاهہ ٻلو.
اول ۾ الله ٻلو   سائينءَ وڏو ساهہ ٻلو
وڏو پير ويساهہ ٻلو   سنڌ ۾ درياهہ ٻلو.
دين آ اسلام ٻلو   محمد جو آ نام ٻلو
شرع جو احڪام ٻلو   سڀڪنهن تي سلام ٻلو.
مهينو رمضان ٻلو   نازل ٿيو قرآن ٻلو
مومن جو ايمان ٻلو   ٽڙيل تان شيطان ٻلو.
وچ جنگ جي غازي ٻلو   مسجد ۾ نمازي ٻلو
شرع تي قاضي ٻلو   گهوڙو هڄي تازي ٻلو.
تڙ سان تَنُ ٻلو   خوشيءَ سان مَن ٻلو
شريعت ڏي ڪن ٻلو   سخاوت سان ڌن ٻلو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهوڙو ته ڪميت ڀلو — تنهن تي ڪارو ڪيسُ ڀلو
مڙس سونهي ويس ڀلو — ملڪ پنهنجو ديس ڀلو (١).

ڳهوڙو تان سمند ڀلو — ڪلر تان ڪمند ڀلو
درياهه تان بند ڀلو — پيار تان ڀيولد ڀلو.

ڳهوڙي لاءِ ڪيلو ڀلو — پاڻيءَ لاءِ دِلو ڀلو
ڪتوتي لاءِ ڀيلو ڀلو — پوڙهي لاءِ چيلو ڀلو.

ڳهوڙي سندو تنگ ڀلو — مرد جو ننگ ڀلو
لوڪ جو ته سنگ ڀلو — سلهه ۾ آ انگ ڀلو.

ڳهوڙي کي لغام ڀلو — سهڻن جو سلام ڀلو
قرب جو ڪلام ڀلو — دلبر سندو دام ڀلو.

جاءِ جو آ ٽنب ڀلو — ڳهوڙي سندو سٽنب ڀلو
ڳهيئي جو ته ڏنب ڀلو — پٽ لاءِ آ انب ڀلو
غريب لئي ڪنب ڀلو.

گهر جو تان ڪوٺو ڀلو — مال سو تان اوٺو ڀلو
هٿ ۾ ته سوٽو ڀلو — ٻچن لاءِ ڀوٽو ڀلو.

چونڊري اڳيان اوٺو ڀلو — ٻنيءَ لاءِ لوٺو ڀلو (٢)
هٿ ۾ آ سوٽو ڀلو — يار دوست ڪوٺيو ڀلو (٣).

---

(١) ٻي روايت ته: ڳهوڙو ته ڪميد ڀلو.

ڪپڙو سفيد ڀلو — ڳهوڙو ڪميد ڀلو
مڙس ڪارو ڪيس ڀلو — ديس ڪان پرديس ڀلو

(٢) يعني چونڊري جي آڏو ٿلهو ڀلو آهي ۽ ٻنيءَ لاءِ هرلي يا لار جو لوٽو ڀلو آهي جو پاڻي ڪڍي.

(٣) ٻين روايتن موجب هن سلسلي جون پيون ٽڪون ته:
مڙس ته چوٽو ڀلو- پٽ ته پاڙينو ڀلو- پوڙهو گهر وينو ڀلو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ جو تہ ڪَڙو ڀلو — مال جو تہ چڙو ڀلو
ڀوڪ جو تہ ڏَڙو ڀلو — زال لاءِ هَڙو ڀلو.

ڀنيءَ کي تان هَرُ ڀلو — هَرَ کي تان تَرُ ڀلو
زال کي تان وَرُ ڀلو — وَرَ کي تان گهر ڀلو.

اَٽ جو تان ٿُوهو ڀلو — مينهن سندو ڳُوهو ڀلو
ٻاجهريءَ جو ٻوهو ڀلو — سورٺي جو ڏوهو ڀلو.

اَٽ کي تہ لاٺو ڀلو — گهوڙي کي تہ داٺو ڀلو
مرد کي تہ ٺاٺو ڀلو (١) — معشوق جو ماٺو ڀلو.

ٽانڊو تہ ڪانڊو ڀلو — وڻ چڙهيو مانڊو ڀلو
اَٽ سو تان ٻانڊو ڀلو — ڪَنڪهي لاءِ مانڊو ڀلو (٢).

آنءُ جو تہ ٻانڊو ڀلو — ڀلهہ ۾ تہ ٽانڊو ڀلو
ڀَڳون گهر ۾ ٻانڊو ڀلو — ڪيني رن کان وانڊو ڀلو.

ناٺو سو جو روڪ ڀلو — مانيءَ ٽُڪر سوڪ ڀلو
ٻي کِلائو لوڪ ڀلو — پائن جو تہ طوق ڀلو.

چيٽ جو آ مينهن ڀلو — سياري سندو ڏينهن ڀلو
ننڍپڻ سندو نينهن ڀلو — ٻيڙي ۾ آ شينهن ڀلو.

سنڌائتو آ مينهن ڀلو — سِرن منجهہ شينهن ڀلو
دوستي تہ نينهن ڀلو — جمعي سندو ڏينهن ڀلو.

ڀڪين ۾ تہ قاز ڀلو — راڳ لئي ساز ڀلو
ساز لئي آواز ڀلو — دلبر جو آ راز ڀلو.

---

(١) ٻي روايت موجب: ڏکيءَ وير ناٺو ڀلو.
(٢) ڪنڀي جو ٽانڊو تيز. لوهار لوهہ کي تاءُ ڏيندا تہ ڪوري ۾ ڪنڀي جا ڪوئلا ٻاريندا. سانوڻ ۾ رنگارنگي ساندو وڻ تي سهڻو لڳي. اٽ جو ڀُڄ ننڍو هوندو تہ ڀُڄ هٽي گاشي کي خراب نہ ڪندو. ٻلا جي ڪاڪڙل لاءِ جهاڙن وارو ماندو ڀلو. ٻين روايتن ۾: ڏاڏ تہ ٻاڏو ڀلو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ جو تان ڄٽوهو ڀلو ڪمانڊ جو ڇٽوهو ڀلو
ڀيڙيءَ کي ته ڪٽوهو ڀلو مينهن جو ڇوهو ڀلو (١).

ڪڙي جو آ ٻٽر ڀلو ٻوڪ جو آ ٽر ڀلو
زال جو آ وَر ڀلو مرگهه کي آ ٽر ڀلو.

هٿ تي لٺهاڻو ڀلو ڀيڙيءَ تي مهاڻو ڀلو
محبت وارو ماڻو ڀلو مونهي ڇيلهه ناڻو ڀلو.

ٻلهي جو ته ٻاسو ڀلو جاءِ جو ته داسو ڀلو
دوست جو دلاسو ڀلو مڙس هجي خاصو ڀلو.

ڪٽنهار جو چٽڪ ڀلو ڀڀهوٽونئن جو ڦٽڪ ڀلو*
زال کي آ حق ڀلو دشمن کي تان ڌڪ ڀلو.

ڪئنو ڪيرهاڻو ڀلو هٿ وارو ناڻو ڀلو
موتيءَ جو آ داڻو ڀلو محبوبن جو ماڻو ڀلو.

سون جو تان ماسو ڀلو آنءُ جو تان ڪاسو ڀلو
دوست جو دلاسو ڀلو ڪميٽي کان ٻاسو ڀلو.

ڪقلهي آتي ريڻو ڀلو باپ کي ته ٻيٽو ڀلو
مرد کي ته ڪيٽو ڀلو هٿ ۾ ته ليٽو ڀلو.

هاٿيءَ کنان شير ڀلو مڙس ته دلير ڀلو
ڀيلن جو آ ٻير ڀلو پرت وارو ڀير ڀلو.

ميهريءَ جو آ مير ڀلو مينهن جو آ ڪير ڀلو
جنڊ ۾ آ ڪير ڀلو اتر وارو ڀير ڀلو
داتا دستگير ڀلو.

---

(١) ٻين روايتن موجب وڌيڪ ٽڪون ته:
اوڏڙو ته ڪوهو ڀلو—قطاريءَ کي سٽونو ڀلو.
* ڀڀهوٽونئن = ڀڀهوٽن ڪاڏي جو هڪ قسم.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حج ويندا حاجي ڀلا — نڪوڙ اُڏندا نمازي ڀلا
شرع آتي قاضي ڀلا — ماڻهو ٻيئي راضي ڀلا(۱).
آنءُ جا ته ڪوڙا ڀلا — سواريءَ جي لئي گهوڙا ڀلا
دشمن اندا ٻوڙا ڀلا — جوان جا ته جوڙا ڀلا.
ڪجهيءَ سندا ڏوڪا ڀلا — مشڪ سندا ٻوڪا ڀلا
وٽي شيءِ جا هوڪا ڀلا — لئچي ڪنلا لوڪيا ڀلا(۲).
گڙرينگ اٽ جا گوڏا ڀلا — سير ڪڻ ون جا چوڏا ڀلا(۳)
نئڙي ٻار جا لوڏا ڀلا — سيڻا ماڻهو اوڏا ڀلا.

گهوڙي ته ٻيهاڻ ڀلي — آٽ ته ڌيهاڻ ڀلي
جوءِ ته جواڻ ڀلي — مرد جي رهاڻ ڀلي (۴).
مينهن ته نانگيل ڀلي — ڏرڪندي ته ڏيل ڀلي
درياهه جي ريل ڀلي — ٻانهياري ڪي ٻيل ڀلي.
مينهن سا جا ڪُنڍي ڀلي — ونڻ جي آ منڍي ڀلي
گوشت جي تان سنڍي ڀلي — مرد جي ته گهنڊي ڀلي.
مينهن جي ته مٺي ڀلي — زال جي ته چٺي ڀلي
مڙس جي ته وني ڀلي — پير جي ته ڪني ڀلي.
مرد جي ته گهور ڀلي — مينهن ته ٻنيور ڀلي (۵)
جونر سندي اور ڀلي — شاهوڪاري تور ڀلي.

---

(۱) ٻي روايت: زال مڙس راضي ڀلا.
(۲) ٻي روايت سرائڪي زبان ۾ ته:

ڪجهي دا ته ڏوڪا ڀلا — مشڪ دا ته ٻوڪا ڀلا
ڳنڍي شيءِ دا هوڪا ڀلا — لئچ ڪئون ڪنلا نوڪيا ڀلا

(۳) گڙرينگ = اوچو.
(۴) ٻين روايتن موجب هي تڪون ته:

مسجد جي سيهاڻ ڀلي — سانڍ نه ٻيهاڻ ڀلي.

(۵) ٻنيور = ڪاري.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهه کي ته ڪاٺي ڀلي — ڏڌ کي ته ماٽي ڀلي
اُٺ کي ته لاڏي ڀلي — ٻڪٽي کي ته ٻاٽي ڀلي.

رت جي ته رتي ڀلي — ريجهه، آهي متي ڀلي
زال سا جا ستي ڀلي — ٻوڪ جي ته ڪتبي ڀلي.

ٻني سا جا ٻَنهين ڀلي — ٻوڪ سا جا ٻَنهين ڀلي
گهوڙي سا جا هَنهي ڀلي — عورت سا جا وَنهي ڀلي.

ڪاري ٻادل گوڙ ڀلي — هٿ ۾ تان لوڙهه ڀلي
سياري لاءِ سوڙ ڀلي — ٻني جي ته اوڙ ڀلي.

واڍي کي وهولي ڀلي — ٻار کي آ لولي ڀلي
پاڻيءَ جي ته چولي ڀلي — عربي ته ٻولي ڀلي.

ڪپڙي کي اوٽي ڀلي — ٻاجهيءَ سان روٽي ڀلي
هٿ ۾ آ سوٽي ڀلي — واڻئي کي ته چوٽي ڀلي.

ملان کي مسيت ڀلي — راهڪ سندي ريت ڀلي
نوڪري ته نيت ڀلي — دوستي پريت ڀلي.

انڌي کي ته ڏانگ ڀلي — ملان کي ته ٻانگ ڀلي
ڪُٽ کي آ ٽانگهه ڀلي — درياهه جي اُڇلانگ ڀلي.

چرخي جي ته ڦُوٽي ڀلي — منهن کي ته ٽوٽي ڀلي
مڇي سا جا لوٽي ڀلي — ڳالهه تان سلوٽي ڀلي.

وَهندي سا نيڪَ ڀلي — مُنڊيءَ متي ٽِڪ ڀلي
سڄڻ سندي سيڪ ڀلي — ڳالهه سا جا هيڪ ڀلي(١).

ميڻ ۾ تان هاڙهي ڀلي — مردن ۾ ته ڦاڙهي ڀلي(٢)
مڙس کي تان ڏاڙهي ڀلي — شهر جي تان ماڙي ڀلي.

---

(١) ٻيون روايتون: 'نار وهندي ليڪ ڀلي'؛ 'ڪوهه جي ته ليڪَ ڀلي'؛ 'پاڻي جي ته ليڪَ ڀلي'؛ 'نئن وهندي نيڪَ ڀلي'.

(٢) هاڙهي = آڙي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جي لوني ڀلي — ٻانيءَ جي ته اوني ڀلي
لسيءَ کي تان روهي ڀلي — ڪڻڪ کي تان ڏوئي ڀلي (١).

صفا سڪ کان ٻوڏ ڀلي — وار وڃي ته روڏ ڀلي
ٻوڙهي اٺ کان توڏ ڀلي — ڦاٽل ڪانچڻان گوڏ ڀلي.

سونهن ۾ سوناري ڀلي — سيٺ ۾ ڪناري ڀلي
مٿي سيندڙ ڪاري ڀلي — ڪوهه تي واري ڀلي.

مرد جي آماني ڀلي — ڪجل جي آڪاني ڀلي
ڀلي جي آني ڀلي — ٻار لاءِ ناني ڀلي.

ڏنگوري جي ڪاني ڀلي — چوري هٿ ناني ڀلي
مکڻ سان ماني ڀلي — رانيءَ جي ٻانهي ڀلي.

ڪانهن جي ته ڪاني ڀلي — حجم کي ته پاني ڀلي
ڪڻڪ جي ته ماني ڀلي — ٻار لئي ته ناني ڀلي.

سرائيءَ کي ڪاني ڀلي — ننڍي ٻار جي ناني ڀلي
ٻڪيءَ مٿي ماني ڀلي — حجام جي پاني ڀلي.

سڄڻ جي سنڀار ڀلي — ماکيءَ سندي لار ڀلي
ٻوڪ آهي تار ڀلي — موذيءَ کي آمار ڀلي.

هاريءَ سندي هاڪ ڀلي — ٻنيءَ ۾ ته ماڪ ڀلي
وڏني وڻ جي ڏاڪ ڀلي — عورت پوتي-پاڪ ڀلي (٢).

وسڪاري جي ماڪ ڀلي — مرد جي ته هاڪ ڀلي
ڍول جي ته ڏهاڪ ڀلي — پير جي ته خاڪ ڀلي (٢).

حلم سان هاڪ ڀلي — مرد جي اوطاق ڀلي
عورت پوتي-پاڪ ڀلي — مديني جي خاڪ ڀلي.

---

(١) لسي = ڏانتو. (٢) ڏاڪ = وڄائڻ جي دهلڙي. (٣) ڍول = دهل؛ ڏهاڪ = آواز.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي اها جا ماري پلي ڳالهه سا جا پاري پلي
ميوي‌دار ٽاري پلي گهڙي سڄڻ گهاري پلي.

ڏيهه سان آ ڏيٺ پلي شيءِ اها جا ئيٺ پلي
منهن ڪڙي ڪان ميٺ پلي جيئن جي هيٺ پلي.

ٿر جي سگهڙ پريوءَ جا چيل ڳڻتا*

پوک ڪي ته پاڻ پلو ڪت ڪي ته واڻ پلو
اٺ ڪي ته ڏاڻ پلو پکو پختو ماڻ پلو.

روهيڙي جو وڻ پلو نانگ جو ته مڻ پلو
ڳئون جو ته ٿڻ پلو ٻڪرين جو ته ڏڻ پلو.

"سنڌ" ۾ ته سر پلو هاري ڪي ته هر پلو
جاءِ ڪي ته در پلو "پريو" ڪي ته ٿر پلو.

ماڻهو ڪي ته ٻار پلو ڪوڙن ڪي ته ڪار پلو
"سنڌ" ۾ ته نار پلو ٻار ڪي ته پيار پلو.

ٿاڌل لاءِ گهوٽو پلو اگڻ سٿي اوٽو پلو
ٿرپارڪر ۾ ڦوٽو پلو دشمن ڪي سوٽو پلو.

شاعر ڪي ته شاهه پلو سال لاءِ ڳاهه پلو
وهندو ته واهه پلو اٺ ڪي ته پاهه پلو.

جهنگ ۾ ته ٻيلو پلو ڪارو ته چيلو پلو
ڳوٺ ڪي ته چيلو پلو شاهه جو ته ميلو پلو.

گهوڙي جي ته دوڙ پلي هٿ ۾ ته ٿوڙهه پلي
ساڻون جي ته ڪوڙ پلي هر جي ته اوڙ پلي.

* پريداس پٽ رائچند، ويٺل چيلهار، ضلعو ٿرپارڪر.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بندوق ۾ ننڍوڻي پلي
ڪپڙي کي ته اوڻي پلي
موچي لاءِ ڪوڻي پلي
دشمن کي ته سوڻي پلي.

زال کي ته شال پلي
گهر ۾ ته زال پلي
لڙائي ۾ ته ڍال پلي
غريب لاءِ ته دال پلي.

چانڊوڪيون ته راتيون پليون
ڀڪين جون ته لاتيون پليون
رڪ جون ته ڪاتيون پليون
ساجن جون ته ٻاتيون پليون.

[۱۳۹۵] پروسو نه ڪجي، ڇا تي؟

درياهه جي آر تي
ڪچي سٽ جي تار تي
گلن جي هار تي
ڪنڌل سرڪار تي.

درياهه جي پيٽ تي
اڪڙ جي نيٽ تي
واريءَ جي ريٽ تي
گڏهه جي پيٽ تي.

حاڪم جي چاهه تي
ڪنوالي جي گاهه تي
چور جي ويساهه تي
سدائين ساهه تي.

ڍين جي نوڙي تي
ڍڳي گهوڙي تي
گهڻي سوڙهي تي
زال ڀوڙهي تي.

آڪ جي سوٽي تي
دل جي کوٽي تي
ٻانڀيءَ جي ڦوٽي تي
ڦد جي چوٽي تي.

آڪن جي لوڙهي تي
آمل جي روڙهي تي
ڪهڪير گهوڙي تي
ساٿوءَ ڀوڙي تي.

گدرن جي واڙي تي
مڙس پاڙيءَ تي
منيءَ جي ماڙي تي
زال آناڙيءَ تي.

جنوا جي داءَ تي
پنهنجي ساهه تي
ڦڳڻ جي ٿاهه تي
درياءَ جي لاهه تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ جي مينهن تي سياري جي ڏينهن تي (١)
نوچيءَ جي نينهن تي پاليل شينهن تي (٢).

ڏٻري سواري تي کٽيءَ بازاري تي
نوڪر جواري تي بي همت هاري تي.

فقير جي ڍارن تي ننڍڙن ٻارن تي
ڪارن وارن تي درياءَ جي آرن تي (٣).

ڪاچي جي ڏڪ تي آڪاري جي پڳ تي
جهنگ چرندي وڳ تي ٽلهيچي لڪ تي.

ناچوءَ جي زاڳ تي ماڻهوءَ جي ياڳ تي
گهوڙي جي واڳ تي زال جي سهاڳ تي.

پنڻوءَ جي ڏنگ تي گهوڙي جي تنگ تي
سپاهي جي سنگ تي زماني جي رنگ تي.

ڪاٺي جي گلاس تي ولين جي واس تي
پرديسي جي پياس تي لُچ جي لباس تي (٤).

سوداگر جي سات تي مسخري جي وات تي
ڏٻي جي ڪات تي ڪميني جي ذات تي.

ڪلر جي پٽ تي انڌي جي رٽ تي
ڪکن جي ڇت تي ڇڙيءَ جي ڇت تي.

ٻلال جي نوڙ تي دال جي ٻوڙ تي
بازاري سوڙ تي چور جي ووڙ تي.

---

(١) ٻي روايت: سانوڻ جي مينهن تي نئين لڱل نينهن تي
(٢) ٻي روايت! ڪاغذ جي سونهن تي پاليل شينهن تي
(٣) ٻي روايت: فقير جي ڍارن تي ماتيجي پاڻرن تي
ڪارن وارن تي ننڍڙن ٻارن تي
(٤) ٻي روايت: نجومي جي آس تي پرديسي جي پياس تي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڻڪي جي ڏاڙ تي   ڪنڊڙي جي تاڙ تي
اَٽ جي راڙ تي   وڇونءَ جي جهاڙ تي.

ڏاري وال فقير تي   رشوتي امير تي
پينوءَ پير تي   گهوڙي ڳهه ڦير تي.

ڪاري سور تي   هراڙي ڏور تي
چاپلوس چور تي   بندوق جي ڏور تي.

واڻيي جي تور تي   ٻوڪ جي اور تي
ڪاٺ جي ٻور تي   مڇيءَ جي گهور تي.

زال جي مَڪر تي   آسمان جي ڪڪر تي
ميٺي جي ٺڪر تي   ٻاجهي جي ٻَڪر تي.

ٻاڻي جي چر تي   لهي جي هر تي (١)
نانگ جي ڏر تي   درياهه جي ٻر تي.

ڪنڍڙي جي ڳار تي   ننڍڙي ٻار تي
پوليس واري يار تي   منڊي اوزار تي.

* دادن فقير جا گفتا

پوليس جي ياري تي   نالي واري ناريءَ تي.
جواني جي جوش تي   هراڻي ڳوش تي.
آڪ جي سوٽي تي   ٻاڻي جي ڦوٽي تي.
سپاهي جي سنگ تي   زماني جي رنگ تي.
ڪچي سٽ جي تار تي   رنگيليءَ جي پار تي.
رشوتي آمين تي   آٽي جي زمين تي.

---

(١) ٻي روايت: ٻاڻيءَ جي چر تي   سڄي جي گهر تي.
* سگهڙ دادن سونارو، محمد فقير هيسباڻي جو ڀاڙو، ويٺل نصير آباد، ضلعو لاڙڪاڻو.

sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

رنڊيءَ جي انجام تي — ڪميڻي غلام تي.
پرائي مال تي — زناني ڳالهه تي.
نوڪري نيچ تي — ٻراج جي پيچ تي.
حاڪم جي چاهه تي — چور جي ويساهه تي.
مدائين ساهه تي — ڪنوالي جي ڳاهه تي.
ننڍڙن ٻارن تي — ڪارن وارن تي.
خيراتي خوراڪ تي — سڄي جي اوطاق تي.
آڌاري سَوُ تي — ٻَت جي ڏوُ تي.
درياهه جي آرَ تي — ڪُٺيءَ سرڪار تي.
جهڙ جي ڇانوَ تي — ٺڪر جي ٽانوَ تي.
سوداگر ميٽ تي — ڳهڙيءَ جي چيٽ تي.
ڪاڇي جي ڏڪ تي — آڪاري جي پٽڪ تي.
"دادن" چوي دم تي — ڪوڙي دنيا جي ڪم تي.

* جمالي جا گفتا

ناڙيءَ جي ڍنگ تي — چوڏيءَ جي رنگ تي
ساوڙيءَ جي سنگ تي — جت جي چنگ تي
ڏينهو جي ڏنگ تي — گڏهه جي تنگ تي.
وڻ جي ڇانوَ تي — شيشي جي ٽانوَ تي
ڪروڙي جي ڍهانوَ تي — ٽاڪرو ڪانوَ تي.
پرائي ڏَن تي — آڌاري آنَ" تي
اڇوتي سَن تي — ٻي ديما رَن تي
ڪڪاڻين چَن تي — ٻئي جي ڪَنَ تي.
مڙديءَ جي سال تي — آڪاري جي شال تي
خواب جي خيال تي — زناني تال تي.
پاروتي آٿي تي — جست جي وٽي تي
وڪيل جي ڏٺي تي — رن جي ڪٺي تي.

---

* ڪيهر فقير جمالي وينل لڳ ڪُٽنب ليمان تعلقو شهدادپور. اندازاً سنه ١٨٨٠ع ڌاري ڄائو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانڌيري جي ٻاھ تي | ٻنندڙ شاھ تي.
هندو جي هٽ تي | آڪ جي ڪَٽ تي.
ڪاٺ جي ترار تي | رشوتي عملدار تي
ظالم زميندار تي | ڪچريءَ جي پيار تي
زال جي سينگار تي | حراميءَ پار تي.
ٻيلي جي ڳس تي | ٿامي جي ڪس تي.
جٽ جي چاڙي تي | جبل جي چاڙهي تي
واڻڪي ڏاڙهي تي | ڪنڌڙي جي تاڙي تي.
آرسي هاريءَ تي | يار جڻواري تي.
ڳنڍھ جي ڳام تي | ڪوڙي جي انجام تي
ماري جي دام تي | دشمن جي طعام تي.
مانيجي ماڻھ تي | واڇوڙي جي واءَ تي.
ڇيتي ڇتيءَ تي | پرائي جٽيءَ تي.
محبوب جي مجاز تي | ناٽوءَ جي ناز تي.
سوناري جي ڦوڪ تي | ڳدڙ جي ڪوڪ تي.
ساڳ جي داڳ تي | سڃي جي ٻاڳ تي.
سوال جي ماني تي | "جمالي" چوي جاني تي.

ڪھڙي شيءِ ڪھڙي ڳڻ سان سونهي؟

[١٢٩٦] هڪ سگھڙ چيو ته:

ڳاوڙلي تو سينگ وَنّي | رُوپ وَنّي گوري
ڀُرڪڙو تو ٻاڳ وَنو | ڦيچُ وَنّي گھوڙي.

[١٢٩٦] هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي ڇاڇري) مان رائچند ڳان ملي.
ٻي روايت موجب ڀھريون گفتو بادشاھ چيو جنھن کي ٻيو گفتو ٻڪرار جواب طور چيو.
ٻي روايت: سينگ وَڻڪي ڳانءِ ٻلي، ڪانَ وَڻڪي گھوڙيان
ٻاڳ وَڻڪو مرد ٻلو، حُسن وَڻّي گوريان.

—

سيڙھ وَڻڪي ڳانءِ ٻلي، تيج وَڻتي گھوڙيان
ڳَتِڙڪَ وَڻڪو مرد ٻلو، سيل وَڻتي گوريان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يعني: ڏکيي سيگن سان سونهي، زال حُسن سان سونهي، مرد پڳ سان سونهي ۽ گهوڙي ٽلهين رانن سان سونهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

گاوڙليي تو ڏوڌ وتيي ... سيل وتيي گوري
ٻرڪڙو تو سمجھ وتيي ... تيج وتيي گهوڙي.

(يعني: ڏکيي کير سان سونهي، عورت سيل سان سونهي، مرد سمجھ سان سونهي ۽ گهوڙي پاٺيائي (تيز) سونهي.)

[١٢٩٧] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڪاٺيلڙي ته شينهن ڪنڌي، ڦينج وڻڪي گهوڙيان
مرد ته پڳ وڏو، روپ وڻتي گوريان.

(ڏکي آها سي جنهن جا سڱ ڪنڌا وريل هجن، گهوڙي آها سي جنهن جا پويان پير ڦڏا هجن، مرد اهو ڀلو جنهن کي پڳڪو وڏو ٻڌل هجي، ۽ عورت آها سي جيڪا شڪل جي سهڻي هجي.)

ٻئي سگهڙ جواب ڏنو ته:

ڪاٺيلڙي تو ڏوڌ ڀلي، تيز وڻتي گهوڙيان
مرد تو پت ڀورو، سيل وڻتي گوريان.

(يعني: ڏکيءَ جا سڱ ڪنڌا وريل هوندا ۽ کير نه هوندس ته ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري ڏکيي کير واري سٺي، گهوڙيءَ جا ڀل پير ڦڏا هوندا ۽ ڀڄ نه هوندس ته ڇا ٿيو؟ تنهنڪري گهوڙي تيز ڀلي، مرد کي ڀل جيڪڏهن رکو ڀڳڪو وڏو هوندو ۽ ڪارپت نه هونديس ته ڀڳ ڪهڙي ڪم جي! تنهنڪري چئو ته مرد پت وارو چڱو، ۽ جي زال شڪل جي

[١٢٩٧] ڪن روايتن ۾ هي سوال جواب گنگ ڀٽ ۽ راجا بيربل جي وچ ۾ ٿيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻي هجي، مگر سَت سِيلُ نہ هجيس تہ اها زال نہ چڱي، ٺهڪري زال لڄ شرم واري سڻڀي.)

[۱۲۹۸] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڏيهي جهڙو لعل ڪونهي، انب جهڙو سواد ڪونهي
پڳ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري ڳڻهين ٻلي، مينهن ڪنڍي ڀلي.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

اڪ جهڙو لعل ڪونهي، انُ جهڙو سواد ڪونهي
پٽ جهڙو شان ڪونهي.
ڳوري لڄ ڀلي، مينهن ڳيرُ ڀلي.

[۱۲۹۹] هڪ سگهڙ چيو تہ:

جَر تہ نديان جَر، ٻانهن جهڙو ناهي ٻَرُ،
چنڊ جهڙي ناهي جوت.

ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

جَر تہ ميگهان جَر، ٻانُرن جهڙو ناهي ٻَرُ،
اکين جهڙي ناهي جوت.

[۱۳۰۰] هڪ سگهڙ چيو تہ:

ڪٺهاڙو آهو جو ڳاڙهي ڳن، مڙس آهو جو آڇي وَن
زال آها جا گهر سينگاري، حاڪم آهو جو آڻ پڇيا ماري.

تڏهن ٻئي سگهڙ چيو تہ، نہ:

ڪٺهاڙو آهو جو ڪاٺ ڏاري، مڙس آهو جو ٻول پاري
زال آها جا ننگ سنڀاري، حاڪم آهو جو پڇي ماري.

[۱۲۹۹] هيءَ روايت وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

[١٣٠١] هڪ سگهڙ چيو ته:

جوين سي جي چٽين جاڙا   گهوڙيون سي جي هڻن ڏاڙا
مينهون سي جي پرين واڙا   مڙس سي جي ڪٽين ھاڙا.

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

جويون آهي جن جا ڪم موچارا
گهوڙيون آهي جي وارين ڏاڙا
مينهون آهي جي پرين ساڙها
مڙس آهي جي رکن ھاڙا.

[١٣٠٢] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڳائيان جوين ڳاھ هئي، ٺڙيانٌ جوين آنٌ
ماهيلي جوين مرد هئي، مرد جوين ڏنٌ.

(يعني: ڍڳين جو جوين (جواني) ڳاھ، گهوڙين جو جوين داڻو، زال جو جوين مرد ۽ مرد جو جوين ڏنٌ آهي.)

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

ڳائيان جوين برسات هئي، ٺڙيانٌ جوين ڏِٺت
ماهيلي جوين مانٌ هئي، مرد جوين چت.

(يعني: ڍڳين جو جوين ساوڻ، گهوڙين جو جوين ڏڌُ، زال جو جوين عزت ۽ مرد جو جوين ايمان آهي.)

[١٣٠٣] هڪ سگهڙ چيو ته:

ڪانچ سڀ ڪوڙو، ڪاتي ٻڪ هٿيار
آگهاڙو آهو جنهن جي پير ناهي پيجار.

(هڪڙي سگهڙ چيو ته: رکو ڪانچ پيل اٿس ته چڻ ڪوڙا ڀريل آهي، چو ته اوگهڙ ڍڪيل ته رهندي، ڪاتي ٻيٺ مان ٻڌل آهي ته انهي جهڙو ٻيو هٿيار ڪونهي، ۽ آگهاڙو اهو آهي جنهن کي پيرن ۾ جتي ڪانهي.)

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي سگهڙ چيو ته:

شرم سڀ ڪپڙو، همت سڀ هٿيار
اگهاڙو اهو جيڪو پائرن کان آهي ڌار.

(يعني ته: شرم نه هوندس، ته ڪپڙا به، ڪهڙا پائي ته به، اگهاڙي جو اگهاڙو. تنهنڪري شرم جهڙو ٻيو سَتَر ڪونهي، همت نه هونديس ته، ڪاتي جهڙي آهي تهڙي ناهي، تنهنڪري همت جهڙو هٿيار ڪونهي؛ ۽ پير به، اگهاڙا هوندا ته، اهو اگهاڙو ڪونه ليکبو، پر اگهاڙو آهو آهي جيڪو پائرن کان ڌار آهي.")

[١٣٠٤] هڪ سگهڙ چيو ته:

آوچيي ماڙ ِي سُهٽي، جنهن ۾ ڪِاڙهي کَٿ
تَنڌ مڙئي کهَ ـ کهٽ*

(يعني: آوچي ۽ ڪشادي ماڙي هُجي، اُن ۾ ڪِاڙهي رنگ جي کَٿ پيل هجي، اُن تي ويهي دوستن سان رهاڻ ڪجي، ٻيءَ جڳڪ دنيا جي هر لذت حاصل ٿي وئي.)
ٻئي سگهڙ چيو ته:

کِٿون هٿوَن کِودريان، تنهن مان ڌوڌجن مـَـتَ،
تَنڌ مڙئي کهَ ـ کهَٽ.

(يعني: مارواڙ جي پاسي جون کِٿون هجن جن مان کير جا مـَـٽ ڌوهجن. اُن کير جي پيئڻ ۽ ولوڙڻ مان جيڪو سُرور حاصل ٿيندو، اُن جهڙو ٻيو ڪو به سواد يا مزو ناهي.)

[١٣٠٤] هيءَ روايت آتر (تعلقي آباوڙي) مان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

* کهـ ـ کهٽ = منڊل ۽ رلسگ، ميڙا متل. "ٿيا گاهن جا کهہ کهٽ" (سانوڻ).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئين سگهڙ چيو ته، نه:

پنج ماڻهو، ڏهه واهرو، پنجي تن جي پت،
تنڌ مڙئي کهه-کهت.

(يعني؛ پنج چور چوري ڪري وڃن، اسان ڏهه واهرو سندن پيڇو ڪريون، اهڙي لذت اصل هٿ ڪانه ايندي.)

چوٿين سگهڙ چيو ته، نه:

ڪاهيي ڪنڪڙ ڪنڌيا، هنون آفيم جا ڪٽ،
تنڌ مڙئي کهه-کهت.

(يعني؛ ڪنڪڙ جي ڪچين واڳن ۾ ڪهين سهڻين ڪچين وارن آڻن جي سواري ۽ آفيم جا کوڙها هجن، ته اهڙي ٻي ڪانه لذت ڪانهي.)

[١٣٠٥] هڪ سگهڙ چيو ته:

سون پرڪجي ڪسونيي، رهو پرڪجي پاهه،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن ڪيي ڪالهاء.

ٻئي سگهڙ چيو ته، نه:

سون پرکجي ڪسونيي، رهو پرکجي پاهه،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن پار ستس اچلاء.

ٽئين سگهڙ چيو ته، نه:

سون پرکجي ڪسونيي، رهو پرکجي پاهه،
ماڻهو تڏهن پرکجي، جڏهن پاڙو پاڙي سان لاء.

[١٣٠٥] هيءَ روايت ڪراچيءَ مان صالح محمد سمي ڪان مليي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK—XII

Riddles And Enigmas

Compiled & Edited
by
N.A. BALOCH
M.A., L.L.B. (Alig.), M.A., Ed. D. (Columbia)
Director,
Sindhi Folklore and Literature Project.

SINDHI ADABI BOARD
JAMSHORO/HYDERABAD
1983

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

Ist: Edition	August 1965	1000 Copies
IInd: Edition	August 1983	2000 Copies

[Price: Rs. 30.00]

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL
Sind University (New Campus) Jamshoro
(G.P.O. Box No: 12, Hyderabad, Sind.)

Printed by Mian Allah Bachayo Yusufzai at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline Hyderabad and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro, Sind.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

PREFACE

This is the twelfth book, in serial order, compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore & Literature Project, approved in 1956 for the collection, compilation and publication of Sindhi Folklore.

The work on this Project was started in January 1957. and the first two years were devoted mainly to the collection of the oral tradition and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a net-work of field workers, one stationed in each *taluka* area. The compilation and publication work commenced from 1959. So far 20 volumes have been published. and this is the twenty-first of the forty volumes proposed to be published under this project.

Riddles belong to the antiquity of human race and are common to all the peoples and races of mankind. They have been current in the Lower Indus Valley of Sind also from times immemorial, and their rich variety curent to the present day indicates that riddling has been an essential part of the folk culture of the people of Sind. Here, through the course of centuries, the 'simple riddle' evolved differentiating further into various forms.

The highly complex type of Sindhi riddle is *Gujharat*, the like of which, probably, is not known among any other people, in any language in any other country, Because of their distinct and highly complex form, a separate volume, Book XIII of this Project has been devoted to *Gujharat*. This volume deals with all the other varieties of riddle, though for the sake of brevity it has been entitled as "Riddles And Enigmas". A brief explanation of the different types of riddles. compiled under this volume, follows. For details. the reader should refer to the introductory explanation at the beginning of each chapter and the Sindhi introduction.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. PIROLEE. It is the synonym of 'riddle' in English, and literally means 'something to be thought about and solved'. Like 'riddle', it is the generic term, applied specifically to the 'common riddle' and also generally (though loosely) to all the other forms. From the point of structure, similitude and imagery involved, and nature of the solution, the Sindhi *Pirolee* may be differentiated into *(i)* the simple riddle, *(ii)* the simple versified riddle. *(iii)* the versified riddle with a more complicated solution, and (*iv*) the riddle the solution of which is based not on independent thinking but on the pronouncement of the traditional doggerel rhymes transmitted by the elders. These four forms of *Pirolee* are respectively compiled under the first four chapters of this volume. The following are the typical examples of each variety:

(*i*) A loaf is lying in the desert

(The foot-print of the camel).

Lying on the face it is one, with face upwards it is two

(The mirror).

The river is at the bottom, the field is burning at the top

(The hubble bubble).

One he-goat with twelve hoofs

(The year).

An inch in size with twenty feet of tail

(The needle and the thread).

(*ii*) Green is the creeper with fruits white
One cannot taste but can sight

(The sky and the stars).

Four males and sixteen maids
Got decorated after loss of heads

(Four thumbs and sixteen fingers after nail cut).

(*iii*) I cannot cut, I cannot weigh
I cannot break it any way

(One's own reflection).

Whenever he comes,-whenever
Empty handed he returns never

(The Angel of Death).

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The one who needed it, did not purchase it
The one who purchased, did not wear it
The one who wore it did not see it
(The shroud).

(*iv*) Make the cat wear the earings
Cheerings! Cheerings!
Cat wore the earings.
Make the she-fox to be the bride
The crow cried
The cat sighed
The she-fox became the bride.

II. DUSTAG. It may be described as a "Puzzle in Similitudes" because simile is employed successively in its structure. Each statement denotes an analogy of form or function which correctly corresponds to the description of the real (thing or idea), suggesting and yet baffling the solution The *dustags* are compiled under Chapter V.

Examples:

Its head is like the elephant's, but it is not an elephant
It is black like a crow, but it is not a crow
It climbs up the tree, but it is not a snake—
Say what is it?
(The Black Ant).

It is round like a hedge-hog, but it is not a hedge-hog
It has beard like men, but it is not man
It wears yellow robes, but it is not a *sanyasi*
It is full of water, but it is not a water skin—
Say what is it?
(The coconut),

III. IV. HEMAREE AND GOORHO. These two types, compiled under Chapter VI, may be described as 'Metaphorical Puzzles'. because metaphor is their essential characteristic. *Hemaree* literally means the 'golden one'. *i. e.*, the riddle which is a golden gift presented by one friend to another. *Goorho* means a 'complicated puzzle'. These are the types of riddles peculiar to the *Lar* (southern) and the Tharparkar areas of Sind

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

As such, they are mostly composed in the *Tharee-Dhatki* dialect and are invariably in versified form. *Hemaree* is almost the same as the versified *Pirolee* (Chapters II & III) but *Goorho* differs in style and structure and usually involves complicated metaphors.

Hemaree

Clear like the sky and moon-like in shape
From the perfume-vendor's shop I do purchase
(The mirror).

On a flat top is a pond small
Elephants drink from it, horses and all
Except birds with beaks long or small
(Udder or breast).

Goorho

The darling of the rock's son together with the tree's son
Wearing the goat's son, it accompanies man.

a. The rock's son=iron=steel=the blade
b. The tree's son=wood=the handle
c. The goat's son=skin=leather
The wear of leather=sheath
d. The steel blade+wooden handle+sheath=sheathed sword, carried by men.

V. DITTH OR DITTH-PIROLEE. (Plu. Ditthoon). *Ditth* means 'something seen' and *pirolee* is the riddle. Thus, *Ditth-pirolee* means a 'riddle based on something seen'. It is always in verse form. The difference between a *pirolee* (common riddle) and a *Ditth-pirolee* is that while in the former the simile and the metaphor pertain to mainly the shape or form of the object, in the latter they usually pertain to both the form and the function of the object. In the plural form, they are called *Ditthoon* or *Ditth-pirolyoon* which are the subject matter of Chapter VII.

Example:

A good-named female, small in size, with a long tail,
The bird has two she has four wings frail.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

No blood if slaughtered, her meat of no avail
When she goes out hunting, she kills the male.
(The Dragon Fly which hunts the mosquito).

This type represents the common *ditth* or *ditth-pirolee*. But there is another type, the *Rivayati Ditth* or 'the transmitted situational riddle', representing the inventive skill of those early professional experts who based these riddles on happenings and situations which they actually saw or the possible occurrence of which they visualized. The orally transmitted tradition usally represents two professional experts engaging in a volley of wits and demonstrating their ingenuity–the one composing and presenting one riddle after another and the other solving each one in verse instantly or after suggesting more than one solution. These are termed as the *Rivayati Ditthoon*, *i.e.*, the transmitted situational riddles which are brought together under Chapter VIII.

VI. MU'AMMA OR MAM. It literally means an enigma. It can be conveniently described by comparing it to the *ditth*. While the *ditth* is based on an object or situation actually seen or visualized, the *mu'amma* may be based on an imagery or idea. In *ditth* the description is comparatively simpler and so also are the similes and the metaphors. The *mu'amma*, even when pertaining to a single object, employs a series of similes and metaphors based on the detailed characteristics and qualities of the object.

The style and the diction of the verse are also comparatively superior in the *mu'amma* than in the *ditth*. Both the *mu'amma* and the *ditth* are composed in verse, but the former is more lengthy than the latter. The nature of the puzzle involved in the *mu'amma* is also much more complicated than in the *ditth*.

Examples:

1. Please explain it to Mittho,(1) and give it your thought
It neither came from earth, nor from the sky was it brought
It was neither born of father, nor from the mother begot
Says Mittho, it has birth and death, but alive it is not

(1) Mittho is the name of the composer of this enigma.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

It moves without life, in wonder I am caught
Oh intelligent fellow! tell Mittho, it is what?
(Perspiration).

2. I looked and saw and observed with care—
The nature made this beautiful ware
With God's will so fine and fair
The python and the nightingale both live there
The wolf and the goat in the same lair
The fifth is the goat-herd, togather they fare
But each in its own way does and dare
Oh intelligent man! explain this situation rare.

This enigma (*mu'amma*) was proposed to the illiterate but renowned poet Nim of the town of Uthal in the district of Las Bela (18th century) and he explained it in verse. It means 'Man's Body'. The python is the selfish self, the nightingale the tongue which spells out the desire, the wolf is the Satan, the goat is the faith, and the goat-herd is the reason.

The current *mu'ammas* are compiled under Chapter IX, while those transmitted through tradition (*Rivayati Mu'ammaoon pl.*) are compiled under Chapter X.

VII. THE GURU-CHELO. These riddles are in the form of puzzling questions based on the concept of test questions supposed to have been posed by the *guru* (the guide) to his *Chelo* (the disciple). The origin and development of this class of riddles has the cultural background of the influence of the '*Hutt-Yogi*' or '*Yogi Panth*' (Yogi sect of the Nath Gurus in the 14th century or earlier. Machhandar Nath is said to be the founder of this sect. His disciple Gorakh Nath became famous throughout the sub-continent. These Yogis had their place of pilgrimage called 'Hinglaj' (in the present Las Bela district) on the bank of the Hingol river some 150 miles west of Karachi. They used to pass through Sind and the people of Sind became acquainted with them.

The *Chela* (the disciple) used to be trained by his teacher-guide, the Nath or the Guru. He used to put some test questions to him. Originally these questions must have pertained to the

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sectarian discip'ine, but this idea of test questions gave birth to this type of riddle which was developed by the professional Sindhi bards. For want of a better name, it is now called the 'Guru-Chelo'.

The *Guru-Chelo* denotes a puzzling question composed in double verse form (*doha*). Usually, it contains three propositions, the solutions of which invariably depend upon a single word. In this sense, it resembles a logogriph, though no addition, subtraction or transposition of letter is involved in the single word for the purpose of solutions. Rather the word, as such, is capable of giving three different meanings providing solutions appropriate to the three propositions.

Example:

Question: The owner does not recognize the goat, and the camel does not eat the *khabbar* leaves
The farmer does not scare away the birds, say why oh *Chela* please?

Answer: Oh Guru! (because) *boori* is not there,

(*a*) *Boori*, is the kind of goat with very small ears. Since his *boori* goat is not among the many goats shown to him, he does not recognize the one belonging to him.

(*b*) *Boori* means blossom of the *khabbar* tree. The camel eats the leaves of this tree when it blossoms and becomes sweeter. Since there is no *boori* (blossom), the camel does not eat it.

(*c*) *Boori* means the raw grain of the ears (of *bajhra* or *jawari* crops). The birds are not scared away until the ears begin to have the raw grains. Since the ears have no *boori* (raw grains). the farmer does not bother to scare away the birds.

The *Guru-Chelo* riddles are compiled under Chapter XI.

VIII. PROPOSITION ROOTED IN CULTURE. The last two chapter. XI and XII, pertain to the type of versified propositions, the solutions of which depend not so much on the exercise of intelligence as on acquaintance with the social mores and cultural valuse.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

The propositions under Chapter XII are in the 'numerical form'. For example:

Proposition: *One* fellow enjoys a sound sleep
One fellow enjoys a sound sleep

Solution: Yes, the *one* who has neither a wife nor a home to keep. He does enjoy a sound sleep.

Proposition: The *Two* are just alike
The *Two* are just alike

Solution: Yes, the young one of a goat and a neglected child These *Two* are just alike (*i.e.*, they know no discipline).

Proposition: Do not under-estimate the *Three*
Do not under-estimate the *Three*

Solution: The ruler, the fire and the flood water free
Do not under-estimate the *Three*.

These propositions are composed on numerals ranging from one to twenty, there being a number of propositions on each numeral.

Chapter XIII pertains to what may be called the 'qualitative or value propositions'. The questions involved are something like this: What are the good qualities of different things, animals, persons etc.? Which things or situations should not be relied upon? What characteristics make different things (animals, men etc.) meaningful, useful or beautiful? The propositions are in simple question form but the answers to them are to be in a rhymed form.

Under the present survey, about 6000 riddles of the above categories were collected from all over the country, and after collation and critical evaluation, 1305 were finally selected for inclusion in this volume.

University of Sind
Hyderabad
August 10, 1965.

N.A. BALOCH,
Director, Folklore Project.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

CONTENTS

		Page
Chapter I	Simple Riddles	3—17
Chapter II	Versified Simple Riddles	18—30
Chapter III	Versified Complex Riddles... ...	31—55
Chapter IV	Riddles with Solutions in Tradi-... tional Doggerel Rhymes	56—80
Chapter V	*Dustag* Puzzles.	81—88
Chapter VI	Hemaree and Goorho (Metaphorical) Puzzles.	89—125
Chapter VII	*Ditthoon* or Situational Riddles ...	126—137
Chapter VIII	Transmitted Situational Riddles ...	138—154
Chapter IX	The Enigmas	155—180
Chapter X	Transmitted Enigmas	181—210
Chapter XI	The Guru-Chelo Puzzles	211—240
Chapter XII	Numeral Propositions	241—269
Chapter XIII	Qualitative Propositions	270—287

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروليو
معمائو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُهو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻَڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڙهَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڙهَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڙهَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَڙهَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڙهَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڙهَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڙهَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڙهَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book